# سنڌي ۾
# فقهي تحقيق جو ارتقاء

محقق ۽ مولف

ڊاڪٽر قاضي يارمحمد

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد / ڪراچي

١٤١٣هه /١٩٩٢ع

# سنڌي ۾ فقهي تحقيق جو ارتقاء

محقق ۽ مؤلف

ڊاڪٽر قاضي يارمحمد

سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو

حيدرآباد / ڪراچي

١٤١٣هه/١٩٩٢

سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو

سنڌ جي عالمن جي سنڌي زبان ۾ علمي
۽ تحقيقي تصنيفن جي اشاعت واري رٿا

آڪٽوبر ١٩٩٢ع

هڪ هزار

قيمت

ملڻ جو هنڌ

سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو
سنڌ صوبائي ميوزم
قومي شاهراه، حيدرآباد

۽

مرڪزي ڪتاب گهر
٩٧٢- گل شاهه محلو، گاڏي کاتو
حيدرآباد سنڌ

هي ڪتاب ڪلاسڪ ڪمپوزرس حيدرآباد مان ڪمپوز ڪرائي، اداري جي سيڪريٽري عنايت الله جوڻيجي شايع ڪيو.

# پيش لفظ

سنڌ جي سر زمين ’اسلامي فقه‘ جي علم ۾ آڳاٽي وقت کان وڏي عالم پيدا ڪيا جن جي سنڌ کان ٻاهر پڻ وڏي مشهوري ٿي. ٽين صدي هجري (نائين عيسوي) جي آخر ۾ شهر منصوره جو قاضي ابو العباس فقه جي هڪ مَسلڪ ’فقه ظاهري‘ جو امام هو. فقه ۾ تحقيق ۽ تصنيف جو ٻيو دور سنڌ ۾ ١٠صدي هجري (سورهين عيسوي) ۾ ٻوبڪن جي عالم مخدوم جعفر جي اڳواڻي هيٺ شروع ٿيو جنهن خاص طرح سنڌي ٻوليءَ ۾ استعمال ٿيندڙ ڪن لفظن ۽ اصطلاحن جي شريعت جي لحاظ سان فقط توضيح ۽ تشريح ڪئي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ’فقه‘ جهڙي اهم موضوع تي سنڌي ۾ سوچڻ جي اها چڻ ابتدا هئي ۽ ان بعد اهو سلسلو هلندو آيو جنهن جي تاريخ تي هن ڪتاب ۾ چڱي خاصي تفصيلي روشني پوي ٿي.

مرحوم يار محمد قاضي سنه ١٩٧٩ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ۾ ڊاڪٽري جي ڊگري لاءِ "سنڌي ٻوليءَ ۾ فقهي ادب جو ارتقاءُ" جي عنوان سان هڪ تفصيلي تحقيقي مقالو پيش ڪيو جنهن تي کيس ڊاڪٽري جي ڊگري ملي. هو ان وقت سنڌ يونيورسٽي جي "تقابل اديان ۽ ثقافت اسلامي" ڊپارٽمينٽ ۾ ليڪچرر هو ۽ ڊگري ملڻ بعد سنه ١٩٧٠ع ۾ اسسٽنٽ پروفيسر ٿيو. هو اڃان انهيءَ عهدي تي فائز هو جو تاريخ ٩- فيبروري ١٩٨٦ع ۾ ٥٤ ورهين جي عمر ۾ وفات ڪيائين - رحمه الله.

مصنف ڊاڪٽر يار محمد قاضي جو تيار ڪيل تفصيلي تحقيقي مقالو جيڪو سندس دستخط ساڍن اٺن سون صفحن ۾ هڪ ضخيم ڪتاب جي صورت ۾ هو، سو نڪي سندس حياتيءَ ۾ ته نڪي ان کان پوءِ ڇاپي هيٺ آيو. ڪافي عرصو ٿيو جو مرحوم جي ان قلمي ڪشالي جو هڪ نقل جناب ڊاڪٽر عبدالواحد هاليپوٽي صاحب جي معرفت مونکي مليو ۽ مون جڏهن ان مقالي جي ورق گرداني ڪئي ته مونکي مرحوم ڊاڪٽر يار محمد قاضي جي اعليٰ تحقيقي معيار ۽ ڪيل محنت جو احساس ٿيو. وڏي ڳالهه ته هي مقالو سنڌي عالمن جي سنڌيءَ ۾

ڪيل فقهي تحقيق جو هڪ دستاويز هو جنهن جو ڇپجڻ هر لحاظ سان ضروري هو. ڪي مهينا اڳ مصنف مرحوم جي فرزند قاضي عبدالباقي سان ملاقات ٿي جنهن ٻڌايو ته ڪتاب جي ڪاپي وٽس محفوظ آهي. هن صاحب منهنجي اها صلاح قبول ڪئي ۽ پڻ پنهنجي رضا ڏني ته هن ضخيم ڪتاب جو اختصار سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري طرفان شايع ڪيو وڃي.

هيءُ ڪتاب جيتوڻيڪ اصل وڏي مقالي جو اختصار آهي، پر اهو اختصار اهڙي احتياط سان ڪيو ويو آهي جو ان ۾ جملي تحقيقي مواد سربستو اچي ويو آهي. مصنف مرحوم اصل ڪتابن جي متن جا اختصار پنهنجي مقالي ۾ شامل ڪيا هئا جن کي ڇڏيو ويو آهي، ڇاڪاڻ جو اصل ڪتاب قلمي يا ڇاپي صورتن ۾ موجود آهن.

مصنف قاضي يار محمد مرحوم تاريخ ٢٠ جنوري ١٩٢٩ع ۾ شهر ڪوٽڙي ۾ ڄائو. سندس والد جونالو قاضي عبدالباقي هو. هي گهراڻو وڏي قاضي عبدالرحمان ولد قاضي يار محمد جي اولاد مان هو. مصنف پنهنجي تحقيقي مقالي ۾ پنهنجي خاندان بابت هيٺينءَ طور مفيد معلومات درج ڪيا آهن جن کي سڌاري هيٺ ڏجي ٿو: ڪوٽڙي شهر جي موجوده جامع مسجد قاضي عبدالرحمان ولد قاضي يار محمد (متوفي ١٢٨٩هه/١٨٧٢ع) پنهنجي وفات کان ڪجھ سال اڳ قائم ڪئي هئي. قاضي عبدالرحمان جي ڏاڏي قاضي ميان حافظ حسين ١١٥٥هه/ ١٧٤٢ع ۾ لس ٻيلي مان ملڪ خاندان جي بزرگ خاتون بيبي ڇاڳليءَ سان گڏ هجرت ڪري ڪوٽڙيءَ ۾ اچي سڪونت اختيار ڪئي هئي ۽ اتي درياءَ جي ڪناري سان لڳ هڪ جامع مسجد ۽ ديني مدرسي جو بنياد رکيو. هيءُ مسجد شريف اڃان تائين ضعيف حالت ۾ موجود آهي. قاضي ميان حافظ حسين جي مذڪور پوٽي قاضي عبدالرحمان جي زماني ۾ جماعت ۽ طالب علمن جي ڪثرت سبب مسجد ۽ مدرسي جي توسيع جي شديد ضرورت محسوس ڪئي وئي پر جيئن ته قديم مسجد جي توسيع لاءِ ان هنڌ ڪا گنجائش ميسر نه هئي، تنهنڪري ويجهوئي هڪ ٻي مسجد شريف ۽ مدرسي جو سنگ بنياد رکيو ويو. قاضي ميان

عبدالرحمان جي آخري ڏينهن ۾ پنجاب جي طرف کان جناب حافظ رکن الدين صاحب قريشي هجرت ڪري ڪوٽڙيءَ ۾ آيو ۽ قاضي عبدالرحمان جي تعاون سان ڪوٽڙيءَ ۾ آباد ٿيو. هي بزرگ، علم، هنر ۽ اخلاق جي بيشمار صفتن سان آراسته هو. تنهنڪري قاضي عبدالرحمان قديم مسجد جي آباديءَ ۽ انتظام جو ذمو هن بزرگ جي سپرد ڪيو. سنه ١٣٠٢هه/١٨٨٥ع ۾ قاضي عبدالرحمان جو فرزند قاضي عبدالباقي اول به وفات ڪري ويو. ان وقت قاضي يار محمد دوم اڃان صغير هو. تنهنڪري نئين جامع مسجد جو انتظام به حافظ رکن الدين جي حوالي ٿيو.

انهيءَ زماني ۾ ئي پنجاب جي طرف کان حافظ رکن الدين جا ڪي احباب جيڪي طباعت جي ڪم مان خاصا واقف هئا ۽ سنڌ ۾ ديني ۽ علمي ڪتابن جي طباعت ۽ اشاعت جي ذوق سبب هي ڪاروبار سنڌ ۾ هلائڻ ٿي چاهيائون، سي ليٿو پريس جو سمورو ساز سامان کڻي اچي ڪوٽڙيءَ ۾ وارد ٿيا. جامع مسجد شريف ۾ مسجد جي سامهون مدرسي لاءِ جيڪا عمارت ٺهيل هئي ان ۾ درس تدريس جو شغل هاڻ ٺڏو ٿي چڪو هو تنهنڪري حافظ رکن الدين جي امداد سبب ڪين پريس قائم ڪرڻ لاءِ ڪشادي جڳهه ملي وئي. اهڙي طرح مطبع فيض سبحاني ڇاپخانو موجوده جامع مسجد ڪوٽڙيءَ ۾ سنه ١٣٠٢هه/ ١٨٨٥ع کان پوءِ قائم ٿيو جنهن ٽيهارو سال طباعت ۽ اشاعت جو ڪم سر انجام ڏنو.

هن پريس کي پوءِ سنڌس اصلي مالڪن، قاضي خاندان جي ٻن نوجوان فردن هر هڪ قاضي عبدالعزيز ۽ قاضي عبدالڪريم کي وڪڻي ڏنو. پر انهن وري اها پريس ڪجهه وقت هلائڻ کانپوءِ حافظ رکن الدين کي وڪڻي ڇڏي جنهن پوءِ 'قديم جامع مسجد' ۾ ان جوسلسلو جاري رکيو. پر آخرالامر هيءَ پريس بند ٿي وئي. هن پريس ۾ جيڪي ڪتاب ڇاپيا ويا تن مان هيٺيان ڪتاب اڄ به موجود آهن: ١. نتيجه عشق يعني قصه خدا دوست. تصنيف الحاج محمد عنايت. سال ١٣٠٨هه/١٨٩١ع ٢.مدح مقبول. تصنيف حاجي غلام محمد شاه

حسيني "گدا". سال ١٣٠٩هه/١٨٩٢ع ٠٣ مين عيسي جي سنڌي (تيهه اکري)، تصنيف ميون عيسوهالائي، ڪاتب سيد شير محمد شاهه، سال ١٣١٢هه/١٨٩٤ع ٠٤مدح مخدوم نوح جوڙيل قاضي محمد يعقوب 'گل چين'، سنه ١٣١٢هه/١٨٩٤ع ٠٥ مجموعه مولود شريف (٢٨مولود)، ڪاتب سيد شير محمد شاهه سنه ١٩٨٤/١٣١٢ع ٠٦ مخزن الحقائق ترجمو ڪنز الدقائق مترجم مولوي هدايت الله مشتاق متياروي ١٣١٣هه/١٨٩٥ع ٠٧ هدايت الانشاء مصنف مولوي هدايت الله مشتاق متياروي ١٣١٣هه/١٨٩٥ع ٠٨مختصر مصلح الفتاح، مؤلف سيد علي محمد شاهه دائري وارو، سال ١٣٢٢هه/١٩٠٤ع، جنهن تي سيد احمد علي شاهه بخاري پريس- مين، رهندڙ پسرور ضلعو سيالڪوٽ پنجاب جو نالو به لکيل آهي. ٠٩ رموز القرآن، مؤلف مخدوم الحاج محمد عبيد الله متعلوي، ١٣٢٢هه/١٩٠٤ع ١٠ مدح مقبول يعني معجزو يهوديءَ وارو، تصنيف حافظ پنيو متيارين وارو١١٠ خطبات سنڌي منظوم٠١٢ عجيب عبرت جهڙو قصو ١٣. ارڪان وضو ۽ نماز، تصنيف حافظ رڪن الدين ٠١٤ مصلح المفتاح، سيد علي محمد شاه دائري وارو، سال ١٣٢٤هه/١٩٠٦ع.

مٿين ڪتابن کان سواءِ هدايت الانشاء جي آخر ۾ اطلاع ڇاپايو ويو آهي ته ان وقت پريس ۾ هيٺين ڪتابن ڪي جلد ڇاپڻ جو سعيو ٿي رهيو هو: ١. يوسف زليخا سنڌي نظم ٢.سسئي پنهون سنڌي نظم ٣. نصرت العاشقين سنڌي ٤. مناسڪ الحج سنڌي (مصنف جي عبارت پوري ٿي).

هن ڪتاب ۾ گذريل ٽن صدين ۾ سنڌيءَ ۾ تصنيف ڪيل ايڪونجاه منتخب ڪتابن جو تعارف ۽ تجزيو پيش ڪيل آهي، ۽ انهيءَ لحاظ سان سنڌي ۾ فقه جي تاريخ بابت هيءُ ڪتاب وڏي اهميت وارو آهي.

٧- آڪٽوبر ١٩٩٢ع
٩- ربيع الثاني ١٤١٣هه

**ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ**
سربراه
سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو

# عنوانن جي فهرست


پيش لفظ الف- د
مقدمو ١

## باب پهريون: تنبيهون ۽ نصيحتون

مطلوب المؤمنين ٢١
تنبيه الغافلين ٢٢
كنزالعبرت ٢٢
نصيحت نامو ٢٥
حقوق الزوجين ٢٦
موت نامو ٢٦
تنبيه الجاهلين ٢٧
بخل الاموال ٢٨
مجموه خطب سنڌي ٣٠
سنڌي خطبا ٣١
مولود مداحون ٣١

## باب ٻيو: فقهي ادب جو ابتدائي دور

مقدمة الصلواة عرف ابوالحسن جي سنڌي ٣٣
مخدوم عثمان جي سنڌي عرف چؤعلمي ٤٣
مخدوم ضياء الدين جي سنڌي ٤٥
ميان ابراهيم جي سنڌي ٥٦
ساڍيون ڇهه ويهون فرضن جون ٦٢

## باب ٽيون: مخدوم محمد هاشم ۽ همعصر عالمن جو دور

كتاب زادالفقير ٦٩
كتاب راحة المؤمنين ٧١
عقيقي جو رسالو ٧٨
’علم ميراث‘ بابت كتاب ’سراجي جو‘ سنڌي ترجمو ٧٩

حصن الاموال ٨٠
رسالو ميٿ جي وقت وارڻ جو ٨٩
حيات العاشقين ٩١

## باب چوٿون: مخدوم محمد هاشم کان پوءِ جو فقهي دور

ڪتاب 'فرائض الا سلام' : سنڌي ترجمو ٩٣
مخدوم شيخ عبدالرحيم گرهوڙي جون تصنيفون ٩٥
١. ست فرض ٩٦
٢. ڪتاب اساس الفرائض ٩٧
مخدوم عبدالله نربي واري جا ڪتاب ١٠٠
١. ڪتاب سگ - نامو ١٠١
٢. نورالابصار شرح خزانةالابرار ١٠٢
مخدوم عبدالرسول نورنگزادي جو ڪتاب: سراج المؤمنين ١٠٥

## باب پنجون: ترجمن جو دور

ڪتاب ضرورت المسلمين ١٠٨
ڪتاب سراج الاسلام سنڌي ١٠٩
ڪتاب مفيد المسلمين ١١١
ڪتاب ترتيب الصلواة ١١٥
ڪتاب تحفة الاحباب ١٢٠
مصلح المفتاح عرف دائري وارن جي سنڌي ١٢١
مختصر مصلح المفتاح ١٢٤
فارسي ڪتاب مفتاح الصلواة جو سنڌي ترجمو "مفتاح الصلواة" ١٢٥

## باب ڇهون: فقهي ڪتابن جو جديد دور

حڪايت عجيب ١٣٥
شرائط الجمع ١٣٥
التنقيد المعقول في رد تسويد المجهول، يعني هدر آخر ظهر ١٣٧
ڪتاب مخزن الحقائق ١٣٨
ڪتاب "مالا بُدَّمِنهِ" جو سنڌي ترجمو ١٣٩

تحفه مدد پناه زائرين حج ۱۴۳
مسائل اربعين في بيان سنة سيد المرسلين ۱۴۴
تحفة الاسلام ۱۴۷
هدايت المسلمين عرف نئون تحفة الاسلام ۱۵۱
معلم الفرائض ۱۵۴
تحفة الصائمين ۱۵۸
اسلامي احكام ۱۵۹
كتاب الحج والزيارة ۱۶۰
كتاب الزكواة ۱۶۱
تحفة الفقيه ۱۶۳
مخزن العلوم يعني علم فقه جو حصو ۱۶۵

## باب ستون: فتوائون

هدايت الانشا ۾ استفتاء ۽ فتوىٰ ۱۷۰
فتاوىٰ همايوني(فارسي) جو سنڌي ترجمو ۱۷۷
فتاوىٰ احمدي ۱۸۱
تميز الحلال عن الحرام لدفع اوهام الجهال والعوام ۱۸۲
فتاوىٰ فقه ۱۸۵
فتاوىٰ قاضي لعل محمد ۱۹۱
الآيات البينات، ترجم البينات الواضحات ۱۹۵
تحفة الاخوان في اباحة التبانک وشرب الدخان ۱۹۶

# مقدمو

سرزمين سنڌ جو ’باب الاسلام‘ نالو مشهور ۽ مسلم آهي، جنهن جو سبب هيءُ آهي ته اسلام هن راهه کان برصغير پاڪ وهند ۾ پير پاتو ۽ ڪيترن سنڌي عالمن دنيا جي ٻين ملڪن ۾ به اسلام جي پيغام جي سرجوشيءَ سان تبليغ ڪئي. نه فقط ايترو پر اسلام جي سچائيءَ جو جيڪو سڏ عرب کان سنڌ ۾ پهتو ان جي موٽ سنڌ وارن اهڙي ته جوش ۽ اخلاص سان ڏني جو سندن نالو عرب، ايران ۽ عراق ۾ پڻ عزت ۽ شرف جي خصوصي امتياز سان متصف ٿي واکاڻجڻ لڳو. ايتري قدر جو عرب جا ڪي مشاهير خود به سنڌي سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪرڻ لڳا.

اسلام جي هن ابتدائي دور کان ئي سنڌي عالمن عربيءَ ۾ ديني علمن جي ڪتابن تصنيف ڪرڻ جو سلسلو جاري ڪيو ۽ جڏهن ارغون ۽ ترخان گهراڻن جي حڪومت جي دور ۾ پارسي درباري ٻولي ٿي، تڏهن سنڌي عالمن عربيءَ سان گڏ پارسيءَ ۾ به ديني ڪتابن تحرير ڪرڻ جو آغاز ڪيو ۽ ڪيترائي علمي شهپارا هن ٻوليءَ ۾ لکي ان کي ديني علم جي خزاني سان مالا مال ڪيائون. پر تاريخ جي صفحي تي گذريل دور ۾ جيڪي مختلف واقعا نمودار ٿي چڪا هئا تن جو مجموعي تاثر سنڌ جي ماحول تي اهڙو پيو جنهن ترخاني دور جي آخر ۾ سنڌ جي عالمن جو توجه هڪ نئين ضرورت ڏانهن مبذول ڪرايو ۽ هنن محسوس ڪيو ته ان وقت زيادهه گهرج هن ڳالهه جي هئي ته ڪي نهايت اهم ديني ڳالهيون مادري ٻوليءَ ذريعي عام سنڌي مسلمانن کي سيکاريون ۽ سمجهايون وڃن. هن ضرورت جي احساس يارهين صدي هجريءَ ۾ شدت اختيار ڪئي، جنهن ڪري مخدوم ابوالحسن ٺٽويءَ سنڌي الف - بي تيار ڪري، ان ۾ پهريون سنڌي ڪتاب لکي، وقتائتو قدم کنيو. جنهن کان پوءِ وقت جي ٻين وڏن عالمن به هن ڪم ۾ تعاون ڪيو ۽ مختلف ديني موضوعن تي، سنڌيءَ ۾ ڪتابن لکڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو. جيئن ته هن مقالي ۾ سنڌيءَ ۾، ديني موضوعن

مان فقه جي موضوع تي لکيل ڪتابن جو تعارف ڪرايو ويو آهي، تنهن ڪري هتي سنڌ جي ديني علمن جي تاريخ جو مختصر خاڪو پيش ڪجي ٿو تہ جيئن هن سموري حقيقت جي پوري وضاحت ٿي سگهي.

## سنڌ ۾ ديني علم جو اوائلي دور

محمد بن قاسم سنڌ ۾ اسلام جو ٻج ڇٽيو تنهن کان گهڻو اڳ سنڌ مان فوجي جذبو رکندڙ قبائل جي عرب طرف منتقلي جو ذڪر تاريخن ۾ ملي ٿو. خلفاء راشدين ۽ حضرت امير معاويہ جي فوجن ۾ جت قبائل جي سنڌين جي موجودگي تاريخدانن وٽ ثابت آهي. هنن اوائلي سنڌي مهاجرن مان ڪيترا عراق ۾ آباد ٿيا جن مان ڪي جنگي خدمتن ۾ مشغول رهيا تہ ڪن وري تمدني ۽ علمي سرگرمين ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي. سنڌ جي فتح وقت جن سنڌي جنگي قيدين کي عرب طرف نيو ويو، تن مان بہ گهڻن اسلام جي فراخدلانہ رويي ۽ پنهنجي مالڪن جي شفقت سبب، ذهانت ۽ علمي ذوق جو خوب مظاهرو ڪيو ۽ منجهانئن ڪي علم جا ناياب گوهر ثابت ٿيا. بغداد ۾ هڪ خيراتي علمي ادارو سنڌ جي جنگي قيدين مان آزاد ڪيل ڪن عالم شخصن قائم ڪيو هو جتي حديث جا وڏا عالم حديث تي پنهنجي خطابن سان سامعين جي معلومات ۾ اضافو ڪندا هئا. حضرت امام اعظم ابوحنيفہ سنڌ يا ڪابل جي انهن جت قبيلن مان هڪ جا چشم و چراغ هئا جن عراق ۾ اچي سڪونت اختيار ڪئي هئي. شيخ الاسلام عبدالرحمان بن عمرو عرفاً امام اوزاعي فقه جي هڪ مذهب جو باني هو سو بہ نسلاً سنڌي هو. امام اعظم سندس همعصر ۽ سندس علم جو قدردان ۽ معترف هو. سندس وفات سنہ ١٥٦ هجري / ٧٧٣ عيسوي ۾ ٿي. ابو معشر نجيح بن عبدالرحمان سنڌي، جو ٻي صدي هجريءَ ۾ حديث جي مشهور راوين مان هو، سو بہ حجاز مقدس ۾ جنگي قيدي جي حيثيت سان آندو ويو هو. هي بزرگ علم حديث، مغازي ۽ فقه ۾ خاص درڪ رکندو هو. سندس شاگردن جي فهرست ۾ امام سفيان ثوري، وڪيع، ابو نعيم ۽ واقدي جهڙن جليل القدر حضرات جا نالا شامل آهن. سندس

عربي تلفظ ڀڄاڙيءَ تائين درست نہ ٿيو هو جنهن مان سندس قديم وطن جي ياد تازي ٿيندي هئي. سندس تصنيفات مان 'كتاب المغازي' مشهور آهي. هن عظيم عالم جي خاندان مان ٻيا بہ ڪيترائي وڏا عالم پيدا ٿيا مثلاً سندس فرزند محمد بن ابي معشر، پوٽو حسين بن محمد بن ابي معشر، ٻيو پوٽو دائود بن محمد بن ابي معشر جنهن پنهنجي ڏاڏي جو ' كتاب المغازي ' روايت ڪيو ۽ سندس ڏهٽو قاسم بن عباس. هن ئي دور ۾ شيخ ابو علي سنڌي هڪ نو مسلم بزرگ علم توحيد ۽ فلسفي جو ماهر هو. هي بايزيد بسطاميءَ جو استاد هو. ابو نصر بن عبدالله سنڌيءَ بہ هن ئي دور ۾ فقه ۽ ڪلام ۾ مهارت حاصل ڪئي. ڪيس پنهنجي سنڌي هجڻ تي فخر هو. حافظ ابو محمد بن سالم سنڌي حديث شريف جو حافظ پڻ أنهيءَ دور ۾ هو، جنهن حديث شريف جو هڪ ڪتاب ' مسند ' جي صورت ۾ جمع ڪيو. هنن سيني عظيم المرتبت عالمن کان سواءِ ٻين ڪيترن سنڌي فاضلن جا نالا هن دور جي تاريخ ۾ ملن ٿا جن پنهنجي علم ۽ فضل جي اعليٰ معيارن کي سنڌ کان ٻاهر اسلامي ملڪن ۾ تسليم ڪرايو.

اندرون سنڌ ۾ ديني علم جو سلسلو محمد بن قاسم جي آمد سان گڏ ئي پو ڪيو ويو هو. عرب سپاهہ سان گڏ قرآن شريف جا ڪيترائي قاري سنڌ ۾ حجاج بن يوسف ثقفي جي خاص هدايتن موجب داخل ٿيا، جن کي فقط هي فرض سونپيو ويو هو تہ هر وقت قرآن شريف جي تلاوت ۾ مشغول رهن. ان کان سواءِ ڪلام پاڪ ۽ سنت پيغمبر صلي الله عليه وسلم جا ٻيا ڪيترائي ڄاڻو بہ لشڪر سان گڏ سنڌ ۾ پهتا. ديني علم جي هنن اڪابرن سنڌ کي هميشه لاءِ پنهنجو مسڪن بنايو. جن مان موسيٰ بن يعقوب ثقفي، ابو موسيٰ اسرائيل بن موسيٰ بصري، ابو بڪر ربيع بن صبيح سعدي، عمرو بن مسلم باهلي وغيره جا نالا خاص آهن. هن سلسلي آهستي آهستي مزيد زور ورتو ۽ ڪيترائي وڏا وڏا عالم ازخود عرب کان سنڌ ڏانهن منتقل ٿيندا رهيا. ڇاڪاڻ تہ علم کي عام ڪرڻ لاءِ هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ ڏانهن سفر اختيار ڪرڻ ان وقت جي عالمن جي زندگيءَ جي خاص مقصدن مان هڪ هو. هنن

سيني بزرگن جي برڪت سان سنڌ ۾ ديني علمن جي وڏن وڏن مرڪزن جو پايو پيو.

سنڌ وارن جي خمير ۾ اسلامي تعليمات سان محبت جو عنصر ته اڳ کان ئي جمع ٿيل هو، تنهن ڪري هن هڪدم فيض قدسي جي هن بحر مان پُر ٿي پيتو. جنهن سبب سنڌ جي خاڪ مان بيشمار ديني عالم مبلغ ۽ مدرس پيدا ٿي پيا جن مان ڪي سنڌ ۾ ئي رهيا جهڙوڪ مولانا اسلامي ديبلي جنهن محمد بن قاسم جي هٿ تي اسلام قبول ڪيو ۽ سندس طرفان راجا ڏاهر ڏانهن سفير ٿي ويو.

## سنڌ ۾ حديث شريف جي تعليم جو دور

ابتدائي دور جا سڀ مذڪور سنڌي عالم علم جا اڪابر هئا يعني حديث، فقه ۽ ڪن ٻين فن جا ماهر هئا. پر سنڌ ۾ علم جو ذوق ۽ شوق ٽئين صدي هجريءَ جي آخر ۾ وڌيڪ جوش خروش سان نمودار ٿيو. جڏهن ملتان ۾ منصوره جون ٻه خود مختيار عرب رياستون سنڌ ۾ قائم ٿيون ۽ مملڪت جو انتظام امن ۽ سڪون سان هلڻ لڳو. ان وقت علم الاحڪام اڃان سنڌ ۾ متعارف نه ٿيو هو. محمد بن قاسم مسلمانن جي نزاعي معاملن جو فيصلو اسلامي قانون موجب ڪرڻ ۽ ملڪ ۾ انصاف قائم ڪرڻ لاءِ سنڌ جي هر شهر ۾ قاضي مقرر ڪيا هئا جن مان موسيٰ بن يعقوب ثقفي، اروڙ جي قاضيءَ جو نالو مشهور آهي. جنهن جي پشت ۾ قضا جو منصب صدين تائين هلندو آيو؛ پر فقه جي تعليم بحيثيت علم الاحڪام اڃان رائج نه ٿي هئي. هن دور ۾ سنڌ ۾ علم حديث جو چرچو زور هو ۽ چوٿين صدي هجريءَ ۾ سنڌ ۾ حديث شريف جي زباني روايت لاءِ هڪ حلقو به قائم ڪيو ويو هو. هن دور ۾ نه فقط حديث شريف جي عالمن ۽ طالبن جو تعداد وڌيو، پر ڪيترائي سنڌي، حديث شريف جي تلاش ۾ ٻاهرين اسلامي ملڪن ڏانهن روانا ٿيا. جهڙوڪ عرب، شام، عراق، خراسان، مصر وغيره، جتي انهن دين جي علم جي جواهر پارن جون جهوليون ڀري ونديون ۽ ورچيون ۽ علم جون قابل قدر عطائون ۽ سخائون ڪيائون. ديبل ۽ منصوره جي ڪيترن

وڏن سنڌي محدثن جا نالا هن دور ۾ ملن ٿا جن علم حديث جي خدمت لاءِ پنهنجون زندگيون اسلامي ملڪن ۾ سفر ڪندي گذاريون مثلاً ابو جعفر محمد ديبلي جو ٽئين صدي هجريءَ ۾ مڪي پهتو ۽ پنهنجي علمي سرگرمين سان گڏ ' مڪاتيب النبي ' صلي الله عليه وسلم ( حضور صلي الله عليه وسلم جن جا خط ) نالي ڪتاب لکيائين. سندس فرزند ابراهيم بن محمد هن دور جي حديث شريف جي راوين مان آهي ۽ سندس شاگرد احمد بن عبدالله ديبلي حديث شريف جي تلاش ۾ قريباً سموري اسلامي دنيا جو سفر ڪيو. ديبل مان ٻين اهڙن عالمن جا نالا هي آهن؛ محمد بن عبدالله ديبلي، حسن بن اسد ديبلي، احمد بن محمد بن هارون ديبلي، حسن بن حامد ديبلي، ابو القاسم شعيب بن محمد بن احمد ديبلي، علي بن موسيٰ ديبلي. منصوره مان قاضي ابو محمد جي مدرسي جي تاريخن ۾ گهڻي واڪاڻ موجود آهي. هي بزرگ ڪيترين ئي بيش قيمت تصنيفات جو صاحب هو. منصوره مان ٻه گهڻائي ئي عالم علم جي ڳولا ۽ ڦهلاءَ لاءِ اسلامي ملڪن جي سفر تي روانا ٿيا جهڙوڪ ابو العباس احمد بن محمد بن صالح منصوري، ابو محمد عبدالله بن جعفر منصوري وغيره.

ٽئين صدي هجريءَ جي آخري دور جا ٻه امتيازي پهلو جي گهڻي توجه جي لائق آهن سي هي آهن ته هن ئي دور ۾ اسلامي عقائد تي سنڌيءَ ۾ پهريون ڪتاب لکيو ويو، جيتوڻيڪ سنڌيءَ جي ابتدا ان کان گهڻو آڳاٽو ٿي چڪي هئي. عقائد جو مذڪور سنڌي ڪتاب عراقي نسل جي ڪنهن سنڌي عالم هڪ هندو راجا لاءِ منصوره جي حاڪم عبدالله بن عمر هباري جي فرمائش تي لکيو هو. ساڳئي عالم ساڳئي هندو راجا جي گهر تي قرآن شريف جو منظوم سنڌي ترجمو ڪيو. جو قرآن شريف جو ڪنهن ٻي ٻوليءَ ۾ پهريون ترجمو هو. چئي نه ٿو سگهجي ته اسلامي عقائد جي هن پهرئين سنڌي ڪتاب ۾ ڪهڙي فرقي جا عقائد بيان ڪيل هئا.

هن دور جو ٻيو اهم پهلو هي هو ته منصوره جي ساڳئي حڪمران جي وقت ۾ سنڌ ۾ اسماعيلي عقيدي جي تبليغ ٻه شروع ٿي.

جيتوڻيڪ هي عقيدو سنہ ١٤١ هجري / ٧٥٧ عيسوي کان ئي سنڌ ۾ پهچي چڪو هو پر. ٢٧٠هہ / ٨٨٣ عيسوي ۾ عبدالله بن عمر هباريءَ جي دور ۾ اسماعيلي فرقي جي يمني شاخ جي سربراهہ منصور يمنيءَ طرفان سندس سوٽ کي پهريون دفعو اسماعيلي عقيدن جو 'داعي' مقرر ڪري سنڌ ۾ موڪليو ويو.

## سنڌ ۾ فقہ جي تعليم جي ابتدا

ابتدا ۾ سنڌ ۾ سني عقيدو رکندڙ عرب حڪومت قائم ٿي هئي تنهن ڪري شروع ۾ سني عقيدن جي بنياد تي اسلام جي تعليم ڏني وئي ۽ چوٿين صدي هجري جي پهرئين اڌ تائين سنڌ ۾ علم حديث سان ماڻهن جو عام شغف رهيو. هن دور ۾ ماڻهو وڏي ڪثرت سان سني عقيدي جا پيرو هئا. جيتوڻيڪ سني علم الاحڪام اڃان گهڻو زور نہ ورتو هو، پر حديث شريف جي سموري تعليم سني عقيدن ۽ اصولن تي مبني هئي. چوٿين صدي هجري جي پوئين اڌ ۾ سنڌ جي ٻنهي خود مختيار رياستن تي اسماعيلي فرقي جو اثر پيو. ٻن صدين جي جدوجهد کان پوءِ جڏهن هن فرقي کي سنڌ ۾ سياسي اقتدار حاصل ٿيو تڏهن هنن سنڌ ۾ پنهنجي موقف جو بنياد وجهڻ شروع ڪيو. جنهن سبب سني عقيدن ۽ تعليم جي ترقيءَ کي وڏو ڌڪ لڳو ۽ علم حديث جي ترويج ۾ وڏي رڪاوٽ پيدا ٿي. سنڌي عالمن جي حديث شريف جي تلاش ۾ ٻاهرين اسلامي ملڪن ڏانهن روانگي بہ يڪا يڪ بند ٿي وئي.

چوٿين صدي هجري جي اواخر ۾ سلطان محمود غزنوي جو سني عقيدن جو سختيءَ سان پابند هو، سو منصوره تي حملو ڪري آيو ۽ ان کي فتح ڪري اسماعيلين جو زور ڀڳائين. تنهنڪري سنڌ ۾ هڪ دفعو وري سني عقيدي جو دور دورو شروع ٿيو. هن وقت تائين اسلامي دنيا ۾ سني فقہ جا چار مذهب بہ مڪمل طرح قائم ٿي چڪا هئا. پر سنڌ ۾ فقط حنفي مذهب کي مقبوليت حاصل ٿي ۽ ماڻهو ڪثرت سان هن مذهب جا پوئلڳ ٿيا. هن وقت ملڪ ۾ اسلامي قانون موجب انصاف جاري ڪرڻ جي بہ سخت ضرورت محسوس ڪئي وئي، تنهن ڪري

قضا جي منصبن لاء فقيهن جي گهڻي گهرج پئي. هن ڪوٽ کي پوري ڪرڻ لاء ٻاهرين اسلامي ملڪن مان فقيهن جي در آمد سان گڏ خود سنڌ ملڪ مان به فقيهه پيدا ٿيڻ شروع ٿيا ۽ حديث جي مطالعي جي جاء فقه جي علم والاري.

سومرن ٤٤٣هه / ١٠٥١ عيسوي ڌاري سلطان محمود غزنوي جي ڪمزور پونيرن کي شڪست ڏيئي ملڪ تي قبضو ڪيو. ان سبب اسماعيلي فرقي جو تسلط ٻيو دفعو سنڌ ۾ قائم ٿيو. سومرن جي حڪومت سنه ٤٤٥هه / ١٠٥٣ع کان ٨٠٣هه / ١٤٠٠ع ڪجهه پوء تائين هلي ۽ ان وقت تائين شيعن جو اثر به زور هو. تنهن ڪري سلطان محمود غزنوي جي طرفان سني فقه جي عمارت جو جيڪو بنياد رکيو ويو هو، ان جي تعمير ۾ خاطر خواهه اضافو ٿي نه سگهيو. جيتوڻيڪ سندس ڪوششون بلڪل رائگان ۽ بي اثر به نه ٿيون هيون. سومرن جي دور ۾ فقه جي علم جي ترقي ۽ ترويج کي نسبتاً انحطاط ڏسڻو پيو هو، ۾ حڪومت جي پٺڀرائي نه هوندي به هن دور ۾ سني فقه جي ڪن وڏن سنڌي فقيهن جاناالا تاريخ جي صفحن تي جلي لفظن ۾ ثبت آهن مثلاً مولانا برهان الدين بڪري سنڌي فقه، اصول فقه ۽ عربي علم ادب ۾ وڏو دسترس رکندو هو ۽ سلطان علاء الدين محمد شاهه خلجي جي زماني ۾ دهلي جي تختگاهه ۾ درس ڏيندو هو. شيخ فقيه امام صدر الدين حنفي بڪري سنڌي، فقه ۾ مجتهدانه درجو رکندو هو ۽ سيني علمن جو ماهر هو. مولانا ظهير الدين بڪري سنڌي شريعت جي علم جو وڏو عالم ۽ فاضل بزرگ هو سندس زماني ۾ هن کان وڌيڪ نحو، فقه ۽ اصول فقه جو ٻيو ڪوبه ڄاڻو ڪونه هو. بکر مان روانو ٿي دهليء ۾ درسگاهه قائم ڪيائين. هنن بزرگن کان سواء ٻين ڪيترن سنڌي فقيهن جا ناالا هن دور ۾ ملن ٿا.

## سمن جي دور جون علمي سرگرميون

سنه ٧٥٩هه / ١٣٥١ع تائين سنڌ ۾ اسماعيلين جو زور رهيو. جڏهن سمن، سومرن کي شڪست ڏيئي سنڌ جي حڪومت هٿ ڪئي

تڏهين ئي سنڌ ۾ اسماعيلي شيعن جي اثر کي زوال رسيو. خود سومرا بہ آخر ۾ اسماعيلي اثر کان خارج ٿي چڪا هئا. سمن جي دور ۾ سنڌ ۾ سني عقيدي جي عالمن اسلام جي بين الاقوامي مزاج جي پيش نظر تحرير ۽ تصنيف جي مقصدن لاءِ قلم جي نوڪ کي زيادہ تر عربي ٻوليءَ ۾ روان رکيو. مخدوم محمود فخر پوٽو، سمن جي دور جو هڪ وڏو عالم هو. جنهن کي مير معصوم سنڌ ۾ علم جي اشاعت جي طرہ امتياز جو ڏٿي سمجهيو. مخدوم بلاول سمي هڪ اعليٰ تعليمي درسگاہ جو بنياد هن دور ۾ وڌو ۽ هن ئي دور ۾ قاضي ابراهيم، دربيلي جي درسگاہ جي استادن ۽ عالمن جو اڳواڻ هو. قاضي قادن ( قاضن ) هن دور ۾ علم حديث، تفسير، اصول فقه ۽ صرف نحو جو وڏو عالم هو. سيوهڻ ۾ مخدوم محمد سيوستاني هن دور جو وڏو فقيه هو. قاضي شرف الدين عرف مخدوم راهو سيوهاڻي تفسير جو ماهر هو ۽ منطق ۾ پڻ دسترس هئس. مخدوم رڪن الدين عرف مخدوم متو، مخدوم بلاول جو خاص خليفو، علم حديث ۾ يگانو هو جنهن ' شرح ڪيداني' نالي بہ ڪتاب لکيا. بوبڪن جو مخدوم ميران بن مولانا يعقوب، معقول ۽ منقول ۾ جامع هو. ميان شهاب الدين سهروردي صديقي پاٽائي، جنهن پهرئين پاٽ شهر يعني ' قبة الاسلام ' جو بنياد رکيو، سوبہ هن دور جو عالم هو. هو سنڌ جي صديقي خاندان، سيوهڻ، پاٽ ۽ برهان پور وارن جو وڏو ڏاڏو هو. شيخ ابراهيم بن عمر سنڌي، سنڌ مان لڏي، برهان پور ويو ۽ اتي وفات ڪيائين. قاضي قادن ( قاضن ) سان رفاقت هئس ۽ سيد محمد جونپوري جو مريد هو.

سمن جي آخري دور ۾ فقه جي مطالعي کي تعليمي نظام ۾ پڻ وڏيڪ اهميت ملي. هن دور ۾ ديني علمن جا متعدد ادرا ۽ درسگاہ قائم ٿيا ۽ فقه کان سواءِ ٻين ديني علمن عام ڪرڻ لاءِ بہ حڪومت جي سرجوشيءَ سان درسي ڪتاب لکايا ويا. خصوصاً سنڌي سمن قبيلن مان وڏا عالم ۽ محقق پيدا ٿيا. سمن جي آخري دور ۾ مخدوم عباسي هنگورجو فقه جو وڏو ڄاڻو هو.

## مذهبي تصنيفات جو سنڌيءَ طرف موڙ

سومرن جي دور ۽ سمن جي ابتدائي دور ۾ سنڌ ۾ مختلف مذهبي عقيدن جي تبليغ جو هدف رهي. هن مقالي جي مقصدن ۾ سنڌ اندر مذهبي تحريڪن جي تاريخ ڏيڻ شامل نه آهي پر جيئن ته سنڌ ۾ ديني ڪتابن جي تصنيف جي سلسلي ۾ هي تحريڪون هڪ نئين موڙ جو سبب بڻيون، تنهن ڪري سندن ٿورو ذڪر ڪيو وڃي ٿو.

### حسين بن منصور حلاج

هن دور ۾ حسين بن منصور حلاج سنڌ ۾ پير پاتو. هي شخص مسلماني جي دعويٰ رکندي به عجيب غريب عقيدن کي مڃيندڙ هو مثلاً تناسخ جي هندو عقيدي جو قائل هو. هو سنڌ ۾ پنهنجي اصولن جي پرچار ڪرڻ ۽ جادو سکڻ جي مقصد سان آيو هو.

### اسماعيلي تحريڪ

اسماعيلي تحريڪ به هن ئي دور ۾ سنڌ ۾ زور ورتو ۽ ان جي ڪارڪنن هندو طبقن کي پاڻ ڏانهن مائل ڪرڻ لاءِ ڪين اسلام اختيار ڪرڻ کان پوءِ به ڪيترين ئي هندو ريتن رسمن کي قائم رکڻ جي اجازت ڏني، ايتري قدر جو هن تحريڪ جي اڳواڻن خود به هندو نالا اختيار ڪيا ۽ هندن کي مسلمان ٿيڻ کان پوءِ به ساڳين هندو نالن قائم رکڻ جي اجازت ڏني. هن نئين مت کي ' ست پنٿ ' سڏيو ويو. هن پنٿ ۾ نه فقط اسلام جي بنيادي احڪام ۽ ارڪان جي پابندي کان ڍر ڏني وئي هئي پر خود اصل اسماعيلي تعليم ۾ به ڪافي رد و بدل ڪري، نون اسماعيلين کي سندن مرضيءَ موجب آسانيون ڏنيون ويون هيون. هن وقت ڪن حلقن ۾ هن پنٿ کي ' اسلامي اصولن جو نئون روپ ' چيو وڃي ٿو. سنڌ ۾ هن دور ۾ ويدانت کي به اسلامي تصوف سان مخلوط ڪيو ويو. تنهن کان سواءِ تصوف جي رنگ ۾ ڪي اهڙيون تحريڪون هليون جن جي خلاف ان وقت جي عالمن فتوائون ڏنيون هيون.

### مهدوي تحريڪ

مهدوي تحريڪ جو باني سيد محمد جونپوري هو. جو صاحب سنڌ ۾ سمن جي دور ۾ آيو. سيد محمد جونپوري صاحب جي ذات متعلق تاريخدانن ۾ وڏو اختلاف موجود آهي. مولانا ابو الڪلام آزاد جهڙا عالم ڪيس صاحب دل بزرگ سمجهن ٿا. پر هندستان جي ڪيترن وڏن عالمن جي راءِ سيد صاحب جي حق ۾ نہ هئي. خصوصاً سندس مهدويت جي دعويٰ کي نبوت جي دعويٰ سان مشابہ سمجهيو ويو. سندس مخالفت ڪندڙ عالمن ۾ کي قابل احترام شخصيتون بہ هيون جهڙوڪ شيخ علي متقي، شيخ ابن حجر مکي، شيخ عبدالحق محدث دهلوي، شيخ اسعد مکي وغيره. سنڌ ۾ سيد حيدر سنائي، جيڪو مخدوم بلاول جو شاگرد خليفو هو، تنهن سندس قتل جي فتويٰ جاري ڪئي. سيد صاحب تي اصل ۾ شيعہ هجڻ جو شبہ بہ ظاهر ڪيو ويو آهي. باوجود هنن متضاد راين جي هڪ ڳالهہ تي سيني جو اتفاق آهي تہ ڪانئس پوءِ سندس پوئلڳن سندس تعليمات کي غلط سمجهيو ۽ اسلامي شريعت جي تسليم ٿيل اصولن ۾ حد کان زياده غلو کان ڪم ورتو. ان هوندي بہ هن تحريڪ سڄي هندستان ۾ وڏو ترٿلو مچايو ۽ بيشمار ماڻهو هن تحريڪ ۾ شامل ٿيا. سنڌ ۾ قاضي قادن ( قاضن ) پنهنجو قضا جو نسبي منصب هن تحريڪ سبب قربان ڪري ڇڏيو ۽ سندس عام رويي سبب سنڌ جا عالم مٿس طعن ڪندا هئا ۽ سندس علم کي خلاف شريعت سمجهندا هئا.

## تصوف ۽ اسلامي عقائد جي تبليغ

هن ئي دور ۾ صحيح اسلامي اثر جي ترويج لاءِ هڪ طرف بايزيد بسطامي ۽ ابن العربيءَ جهڙن بزرگ صفت صوفين سنڌ جي سر زمين کي پنهنجي تشريف آوريءَ سان نوازيو ۽ تصوف جي پاڪيزه اسلامي اصولن جي تعليم ڏني تہ ٻئي طرف غوث الاعظم جي سلسلي مان سني عقائد جا بہ ڪيترائي مبلغ سنڌ ۾ وقتاً فو قتاً ايندا رهيا.

# تبليغ لاء سنڌي ڪتاب

هن تحريڪن مان ڪن جي ڪارڪنن پنهنجي موقف جي پرچار لاء سنڌي ٻوليءَ جي ذريعي ڪي استعمال ڪرڻ سود مند سمجهيو. تنهن ڪري سنڌيءَ ۾ تبليغي ڪتابن جو سلسلو جاري ٿيو. اسماعيلي تحريڪ جي هڪ سرگرم رڪن پير صدرالدين سنڌي ٻوليءَ جو هڪ رسم الخط هندو سنڌي رسم الخط کي سڌاري تيار ڪيو. جنهن کي خواجڪي سنڌيءَ جي ' چهل اکري ' چيو وڃي ٿو. هن پنهنجي 'پنٿ' جي اصولن جي پرچار پنهنجي سنڌي ڪلام سان شروع ڪئي. جنهن کي ' پير صدر الدين جا گنان ' سڏيو وڃي ٿو. ۽ جي سندس نوايجاد سنڌي رسم الخط ۾ لکيا ويندا هئا.

مهدوي تحريڪ جي ڪارڪنن ٻه پنهنجي تعليم لاء ڏيهي ٻولين جي ذريعي کي ترجيح ڏني. امير الهداد حميد مهدوي، جو هن تحريڪ جو اهم رڪن ۽ لسانيات جو ماهر هو، تنهن ڏيهي ٻولين جي ذريعي مهدوي تحريڪ جي اصولن کي عام ڪرڻ جو سلسلو جاري ڪيو ۽ ان لاء گهربل ڪتاب ڏيهي ٻولين ۾ لکايا ويا پر رسم الخط عربي رکيو ويو. سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ابتدائي رسم الخط جو عربي لفظن تي مشتمل هو ان ۾ ٻه ڪي ڪتاب لکيل نظر اچن ٿا. جي گهڻو ڪري صوفيانه ۽ عارفانه ڪلام آهن جهڙوڪ قاضي قادن (قاضن ) جو ڪلام جيڪو بيان العارفين سان گڏ آهي ۽ شاهه لطف الله قادريءَ جو سنڌي رسالو. هن تبليغي ڪوشش سبب سنڌ ۾ جيڪو نئون اثر پيدا ٿيو تنهن ۾ سني مذهب جي عقيدن کان بظاهر خلاف رنگ نظر آيو، جو راسخ العقيده سني فقيهن کي پسند نه آيو هوندو ان هوندي ٻه سني مسلڪ جي عالمن عربي ۽ پارسيءَ ۾ ديني ڪتابن لکڻ جو سلسلو بند نه ڪيو ڇاڪاڻ ته انهن ٻولين جو دائرو سنڌ تائين محدود نه هو، تنهن ڪري عربي ۽ پارسيءَ ۾ لکيل ڪتابن مان وسيع تر مفاد جي اميد هئي ۽ انهن ٽي ٻنهي ٻولين ۾ ديني تصنيف جو ڪم ارغوني ۽ ترخاني دور ۾ ٻه جاري رهيو.

## ارغوني ترخاني ۽ مغلي دور ۾ سنڌ جو ديني علم

سمن جي دوران حڪومت، اندروني انتشار، ارغونن جي حملي ۽ آخر سمن جي حڪومت جي خاتمي سنڌ جي علمي حلقن ۾ اضطراب پيدا ڪيو ۽ انهي بي چينيءَ سببان ڪيترن ئي عالمن ۽ علمي گهرائڻ سنڌ مان هجرت ڪئي. هڪڙا گجرات ۽ اتان عرب ۽ شام ڏانهن ويا ته ٻيا هندستان ويا.

هن دور ۾ قاضي عبدالله درٻيلوي جو مير محمد معصوم تاريخ معصومي جي مؤلف جو استاد هو سو مديني شريف ڏانهن هجرت جي ارادي سان احمد آباد طرف روانو ٿيو. ساڻس سندس ٻه لائق فرزند شيخ رحمت الله ۽ شيخ حميد به گڏ هئا. شيخ عبدالله متقي به پوءِ درٻيلي مان هجرت ڪري ساڻن حجاز ۾ اچي شامل ٿيو. حميد 'القول الحسن في جواز اقتداء بالامام شافعي في النوافل والسنن' لکيو هو. ساڳئي دور ۾ مولانا جلال الدين ٺٽوي مغل بادشاهه همايون جي درٻار تائين پهتو. همايون ڪجهه وقت هن وٽان علم به حاصل ڪيو. آخر هي بزرگ مغليه سلطنت جو قاضي القضات مقرر ٿيو. شيخ مبارڪ پاٽائي، مخدوم عباس ابن جلال جي شاگرد به هن ئي دور ۾ پهريائين گجرات ۽ پوءِ برهان پور ڏانهن هجرت ڪئي ۽ 'جويره' جو قاضي مقرر ٿيو. هي بزرگ شيخ عيسيٰ پاٽائي برهانپوري واري ساڳئي خاندان مان هو. هن دور ۾ علامي محمد بن ملايوسف ٺٽوي هڪ درويش ڪامل ۽ سيني علمن جو فاضل جهانگير جي حڪومت جي وقت ۾ مغليه دربار ۾ پهتو. نور جهان بيگم جو منجهس وڏو عقيدو هو ۽ سندس ڀاءُ آصف جاه هن جو شاگرد هو. هي بزرگ هن دور ۾ 'صدر' يعني اعليٰ عدالتي منصب تي فائز ٿيو. هن ساڳئي دور ۾ سنڌ جي ٻين ٻن عالمن، جي هڪ ٻئي جا ساٿي ۽ رفيق هئا، تن هجرت ڪري اچي مديني شريف کي وسايو. سندن نالا صبغت الله سنڌي ۽ موسيٰ سنڌي هئا، جن مان صبغت الله سنڌيءَ تفسير بيضاوي تي حاشيو لکيو. ابوبڪر سنڌي جو هن ئي دور جو هڪ وڏو سنڌي عالم ۽ معقولات جو ڄاڻو هو، تنهن دمشق ۾

وفات ڪئي. هن ئي دور ۾ حڪيم عثمان بوبڪائي پٽ شيخ عيسيٰ بن شيخ ابراهيم صديقي وڏن وڏن استادن کان مختلف علم پرايا هئا ۽ يگانہ روز گار ۽ سيني علمن جو جامع ليکيو ويندو هو. هي بزرگ بہ سنڌ مان هجرت ڪري برهان پور ويو ۽ اتي ' سنڌي پره ' محلي ۾ درس ڏيندو هو. قاري ابراهمي شاطري سنڌي، علم قراة جو اهڙو تہ ڄاڻو هو جو ڪيس جبرئيلي لهجي جو مالڪ سڏيندا هئا. مسيح القلوب شيخ عسيٰ جند الله پاٽائي برهانپوري سندس استاد ۽ مرشد هو پر هي بزرگ بہ علم قراة وٽائس ٿي سکيو. قاري ابراهيم سنڌيءَ جو مقبرو برهان پور ۾ آهي. هن ئي دور ۾ محدث طيب بن يوسف پاٽائي صديقي علم حديث ۽ تصوف جو وڏو عالم بہ برهان پور ۾ اچي رهيو. شيخ طبيب بن شيخ هارون هڪ بيو وڏو عارف ۽ عالم سنڌ مان هجرت ڪري هن ئي دور ۾ هندستان جي پرڳڻي ' برار ' جي ايلچپور نالي شهر ۾ اچي رهيو جتي ان وقت طاهر بن يوسف بہ رهندو هو. هنن پنهنجي بزرگن جو پاڻ ۾ ايترو تہ لاڳاپو ٿي ويو جو ماڻهو کين ڀائر سمجهڻ لڳا. شيخ فريد بکري بن شيخ معروف بکري هڪ وڏو عالم هو جنهن بکر جي عالمن کان علم پرايو هو. سندس والد بکر جو ' صدر ' يعني اعليٰ جج هو. شيخ فريد بہ جونپور ڏانهن هجرت ڪري ويو. جهانگير جي عهد حڪومت ۾ مملڪت جي انتظامي شعبن ۾ وڏن عهدن تي فائز رهيو. شاهجهان جي دور ۾ ڪيس مفتيءَ جو عهدو مليو پر پوءِ موٽي بکر آيو. هن 'تحفه حضرت شاهہ جهاني ' نالي هڪ ڪتاب لکيو. 'زخيرة الخوانين ' بہ هن جو ئي لکيل آهي. ملا احمد ٺٽوي فاروقي اصل حنفي مذهب جي عالم خاندان جوفرد هو. علم طب ۽ تاريخ ۾ ماهر هو. ڪجهہ وقت کان پوءِ هن جو لاڙو شيعي مذهب ڏانهن ٿيو ۽ ايران جي مشهور شيعي بادشاهہ طهماسپ صفويءَ جي دربار ۾ وڃي پهتو ۽ غالي شيعو ٿي رهيو. طهماسپ جي مرڻ کانپوءِ هو اڪبر جي ڏينهن ۾ واپس هندستان پهتو ۽ اڪبر جي حڪم تي ' تاريخ الفي ' نالي ڪتاب بہ لکيو هئائين پر نيٺ مارجي ويو. قاضي ابراهيم ٺٽوي وڏو عالم ۽ فاضل شخص هو. شاهہ جهان جي دور ۾ دهليءَ ۾ مفتي ۽ لشڪر جو قاضي مقرر

ٿيو. پوءِ ٺٽي جي امين الملڪ جي عهدي تي فائز ٿيو. ’جلاءالاذهان في تفسير القرآن‘، لطائف الاخبار في سير النبي المختيار‘ ۽ ”شرح مخزن الاسرار‘ نالي ڪتاب لکيائين. سنه ١٠٣٧هه / ١٦٢٨ع ۾ سيوهڻ ۾ وفات ڪيائين.

سنڌ جي مذڪور عالمن کان سواءِ جن ٻين ملڪن ڏانهن هجرت ڪئي، خود سنڌ اندر به هن دور ۾ ڪيترئي جليل القدر ۽ عظيم المرتبت عالمن جو احوال ملي ٿو. شاهه بيگ ارغون ۽ ٻين ترخاني خواهه مغلي دور جي حڪمرانن جي علم جي قدرداني‌ءَ سبب هن دور ۾ سمن جي دور وارو ساڳيو علمي معيار بر قرار رهيو. هن دور ۾ جن نامور سنڌي عالمن سنڌ ۾ رهي علم جي فروغ لاءِ سرجوشي ۽ جفاڪشي‌ءَ کان ڪم ورتو تن مان ڪي خاص نالا هي آهن.

مخدوم شهاب الدين واصل سنڌي هن دور ۾ سنڌ جو هڪ عظيم عالم هو. مسيح الاولياء شيخ عيسيٰ برهانپوري سندس شاگرد هو. هن ئي دور ۾ مخدوم بلاول باغباني بن مخدوم حسن بن مخدوم ادريس سمو هڪ وڏو عالم ٿي گذريو آهي جو ڄام نظام الدين سمي جو ياءُ چيو وڃي ٿو. هي علم حديث ۽ تفسير جو وڏو ماهر هو ۽ زهد ۽ تقويٰ ۾ سندس ڪوبه مٽ نه هو. هن جي جماعت قومي غيرت سبب شاهه بيگ ارغون سان مقابلو ڪيو. سندس شاگردن ۽ خليفن مان سيد حيدر سنائي، قاضي ڏتو سيوستاني، مخدوم رڪن الدين ٺٽوي ۽ مخدوم ساهڙ لنجار مشهور آهن. شيخ قاسم بن يوسف محدث پاتائي سنڌي، شيخ طاهر محدث جو ننڍو ياءُ ۽ مسيح الاولياء شيخ عيسيٰ برهانپور جو والد هو. هن بزرگ پنهنجي والد شيخ شهاب الدين سنڌي کان تعليم حاصل ڪئي.

شيخ شهاب الدين سنڌي، شيخ الاسلام شيخ بهاءُ الدين ذڪريا ملتاني جو مريد هو ۽ ان جو جاءِ نشين ٿيو. مخدوم اسماعيل سومرو هن دور جو عاف ڪامل ۽ عالم هو سندس مقبرو اگهم ڪوٽ ۾ آهي. ميرابوالمڪارم شهود ٺٽوي بن مير ابوالقاسم، وڏو عالم ۽ ڪشف ڪرامت جو صاحب. هن جو والد ٺٽي جو گورنر هو ته به هو بازار مان

ضرورت جون شيون خود خريد ڪرڻ ويندو هو. ملا اسحاق بکري فارسي زبان جو ماهر هو. ڪيس شيخ سعدي شيرازيءَ عارف عبدالرحمان جاميءَ جو وارث سڏيو ويندو هو. ٺٽي جي حاڪم مرزا جاني بيگ ترخان جي پٽ مرزا غازي بيگ جي تعليم جي لاءِ ٺٽي ۾ اچي رهيو. هن دور ۾ قاضي ڏتو سيوهاڻي، سيوهڻ جي عالمن جو اڳواڻ هو. مرزا شاهه حسن هن وٽان پڙهيو. بوبڪن ۾ مخدوم عبدالڪريم عرف ميران بن يعقوب درس تدريس جو اڳواڻ هو. سندس ٻه پٽ مخدوم جعفر ۽ مولانا قاسم پنهنجي دور ۾ ٻين سيني کان زياده مشهور ٿيا. مخدوم جعفر بوبڪاني پنهنجي دور يعني ڏهين صدي هجريءَ جي پوئين اڌ ۾ هڪ محقق فقيهه ۽ تعليمي ماهر هو. سندس لکيل ڪتابن مان نون جا نالا ملن ٿا، جن مان اڪثر موجود آهن. انهن مان پنج خاص شرعي مسئلن جي فقهي تحقيق بابت آهن، جن جي تحقيقي معيار مان ثابت ٿئي ٿو تہ مخدوم سنڌ جو پهريون وڏو فقيه هو جنهن سنڌ جي حالتن مطابق شرعي مسئلن جي تحقيق ۽ تصنيف کي فروغ ڏنو. سندس ڪتابن ۾ ڪيترا سنڌي فقرا ٻہ آيل آهن. ٺٽي ۾ هن دور ۾ فقيهن ۽ عالمن ۾ شيخ عبدالوهاب پوراني ۽ قاضي نعمت الله ولد قاضي سائينڏنو برک هئا. شيخ عبدالوهاب جي فقهي فتوائن کي 'جامع فتاويٰ پوراني' جي نالي سان ڪتابي صورت ۾ جمع ڪيو ويو. هي مجموعو سڄي سنڌ ۾ فقهي سند طور مشهور ٿيو. مفتي عبدالواحد ڪبير پاٽائي بن مولانا عبدالرحمان قاري هڪ وڏو فقيہ ۽ عالم هو، جو سلطان اورنگزيب جي زماني ۾ پاٽ جي وسندڙ علائقي جي قضا ۽ فتويٰ جو صاحب هو. مفتي صاحب جي تصنيفات مان 'ڪشف الاسرار' فقه ۾ يادگار آهي. هن بزرگ سنہ ١١٢٣هہ - ١٧١١ع ۾ وفات ڪئي.

## فتاويٰ عالمگيري جي تاليف ۾ سنڌي عالمن جو حصو

يارهين صدي هجريءَ ۾ دهليءَ جي مغل شهنشاهہ اورنگزيب عالمگير فتاويٰ عالمگير جي تاليف ۽ تدوين جو ڪم شروع ڪرايو، جنهن ۾ سڄي هندستان مان وڏن وڏن عالمن حصو ورتو. سنڌ مان هن

ڪم ۾ ٻن عالمن شرڪت ڪئي.جي هئا شيخ نظام الدين بن نورمحمد بن شڪرالله بن ظهير الدين بن شڪر الله حسيني ٺٽوي. هي بزرگ فقه ۽ اصول فقه ۾ ڪامل مهارت ۽ دسترس رکندو هو. تنهنڪري هن کي هن ڪم ۾ حصي وٺڻ لاءِ منتخب ڪيو ويو. هن ڪهڙن ئي مشڪل ۽ پيچيده فقهي مسائل کي حل ڪري فتاويٰ عالمگيري جي تاليف جي ڪم ۾ مدد ڏني. ٻيو عالم شيخ ابوالخير ٺٽوي هو جو شيخ فضل الله جي اولاد مان هو. هي بزرگ پڻ علم فقه جو ماهر هو.

## سنڌي عالمن ۾ علم فقه تي سنڌي ڪتابن لکڻ جو نئون لاڙو

سنڌي عالمن جي علمي ڪاوشن جي جنهن مختصر خاڪي جو مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي تنهن مان اندازو ڪري سگهجي ٿو ته ديني علم جي هر شاخ ۾ سنڌي عالمن جو هڪ وڏو حصو آهي ۽ علم فقه تي سنڌي عالمن عربي پارسيءَ ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا. پر يارهين صدي هجريءَ ۾ سنڌي عالمن جي نوڪ قلم جو لاڙو عربي ۽ پارسي سان گڏ سنڌيءَ ڏانهن ٿيو. عربن جي دور حڪومت کان وٺي عربيءَ سان گڏ سنڌيءَ تي به توجهه ڏنو پئي ويو ۽ هي ٻئي ٻوليون سنڌ ۾ عام مروج هيون. ڪجهه سنڌي ديني ڪتاب عربن جي دور ۾ لکيا ويا هئا جنهن جو ذڪر هن کان اڳ ئي ٿي چڪو آهي. هنن ڪتابن جو ڪو به نسخو هن وقت موجود نه آهي. جنهن ڪري انهن ڪتابن جي رسم الخط بابت ڪابه قياس آرائي ڪري نه ٿي سگهجي ۽ نڪي هي چئي سگهجي ٿو ته اهي مسلمانن جي ڪهڙي فرقي جي عقائد تي مبني هئا.

ائين صدي هجري کان وٺي سنڌ ۾ مختلف عقيدن جي ديڱ رڌجي رهي هئي، پر ان جو اثر ڏهين ۽ يارهين صدي هجريءَ ۾ نمايان ٿيو. سني علمائن جي نقطه نظر کان هن دور ۾ هڪ طرف طرح طرح بدعتي غير اسلامي رسمون سنڌي مسلمانن ۾ نظر اچڻ لڳيون ته ٻئي طرف نو مسلم سنڌي مسلمانن ۾ تعليم جي گهٽتائي ۽ مذهبي احڪام کان

واقفيت جي فقدان سبب سندن مناسب ديني رهنمائي تي نٿي سگهي. جيتوڻيڪ فقط شهرن ۾ تمام گهٽيون ديني تعليمي درسگاهون هيون. پر عام ماڻهو عربي ۽ پارسيءَ کان واقف نه هئا. ٻئي طرف سنڌي ۽ ۾ ڪجهه اهڙن ڪتابن لکجڻ جو سلسلو شروع ٿي چڪو هو جن ۾ ظاهر ڪيل راين ۽ مطلبن سان سنڌ جا فقيهه متفق نه هئا. هن حالتن کان متاثر ٿي مخدوم ابوالحسن ٺٽوي مغليه عهد حڪومت ۾ پهريون وقتائتو قدم کنيو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي الف - بي عربي رسم الخط ۾ تيار ڪري ان ۾ پهريون سنڌي ڪتاب نماز جي فقهي مسائل بابت جوڙيائين. جنهن جو تفصيلي احوال هن مقالي ۾ ٻئي هنڌ موجود آهي.

## ڪلهوڙن جي دور ۾ سنڌي عالمن جون علمي ڪوششون

ڪلهوڙن جي حڪومت قائم ٿي. ڪلهوڙن جا وڏا ڪنهن وقت ۾ طريقي جا مرشد هئا ۽ خود سيد محمد جو نپوري جا مريد هئا. ڪلهوڙن جو دور تاريخ جو نسبتاً ويجهو باب آهي. جنهن ڪري سنڌ جي علمي ماحول جي رونق هن دور ۾ زياده روشن نظر اچي ٿي. سنڌ ۾ هن دور جي علمي حالات ۽ ان کان اڳين دورن جي علمي واقعات جي وچ ۾ جيڪو خصوصي فرق نمايان ۽ قابل توجهه آهي سو هي آهي ته جڏهن ته اڳئين وقت ۾ سنڌ جي عالمن جي وڏي ڪثرت مغرب يا مشرق طرف هجرت ڪندي رهي. هن دور ۾ علماءَ جي اڪثريت پنهنجي وطن ۾ ئي رهي دين ۽ علم جي خدمت ڪئي. هن ئي دور ۾ سنڌ اندر هلايل مختلف مذهبي تحريڪن جو وڏو اثر ظاهر ٿيو. جن مان ڪن جي غلط تاثر کي زائل ڪرڻ لاءِ سنڌي عالمن کي سنڌيءَ ۾ ڪيترائي ڪتاب لکڻا پيا. مخدوم ابوالحسن هن سلسلي ۾ اڳيئي ابتدا ڪري چڪو هو. مخدوم محمد هاشم ان ۾ مزيد اضافو ڪيو. هن سيني بزرگن هن دور ۾ عربي فارسي سان گڏ سنڌيءَ ۾ به ديني ڪتابن لکڻ لاءِ قلم هٿ ۾ کنيو.

هن دور ۾ لکيل سنڌي ديني ڪتابن تي هڪ نظر وجهڻ سان يقين ٿئي

تو تہ ھي سڀ ڪتاب باھم مربوط آھن ۽ ڪنھن ھڪ ئي تجويز ۽ اڳ ۾ ڳنڍيل آھن. سي ... جو نتيجو آھن. جڻ سڀ ھڪ ئي زنجير جون جدا جدا ڪڙيون آھن.

ھن دور ۾ سنڌيءَ ۾ ديني ڪتاب لکڻ جي ابتدا ٻن مقصدن سان ڪئي وئي. ھڪ بدعتي رسمن کي روڪڻ لاءِ، ٻيو فقھي احڪام جي معلومات کي عوام ۾ وڌائڻ لاءِ. سنڌي عالمن پھرئين مقصد جي تڪميل لاءِ تنبيھہ ۽ نصيحت جو ھڪ سلسلو شروع ڪيو جنھن ۾ نصيحت جا عام ڪتاب ۽ مساجد لاءِ ديني احڪام تي مشتمل منظوم سنڌي خطبا شامل آھن. ٻئي مقصد جي حصول لاءِ پھريائين نماز جھڙي اھم ديني فريضي بابت فقھي احڪام جا ڪتاب لکيا ويا جھڙوڪ: **مقدمة الصلواة**، **ضياء جي سنڌي**، **ابراھيم جي سنڌي** وغيره. مخدوم محمد ھاشم ھن سلسلي کي اڳتي وڌايو ۽ سنڌ جي عام ماڻھن جي معاشرتي خواه تعليمي ضرورتن کي پوري ڪرڻ لاءِ ڪي ڪتاب ھن نيت سان پھرين عربي ۾ لکيا تہ انھن کي پوءِ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو وڃي. جن مان ٻن جو ترجمو خود پاڻ ئي ڪيائين ۽ ٻيا سندس وفات کان پوءِ ترجمو ڪيا ويا. ھنن ڪتابن مان ھڪ روزن جي احڪام ۽ ھڪ حج متعلق آھي ۽ ھڪ ۾ سيني شرعي فرائض جو بيان ڏنو ويو آھي. ھنن ٽنھي ڪتابن جو تعارف ھن مقالي ۾ اندر ڪرايو ويو آھي. مخدوم محمد ھاشم جو چوٿون ڪتاب حلال خوراڪ بابت آھي جنھن جو ذڪر پڻ مقالي ۾ موجود آھي.

نماز، روزي ۽ حج جا احڪام سنڌيءَ ۾ منتقل ٿيڻ کانپوءِ بزرگ علي اڪبر **حسن الاموال** نالي ڪتاب ۾ زڪواة جا فقھي احڪام سنڌيءَ ۾ سيڪاريا. جنھن کانپوءِ اسلام جي پنجن ئي ارڪانن بابت فقھہ جا سڀ اھم مسائل سنڌيءَ ۾ اچي چڪا.

عبادات سان گڏ معاشرتي زندگيءَ سان تعلق رکندڙ فقھي احڪام ڏانھن بہ توجھہ ڏنو ويو. بزرگ علي بن حافظ، ميراث جي احڪام بابت فقھہ جي مشھور ۽ مستند ڪتاب **سراجيءَ جو منظوم سنڌيءَ ۾ ترجمو** ڪيو ۽ مخدوم عبدالرحيم گرھوڙي اساس لافرائض جي نالي سان ميراث جي احڪام بابت ھڪ ڪتاب پنھنجي

طرفان منظوم سنڌيءَ ۾ تاليف ڪيو. مخدوم عبدالله نليويءَ شادي، نڪاح، طلاق، عدت، رضاع وغيره بابت منظوم سنڌي **سڳ نامو** تحرير ڪيو ۽ نماز جي انهن شعبن بابت هڪ ڪتاب **نورالابصار** لکيو. جي اڳين لکيل سنڌي ڪتابن ۾ بيان هيٺ نه آيا هئا. اهڙي طرح سنڌيءَ ۾ فقهي ڪتابن لکڻ جو سلسلو جاري ٿيو، پهرين منظوم ۽ پوءِ منثور سنڌيءَ ۾ نه فقط فقه پر ٻين ديني عنوانن تي به ڪتاب لکجڻ لڳا ۽ اڄ ڏينهن تائين هي سلسلو جاري آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ منتقل ڪيل فقهي مواد جو گهڻو ڀاڱو هن وقت ڪمياب آهي ۽ ڪجهه خصوصاً 'فتاويٰ' جو تمام وڏو حصو قلمي ذخيري جي صورت ۾ شخصي هٿن ۾ آهي، جنهن جي تلاش ڪرڻ، سهيڙڻ، سموهڻ ڪنهن فرد نه پر اداري جو ڪم آهي. تنهن ڪري هن مقالي ۾ فقط ايڪونجاهه مکيه ڪتاب جن مان گهڻا شايع ٿيل آهن، شامل ڪيا ويا آهن. هن مقالي لکڻ جو مقصد علم فقه سيکارڻ يا مسائل جي صحت تي سير حاصل بحث ڪرڻ هرگز نه آهي، پر فقط مذڪور ڪتابن جي علمي خزانه جي تعارف کي پيش ڪرڻ، سندن باهم ربط ظاهر ڪرڻ ۽ سندن مقصد جي يگانگت ۽ ارتقائي تسلسل کي پڌرو ڪرڻ آهي ۽ ان سان گڏ ڪجهه قدر سندن فقهي اهميت ۽ افاديت کي واضح ڪرڻ ۽ جيترو ممڪن ٿي سگهي اوترو تاريخي پس منظر بيان ڪرڻ پڻ مقصد ثانوي آهي ان سبب هر ڪنهن ڪتاب مان مخصوص مسائل جو انتخاب ڪري عام-فهم ٻوليءَ ۽ نثر ۾ لکيا ويا آهن. پر جتي اختلافي مسئلا آيل آهن اتي اختلاف طرف بنا ڪنهن راءِ ڏيڻ جو اشارو ڪيو ويو آهي. فقط ڪن ٿورين جاين تي ڪن اهڙن مسائل جي درستي ڪئي وئي آهي جي حنفي مذهب جي صريح ابتڙ آهن ۽ شبهه آهي ته وقت گذرڻ ڪاتبوءَ ڪنهن ڏارئين هٿ چراند جي نتيجي ۾ مذڪور ڪتابن ۾ داخل ٿي ويل آهن.

جن سنڌي فقهي ڪتابن جو ذڪر هن مقالي ۾ ٿي چڪو آهي انهن جي مؤلفن جون سوانح حيات به ڪوشش ڪري مقالي ۾ شامل ڪيون ويون آهن پر ڪن بزرگن جو مفصل ۽ ڪن جو مختصر احوال دستياب

ٿي سگهيو آهي ۽ اهڙا آهن جن جو احوال بلڪل حاصل ٿي نہ سگهيو آهي، جنهن ڪري انهن جي نالن کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ لکجي نہ سگهيو.

جيتوڻيڪ هڪ مقالوفقط ’ فقه‘ جي عنوان تي لکيل ڪتابن سان متعلق آهي پر علماءِ سنڌ جي تبليغي مقصدن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ نصحيت جي ذهن ڪتابن جو ذڪر هن باب ۾ ڪيو ويو آهي جي ’فقه‘ جي ايڪونجهاه ڪتابن جي تعداد ۾ شامل نہ آهن. هي بندو انهن سيني بزرگن ۽ دوستن جو نهايت احسانمند آهي جن هن مقالي لکڻ ۾سندس رهنمائي يا امداد ڪرڻ فرمائي. خصوصاً جناب استاد محترم ڊاڪٽر عبدالواحد صاحب جن جو، جن نہ فقط هن مقالي جو عنوان تجويز ڪيو پر بندي کي ان جي لکڻ لاءِ آماده ڪرڻ کانپوءِ ان جي دل وجان سان ۽ نهايت محنت ۽ جانفشانيءَ سان رهنمائي ڪرڻ فرمائي.

مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جن جو پڻ تهدل سان ممنون ۽ شڪر گذار آهيان، جنهن صاحب ڪمال فراخدليءَ سان مقالي جو مسودو نظر مان ڪڍي بندي کي قيمتي مشورن سان نوازيو ۽ پنهنجي ڪتبخاني مان ڪجهہ ناياب مواد کان مستفيض ٿيڻ جو موقعو عنايت فرمايو. جناب مولانا قاضي فتح رسول نظاماڻي صاحب ٽنڊو قيصر ۽ جناب حاجي شير محمد خان نظاماڻي، ٽنڊو قيصر جن پڻ هن بندي کي پنهنجي ذاتي ڪتبخانن مان ڪن ناياب نسخن ڏسڻ جي اجازت ڏني ۽ ڪي سهڻيون صلاحون عنايت ڪيون.

جناب مير علي احمد ٽالپر صاحب ٽنڊوميرمحمود ۽ جناب پروفيسر مير خادم حسين ٽالپر صاحب سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جن جو بہ هي احسان آهي تہ سندن عنايت سان بندو ڪتاب ’فرائض الاسلام‘ جي هڪ سنڌي ترجمي جي ناياب ۽ واحد قلمي نسخي تان استفادو ڪري سگهيو. مهربان دوست جناب عبدالرحيم بروهي صاحب، پرائمري استاد مين سنڌي اسڪول ڪوٽڙي جو ٿورو بہ وسارڻ جوڳو نہ آهي جنهن صاحب هن مقالي جو هڪ نقل پنهنجي خوشخط اکرن ۾ اتاري ڏنو.

# باب پهريون

## تنبيهون ۽ نصيحتون

سنڌي مسلمانن کي سنڌن ئي مادري ٻوليءَ ۾ ضروري ديني احڪام اخلاق ۽ ٻين نيڪين جي تعليم ڏيڻ لاءِ سنڌي عالمن جيڪو ٻوطرفو اقدام ڪيو، هنن بزرگن هن سلسلي ۾ هڪ طرف سنڌي ٻوليءَ ۾ فقهي احڪام تي ڪتاب لکيا تہ ٻئي طرف خلق خدا کي نيڪ عمل تي همٿائڻ ۽ براين کان بچائڻ لاءِ 'تنبيهن ۽ نصيحتن' جو سلسلو جاري ڪيو. هن مقالي جو مقصد فقط 'فقهي' ڪتابن جو تعارف پيش ڪرڻ آهي، سنڌي عالمن طرفان ديني تبليغ جي سنڌي ٻوليءَ ذريعي ڪيل ڪوششن کي نمايان ڪرڻ لاءِ هن قسم جي ڪن مکيہ سنڌي ڪتابن جو مختصر احوال ڏيڻ مناسب ٿيندو، جو انهن ۾ تنبيهہ ۽ نصيحت سان گڏ ڪي فقهي مسائل بہ ڏنل آهن. ان ڪانسواءِ هنن ڪتابن ذريعي سنڌ جي ان وقت جي معاشرتي حالتن تي ڪليل روشني پوي ٿي.

### ١. مطلوب المومنين

مطلوب المومنين عربي ڪتاب 'الطريقت المحمدي' جو ترجمو آهي جو 'ابودردا الطبراني' جو لکيل آهي. ڪتاب جو ترجمو ڪندڙ مخدوم عبدالخالق آهي جو مخدوم محمد هاشم جي شاگردن مان هو. ڪتاب ١١٥٧هہ/١٧٤٤ع ۾ ترجمو ڪيو ويو.سنڌي ڪتاب 'مطلوب المومنين' مخدوم محمد هاشم جي سنڌي ڪتابن 'ذبح شڪار' ۽ 'زاد الفقير' سان گڏ ڇپايل آهي، جن جو احوال هن مقالي جي ايندڙ صفحن ۾ ڏنو ويو آهي. مطلوب المومنين ۾ هينين موضوعن بابت لکيو ويو آهي؛ حياتي گذارڻ جوطريقو، عالم ۽ عابد، تبليغ ۽ عبادات، معاملات ۽ اخلاق، ميت جا احڪام، عافيت. اهي احڪام جن جي ڪرڻ جي منع آهي سي هي آهن.

**دل جا گناهہ؛** ڪفر، شرڪ ۽ جهل.

**زبان جون آفتون؛** ڪفر جو ڪلمو يا جنهن ڪلمي ۾ ڪفر جو ڊپ

هجي سو ارادتاً يا بنا ارادي يا چرچي ۾ چوڻ. ڪوڙ جنهن ۾ نہ اصلاح جو غرض هجي ۽ نہ زوريءَ چوايو وڃي، غيبت، چغلي، لعنت وغيره. پڌڻ جا گناهہ، نظر جا گناهہ، هٿن جا گناهہ، ڪاڏي پيتي سان تعلق رکندڙ ممنوعات.

## ٢. تنبيهہ الغافلين

هي ڪتاب ١٩ صدي عسيوي جي آخر ۾ بمبئي جي علوي پريس مان ڇپيو. ڪتاب جو مؤلف محمد اسماعيل آهي.

تنبيهہ الغافلين معاشرتي ۽ شخصي خرابين متعلق لکيل نصيحتن جو هڪڙو ننڍو رسالو آهي. هن رسالي جي ابتدا الله جل شانه جي تعريف سان ڪئي وئي آهي. ان کانپوءِ آنحضور صلي الله علي وسلم جي فرمان ۽ فرمودي جي پابندي جي اهميت سمجهائي وئي آهي ۽ پڙهندڙن کي ذهن نشين ڪيو آهي تہ انبياء عليهم السلام کانپوءِ نصيحت ڪرڻ ۽ نيڪي ڏانهن سڏڻ جو فرض عالمن تي آهي ڇاڪاڻ تہ حديث شريف جي ارشاد موجب عالم نبين جا وارث آهن. عام مسلمانن تي فرض آهي تہ علماء جي ڪيل نصيحت ۽ هدايتن تي عمل ڪن.

هن تمهيد کانپوءِ تنبيه الغافلين کي ٻن بابن ۾ ورهايو ويو آهي. پهريون باب معاشرتي خرابين بابت آهي ۽ ٻيو شخصي يا ذاتي ڪوتاهين بنسبت.

## ٣. ڪنزالعبرت

هي ڪتاب ڪڇ علائقي جي بزرگ عالم مخدوم عبدالله ولد محمد نلبوي جو ترتيب ڏنل آهي. هي ڪتاب سنہ ١١٧٥هہ/١٧٦٢ع ۾ لکجي مڪمل ٿيو. جنهن بابت مؤلف فرمائي ٿو تہ:

> تحقيق جڏهن هي تمام ٿيو نسخو سنڌيءَ واء
> تڏهن ڪنزالعبرت سنڌي رکيم تنهنجو ناء
> تيئن هٿا اڪاره سآ ۽ پنجهتر ورهن گذريا
> ڪنا هجرت حضرت رسول جي جو نورالانبيا

پڻ ڏيهين تاريخ سا هئي سندي ماه رمضانا
۽ ڏينهن هو سومار جو وقت نمار ضحيٰ.

ڪتاب ڪنزالعبرت پهريون دفعو بمبئيءَ مان شايع ڪيو ويو هو جنهن جو هڪ نسخو شمس العلماءِ ڊاڪٽر دائودپوٽو سنڌ گورنمينٽ لئبرري حيدرآباد ۾ محفوظ آهي. ان جو ٻيو ڇاپو جناب مولوي محمد مهاجر مدني صاحب سنه ١٣٨٠هه/١٩٦٠ع ۾ ڪراچيءَ مان شايع ڪرايو، جنهن جو مهاڳ ۽ ڪن جاين تي مختصر وضاحتي اشارا جناب مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جا لکيل آهن. هن اشاعت جو هڪ نسخو شعبهء اسلامي ثقافت ۽ تقابل اديان سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري جي سيمينار لئبرريءَ ۾ رکيل آهي ۽ اهوئي نسخو راقم الحروف جي سامهون آهي.

## ڪتاب ڪنزالعبرت جو مواد ۽ ترتيب

ڪتاب ڪنزالعبرت پنهنجي نالي جي صحيح تصوير آهي ۽ بيشڪ علم عبرت ۽ نصيحت جو هڪ ڀرپور خزانو آهي. هن ڪتاب ۾ ايمان، عبادات، معاملات، اخلاق، سيرت ۽ تاريخ جي موضوعن تي تحقيقي ۽ بصيرت افروز مواد جمع ڪيو ويو آهي. ڪتاب ان وقت جي دستور موجب وڻندڙ منظوم سنڌيءَ ۾ لکيو ويو آهي جنهن جا ٻه ڀاڱا آهن.

ڪنزالعبرت ۾ جيڪي موضوع شامل ڪيل آهن انهن تي هڪ نظر وجهڻ سان پهريائين معلوم ٿيندو ته هي ڪتاب شايد فقه تي لکيل آهي، پر پڙهڻ ڪانپوءِ خبر پوندي ته ڪنزالعبرت۾ شرعي ممنوعات جي فقط مذمت ڪيل آهي ۽ انهن ڳالهين ڪي ويجهو ويندڙ ۽ انهن سان رغبت رکندڙ ڪي سندن برن ۽ خطرناڪ نتيجن کان آگاهه ڪري تنبيهه ڪئي وئي آهي ته پنهنجي بهتريءَ خاطر اهڙن ڪمن کان پري رهن. ساڳي طرح شرعي امرن جي تعريف ڪري انهن تي عمل ڪرڻ جي ترغيب ڏياري وئي آهي. ڪتاب ۾ ٿورا فقهي مسئلا به ضمناً ڇاتايا ويا آهن پر ڪتاب لکڻ جو مقصد ’ علم فقه‘ سيکارڻ نه پر ’تنبيهه ۽ نصيحت‘ ڪرڻ آهي. مؤلف پاڻ فرمائي ٿو:

الاهي عبدالله چئي آءٌ ساريان سگهہ نہ ڪا
نہ مون علم نہ عمل ڪي اي صاحب سڀاجها
ڪريان جهد جنهن سين منجهہ تنهنجي محبتا
نڪو قدرت پنهنجي نہ ڪوشش ڪير ڪا
سا صاحب تون سهڪي ڪرين سڀ پنهنجي ڪرما
ڪر قبول ڪريم ڏٺي مون ڪميني ڪنا
ڏاتار ڏيارج تنهنجو تون اجر ۾ عقبا
عفوڪر احسان سين مون خاطيءَ جي خطا
ڪو قدر حديثن حبيب جو ڪڍي ڪتابنئا
جوڙي اتم جمع ڪيو ڪارڻ نصيحتا
سنڌي ڪيم تنهنجي خالص لڳ خدا
چان مان نفع تن رسي جي عاري اهوجهہ غريبا

تنهن ڪري هن ڪتاب کي نصيحت جي باب ۾ شامل ڪيو ويو آهي.
ڪتاب ۾ 'منڪر' ۽ 'معروف' ٻنهي جو بيان آهي.

نماز متعلق پڻ ڪي بہ فقهي احڪام ڪنزالعبرت ۾ ڏنل ناهن سواءِ ڪن ٿورن جي، جي ضمناً اچي ويا آهن. پر نماز جي فرضيت بابت تاڪيد، ان جا فضائل ۽ بي نمازيءَ لاءِ وعيد بابت قرآن پاڪ ۽ حديث شريف جا احڪام ڪتاب ۾ نهايت تفصيل سان بيان ڪيل آهن.

ڪتاب ڪنزالعبرة ۾ ڪيترن شرعي حڪمن جو ذڪر ڪري انهن جي پابنديءَ جو تاڪيد ڪيو ويو آهي. ساڳي طرح شرعي ممنوعات کان تمام سخت لفظن ۾ پاڻ بچائڻ جي نصيحت ۽ تنبيهہ ڪئي وئي آهي جن مڙني جو بيان ڪرڻ هت مشڪل آهي پر سرسري ڄاڻ لاءِ انهن جا نالا هت لکجن ٿا.

**منڪر ۽ معروف:** غيبت ڪرڻ، نسبت تي فخر، قتل، شرڪ، زنا، دنيوي عشق، نا محرمات کي ڏسڻ، سوال ڪرڻ، سرود ۽ سماع، ميڙا، قبا ۽ پڪيون قبرون نهرائڻ، غير شرعي نذر باسڻ، عورتن کي قبر جي زيارت ڪرڻ، خمر، وياج، دنياوي دوستي، ريا، ڪبيرا گناهہ، ميتن لاءِ رئڻ ۽ تابوت ناهڻ.

محبت الاهي، پرهيز گاري، ڪسب حلال، نڪاح، مردن ڪي قبرن جي زيارت ڪرڻ، امربالمعروف ۽ نهي عن المنڪر ڪرڻ، علم جي فضيلت ۽ شهادت.

**عبادات:** وضو، نماز، روزو،زڪواة، نفلي صدقو ۽ حج.

**ايمان ۽ عقائد:** ايمان، ڪفر جا ڪلما ۽ موت ۽ قبر جو بيان.

**تاريخ:** حضرت ابراهيم جو قصو، نمرود جو خراب ٿيڻ، حضرت موسيٰ جو قصو، قارون ۽ فرعون جي نافرماني، حضرت جرجيس جو قصو،بيبي مريم ۽ حضرت عيسيٰ جو قصو،حضرت يحيٰ جو قصو، حضرت امير عُمر جو اسلام آڻڻ، حضرت ابوبڪر صديق رضہ جا فضائل، بيت الله شريف جو بنياد پوڻ.

**سيرت پاڪ:** غزواة، شجاعت، معراج،زهد، رحلت.

**متفرق:** ابليس جي عداوت، هدايت، استقامت، پيغمبر صلي الله عليہ وسلم جن جي زيارت، حقوق العباد ۽ مسجد جا احڪام.

**نصيحت:** ڪنزالعبرة جو آخري باب عام نصيحت لاءِ آهي.

## ۴. نصيحت نامو

مطبع علوي بمبئي مان سنہ ١٣٢٧هہ/١٩٠٩ع ۾ ڇپيو. نصيحت نامي جو مؤلف مخدوم عبدالله نليوي (نربي وار)آهي.

الاهي عبدالله چوي ٻي مونڪي مهار نہ ڪا
نڪو وسيلو ڏاريان ري تو رحيما.

ڪتاب نصيحت نامي جي نالي مان ئي ظاهر آهي تہ هي ڪتاب عام نصيحت جي موضوع تي لکيو ويو آهي. نصيحت نامي ۾ معاشري جي خاص برائين۽ غلط رسمن جي نشان دهي ڪري انهن جي برن نتيجن کان خبردار ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ ڪوڙن پيرن، مڪارمرشدن،ٺڳ فقيرن، علماء سوء، بخيل دولتمند، مسرف، متڪبر، ۽ ظالم اميرن، راشي ڪامورن، لالچي واپارين، بي ايمان ڪاسبين ۽ زن مريد مردن جي مذمت ڪيل آهي.

برين رسمن مان شاديءَ جي ڏيتي ڪرڻ، وياج تي پيسا قرض کڻڻ، خوشامد ڪرڻ، ميڙن هڻائڻ، بي پردگي وغيره رسمن جون برايون بيان ڪيون ويون آهن.

## ٥. حقوق الزوجين

هن ڪتاب جي مؤلف جو نالو ڪتاب ۾ ڄاڻايل نہ آهي پر اسلوب ساڳيو نصيحت نامي جهڙو آهي. تنهنڪري سمجهجي ٿو تہ هن ڪتاب جو مؤلف بہ مخدوم عبدالله نلبوي آهي.

**حقوق الزوجين جو مواد:** ڪتاب جي نالي پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ هي ڪتاب شايد زوجين جي باهمي حقن ۽ فرضن بابت فقهي احڪام تي مشتمل آهي، پر هن ڪتاب ۾ زوجين جي باهمي حقن ۽ فرضن جي فقهي احڪام جو گهڻو تذڪرو ڪيو نہ ويو آهي بلڪہ زوجين کي باهمي تعلقات خوشگوار طرح قائم رکڻ ۽ نباهڻ بابت هن ڪتاب ۾ فقط نيڪ نصيحتون ڪيون ويون آهن ۽ ڪن هنڌن سخت لفظن ۾ تنبيهہ پڻ ڪئي وئي آهي.

## ٦. موت نامو

"موت نامي"جو مؤلف هڪ بزرگ 'حبيب' آهي جنهن جو نالو ڪتاب جي آخر ۾ آيل آهي. سندس نالو ٻن جاين تي جدا جدا بيتن ۾ ذڪر آهي، جي هي آهن:

هاڻ آءٌ آهيان تنهنجي آسري تون آهين ستارا
الاهي عاصي اهوجهہ 'حبيب' کي آهہ تو ڏنهن اميدا
آهيان درگاهہ سندي دوست جي ٻاڙي پينارا
سڻ سوال منهنجو سيدا اي؛ عاصين آڌارا
ڏٺي؛ جي درگاهہ ۾ اوهين اڄها عرض ڪڄاهہ
رک حفظ منجهہ 'حبيب' کي ڏي هادي هدايا

ڪتاب موت نامي کي ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. پهرئين ۾ ملائڪن طرفان هڪ انسان جي روح قبض ڪرڻ جو طريقو، موت جي

ڪيفيت، نيڪ ۽ بد انسان جي موت جي حالتن ۾ فرق وغيره ڳالهين تي روشني وڌي وئي آهي. ٻيو حصو انهن نصيحتن جو آهي، جي موت جي يادگيري ڏياري ماڻهن ۾ اثر پيدا ڪرڻ لاءِ سندن گوشگذار ڪيون ويندیون آهن.

## ٧. تنبيهہ الجاهلين

ڪتاب تنبيهہ الجاهلين پهريون دفعو بمبئي جي ناشر قاضي نورمحمد ابن عبدالڪريم مطبع نامي ڪريمي مان سن ١٣٣٦هہ/١٩١٧ع ۾ شايع ڪرايو هو. هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو مسٽر شولداس ٽانورداس تاجر ڪتب شڪارپور سنڌ مفيد عام پريس لاهور مان ڇپائي پڌرو ڪيو. مذڪور ٻنهي نسخن ۾ ڪٿي بہ سندس مؤلف جو نالو ڄاڻايل نہ آهي. سر رچرڊ برٽن پنهنجي ڪتاب 'سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ جون وسندڙ قومون' ۾ مخدوم عبدالله نليوي رحہ کي هن ڪتاب جو لکندڙ ڄاڻائي ٿو.

ڪتاب تنبيهہ الجاهلين جا ڪل چار باب آهن. پهريون باب نماز پڙهڻ جي تاڪيد ۾ آهي. ٻيو باب نماز ۾ سستي ۽ غفلت سان پڙهڻ بابت آهي. ٽئين باب ۾ رمضان شريف جي روزن جي برڪتن جو بيان آهي ۽ روزن جي تارڪ تي سٽ ڪئي وئي آهي، ۽ چوٿين باب ۾ بدعتن جي برائي نروار ڪئي وئي آهي، خصوصاً محرم جي پهرين ڏهي جي رسمن متعلق.

هيٺ ڪتاب تنبيهہ الجاهلين مان چند سٽون منتخب ڪري نموني طور پيش ڪجن ٿيون:

### نماز لاءِ تاڪيد

تانت ڪريو نينهن نمازين رات ۽ ڏينها
دنيا آهي ڇانوَ وڻ جي وهو مَ ويسرا
جيئن سج ڪپارا لڙي وري اچي ڏينهن متا
ڪريو سمر تنهن ۾ ساري سفر لاءِ
وڏو سمرو سنيائيو اوڪو آهہ اڪيا
توشو ڪريو تنهن جو ڪو سعي سامانا

الدنيا مرزعة الآخرة سڄو خبر اها
پوک نہ چڏيو پنهنجي پيلايو نہ پورا
نصيحت ناقص جي سڀ سٽي ياد ڪجا
شاعر آهيان ڪينڪي مون تا ماٺ جڳاءِ
ڪنهن ڪنهن ماٺ ڪان آ گهڻو پلي گفتارا
پر چوان مسئلا دين سندا تين اظهارا
مان مون موٽي ڪو تہ ٿيم اجر ثوابا
سائينم سڻيندڙن کي ڪر هادي هدايتا
تہ عمل ٿئين تنهن تي جيڪي ڪريان مذڪورا

رمضان جا روزا

روزا جي رمضان جا سي فرض نماز جهڙا
جني نہ مڃيو امر الله جو ڪافر سي ٿيا
نڪي پڙهن نماز ڪي نڪي رکن روزا
فقير چائين پر آهن شيطانن جا ياءَ
ڪن آشنائي تن سي جي ورسيا آهن واٽا
کيڻ پيڻ رمضان جي ڏينهن ۾ آهي حراما
علم ري ماڻهو آهن سيئي انڌا
نڪي ٻجهن حلال کي نڪي سڃاڻن حراما

## ٨. بخل الاموال

زڪواة جي فقهي احڪام بابت هڪ ڪتاب حسن الاموال جي نالي سان بزرگ علي اڪبر جو لکيل آهي. جنهن جو احوال هن مقالي ۾ ٻئي هنڌ ڏنل آهي. حسن الاموال سان گڏ مخدوم عبدالصمد پنهنجي طرفان پنج صفحا بخل الاموال جي نالي سان اضافي طور لکي حسن الاموال سان گڏ ئي شايع ڪرايا هئا. بخل الاموال ۾ زڪواة ڏيڻ جي فضيلت ۽ نہ ڏيڻ جي مذمت ڪئي وئي آهي. مثلاً

آهي ڪتابن سڀورن ۾ اهڙي پچارا

تہ جني ڏکواتون کين ڏنائون کيائون مال مٺا
بخل کيائون رب جي وانئي ڏيڻ کنا
ڪري واهيپ مال جي مري لڏي وهيا
تن جا وارث نيڪ جان هوندا کي پُنيا
جي ڪندا خرچ تنهن مال کي راهہ منجهہ مولا
تان لکبا سبب تن جي پوئين جا درجا
سا سڄهو خبر مال ڏٺي تا هنجون هاريندا
تا پڇندا پنهنجي پر ۾ ووءِ ووءِ کيو واءِ
تہ ميڙيا اسان ڏکن سين هي ساڳهي مال هٺا
جي ٿيا هنين ڇوٽکو ۽ اسان حق عذابا
ڪاش کي اسان پنهنجي هٿن سي جي هي مال هٺا ڏنا
تہ هوند اجر اسان کي پڙ پيو ۽ ڇٽاسون عذابا
پر اسان حق مصيبت هي مال ٿيو بخل جي سببا

سنڌي عالمن نصيحت ۽ تنبيهہ جي ڪتابن لکڻ سان گڏ مسجدن ۾ بہ جمعي جي ڏينهن منظوم سنڌي خطبا پڙهڻ جو رواج جاري ڪيو. جيتوڻيڪ ڪن حنفي عالمن جي راهہ موجب عربي کانسواءِ ٻي ٻوليءَ ۾ جمعي ڏينهن خطبو پڙهڻ سنت جي خلاف آهي پر سنڌي عالمن عام ۾ پلائي لاءِ نصحيت جو مضمون مادري ٻوليءَ ذريعي عام ماڻهن جي سطح تائين پهچائڻ زياده مناسب ڄاتو. سنت جي پيروي لاءِ ابتدا ۾ عربيءَ ۾ حمد، صلواة ۽ اصحاب ڪرام جي تعريف عربيءَ ۾ قائم رکيائون ۽ اختتام وقت دعائيہ ڪلما پڻ عربيءَ ۾ پڙهندا رهيا. سنڌ ۾ قديم زماني کان ڪيترائي خطبن جا ڪتاب منظوم سنڌيءَ ۾ شايع ٿي چڪا آهن، پر انهن مان گهڻن جي اصل مؤلفن جي نالن جي خبر پئجي نہ سگهي آهي. هن خطبن جو شعر بہ زياده پختو ۽ وڻندڙ آهي هيٺ اهڙن ٻن خطبن جا مثال ڏجن ٿا.

## ٩. مجموعه خطب سنڌي

سنڌي خطبن جو هي مجموعو شيخ عبدالرحمان بن مرحوم شيخ عبدالله ۽ حاجي خان بن خان بهادر احمد خان مقيم ڪراچي بندر اسلامي دڪان جن جي اهتمام سان سنه ١٣٢٥هه/١٩٠٧ع ۾ مطبع گلزار حسني بمبئي مان ڇپائي شايع ڪيو ويو هو. هن ڪتاب ۾ هي ڄاڻايل نه آهي ته منجهس جي منظوم خطبا جمع آهن، سي اصل ڪنهن جا ۽ ڪهڙي وقت جا ڳاهيل آهن. منظوم خطبن سان گڏ هن ڪتاب ۾ ڪي وعظ نثر ۾ به لکيل آهن، ٻولي ويجهي دور جي لڳي ٿي. سنڌي اشعار مان ٿورا نمونا طور هيٺ ڏجن ٿا.

اي دل سدا هوشيار رهه - جاڳي اها تون سار لهه
غافل نه ٿي ساڃهر سمهه -غفلت سندي اٿ تان اُلهه
حق پاڪ جا واعدا وسهه-الله اڪبر ياد ڪر.
دنيا ڪي فاني ڄاڻ تون- ڪڻ نيڪيون سڀ ساڻ تون
ڪو دم آهين مهمان تون - پنهنجو بچائج پاڻ تون
ڪر نفس ماري پاڻ تون-الله اڪبر ياد ڪر.
تسبيح ۽ تهليل پڙهه- ٻاري اندر قنديل ڪڙهه
موڳا مَ ٿي بي روح مڙهه- اڳيان اٿئي اونداهه لڙهه
توبه ڪري ان چاڙهه چڙهه- الله اڪبر ياد ڪر.
روئي رتائج تون اکيون- ڪيهون ڪجان پر اڻ لکيون
ڏي نفس کي ٻک جون چکيون- تيزيون قبر جون سڀ تکيون
رت هار ڳوڙهن جون رسيون- الله اڪبر ياد ڪر.
شب روز ڪر صالح عمل- همراهه هي محشر محل
سي ڪر متان ڄاڻين سهل- اڳيان نه پئي ٻئي ڪي ڪهل
خطرا خسارا ڇڏ خلل- الله اڪبر ياد ڪر.
ڪنهن جي نه ڪر ڪڏهين ڀڳي- توبه ڪري تون ڇڏ ٺڳي
ڇا هٿ ڪيئي ناحق وڳي- اهڙو لکڻ ويندءِ لڳي
جو ڪينڪي سگهندين ٽڳي- الله اڪبر ياد ڪر.

## ١٠. سنڌي خطبا

سنڌي خطبن جو هي مجموعو به چوڏهين صديءَ جي ابتدا ۾ حافظ رڪن الدين جي اهتمام سان مطبع فيض سبحاني جامع مسجد ڪوٽڙيءَ مان ڇپائي شايع ڪيو ويو پر اها خبر پئجي نه ٿي سگهي ته هنن خطبن جو مؤلف ڪير هو ۽ سندس زمانو ڪهڙو هو. هڪ منظوم خطبي جا چند اشعار نموني طور هيٺ ڏجن ٿا.

عزيزو ڀائرو يارو- اوهان جو پڻ اچي وارو
ڇڏي هي ماڳ موچارو- هليا هلندو بقا جي دار
صحيح هن ڳالهه کي ڄڻجو- هيين ۾ هوش سان هڻجو
تڪي توري ادا ڪڄجو- سمر پنهنجو منجهان سنسار
اڳيان ٻيبان رڻ رائي- هلي تو سان نه ٻي مائي
قبر ۾ صاف اونڌائي- ڏياٽي ڪا عمل جي ٻار

مذڪورين ڪتابن کانسواءِ ٻيا به ڪيترائي سنڌي منظوم خطبا شايع ٿي چڪا آهن، جن مان هن وقت مخدوم محمد عثمان ڪورواهي جا خطبا، مولوي هدايت الله مشتاق متعلوي جا خطبا، حافظ حامد ٽڪڙائي جا خطبا ۽ غلام رسول جتوئي محراب پوري جا خطبا سنڌ جي مساجد ۾ گهڻو ڪري مروج آهن.

## مولود مداحون

سنڌ جي عالمن تبليغ ۽ نصيحت لاءِ هڪ نئون طريقو به ايجاد ڪيو. جنهن کي مولود ۽ مداحون سڏيو ويندو آهي. مولود ۽مداحن جي نظم ۾ حمد، نعت، منقبت، نصيحت، سيرت، تاريخي واقعات وغيره متعلق مضمون قلمبند ٿيل هوندا آهن. هنن مولودن ۽ مداحن کي وجدي انداز ۾ مٺي الحان سان پڙهبو آهي. پر ساز يا مضامين جي تضع ۽ بدعت کان بلڪل پاڪ هوندا آهن. هن قسم جي ڪلام جي تاريخ ڪيتري به قديم هجي پر انهن جي موجوده صورت ڪلهوڙن جي دور جي سنڌي

عالمن جي مرهون منت آهي. مخدوم عبالرؤف ڀٽي جو نالو هن سلسلي ۾ سڀ کان اول آهي. ڇاڪاڻ تہ هن بزرگ سنڌيءَ ۾ هن صنف سان موزون ڪلام جي ابتدا ڪئي. ڪانئس پوءِ مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي جون مداحون مشهور ٿيون. هنن عالمن ڪانسواءِ جديد دور ۾ مولوي علي محمد مهيري، پير محمد اشرف ڪاماري وارو ۽ ٻيا ڪيترا عالم آهن جن هن قسم جو ڪلام چيو آهي.

❁ ❁

# باب ٻيو

# فقهي ادب جو ابتدائي دور

هن باب ۾ ٻارهين صدي هجريءَ جي پوئين اڌ کان ٻارهين صديءَ جي اوائلي سالن تائين تقريباً منيءَ صديءَ ۾ جيڪي ڪتاب لکيا ويا تن مان ڪن جو ذڪر آهي. هي سڀ ڪتاب عبادتي مسائل متعلق آهن. ڇاڪاڻ ته ابتدائي دور ۾ فقه عبادات جي اهميت تي زياده زور ڏنو ويو هو. هن باب ۾ فقه جا هيٺيان ڪتاب شامل ڪيا ويا آهن.

١. مقدمة الصلواة عرف ابوالحسن جي سنڌي: مخدوم ابوالحسن ٺٽوي.

٢. ضياء الدين جي سنڌي : مخدوم ضياء الدين ٺٽوي

٣. ميان ابراهيم جي سنڌي: مخدوم محمد ابراهيم ڀٽي

٤. ساڍيون ڇهه ويهون فرضن جون: حاجي محمد هَليو

## مقدمة الصلواة عرف ابوالحسن جي سنڌي

مخدوم ابوالحسن ٺٽوي سنڌ جو اهم عالم، فاضل، عارف ۽ باڪمال بزرگ هو. جنهن سنڌي ٻولي لکڻ لاءِ عربي رسم الخط ۾ سنڌيءَ جا گهربل حروف تهجي سڀ کان پهرين جوڙي راس ڪيا. سندس هن ڪوشش کي ان ڏينهن کان اڄ تائين علمي حلقن ۾ تحسين جي نظر سان ڏٺو پئي ويو آهي. سلطان العلماء مخدوم محمد هاشم سندس هن سرجوشيءَ مان قوم کي پهتل منفعت جو قائل هو ۽ شمس العلماء ڊاڪٽر دائود پوٽو مرحوم هن راءِ ڏانهن مائل هو ته سندس جوڙيل سنڌي الف- ب ۾ جيڪي نزاڪتون ۽ خوبيون هيون، سي موجوده سنڌي الف- ب ۾ ڏسڻ ۾ نه ٿيون اچن. مطلب ته سندس سعي سبب هڪ طرف ديني تبليغ لاءِ نئين واٽ هموار ٿي، ٻئي طرف مادري ٻوليءَ ذريعي تعليم ۽ تدريس جو بنياد پيو ته ٽئين طرف شروعاتي سنڌي شعر ۾ شعور ۽ شعار پيدا ٿيا.

مخدوم شيخ ابوالحسن ولد عبدالعزيز ٻارهين صدي هجري جي

پهرئين اڏ ۾ ڪنهن سال سنڌ جي پايہ تخت ۽ ديني علم جي مرڪز ٺٽي ۾ تولد ٿيو هو. سندس ولادت جو سال اندازاً ١٠٧٥هه/١٦٦٤ع چيو وڃي ٿو. پر ان جو ڪو يقيني ثبوت ڪونہ ٿو ملي. بلڪہ ڪن اهڃاڻن مان سندس ولادت هن سال ڪان پنجاهہ ورهيہ اڳ پڻ معلوم ٿئي. سندس آبا و اجداد قديم زماني ڪان ديني ۽ علمي ماحول سان منسلڪ هئا ۽ تبليغ دين، درس تدريس ۽ مسجد جي امامت سندن خانداني شيوو هو. تنهن ڪري مخدوم ابوالحسن بہ ننڍي هوندي ڪان ئي ديني علم ڏانهن راغب ٿيو. ٺٽي نگر جهڙي ڏاهپ ۽ حڪمت جي هندوري ۾ پروش وٺي نيٺ ديني علم جي اعليٰ معيار سان همڪنار ٿيو. سندس سڄي عمر هن ئي شهر ۾ گذري.

وڏي هوندي هن مسجد جي امامت جو بار سنڀاليو ۽ هڪ ديني درسگاهہ ۾ فقه جو درس ڏيڻ شروع ڪيائين. مسجد جي امامت ۽ تدريس سان گڏ تبليغ، تحرير ۽ تصنيف جو ڪم بہ ڪندو رهيو. ڪن محققن جو چوڻ آهي تہ سندس ڪي عربي تصنيفون بہ هيون. دين جي تبليغ سان سندس خاص شغف هو. پاڻ درويش صفت عالم ليکيو ويندو هو. سندس علميت، فقهي چاڻ خواهہ اعليٰ روحاني منزلت مسلم هيون. سندس ڪي ڪرامتون بہ مشهور آهن جي هت لکجن ٿيون. هڪ هيءَ تہ جڏهن تمام وڏي عمر کي رسيو ۽ امامت جي بار سنڀالڻ ۾ ڪجهہ ڏکيائي محسوس ڪيائين تڏهن پنهنجي اهليہ جي ڀاڻيجي ميان عبدالله عرف ميان موريي کي هڪ دفعو ظهر نماز تي امامت ڪرڻ لاءِ چيائين. هو ان وقت اڃان ننڍو هو ۽ ڏاڙهي آيل نہ هئس، تنهنڪري عذر پيش ڪيائين. مخدوم ابوالحسن شفقت ۽ برڪت ڀريا هٿڙا سندس ڳلن تي دعا ڪندي ڦيريا، عصر وقت ميان عبدالله کي ڳلن تي ڏاڙهي نسري آئي. تنهن ڪري اڳيان ٻيهي امامت ڪرائي سگهيو.

ٻي ڪرامت هيءَ تہ وقت جي نواب جي ڪنهن ڦهار ڪاموري خلاف، ڪو ٻيواهو مسڪين مخدوم محترم وٽ دانهن کڻي آيو تہ هو ظالم، ڏاڍ ۽ ڏهڪار سان سندس لوڙهو لتاڙيو، آبرو لاهيو هليو ويندو هو. ميين ابوالحسن ساڳئي ميين موريي هٿان پير پنهنجي وليءَ ڏانهن سلام

ڏياري موڪليا. ’چي خلق خدا تان ههڙا هاچا تہ هتارايو‘. ٻئي ڏينهن اهو جفاڪار، الله جي حڪم سان ڪنهن اپيءَ ۽ تڪيءَ ڪَٽ تي ڪنهن سبب جيئن پيٽ ڀر ڪريو تيئن مئو. وري نہ اٿيو ۽ ڪيفر ڪردار کي پهتو.

علامہ محدث محمد قائم ٺٽوي سندس مخلص ارادتمند هو ۽ ڪيس ’شيخ، امام قدوة الهمام، سيدناومولانا‘ جهڙن خطابن سان ياد ڪري ٿو. علامہ مخدوم محمد هاشم پڻ هن بزرگ لاءِ ’عارف ڪبيرءِ صالح شهير‘ جهڙا القاب استعمال ڪيا آهن ۽ سندس صلاحيت ۽ علمي ڪمال جو اعتراف پڻ ڪيو اٿس ۽ قبول ڪيو اٿس تہ ماڻهن ۾ سندس وقار ۽ اعليٰ علمي حيثيت سبب ڪين ڪجهہ وقت مقدمة الصلواة جي اصلاح لاءِ قلم کڻڻ تي تذبذب ۾ پئي ٿيو. پر آخر ديني فرض سمجهي ان کان غافل رهي نہ سگهيو ۽ ’مقدمة الصلواة‘ جي تصحيح لاءِ ’اصلاح مقدمة الصلواة‘ نالي ڪتاب لکيائين.

جڏهن مخدوم محمد هاشم طرفان مذڪوره ڪتاب منظر عام تي آيو تڏهن مخدوم ابوالحسن جي شاگردن ۽ معتقدن ۾ ناراضگيءَ جي لهر ڊوڙي وئي ۽ منجهائن مخدوم محمد قائم ’اصلاح‘ جو رد ٺاهي، ان ڪتاب جي مد مقابل پيش ڪيو. هن رد جي جواب ۾ مخدوم محمد هاشم ’الشفاء الدائم‘ پڌروڪيو. ان ڪتاب ۾ ٻين ڳالهين سان گڏ مخدوم ابوالحسن جي علميت متعلق هيءَ راءِ ڏنائين:

”شيخ ابوالحسن سنڌي جيتوڻيڪ پرهيز گار انسان هو. الله تعاليٰ ان کان اسان کي نفعو پهچايو. پر هو علم حديث جو ڄاڻو نہ هو. فقط فارسي ڄاڻندو هو. جيئن عبادات ۾ ’مجموعہ خاني‘، ’مجموعہ سلطاني‘ ۽ ترغيب الصلواة‘ فقه ڄاڻندو هو.“

مخدوم محمد هاشم جي هيءَ راءِ وقتي جوش ۽ بحث جي گرما گرميءَ جو نتيجو ٿي ٿي پائنجي. ڇاڪاڻ تہ ان کان اڳ پاڻ مخدوم ابوالحسن جي بزرگيءَ ۽ پرهيزگاري سان گڏ سندس علميت کي بہ تسليم ڪيو اٿس. ٻئي طرف ٻنهي بزرگن جي عمرين جي وچ ۾ تقريباً مُني صديءَ جو فرق هو. جنهن سبب مخدوم محمد هاشم لاءِ

مخدوم ابوالحس جي تعليمي معيار جو پورو اندازو لڳائڻ آسان نہ هو. بهرحال مخدوم محمد هاشم جي هن راءِ جي قطع نظر ٻيا ڪيترا ٻيروني خواهہ 'مقدمة الصلواة' مان اندروني شواهد ملن ٿا جي ڏيکارين ٿا تہ مخدوم ابوالحسن هڪ وڏو ديني عالم هو. ٻيروني شواهد ۾ مخدوم محمد قائم جي راءِ ۽ مخدوم محمد هاشم جو پهريون قول ڪافي آهن. ان ڪانسواءِ ٺٽي جهڙي علمي مرڪز ۾ مسجد جو امام هجڻ هڪ وڏي عالم جو ڪم هو. خصوصاً هن مسئلي جي پيش نظر تہ ٻي علم پيش امام جي پٺيان عالمن جي نماز پڙهڻ سان سڀي جماعت جي نماز ڀڄندي، مسئلو خود مخدوم ابوالحس مقدمة الصلواة ۾ لکيو آهي. تنهن ڪانسواءِ ٽي سئو ورهيہ اڳ جي ديني ۽ علمي ماحول ۾ نماز جهڙي اهم فرض تي قلم ڪڻڻ ڪنهن گهٽ علمي مايہ رکندڙ شخص لاءِ ممڪن نہ هو. ڪي مصنف تہ مخدوم ابوالحسن جي لکيل عربي ڪتابن جو بہ ذڪر ڪن ٿا.

اندروني شواهد طور ڪتاب ۾ ڏنل فقهي معلومات عربي دعائن جو منظوم سنڌي ترجمو ۽ عربي ڪتابن مان آندل حوالا، پيش ڪري سگهجن ٿا. جن ڪتابن متعلق مخدوم محمد هاشم اشارو ڏنو آهي انهن مان هڪ مان بہ مخدوم ابوالحسن مقدمة الصلواة ۾ ڪو حوالو نہ ڏنو آهي. مٿيون مڙئي حقيقتون تصديق ڪن ٿيون تہ مخدوم ابوالحسن هڪ عالم ۽ فاضل شخص هو.

بزرگ ابوالحسن ڪي 'تحفة الڪرام' ۽ 'تحفة الطاهرين' ٻنهي ڪتابن ۾ 'مخدوم' نہ پر 'ميان' لکيو ويو آهي، انهيءَ سبب ڪري بہ بعض ذهنن ۾ سندس علمي تبحر متعلق ڪي شبهات ملن ٿا. جنهن جو اصلي سبب هي آهي تہ ڪن مصنفن جي غلط سوچ مطابق 'مخدوم' ۽ 'ميان' جڻ ڪي بہ علحده علمي فضيلتون يا درجا هئا. جن ٻنهي جي وچ ۾ علمي تبحر جي بنياد تي ڪا حد فاضل مقرر هئي. مثلاً مخدوم عبدالله واعظ جي بيان ۾ اڪثر لکيل ڏنو ويو آهي تہ "پاڻ علمي فضيلت جي ڪري 'ميان' جي درجي مان 'مخدوم' جي عاليشان درجي تي پهتو هو" پر غور سان ڏنو وڃي تہ اهڙو ڪو بہ فرق موجود نہ هو.

سنڌ ۾ ان زماني ۾ علماء ڪرام لاءِ 'مولوي'، 'مولانا'، يا 'علامه' جهڙا خطاب مروج نہ هئا. عام طرح 'ميون' ۽ 'مخدوم' ٻئي لفظ استعمال ٿيندا رهيا آهن. مثلاً مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي يا ميون عبدالرحيم گرهوڙي. مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي جي استاد محترم کي بہ ميون ميين چيو ويندو هو. باوجوديڪ هي بزرگ ان وقت چوٽيارن جي نامور مدرسي جو مدار المهام هو. ميون محمد، سيد علي محمد شاهہ دائري واري جو استاد هو ۽ ان وقت ۾ سنڌ اندر مشهور 'مخدومين' مان هڪ هو۽ هڪ ماهر فقيهہ هو. جنهن ڪتاب 'فتح القدير' جي تحرير رد ڪئي هئي. ميون محمد شجاع هالائي ٻيو ماهر فقيهہ هو. جنهن ڪتاب 'نهرالفائق' جي عبارت کي پڪو هو. هي ٻئي بزرگ 'ميان' سڏيا ۽ لکيا ويا آهن. تنهنڪري چئي سگهجي ٿو. تہ 'ميون' ۽ 'مخدوم' جا القاب ڪنهن علمي لياقت جي بنياد تي جدا جدا علماء لاءِ استعمال ڪيا نہ ويندا هئا.

مشهور انگريز مصنف رچرڊ برٽن ميرن جي صاحبيءَ ۾ سنڌ اندر تعليمي سرشتي جو ذڪر ڪندي ڄاڻايو آهي تہ ان وقت تعليم لاءِ درسگاهون ٽن درجن ۾ ورهايل هيون. ابتدائي درسگاهن کي مڪتب ۽ ثانوي درسگاهن کي مدرسو چيو ويندو هو.

مٿين سڄي بحث مان هي ثابت ٿيو تہ مخدوم ابوالحسن کي 'ميان' لکڻ سان سندس علمي معيار ۾ ڪنهن گهٽتائيءَ طرف اشارو نہ ٿو ملي پر اهو لفظ فقط رواج موجب استعمال ڪيو ويو هو. مخدوم عبدالله واعظ بہ زياده علمي فضيلت حاصل ڪرڻ سبب 'مخدوم' سڏجڻ ۾ نہ ٿي آيو پر 'مخدوم' جي لقب جي عام رواج پوڻ سبب. ڇاڪاڻ تہ مخدوم عبدالله سموري تعليم فقط مخدوم ابوالحسن کان ئي ورتي هئي.

هڪ اندازي موجب مخدوم ابوالحسن سنہ ١١٢٧هہ/١٧١٥ع ڌاري حج بيت الله شريف لاءِ روانو ٿيو هو. جتان واپسي کان ڪجهہ پوءِ پاڻ وفات ڪيائين پر سندس وفات جي پوري تاريخ معلوم نہ آهي.

سندن عربي تصنيفات جو محققن ذڪر ڪيو آهي پر انهن ڪتابن مان ڪنهن هڪ جو بہ نالو نہ ڄاڻايو ويو آهي. تحفة الڪرام جي مؤلف سندن سنڌي فقهي ڪتابن جو اشارو ڏنو آهي پر هن وقت انهن مان

مقدمة الصلواة کان سواءِ ٻيا اڻ لڀ آهن.

مقدمة الصلواة جي تاليف ٿيڻ واري سال بابت لکندي جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جن فرمايو آهي تہ هن ڪتاب جو هڪ قلمي نسخو جنهن تي تحرير سال ١١١٥هہ/١٧٠٣ع لکيل آهي، سو سندن نظر هيٺ آهي. الحاج خانبهادر محمد صديق ميمڻ مرحوم وري ڪتاب جي تاليف جو عيسوي سال ١٧٠٠ع ٻڌايو آهي جو جناب ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن واري نسخي تي ڏنل سال سان پوري مطابقت رکي ٿو. باقي ٽن سالن جو فرق خانبهادر مرحوم طرفان هجري سنہ کي عيسوي سنہ ۾ بدلائڻ لاءِ اختيار ڪيل طريقي سبب پيدا ٿيل ٿو ڀائنجي. ٻئي طرف آنجهاني ڀيرومل آڏواڻي هن سلسلي ۾ خانبهادر مرحوم سان مڪمل طرح همراءِ ٿيو آهي. جيڪڏهن سيد يوسف الدين جيلاني جي ٺٽي ۾ آمد جويقين سال ١١٠٣هہ/١٦٩٢ع کان پوءِ واري وقت ۾ ڪجي تہ غالب گمان موجب مقدمة الصلواة جي تاليف جو سال ١١١٥هہ/ ١٧٠٣ع ئي ٿئي ٿو.

پر جناب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جن، شاهہ لطف الله قادري جي 'سنڌي رسالي' جي دستياب ٿيڻ جي پيش نظر 'مقدمة الصلواة' جي تاليف جو سال شاهہ صاحب مرحوم جي وفات لڳ ڀڳ يا ٿورا ورهيہ اڳ بلڪ ايجان ئي اڳاٽو ٻڌايو آهي. سندن تحقيق موجب شاه لطف الله قادري پنهنجو پارسي ڪتاب 'منهاج المعرفت' ١٠٧٨هہ/١٦٦٨ع ۾ لکيو ۽ ان کان پوءِ سنڌي رسالو تحرير ڪيو، جنهن کان پوءِ سنہ ١٠٩٠هہ/١٦٨٠ع ۾ پاڻ وفات ڪري ويو. تنهن ڪري ممڪن آهي تہ مقدمة الصلواة جيڪو سنڌيءَ جو سڀ کان پهريون تحرير هيٺ آيل ڪتاب آهي سو ان وقت کان اڳ ئي لکجي چڪو هجي ۽ ان کان متاثر ٿي شاهہ لطف الله پنهنجو سنڌي رسالو تيار ڪيو هجي. پاڻ هن راءِ جابہ آهن تہ ٿي سگهي ٿو تہ خود مقدمة الصلواة شاه صاحب جي سنڌي رسالي کان متاثر ٿي لکيو ويو هجي.

جيئن تہ مقدمة الصلواة جي تحرير جي سيد يوسف الدين جيلاني جي ٺٽي ۾ تشريف آوري سان خاص نسبت آهي، تنهنڪري هن بزرگ

جي نُنڍي ۾ آمد جي تاريخي تحقيق، مقدمة الصلواة جي تحرير جي سال تي پوري روشني وجهندي. ساڳي طرح مخدوم ابوالحسن جي ولادت ۽ وفات جا صحيح سال بہ هن سلسلي ۾ گهڻي رهبري ڪري سگهندا. خانبهادر ميمڻ مرحوم ادبي تاريخ ۾ مخدوم ابوالحسن جي ولادت ۽ وفات جا ٻئي سال ڏنا آهن، پر سندس ئي چوڻ موجب اهي ٻئي محض اندازي تي لکيا ويا آهن. تنهنڪري مشڪوڪ ڇٻا. ادبي تاريخ ۾ سيد يوسف الدين جي ٺٽي ۾ آمد ١١٠٢هہ کان پوءِ ٻڌائي وئي آهي. پر هڪ ٻي روايت موجب سيد موصوف سنڌ ۾ سمن جي دور ۾ آيا هئا. تنهنڪري ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي نئين تحقيق کي تقويت پهچي ٿي۽ معلوم ٿئي ٿو تہ مخدوم ابوالحسن اوائل يارهين صدي هجري ۾ تولد ٿيو هو ۽ مقدمة الصلواة  اواخر يارهين صديءَ ۾ لکي ان عوامي طلب جي تڪميل ڪيائين جا ٻن صدين دوران وڏي هاڻ چوٽ چڙهي چڪي هئي.

مقدمة الصلواة پوءِ 'ابوالحسن جي سنڌي جي نالي سان' مشهور ٿيو ۽ نهايت پسند پيو. سندس مطالعو ڏاڍي چاهہ سان سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ جاري ٿيو ۽ مڪتبن ۾ درسي ڪتاب طور پڙهائجڻ لڳو. ايتري قدر جو نماز جي مسائل تي 'دستورالعمل' ليکجڻ ۾ آيو.وقت گذرندو رهيو ۽ ان سان گڏ ابوالحسن جي سنڌيءَ جي مقبوليت ۾ اضافو ٿيندو ويو. آخر عام توڙي خاص ماڻهن جي دلين ۾ هن ڪتاب اهڙو تہ اعليٰ مقام پيدا ڪيو جو ڪيترن عالمن کي ساڳئي پيرايہ ۾ ديني ڪتاب لکڻ جي رغبت پيدا ٿي ۽ ڪيترا ديني ڪتاب هن طريقي تي لکيا ويا. جي سڀ 'ابوالحسن جي سنڌيءَ ' جا ڪتاب سڏجڻ ۾ آيا. جڻ پنهنجي موضوع، اظهار جي طريقي ۽ رسم الخط کان علم جي هيءَ نئين صنف وجود ۾ آئي.

جڏهن ڇپائي جو دور آيو تڏهن پهرين بمبئي ۾ ڇاپخانا قائم ٿيا، تڏهن مقدمة الصلواة سان گڏ هيٺيان ڇهہ ٻيا ننڍا ڪتاب بہ هڪ مجموعي جي صورت ۾ ڇپيا. (١) نورنامو (٢) ساڍيون ڇهہ ويهون فرضن جون (٣ ) چوعلمي (۴) عهدنامو (۵) مدح پيران پير جي (٦) لب لباب منهاج الزاهدين ۽ سراج العابدين.

مخدوم ابوالحسن پاڻ ھي ڪتاب نئين ۾ پڙھائيندو ھو پر پوءِ ڪنھن سبب مقدمة الصلواة جي پڙھائڻ جو ڪم مخدوم محمد ھاشم جي سپرد ڪيو ويو، جو ان وقت نئين جو ھڪ برک عالم ۽ فقيه ھو. ڪن جو چوڻ آھي تہ ان وقت مخدوم ابوالحسن حج بيت الله جو فرض ادا ڪرڻ لاءِ حرمين شريفين روانو ٿي ويو ھو. يا ھيئن بہ ٿي سگھي ٿو تہ مخدوم ابوالحسن جي انتقال بعد مقدمة الصلواة جي پڙھائڻ جو ڪم مخدوم محمد ھاشم جي حوالي ٿيو ھجي. بھرحال ھن بزرگ محسوس ڪيو تہ فقھي اعتبار کان مقدمة الصلواة ۾ اصلاح جي گنجائش ھئي. اھڙي راءِ ڪيس ڪن معزز دوستن کان بہ ملي تنھنڪري 'اصلاح مقدمة الصلواة' جي نالي سان ھڪ ڪتاب فارسي ۾ لکيائين. جنھن ۾ مخدوم ابوالحسن لاءِ نھايت عقيدت ۽ احترام جو اظھار ڪندي 'اصلاح' جي لکڻ جي ضرورت جي وضاحت ڪيائين. پر مخدوم محمد ھاشم جي ھڪ ھمعصر ۽ بلند پايہ عالم مخدوم ابوالمحاسن محمد قائم بن صالح 'اصلاح مقدمة الصلواة' جي رد ۾ ھڪ رسالو 'الرد علي اصلاح مقدمة الصلواة' عربي ۾ لکيو. ھن رد جو مخدوم محمد ھاشم وري ھڪ سخت جواب 'حمل السلاح علي معاند الاصلاح' جي نالي سان ١١٥٢ھ/ ١٧٣٩ع ۾ رقم ڪيو، جنھن جو نالو پوءِ بدلائي 'الشفاء الدائم عن اعتراض القائم او تنوير الاصباح علي مسالک الاصلاح' رکيائين. چون ٿا تہ مخدوم محمد ھاشم جي تجويز ھئي تہ آئنده مقدمة الصلواة جي جاءِ تي سندن عربي ڪتاب 'فرائض الاسلام' جو سنڌي ۾ ترجمو پڙھايو وڃي. پر مخدوم ابوالحسن جي پراڻن شاگردن ۽ معتقدن جو رخ ڏسي پاڻ ان تجويز تي زياده زور نہ ڀريائين ۽ مقدمة الصلواة ۾ چند ضروري درستيون ڪانپوءِ ان جو اڳي وانگي درسي ڪتاب طور پڙھائبو رھڻ قبول ڪيائين، اھي درستيون اڄ ڏينھن تائين ڪتاب جي سيني اشاعتن ۾ موجود رھنديون اچن، جن لاءِ حاشيءِ ۾ اشارو پڻ ڏنل ھوندو آھي.

مخدوم محمد قائم جو ان وقت مديني شريف ڏانھن ھجرت ڪرڻ جي تيارين ۾ مشغول ھو سو بہ ھن فيصلي کان مطمئن ٿي ويل ٿو ڀائنجي. ان ڪانپوءِ مخدوم موصوف چاڪاڻ تہ پنھنجي تيارين کي

مڪمل ڪري چڪو هو. سنہ ۱۱۵۴ھ/۱۷۴۱ع ۾ حرمين شريفين ڏانهن هجرت ڪري ويو جتي سنہ ۱۱۵۷ھ/۱۷۴۴ع ۾ هن دارفانيءَ مان دارالقرار طرف رحلت ڪيائين.

مقدمة الصلواة خالص تدريسي ۽ تبليغي گهرجن کي پورو ڪرڻ لاءِ لکيو ويو هو، جنهن جو اظهار ڪتاب جي آخر ۾ مؤلف هيئين لفظن ۾ ڪيو:

جيڪو مسئلو هيڪڙو سکي شريعت جو
فضل تنهن جو مصطفيٰ محمد فرمايو
چاليهہ ورهين جي عبادت سندو
ياڙو ڏيندس بادشاھ خالق خلق جو
عاصيءَ تنهين جي آسري هيءَ خدمت خاص ڪئي
تہ مان عذابان ايهي تنهين وسيلي ٽئي
ابول عبدالعزيز پٽر پُڇي پڙهين ڪان
هي مسئلا نماز جا ساري سنڌيءَ واءِ
تہ مانَ مومن تن کي سکي سچ منجهان
هن ڪميني کي ڪن ڪاَ ڪارڻ ڏٿيءَ دعا
سبب تنهين شال جٿي هي عاصي عذابا
سين مڙني مومنين جي اُمتي نبيءَ جا
اللهي ابوالحسن مڱي تو ملاءِ
مولا مهربان ڏٿي سائين سباجها
طلب ڏي توفيق سين مومنين ميان
تہ پڙهي پارين سي هي مومن مسئلا
تان پي ڏيين ڏات سان جا رب تو وڙا
رازق رکين سي ڪر، سائين شيطانا
ڪر قبول ڪريم تون ڪميٽي ڪنا
برڪت پلارن جي، جي طالب تو سندا
ڪارڻ طلب طالبين رسالو لکيوم
مقدمة الصلواة سنڌي نالو تنهن رکيوم.

## مقدمة الصلواة ۾ رحمت ۽ روحانيت

مقدمة الصلواة لکڻ وقت مخدوم ابوالحسن جو خاص مقصد تبليغ دين هو، جنهن لاءِ پاڻ الله تعاليٰ جي رحمت ۾ اميد رکڻ جي وسيلي تي زيادهہ آذار رکيو اٿس ۽ ٻين کي بہ اهڙوئي مشورو ڏنو اٿس.

ان کانسواءِ سندس توجهہ فقهي احڪام جي فقط ظاهر پابندي طرف ناهي. پر نماز جي اصلي مقصد يعني تقويٰ حاصل ڪرڻ يا اندر اجارڻ کي بہ پاڻ وڏي اهميت ڏني اٿس، جنهن لاءِ عربي دعائن جي سنڌي معنيٰ سکڻ، سمجهڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ تي خاص زور ڏنو اٿس. جنهن موقعي لاءِ عربي دعائون ميسر نہ آهن ان موقعي تي محنت ڪري ۽ تڪليف وٺي سنڌيءَ ۾ دعائون جوڙيون اٿس، تہ جيئن عربي دعائون نہ هئڻ سبب ان موقعي تي هي سنڌيءَ جون دعائون پڙهي سگهجن هيءَ سندس هڪ عظيم ديني، علمي ۽ قومي خدمت آهي.

هن ڪتاب جو فقهي معيار گهڻو اعليٰ آهي. منجهس گهڻو ڪري نماز جي انهن سيني مسئلن جو فقهي حل ڏنل آهي جيڪي عام طرح نمازين کي پيش اچن ٿا. ان علمي دور ۾ جڏهن فقه جي باريڪ نڪتن جي بہ فقيهن وٽ وڏي اهميت هئي، مخدوم محمد هاشم جهڙو قابل ۽ ماهر فقيه مقدمة الصلواة ۾ درستيءَ لاءِ فقط کي ٿوريون جايون هٿ ڪري سگهيو.

ڪتاب، فقه جي درسي ڪتاب جي حثيت ۾ جا ڪاميابي حاصل ڪئي آهي تنهن بابت اڳيئي ذڪر ڪيل آهي. ان ڪاميابيءَ جو هڪ سبب هي بہ آهي تہ مؤلف فقهي مسائل جي درسي ضرورت کي سامهون رکي جمع ڪيو آهي. مثلاً اهي مسائل جي فقط مقتدين جي ڪرڻ جهڙا آهن سي جمع ڪري هڪ هنڌ لکڻ يا جن ڪمن ۾ مقتدين تي امام جي مطابعت لازم نہ آهي، سي بہ هڪ هنڌ جمع ڪري لکڻ وغيره. ڪتاب جي فقهي عظمت هن حقيقت مان بہ ظاهر آهي تہ مخدوم ابوالحسن کان پوين عالمن پنهنجي تصنيفن ۾ مقدمة الصلواة جا بہ حوالا ڏنا آهن. هن وقت بہ کي وڏا عالم ۽ فقيه هن راءِ جا آهن، تہ فقہ جا ڪيترا مسئلا جي عربيءَ جي وڏن وڏن ڪتابن ۾ ملي نہ ٿا سگهن سي مقدمة الصلواة ۾

موجود آهن. مخدوم ابوالحسن کي فقهي مسائل تي ايترو تہ عبور هو جو مقدمة الصلواة لکڻ وقت تمام ٿورن ڪتابن کان استفادو ڪيو اٿس.

## عثمان جي سنڌي عرف چوعلمي

ڪتاب 'چو علميءَ' ۾ جن چئن علمن جو ذڪر آيل آهي سي هي آهن. علم توحيد جو، علم نماز جو، علم رمضان جو ۽ علم حيض ۽ نفاس جو. ڪتاب چوعلميءَ ۾ مذڪور علمن جي بيان ڏيڻ کان اڳ ڪي تمهيدي بيت ۾ لکيا ويا آهن، جن کي ڪتاب جو ديباچو شمارڪري سگهجي ٿو اهي بيت هي آهن:

آهي ڪتابن ۾ خبر هيءَ ڪري
تہ پڇبا ڪمن ڪر ماڻهو جن پري
متان وڃين وڃ ۾ نڌي ٻنڌ يُري
اوڪارنئون اڪري لنگهين مان تري
علم شريعت سڪ ڪين، وڃي جان نہ مري
چوڻڪي سنڌي سيني آهي ايءَ ڳري
الاهي عثمان چئي تان ڪي ڏينهون چاڻ
تہ اٿي اڳئين پنڌ جو پڇون ڪو پرياڻ
محمد مير مرسل ڏينهن قيام جي چوڻڪو ڪر ارپاڻ
اسان ڪي شريعت جو علم ڪر آسان
تہ سو سڪهون ۽ پڙهون توفيق ڏيهون چاڻ.
ڪوه نہ سڪو ماڙهوها علم شريعت جو
جنهن ري سڪئي ناه ڍنگ غافل ڪيم تيو
مسلماني مور جي سي آهن ٿوڪ ٺي پنج
سڪو گهٽي يقين سين منجهان لاهي ونج
تہ آن ڪي ويندي پرينءَ ڏانهن وچان پيئي نہ ڪنج.
هيڪ شهادت ڪلمو ٻيا پنج وقت نماز
ٽيون روزا رمضان جا چوٿين مال زڪواة
پنجون وڃن حج ڏانهہ جي هوءِ وهڻ واٽ

۽ پوراڻي پين کي وهٽ، سمر سات
پر زڪوات ڏيڻ، حج ڪرڻ مٿي ماليتن
فرض نہ آهن اي ٻئي اتي فقيرن
جنين حج گذاريو هڪڙو فرض نہ مٿي تن
پر زڪواة سب ڪنهن سال جي ورساري سب ڪدن
مگر نابالغين بلوغ ٿيو ڪ آجائي گولن
جي سي مڙيا مال کي تہ ور حج ويڃن
جنهن حج گذاريو هيڪڙو سو ڪنا حج ٻئي
چڱي تہ توشو حج جو ڪٽي فقير ڏيئي.

مٿين تمهيد کان پوءِ مذڪور ڇئن علمن جو بيان شروع ٿئي ٿو پر هر هڪ نهايت مختصر طور لکي پورو ڪيو ويو آهي.

ڪتاب ’ساڍيون ڇهہ ويهون فرضن جون‘ جن ۾ ڇئن علمن جو ذڪر ڪيل آهي. ڪتاب چو علمي انهن ئي ڇئن علمن جي وضاحت ۾ هڪ علحده لکيل رسالو آهي. مخدوم محمد هاشم جي لکيل ڪتاب ’فرائض الاسلام‘ ۾ مذڪورهڪ سؤنيهن فرضن تي تنقيد ڪئي ويئي آهي. انهن جملن جو سنڌي ترجمو هن ريت ڪيو ويو آهي.

جيڪي فرض سنڌيءَ ۾ عاجز سٿايا
سي ٻارهن سؤ ٻاهٺ ٿيا ليکي شمارا
پر ڪنين عالمن هيڪڙو سؤنيهہ فرض ڇيا
ليکيائون تن ۾ امر سي جي فرض نہ ڇئبا
ڇڏيائون فرض ڪيترا قطعي جي ٿيا
سهو تي ان کان بخشين مون مولا

ان کان سواءِ هي بہ فرمايل آهي تہ جن ڇئن علمن جو ذڪر هن فرضن جي ڳاڻاٽي ۾ شامل ڪيو ويوآهي تن کي علحده ڪنهن رسالي ۾ لکڻ جو ضرور ڪونهي اهو اشارو ڪتاب ’چوعلمي‘ ڏانهن ٿي سگهي ٿو، جنهن مان شبهو پيدا ٿئي ٿو تہ هي ڪتاب شايد مخدوم محمد هاشم جي لکيل ڪتاب ’فرائض السلام‘ کان اڳ تحرير ڪيو ويو هو. خصوصاً جڏهن هي ڪتاب ” ابوالحسن جي سنڌي‘ جي قديم مجموعي ۾ بہ موجود آهي.

## مخدوم ضياءالدين جي سنڌي

يارهين ۽ ٻارهين صدي هجريءَ ۾ ٺٽي جي ديني درسگاهن مان علم، عرفان ۽ فيض جا جيڪي چشما جاري ٿيا تن نه رڳو سنڌ پر سنڌ کان ٻاهر به اسلامي دنيا کي سيراب ڪيو. علم جي هن ضياء پاش ڏيئن ۽ ناميارن عالمن مان مخدوم ضياء الدين ٺٽوي به علم ۽ عرفان جو هڪ روشن چراغ هو. پاڻ سهروردي طريقي جي مشهور بزرگ ۽ پيشوا شيخ شهاب الدين عمر صديقي سهروردي جي اولاد مان هو. سندس نسب مان ڪي توريون پيڙهيون هن طرح آهن: ضياء الدين بن ابراهيم. بن هارون بن عجائب بن الياس.

مخدوم الياس مخدوم ضياءِ الدين جو پڙڏاڏو سنڌ جي سومرن حاڪمن جي صاحبيءَ ۾ عراق کان لڏي سنڌ ۾ آيو ۽ سنڌ جي نامياري تاريخي شهر 'جوڻ' کي پنهنجي سڪونت لاءِ پسند ڪيائين. مير علي شير قانع جي لکڻ موجب هي بزرگ پهريائين ڳوٺ 'ورياهه' ۾ اچي رهيو هو. سندس پوٽو مخدوم هارون مخدوم ضيا الدين جو ڏاڏو بزرگوار اتان لڏي ٺٽي آيو، جتي ۱۰۹۱هه/ ۱۶۸۰ع ۾ مخدوم ضياء الدين تولد ٿيو.

مخدوم ضياءِ الدين ٺٽي ۾ وقت جي علامه مخدوم عنايت الله وٽ تعليم حاصل ڪئي. جتي مخدوم محمد معين ٺٽوي پڻ سندس هم درس هو. تعليم کان فراغت حاصل ڪرڻ کان پوءِ درس تدريس جو شغل شروع ڪيائين. پري پري کان شاگرد کهي اچي وٽس فيض پرائيندا هئا. علامه مخدوم محمد هاشم ٺٽوي به سندس خاص شاگردن مان هو ۽ سندس مدرسي ۾ ئي علم جي تحصيل ڪري فارغ ٿيو.

مخدوم ضياءالدين ٺٽوي وسيع النظر ۽ هميشه تواضع ۽ انڪساريءَ ۾ رهندڙ هو. پاڻ صدق، صفا ۽ تقويٰ جو مالڪ هو. سندس ڄمار اسي ورهيه هئي. پاڻ ۱۱۷۱هه/۱۷۸۵ع ۾ انتقال ڪري ويو. سندس سنڌي تصنيف ضياءالدين جي سنڌي نالي سان مشهور آهي، مخدوم ضياءالدين پنهنجي ڪتاب جي موضوع کي هن طرح واضح ڪيو ته

پنج فرض بنا مسلمانيءَ جا سڪو سين نياز

پھريائين ڪلمو ڪھو تھان پوءِ نماز
ڏيو زڪواة مال جي پيو روزن نيت ڌار
پنجون فرض حج جو جنھن ڪي سمر سار
بيان فرضن پنجن جو ڪندس ڌارون ڌار
جيئن عنايت اسلام تو تيو پلو پليءِ پت
سڪ احڪام اسلام جا وٺ موچاري مت
ساڌ يون چھ ويھون فرضن جون ساري تون سکيج
بيان تن جو علحدو آخر ۾ پڙھيج.

مٿين بنھي اشارن مان صاف طرح معلوم ٿئي ٿو ته مصنف نه فقط اسلام جي پنجن ئي رڪنن جا فقهي مسئلا علحده علحده لکيا هئا پر هڪ سؤ ٽيهن منتخب فرضن جو بيان پڻ آندائين، جن جو ڪن بين مصنفن به ذڪر ڪيو آهي. جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جن فرمايو آهي ته ضياءالدين جي سنڌيءَ ۾ جسماني صفائي، پاڪائي، نماز، روزي ۽ حج جا مسئلا موجود آهن. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي عنوانن جي هن فهرست ۾ زڪواة جو اضافو ڪيو آهي. خان بهادر محمد صديق ميمڻ لکيو آهي ته "ابو الحسن جي سنڌيءَ ۾ جيڪو مضمون وضو ۽ نماز بابت ڏنل آهي سو ساڳيو (پر نرالي نموني سان) ۽ بيا گھڻا وڌيڪ مسئلا گڏ ڪري مخدوم ضياءالدين پنھنجو علحدو ڪتاب تيار ڪيو، جنھن ڪي نالو ڏنائين 'مخدوم ضياءالدين جي سنڌي' .هن ڪتاب ۾ هيٺيان مضمون ۽ مسئلا شامل آهن:

١. ايمان ۽ ان جون صفتون ٢. بلوغت جو بيان ٣. وضو ۽ غسل لاءِ پاڪ پاڻي جو بيان ۴. قضا حاجت جو بيان ۵. پليتيءَ غليظ جو بيان ٦. اوباري جو بيان ٧. وضوءَ جو بيان ٨. غسل جو بيان ٩. حيض ۽ نفاس جو بيان ١٠. غسل جا مسائل ١١. ميت جو غسل ۽ ڪفن جا مسائل ١٢. نماز جنازه ١٣. سفر ۽ تيمم ١۴. نماز ۾ ڳجھي يا جهري قراة ڪرڻ ١۵. نماز ۾ بي وضو ٿيڻ.

مٿين عنوانن تحت جيڪي مسائل لکيل آهن تن مان ٻن جو ٻين سنڌي عالمن به ذڪر ڪيو آهي، اهي ٻه مسئلا هي آهن: ١. اصلي پاڇي جي قد جو مسئلو ٢. ڪنهن بزرگ شخصيت جي وفات کان پوءِ ڪفن سان ڳڻ دستار پهرائڻ جو مسئلو. انهن ٻن مسئلن کان سواءِ ڪتاب جي ابتدا ۾ مسلمان ٻار جي تعليم متعلق اهم سمجهاڻيون ڏنيون ويون آهن تنهن ڪري انهن تنهي ڳالهين بابت ڪجهه قدر وضاحت هيٺ لکجي ٿي.

مسلمان ٻار جڏهن ٻهريائين ڳالهائڻ شروع ڪري ته ان کي ڪلمو طيب ياد ڪرائڻ گهرجي، جنهن کان پوءِ جڏهن چڱي طرح ڳالهائڻ ٻولهائڻ جهڙو ٿي وڃي ته ان کي قرآن شريف پڙهائجي ۽ ٽيهين پاري جو چوٿون حصو ياد ڪرائجي. تعليم جي ٻئي ڏاڪي تي ان کي سڄو قرآن شريف حفظ ڪرائجي. ٽين منزل تي ان کي فقه جو علم سيکارجي ۽ آخري مرحلي تي حديث شريف ۽ قرآن مجيد جي تفسير جي علم کان ان کي واقفيت حاصل ڪرڻ گهرجي.

ماءُ پيءُ کي گهرجي ته اولاد جي تربيت خاطر مقرر وقت تي ان کي مڪتب ۾ ويهارين ۽ ڪنهن اهڙي مڪتب جو انتخاب ڪن جتي ڪافي تعداد ۾ ٻيا شاگرد به پڙهندا هجن. ٻار کي مڪتب ۾ ويهارڻ جي عمر مخدوم صاحب واضح نه ڪئي آهي پر ان لاءِ ٻين عالمن جي راءِ هن مقالي ۾ ٻئي هنڌ موجود آهي.

فرض آهي ماءُ پيءُ تي سعي سوڙي يت ته<br>
موڪلي مڪتب ۾ صغير وڏيءَ سٽ ته<br>
تابع ٿئي طبيعت جو مومن وڏيءَ مت.

ان کان سواءِ والدين تي هي به فرض آهي ته پنهنجي ٻارن کي نماز جو تاڪيد ڪن. ايتري قدر جو ڏهن سالن جي ٻار کي نماز کان غافل ٿيڻ تي سيکت ڏين ۽ چابڪ سان به مارين ته جيئن اهڙي اهم فرض کان بيخبر نه ٿين.

ڏهن ورهن جو جي ٿئي ته مر ان ماري<br>
نندي کي نماز لاءِ چابڪ چڪائي<br>
جي غافل ٿئي نماز ۾ ڪڏهن اسارو

تہ هٿج هڪلج ان کي متان او ٿئي امارو.

## نماز جي وقت لاءِ پاڇي جي سڃاڻپ

نماز جي وقت جو بيان ڪندي مخدوم صاحب سنڌ ۾ ظهر نماز جي وقت جو تعين ڪرڻ لاءِ هر مهيني ۾ نندي ۾ نندي پاڇي جو قد پنهنجي تجربي جي بنياد تي لکيو آهي. جيئن تہ اسلامي سال قمري حساب موجب ڳڻيو وڃي ٿو تنهن ڪري ڪو خاص مهينو ڪنهن خاص موسم ۾ مقرر ٿي نہ ٿو سگهي. مخدوم ضياءالدين هن مشڪل جي حل لاءِ سنبت جي مهينن جي نالن جو استعمال ڪيو آهي. ڇاڪاڻ تہ اهي نالا ان وقت واپاري خواهہ زراعتي مقصدن لاءِ عام طرح استعمال ٿيندا هئا. پر وقت جي مزيد تعين ۽ وضاحت لاءِ هر مهيني ۾ جيڪي موسمي حالات هوندا آهن انهن جو ذڪر پڻ ڪيو اٿس. مذڪوره مهينن جو تعين سج جي هڪ برج ۾ داخل ٿيڻ جي تاريخ کان ان برج مان نڪرڻ جي تاريخ تائين ڪيو ويندو آهي ۽ اهي تاريخون علم نجوم جا ماهر مقرر ڪندا آهن. مخدوم صاحب موصوف اصل پاڇي کي سڃاڻڻ جي مقصد لاءِ ڪنهن حد تائين علم نجوم کي بہ هڪ ذريعو سمجهيو آهي. مڪمل وضاحت لاءِ مخدوم ضياءالدين جي سنڌيءَ مان اصلي پاڇي متعلق بيت نقل ڪجن ٿا.

سسايو سيهين ماهہ جو پر پڌرو هيءُ ٿيو
جيئن گهٽو ڪنهن ماه ۾ ڪنهن ۾ ٿورو
چيٽ — بيان سيڪنهن ماهہ جو هجڙيءَ يت پڌو
جو رسيو سج حمل ۾ جنهن سنڌي چيٽ چون
جيئن واهي وهن ڪيٽ ۾ آيون ۾ جون
پندرهن ڏينهن قدم ٿي ۽ بہ پوين ۾ ڪهن
وهاڪ — جو رسيو سج ثور ۾ دهاک سنڌي وٽن
جي لابار ڳِهَنِ ۾ ڏاٿي جَوَ لبن
جيٺ — سڃهين انهيءَ ماهہ جو قدم هيڪ لڪن
جو رسيو سج جوزا ۾ جنهن سنڌي جيٺ
اَتن جيئن پلا سيوهين ۾ منو آب آيَن

پهريون منا هيٺ سان آرڻ ڪيٺ پڪن
............... هيڪڙو اُن حساب ڪن
پڻ سي ڏينهن ان ماه جا خالي ٿا لکن.
آرڙ، جو رسيو سج سرطان ۾ جنهن سنڌي آرڙ اُتن
جيئن ڪارائي ڪڪر ماندڙا مينهن
ٻج ٻاري سار جو ڊوريون جيئن پرجن
اٺيهہ ڏينهن خالي تنهن باقي هيڪ وڻن.
ساونڻ، جو رسيو سج اسد ۾ جنهن سنڌي ساونڻ چون
جيئن تٺي موجو مهراڻ جو وهڻ تيز وهن.
ٻڊو، سڻ ستاويهہ ڏينهن ان ماه جا قدم تنهن مئيج
جو رسيو سج سنبل ۾ سنڌي ٻڊو تنهن چون
جي ڪتيون منهن سامهيون واڌا سارين
چوڏهن تاريخون تنهن جون ٻہ قدم ٻجهن.
اسو، سورهن روز سنبل جا ٽي قدم سڪجن
جو رسيو سج ميزان ۾ اسو جنهن اتن
جيئن چڪ چلهو ٿيا واٽن ۾ آيا هر هارين
تٺي تڏائي ان ماه ۾ پاٺيءَ ۾ ڪونرن
ٽي تاريخون قدم ٽي پندرهن چار ڏجن
ٻارهن تاريخون باقيءَ ڪي ساري ڏج پنجن
ڪتي، جو رسيو سج عقرب ۾ جنهن ڪتيءَ ٿا چون
جيئن ڳاهجن خسريون موڙٻا ۾ موتين
سڪر ٿين سنگ لاڙيا پڪا مونهہ سندن
ٻہ تاريخون پنج چيو ڪارهن روز ڇهن.
ناهري؛ سترهن ڏينهن باقيءَ ۾ قدم ست وڻن
جو رسيو سج قوس ۾ جنهن ناهري چون
جيئن مگر پريو اڳينيئن سوڙ ۾ سمهن
اٺ قدم ان ماهہ جا پنجنِ ۾ ڏينهن.
باقي پنجويهن ڏينهن ۾ نَوَ قدم ڪهن

**پوهه،** جو رسيو سج جديءَ ۾ جنهن سنڌي پوهه چون
جيئن واڪارون اتر جون سيءُ سيئي ڪن
ڇڏي هاج هرن جي سنڌي پوک ڳهن
ڇهه تاريخون ماهه جون نَوَ قدم گهرجن
ٻين ۾ اٺ ڇؤ قدم باقين.

**ماگهه،** جو رسيو سج دلوَ ۾ جنهن سنڌي مگهه چون
آيو اتر پاند سو پرڏارا ڏٻن
سريا سنگ ڳينهن جا ۽ ڍڍا ۾ جون
اٺ قدم هيڪ ڏينهن ۾ سورهن ڏينهن ستن
ٻارهن ڏينهن قدم ڇهه هيڪڙي پڄن
باقي قدم ۾ سترهين ساري پنج وٺن.

**ڦڳڻ،** جو رسيو سج حوت ۾ جنهن ڦڳڻ ماهه اُتن
ٽيو ٻهار گلن جو وڻ ٽڻ واس وٺن جو
نسريا سنگ ڇيهه ٽي ڳيهن جا چون
ٻارهن تاريخون ان ماه جون پنج قدم پڄجن
پندرهن ڏينهن چار چو تون قدم باقين
پر ساڍ سيڪنهن قدم تي اڳرو مر ڪن
جو ويو وقت اڳينءَ جو وچينءَ جو آين
اڳين وچين، وچ ۾ ڪي مهمل وقت لکن
پر فتوي ڏني عالمين ته مهمل ناهه وچين
جو ٽيو غائب سج ڏر ۾ سانجهيءَ ڪي پڙهن
جي ڳاڙهائي يا ڪارائي ٽي غائب ٽي شفقن
ٽي گهڙيون رکي ڪري سومهٽي پڙهن
اڳي طلوع فجر جي وتر جي وقتن اي
ٻيان وقتن جا متان ٻيو ٻجهن
الاهي آسان ڪرين مٿي عاجزن
سين حرمت حبيب جي جو اجهو مذنبن
ضياءالدين ضعيف تي رحمت نظر ڪن.

سين حرمت حبيب جي جو اجهو مذنبن
ضياءالدين ضعيف تي رحمت نظر ڪن.

مٿين بيتن ۾ اصل پاڇي جي قد جي ڊيگهه جي وضاحت لاءِ قدم ڪي ماپ جو پيمانو مقرر ڪيو ويو آهي. جنهن جي تشريح هيٺ ڏجي ٿي.

سج ايرڻ کان پوءِ جيئن جيئن مٿي چڙهندو ايندو آهي تيئن تيئن هر شيءِ جو پاڇو گهٽبو ويندو آهي. جڏهن سج پنهنجي پنڌ جو پورو اڌ ختم ڪري، ڪاپار تي ايندو آهي تڏهن هر شي جو پاڇو ننڍي ۾ ننڍو ٿيندو آهي جنهن کي فقه وارن جي اصطلاح ۾ 'اصلي پاڇو' يا 'فيءِ الزوال' چيو ويندو آهي. سج لڙڻ سان گڏ جڏهن پاڇو پهرين وڌڻ شروع ڪندو آهي ان وقت کي 'زوال' چئبو آهي. جيئن ته 'فيءِ الزوال' ۽ 'زوال' جو نماز جي وقتن سان گهرو تعلق آهي تنهن ڪري فقيهن لاءِ ضروري ٿيو ته جدا جدا مقامن تي جدا جدا زمانن ۾ 'فيءِ الزوال' جي قدم بابت تحقيق ڪري ان جي ڊيگهه مقرر ڪري ڇڏين. هن مقصد لاءِ آسانيءَ سبب هڪ مرد جي قد کي تحقيق ڪانپوءِ سندس ٺي ستن پيرن جي ڊيگهه جيترو ڊگهو تسليم ڪيو ويو. ان ڪانپوءِ سال جي مختلف مهينن ۾ پاڇي جي ننڍي ۾ ننڍي ڊيگهه تجربو ڪري مقرر ڪئي وئي ۽ ان ڊيگهه جو اظهار قدن يعني پيرن جي تعداد ۾ ڪيو ويو.

اصل پاڇي جي متعلق مخدوم محمد هاشم جي تحقيق ڪيترن ئي سنڌي عالمن مذڪور طريقي تي اصلي پاڇي جي قد متعلق پنهنجي پنهنجي راءِ سنڌي بيتن ۾ لکي آهي. پر سنڌ ملڪ جي موسم ۽ حالتن مطابق ڪنهن به ان جي تحقيق نه ڪئي آهي. مخدوم محمد هاشم نٺوي فرمايو آهي ته ڪن سنڌي عالمن اهڙن فقهي ڪتابن ۾ لکيل اصلي پاڇي جو قد سنڌ ملڪ لاءِ به لازم قرار ڏنو آهي جي سنڌ لاءِ نه لکيا ويا هئا. اصلي پاڇي جو اهو قد انهن ملڪن لاءِ ڪمائتو آهي جن لاءِ اهي ڪتاب لکيا ويا هئا ۽ نه سنڌ لاءِ. تنهنڪري پاڻ ذاتي طرح ٻن سالن جي تجربي ۽ تحقيق ڪان پوءِ سنڌ لاءِ اصل پاڇي جو قد مختلف موسمن ۾ مقرر ڪيائين. هي سمورو احوال پاڻ پنهنجي فارسي رسالي 'رشف الزلال في معرفة فَيءِ الزوال' ۾ ڏنو اٿس. جن سنڌي عالمن سنڌي

مور نہ وڏي سنڌ ۾ سايو ستنئا
وري موڻي واڌ كنا اچي ان ماڳا
ڦري ساڍ ڇهہ تيا پوئين اڌ ماها
ڇهہ پير پهرين اڌ ڦڳڻ جي پوءِ ساڍا پنج تيا
ساڍا چار پهرئين پندرهين چيٽن جي پوئين ساڍا ٽي
پاڇا ٻارهن ماهن جا اچي پنا ايءُ
پر پون مڙئي اتر پار ڏانهن ڏکڻ كونہ پوي
سكي سي ياد كرهو تہ آنكي رب تسي
پر آءُ توكي چئان ڳالهہ جا سڄ ساري
تہ جني ساڍا اٺ پير لكيا پوهہ ڪ ماهہ ۾
او كم نہ ايندي ڳالهڙي مور نہ سنڌين كي
سنڌ ۾ ستن پيرنئون پاڇو كين وڏي
مگر كنهن هٽي ملک سين جي كوهوند جڙي
سايو سيني ملكن ۾ تفاوت كري
پڻ جنين ڏنو ساوڻ كي ڏيڍ پير سڄو
او نہ جڙندو سنڌ سين چوكاري ڏسو
سنڌ منجهہ ساوڻ ماه ۾ پاڇو مپر نہ پوءِ
مگر قدر پن ٽن آڱرين جو جن كي اعتبار نہ كوءِ
سٽي دين شريعت كي سكي ياد كريو
ويندا سي ايمان سين كلمو جن چيو
لا الله الا الله محمد رسول الله

مخدوم محمد هاشم صاحب جيكي ٻين عالمن جي سنڌي بيتن جا مثال ڏنا آهن، سي ۽ ضياءالدين جي سنڌيءَ ۾ آندل بيت مخدوم محمد هاشم جي مٿين تحقيق كان پوءِ هاڻي كارائتا نہ رهيا. تنهنكري مخدوم محمد هاشم جي تحقيق كي واضح كري نثر ۾ لكجي ٿو ۽ هندي مهينن بدران عيسوي مهينن جا نالا لكجن ٿا تہ جيئن سمجهڻ ۾ آساني ٿئي. اصلي پاڇي جي ڊيگهہ نثر ۾ بہ پيرن جو تعداد جاٽائڻ سان ظاهر كئي وئي آهي. پير مان مراد كنهن بہ درمياني قد واري مرد جو

پير آهي. جيئن ته مخدوم محمد هاشم پنهنجي تحقيق جي ابتدا ڇهين جمادي الاول ١١٣٢هه/ سورهين مارچ ١٧٢٠ع کان ڪئي هئي، تنهن ڪري هت به پهريون مهينو ١٦ مارچ کان ١٥ اپريل تائين لکيو ويو آهي.

(١) ١٦ مارچ کان ٣١ مارچ تائين اصلي پاڇي جي ڊيگهه درمياني قد واري ڪنهن به مرد جي اڍائي پيرن جي ڊيگهه آهي

(٢) ١- اپريل کان ١٥ اپريل تائين به پير

(٣) ١٦ اپريل کان ٣٠ اپريل تائين ڏيڍ پير

(٤) ١ مئي کان ١٥ مئي تائين هڪ پير

(٥) ١٦ مئي کان ٣١ مئي تائين اڌ پير

(٦) ١ جون کان ١٥ جولاءِ تائين اصلي پاڇو ناپيد هوندو آهي.

(٧) ١٦ جولاءِ کان ٣١ جولاءِ تائين اڌ پير

(٨) ١ آگسٽ کان ١٥ آگسٽ تائين هڪ پير

(٩) ١٦ آگسٽ کان ٣١ آگسٽ تائين ڏيڍ پير

(١٠) ١ سيپٽمبر کان ١٥ سيپٽمبر تائين ٻه پير

(١١) ١٦ سيپٽمبر کان ٣٠ سيپٽمبر تائين ٽي پير

(١٢) ١ آڪٽوبر کان ١٥ آڪٽوبر تائين چار پير

(١٣) ١٦ آڪٽوبر کان ٣١ آڪٽوبر تائين پنج پير

(١٤) ١ نومبر کان ١٥ نومبر تائين ساڍا پنج پير

(١٥) ١٦ نومبر کان ٣٠ نمبر تائين ڇهه پير

(١٦) ١ ڊسمبر کان ١٥ ڊسمبر تائين ساڍا ڇهه پير

(١٧) ١٦ ڊسمبر کان ٣١ ڊسمبر تائين ست پير

(١٨) ١ جنوري کان ١٥ جنوري تائين ساڍا ڇهه پير

(١٩) ١٦ جنوري کان ٣١ جنوري تائين ڇهه پير

(٢٠) ١ فيبروري کان ١٤ فيبروري تائين ساڍا پنج پير

(٢١) ١٥ فيبروري کان ٢٨ فيبروري تائين ساڍا چار پير

(٢٢) ١ مارچ کان ١٥ مارچ تائين ساڍا ٽي پير

مخدوم ضياءالدين جي سنڌيءَ ۾ مخدوم مرد کي ڪفن ڏيڻ وقت مٿي تي دستار ٻڌڻ بابت هي لفظ آيا آهن؛

" دستار متي مخدوم جي ڪڻي پڻ ڏيو"
هن ست ۾ اهو واضح نہ ڪيو ويو آهي تہ دستار ٻڌڻ جو هي حڪم سنت آهي يا فقط مباح. هي ساڳيو مسئلو مخدوم ابوالحسن پنهنجي ڪتاب 'مقدمة الصلواة' ۾ بہ لکيو آهي پر اتي ئي ان جي ڪراهت ڪان پڻ آگاهہ ڪيو ويو آهي.

ضياءالدين جي سنڌي، سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻيو ڪتاب آهي جو نماز جي فقهي مسئلن تي لکيو ويو. جيتوڻيڪ سڄو ڪتاب راقم الحروف ضعيف جي نظر ڪان نہ نڪتو آهي تہ بہ آسانيءَ سان چئي سگهجي ٿو تہ هي ڪتاب ابوالحسن جي سنڌيءَ ڪان زياده تفصيلي ۽ تحقيقي آهي. منجهس پاڪائيءَ جا مسائل 'ابوالحسن جي سنڌيءَ' ۾ ڏنل پاڪائيءَ جي مسئلن ڪان زياده آهن ۽ نماز جو بيان بہ هن ڪتاب ۾ مخدوم ابوالحسن جي 'مقدمة الصلواة' ڪان وڌيڪ تفصيلي آهي. البت مخدوم مرد جي ڪفن ۾ دستار شامل ڪرڻ جي غير معتبر مسئلي ڪي هن ڪتاب ۾ ڏسي ۽ ڪتاب جي مؤلف جي علمي معيار ڪي خيال ۾ رکندي تعجب لڳي ٿو تہ انهيءَ مهمل مسئلي ڪي هن ڪتاب ۾ جڳهہ ڪيئن ملي سگهي.

## ميان ابراهيم جي سنڌي

ميان ابراهيم جي سنڌي، وضوء ۽ نماز جي مسائل تي مشتمل فقه جو هڪ ننڍو ڪتاب آهي، جنهن ۾ مؤلف ڪل ساڍن ٽن سون ضروري مسئلن جمع ڪرڻ تي اڪتفا ڪئي آهي. ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ پاڻ هي لفظ چيا اٿس.

> پنا فرض، واجب، سنتون، مفسدات، محرمات
> ادا ابراهيم لکيا آهن لاءِ تصحيح ٽين الصلواة
> ساڍا ٽي سؤ مسئلا ٿئي ادا ايترائي.

'ميان ابراهيم جي سنڌي' جو مؤلف مخدوم محمد ابراهيم ذات جو يٽي هو، جو هالن جي مشهور يٽي بزرگن جي خاندان مان وقت جو هڪ يگانو عالم ٿي گذريو آهي. هو سنڌي ٻوليءَ ۾ موزون شاعريءَ جي ابتدا ڪندڙ ۽ نعت گو شاعر مخدوم عبدالرؤف يٽي جو ننڍو ڀاءُ هو. سندس

ولادت سنہ ١١٠٢هہ/١٦٩٠ع ۾ ٿي. ان حساب سان هو مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو همعصر ۽ عمر ۾ ان کان ٻہ سال وڏو هو.

سنڌي ٻوليءَ ۾ فقه تي لکيل ڪتابن مان هن ڪتاب جو گهڻو ڪري ٽيون نمبر آهي. فقه تي سنڌيءَ ۾ لکيل سڀ کان پهريون ڪتاب متفق راءِ سان مخدوم ابو الحسن جو ڪتاب مقدمة الصلواة آهي. ٻيو نمبر مخدوم ضياءُ الدين جي سنڌيءَ کي ڏنو وڃي ٿو. اهي قرائن يا اهڃاڻ جن سبب 'ميان ابراهيم جي سنڌيءَ' کي ٽيون نمبر ڏئي سگهجي ٿو، سي هي آهن.

١. مخدوم محمد هاشم مقدمة الصلواة جي ڪجهہ مسئلن سان اختلاف ڪري مقدمة الصلواة ۾ پنهنجي طرفان ڪي درستيون داخل ڪرايون هيون. پر ميان ابراهيم جي سنڌيءَ ۾ اهي مسئلا انهيءَ ساڳيءَ صورت ۾ موجود آهن جنهن ۾ مقدمة الصلواة جي مؤلف انهن کي لکيو هو. مثلاً: مخدوم ابوالحسن هن راءِ جو هو تہ نماز جي شرطن سکڻ کان سواءِ نماز پڙهبي تہ اها درست نہ ٿيندي، جنهن ۾ مخدوم محمد هاشم تصحيح ڪئي تہ جيتوڻيڪ نماز جي شرطن ۽ ٻين مسئلن جو علم سکڻ نهايت ضروري آهي پر ان علم کان سواءِ پڙهيل نمازون بہ درست آهن. جيڪڏهن 'ميان ابراهيم جي سنڌي' مقدمة الصلواة جي هن اصلاح کان پوءِ لکي وئي هجي ها تہ ان ۾ هن بحث طرف ڪونہ ڪو اشارو يا حوالو موجود ضرور هجي ها. ڇاڪاڻ تہ مخدوم محمد هاشم جهڙي عالم جي راءِ کي نظر انداز ڪرڻ اهڙو آسان نہ هو. مؤلف مخدوم محمد ابراهيم نہ فقط مخدوم ابوالحسن سان همراءِ ٿيو آهي پر هن مسئلي ۾ ان کان بہ سخت ۽ تاڪيدي الفاظ استعمال ڪيا اٿس. فرمائي ٿو:

فرض واجب وساري شرط نمازن
جن اڻ سکئي اگهہ ڪيون مرقضا ڪن
ميڄڻ ڦيري منهن تي اوءِ ۽ انهي کي هٽن
علم پڙهڻ اهکو تہ مر سنڌيائي سکن.

٢. ٻيو مسئلو رت پيئندڙ جيتن، جهڙوڪ جُون، مڇر وغيره جو هڪ با وضو شخص جي بدن مان رت پيئڻ سبب وضو جي ڀڄڻ يا نہ ڀڄڻ جو آهي. هن ۾ مخدوم محمد ابراهيم ٺٽوي اضافي ڪاٺيوء مخدوم ابوالحسن جي راء سان شامل ٿيو آهي.

هن ٻنهي ڳالهين مان ثابت ٿئي ٿو تہ ميان ابراهيم جي سنڌي 'اصلاح مقدمة الصلواة' کان اڳ لکي وئي هئي. ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن مخدوم محمد ابراهيم، مخدوم محمد هاشم جي راء سان اختلاف ۽ مخدوم ابوالحسن جي راء سان اتفاق رکندو هجي ها تہ اهڙي ڇٽائي يا پڌرائي پنهنجي سنڌيء ۾ ضرور ڪري ڇڏي ها. پر حقيقت هي آهي تہ هن 'سنڌيء' جي لکجڻ وقت مخدوم محمد ابراهيم، مخدوم محمد هاشم جي راء کان اڃان واقف ٿي نہ ٿيو هو. ڇو جو 'اصلاح مقدمة الصلواة' اڃان وجود ۾ نہ آيو هو. اصلاح مقدمة الصلواة سنہ ١١٥٢هہ/١٧٣٩ع کان ڪجهہ سال اڳ لکيو ويو هو.

٣. ٻئي طرف مخدوم محمد هاشم جو لکيل عربي ڪتاب فرائض الاسلام 'اصلاح مقدمة الصلواة' جي لکجڻ کان اڳ مڪمل ٿي چڪو هو ڇاڪاڻ تہ مخدوم محمد هاشم ان جي ترجمي کي مقدمة الصلواة جي بدران تعليمي درسگاهن ۾ بطور درسي ڪتاب رائج ڪرڻ ٿي گهريو. فرائض الاسلام ۾ ميان ابراهيم جي سنڌيء ۾ لکيل پنجن قبلن جو ڄاڻڻ فرضن جي فهرست ۾ لکيو ويو آهي. پر فرائض الاسلام جي ٻنهي ترجمن ۾ هن مسئلي متعلق هيٺيان لفظ آيل آهن. بزرگ علي بن حافظ فرائض الاسلام جي ترجمي ۾ هي لفظ آڻي ٿو:

> ۽ پڻ ڪنين چيو علم اقسام قبلن جا
> تہ عرش قبلو حاملن جو ۽ ڪرسي ڪروبنيا
> ۽ بيت المعمور باقين ملڪن جو بيت المقدس نبينيا
> ۽ ڪعبو قبلو نبي اسان جي جو ۽ تنهن جي امت لاء
> پر فرضيت ان علم جي فقه ۾ پڻ نظر نہ آئي آهہ.

مخدوم عبداللطيف 'فرائض الاسلام' جي سنڌي ترجمي ۾،

جوچاپي هيٺ ٻه اچي چڪو آهي، هن سلسلي ۾ جيڪي لفظ لکيا آهن سي هي آهن:

چاڻ پنجن قبلن جو فرض شريعتا
پر نه لڏوم اي مسئلو منجهه ڪنهن ڪتابا
ته چاڻ ان قسم جو آهي ڪو فرضا.

مٿين پنهي مثالن مان ثابت ٿئي ٿو ته ميان ابراهيم جي سنڌي، مخدوم محمد هاشم جي لکيل عربي ڪتاب 'فرائض الاسلام' کان ٻه اڳ لکيو ويو هو ۽ 'فرائض الاسلام' ڪتاب 'اصلاح مقدمة الصلواة' کان پهرين لکيو ويو هو. ڇاڪاڻ ته مخدوم محمد هاشم ان ڪتاب جي سنڌي ترجمي ڪي 'مقدمة الصلواة' جي بدران رائج ڪرڻ گهريو ٿي، پر جڏهن سنڌس ان تجويز جي مخالفت ڪئي ويئي تڏهن پاڻ 'اصلاح مقدمة الصلواة' لکيائين.

جيتوڻيڪ مخدوم محمد هاشم ۽ مخدوم محمد ابراهيم ٻئي همعصر بزرگ هئا ۽ سندن عمرين ۾ تمام ٿورو فرق هو ته به قرائن مان ثابت ٿئي ٿو ته ديني مسائل تي سنڌي ٻوليءَ ۾ پهرين مخدوم محمد ابراهيم قلم کنيو. مخدوم محمد هاشم جو سڀ کان پهريون سنڌي ڪتاب 'زادالفقير' آهي جنهن تي تحرير جو سنه ١١٢٥هه/ ١٧١٣ع لکيل آهي. جيتوڻيڪ ڪامل يقين سان چئي نه سگهبو ته ميان ابراهيم جي سنڌي مخدوم محمد هاشم جي ڪتاب 'زاد الفقير' کان ٻه اڳ لکي وئي هئي، پر ڪن حقيقتن جي بنياد تي اهڙو گمان پيدا ٿئي ٿو. اهي حقائق ٿورن لفظن ۾ هن طرح آهن. هڪ ته مخدوم محمد ابراهيم، مخدوم محمد هاشم کان عمر ۾ ٻه سال وڏو هو. تنهن ڪري ٿي سگهي ٿو ته هن بزرگ جي تصنيف جو دور مخدوم محمد هاشم جي تصنيف جي دور کان اڳ شروع ٿيو هجي.

ٻيو ته مخدوم محمد هاشم پهرين عربي ۽ فارسي تصنيف ڏانهن توجه ڏنو. فقه تي سندس سيئي تصنيفون جي سنڌيءَ ۾ آهن سي مواد جي لحاظ کان پاڻ پهرين عربيءَ ۾ لکيون هئائين. مثلاً: ذبح ۽ شڪار جي موضوع تي 'فاڪهة البستان' نالي عربي ڪتاب لکيائين. جنهن کان

پوءِ ساڳئي موضوع تي سنڌيءَ ۾ 'راحت المومنين' جوڙيائين. روزن متعلق پهرين عربيءَ ۾ 'ڪتاب مظهر الانوار' تحرير ڪيائين ۽ انهيءَ عنوان تي پوءِ سنڌيءَ ۾ زادالفقير جي نالي سان ڪتاب ترتيب ڏنائين. 'فرائض الاسلام' به ساڳئي نالي سان پهرين عربيءَ ۾ لکيو ويو هو ۽ پوءِ ان جو منظوم سنڌي ترجمو ٿيو. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته جڏهن مخدوم محمد هاشم عربيءَ ۾ تصنيف ۽ تحرير جي ڪم ۾ مشغول هو تڏهن مخدوم محمد ابراهيم پٽيءَ هالائيءَ 'ابوالحسن جي سنڌيءَ' ۾ ضياءالدين جي سنڌيءَ کان متاثر ٿي 'ابراهيم جي سنڌي' لکي.

هڪ خاص اهڃاڻ هي به آهي ته 'ميان ابراهيم جي سنڌيءَ' ۾ مخدوم محمد هاشم جي ڪنهن به تصنيف جو حوالو ڏنل نه آهي. جڏهن ته مخدوم محمد هاشم جي همعصر ۽ پوين سنڌي عالمن مان ڪو مشڪل اهڙو هوندو جنهن پنهنجي تحريرات جي سَنَد ۾ مخدوم محمد هاشم جي تصنيفات مان حوالو نه ڏنو هجي.

ان کان سواءِ مخدوم محمد هاشم سنڌي منظوم تصنيفات ۾ تحرير جي سال لکڻ جو رواج وڌو، جا ڳالهه اڳ عام مروج نه هئي. پر ڪانئس پوءِ گهڻو ڪري سيني مصنفن سندس تقليد ڪندي پنهنجي تصنيفن ۾ تحرير جو سال لکيو آهي. پر ميان ابراهيم جي سنڌيءَ ۾ مقدمة الصلواة وانگي ڪوبه سال يا تاريخ وغيره ڪتاب جي تحرير متعلق چاڻايل نه آهي.

ميان ابراهيم جي سنڌيءَ ۾ هڪ مختصر ديباچو ۽ چار باب آهن. جن مان هر هڪ ۾ هيٺين مضمونن جو بيان ڏنو ويو آهي: ١. باب پهريون فرضن جي بيان ۾ ٢. باب ٻيو واجبن جي بيان ۾ ٣. باب ٽيون نماز جون سنتون ٤. باب چوٿون وضو ۽ نماز جا ڀڃندڙ ۽ نماز جا حرام.

مخدوم ابراهيم جي سنڌي به ساڳئي جذبي جو نتيجو آهي، جنهن جي تحت ابوالحسن جي سنڌي وجود ۾ آئي. جيتوڻيڪ ابو الحسن جي سنڌي تمام گهڻو مقبول ۽ مشهور ٿي، پر شروع ۾ طباعت جي سولائي نه هئڻ سبب سنڌ جي بالائي حصن ۾ شايد ايترو جلد عام نه ٿي

هوندي. ان سبب ڀانئجي ٿو ته مخدوم محمد ابراهيم پنهنجي علائقي ۾
هوندي. ان سبب ڀانئجي ٿو ته مخدوم محمد ابراهيم پنهنجي علائقي ۾
تبليغ جي گهرج کي فوري طرح منهن ڏيڻ لاءِ در اصل ابوالحسن جي سنڌي جو اختصار ڪري ورتو. جنهن ۾ ڪن جاين تي ابوالحسن جي سنڌيءَ جا بعينه لفظ نقل ڪيل آهن. پهرين عام ماڻهن کي نماز جا مسائل پوري طرح سمجهائڻ لاءِ ٻين سيني ڳالهين کي ڇڏي مؤلف نماز جي مسائل تي زور ڏنو آهي. ۽ اسلامي احڪام کي آسان ڪري پيش ڪرڻ ۽ عام ماڻهن جي ورچي نه پوڻ جي نڪتن کي نظر ۾ رکندي، 'ابوالحسن جي سنڌي' ۾ ڏنل مسائل ڪان ٿورا منتخب ڪري مختصر لفظن ۾ 'ابراهيم جي سنڌي' ۾ لکيا ويا. مؤلف جو چوڻ آهي ته:

پنا فرض واجب سنتون مفسدا محرمات
ادا ابراهيم لکيا آهن لاءِ تصحيح ٿين صلواة
ساڍا ٽي سو مسئلا ٿين ادا ايترائي
جي ماڻهو ڪامل دين ۾ متان پڙهن نه گهٽائي
جن ڏارا نه سري نمازون نه رهائين
انداز سي ٿورڙا ڪري ته پڙهندڙ نه ورچن.

ان ڪان سواءِ جتي ضروري سمجهيو اٿس اتي مقدمة الصلواة جي ڪن مسئلن جي وضاحت اهڙي اشاري ڪرڻ ڪانسواءِ ڪري ڇڏي اٿس جيئن ته

(١)

جي عظيم صحيح نه ٿئي ته ڪريم تت چئيج
پر آهي اختلاف ان ۾ سندو عالمن
ڪنين چيو نه پڄي، پڳي ڪي چون
جنين چيو نه پڄي سي حجت هيءَ وٺن
ته حق جو حروفن جو سو عرب ادا ڪن
ٻيا مڙئي مخرج ۾ عاجز ٿي ايين
پر مقدار پنهنجي مر سعي سيئي ڪن
ڪريم ڪرم سين ڪري عفو عاجزن.

(٢)

وقف، وصل، اعراب جو ملاحظ ڪجي
مڃڻ معني ڦير ٿئي ڪلمو ڪو ڇجي
اتي عالمن جو اختلاف آهي
وقف، وصل، اعراب ڪي جيڪو مٽائي
صحيح قول ڪتابن جي پڄڻ پوءِ نہ ڪوءِ
توڙي تغير معنيٰ ٿئي غلط فاحش هوءِ.

**هن سٽن ڪان پوءِ مخدوم محمد ابراهيم جو ڪيل اضافو**

وري اهڙي پر ڪيائين تہ مڪروه ٿيو مڙوءِ
ڪل صلوٰة اديت مع الڪراهت تعاد علي وجه غير
مڪروه پهار م ڪري

ميان ابراهيم جي سنڌيءَ ۾ فقهي مواد گهٽو ڪري، ابو الحسن جي سنڌيءَ مان ورتو ويو آهي پر ان ڪتاب جو ڪوبہ حوالو ڏنل نہ آهي. باقي ٻن ٻين ڪتابن جا حوالا ڏنا ويا آهن. پهريون 'ڪتاب ڪيداني' صفحي ٥ ۽ ١٧ تي ۽ 'شرح منية' ص ١٦ تي. ڪتاب ڪيداني لاءِ مولانا غلام مصطفي قاسمي جي راءِ آهي تہ فقه جو اهو ڪتاب غير مستند آهي. انهيءَ هوندي بہ اٿين نہ چئبو تہ ميان ابراهيم جي سنڌيءَ ۾ ڪي غير مستند مسائل داخل آهن يا بنا تحقيق ڪتاب لکي ڇڏيو ويو آهي. جو تہ منجهس مقدمة الصلواة جي ثوري تصحيح ۽ اضافا ڏنل آهن جن جا مثال مٿي لکجي چڪا آهن.

## ساڍيون ڇهہ ويهون فرضن جون:

## مؤلف: حاجي محمود هُليو

ڪتاب 'ساڍيون ڇهہ ويهون فرضن جون' فقه جو هڪ ننڍو ڪتاب آهي، جو 'ابو الحسن جي سنڌي' سان گڏ بمبئي واري قديم ڇاپي ۾ موجود آهي. هي ڪتاب بہ 'ابو الحسن جي سنڌي' ۽ 'ابراهيم جي سنڌيءَ' واري

ساڳئي دور ۾ ئي مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي 'اصلاح مقدمة الصلواة' ۽ فرائض الاسلام کان اڳ لکيل آهي. ڇاڪاڻ ته هن ڪتاب ۾ به ان قاعدي کي تسليم ڪيو ويو آهي ته جنهن کي نماز جي فرضن جو علم نه هوندو، انهن جي نماز درست نه ٿيندي.

فرض سيئي صاحب جا پورا پاڙجن
تن منجهان هيڪڙو هي جي نه ڄاڻن
نانهه نمازون تن جون پڇو ڪان پڙهن
پانهپ اگهي نه ان جي توڻي عابد هون
مور مَ مرڪن ڪڏهن سکئي ري فرضن.

جيئن ته هن مسئلي جي مخدوم محمد هاشم 'اصلاح مقدمة الصلواة' ۾ تصحيح ڪئي آهي تنهن ڪري ظاهر ٿيو ته هي ڪتاب 'اصلاح مقدمة الصلواة' کان اڳ لکيو ويو هو. ان کان سواءِ هن ڪتاب ۾ پنجن قبلن جي علم کي به فرضن جي فهرست ۾ ڳڻيو ويو آهي، پر ان ڄاڻ جي فرضيت کان مخدوم محمد هاشم فرائض الاسلام ۾ انڪار ڪيو آهي. ڪتاب جي مؤلف 'حاجي محمود هَليي' متعلق ڪابه معلومات اڃا تائين حاصل ٿي نه سگهي آهي.

ڪتاب 'سادِيون ڇهه ويهون فرضن جون' ۾ جيڪي هڪ سوٽيهه فرض سکڻ لازم قرار ڏنا ويا آهن تن بابت هي لفظ ڪم آيل آهن:

ٽيهه فرض نماز جا سٺ سنڌي روزن
پنج بناڻون، پنج تڪبيرون، پنج وضوءِ پڙهجن
چار علم، چار پنيون، چار مذهب ڄاڻ
ٽي غسل، تيمم ٽي، ست صفت ايمان
مومن سکي ياد ڪر ته مرڪين منجهه جهان.

مخدوم محمد هاشم پنهنجي مشهور ڪتاب 'فرائض الاسلام' ۾ عبادت جا تمام گهڻا فرض ڄاڻايا آهن. تنهن ڪري هڪ سو ٽيهه فرض، سنڌس نظر ۾ فرضن جو هڪ محدود تعداد آهي. ان کان سواءِ فرائض الاسلام جي سنڌي ترجمي ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته ڪن عالمن

چئن مذهبن جي ڄاڻ کي فرض ڇيو آهي ۽ ڪن پاڻ سڳورن جي ڇئن پيڙهين جي معلومات کي فرض لکيو آهي پر ڪنهن به فقهي ڪتاب ۾ هن ڳالهين کي فرض سڏيو نه ويو آهي. ساڳي طرح پنجن قبلن جو علم رکڻ به ڪنهن طرح فرض ناهي. جن ڇئن علمن جو هن ڪتاب ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي ان لاءِ مخدوم صاحب جو چوڻ آهي ته ان جو بيان علحده لکڻ ضروري نه آهي.

# باب ٽيون
# مخدوم محمد هاشم ۽ همعصر عالمن جو دور

ٻارهين صدي هجريءَ جي درمياني پنجاهه سالن جي اندر فقه تي سنڌيءَ ۾ لکيل ڪتاب، عبادات سان گڏ مسلمانن جي معاشرتي زندگيءَ جي فقهي مسائل بابت به لکيا ويا آهن. هن دور ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جون اسلامي فقه جي ترويج لاءِ ورتل ڪوششون ممتاز حيثيت رکن ٿيون. تنهن ڪري هن دور کي مخدوم محمد هاشم ۽ هم عصر عالمن جو دور نالو ڏنو ويو آهي. هن دور جا هيٺيان منتخب سنڌي ڪتاب فقه جي موضوع تي لکيا ويا، جي هن باب ۾ شامل ڪيا ويا آهن.

١. زادالفقير: مخدوم محمد هاشم ٺٽوي

٢. راحت المومنين: مخدوم محمد هاشم ٺٽوي

٣. عقيقي جو رسالو: مخدوم محمد اسماعيل پريان لوئي

۴. ڪتاب سراجيءَ جو سنڌي ترجمو: علي بن حافظ

۵. حصن الاموال: علي اڪبر

٦. رسالو ميت جي وقت وارث جو: عبدالرزاق

٧. حيات العاشقين: مخدوم عبدالرحمان ابن مخدوم محمد هاشم ٺٽوي.

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي پنهنجي وقت جو ممتاز ديني عالم ٿي گذريو. پاڻ فقه، حديث، رجال، ڪلام، معقول، تفسير و غيره علمن ۾ ڪامل دسترس رکندڙ هو. علم ۾ شهره آفاق هو ته تقويٰ ۾ يگانه ۽ طاق. مسائل جي تحقيق ۾ سنڌ ملڪ ۾ سندس ڪوئاني نه هو(١). مخدوم امير احمد لکيو آهي ته مخدوم محمد هاشم جا وڏا عرب جي قريش قبيلي جي حارث خاندان مان هئا. سندن جد اعليٰ جو نالو خيرالدين سنڌي هو. هي بزرگ پنهور قبيلي مان هو جو قبيلو عرب قبيلن

(١) تڪمله مقالات الشعراء: مخدوم محمد ابراهيم خليل، ص ۴٣

مان هو ۽ حارث جو اولاد هو ۽ انهن سنڌ کي اچي پنهنجو وطن بنايو هو (٢) مخدوم صاحب جي والد جو نالو مولوي عبدالغفور هو جو سيوهڻ جو باشندو هو ۽ هڪ وڏو عالم ۽ بزرگ هو. زماني جي گردش سبب سيوهڻ مان هجرت ڪري ٺٽي ضلعي جي ميرپور ٻٺوري شهر ۾ اچي سڪونت ڪيائون جتي ڏهين ربيع الاول ١١٠٤هه/١٦٩٣ع تي مخدوم محمد هاشم تولد ٿيو (٣).

هو ابتدائي تعليم ۾ فارسي، صرف نحو ۽ فقه پنهنجي والد محترم وٽ جلد مڪمل ڪري اعليٰ تعليم لاءِ ٺٽي ويو. جتي ادل مخدوم محمد سعيد کان فيضياب ٿيو ۽ پوءِ مشهور عالم مخدوم ضياءُ الدين جي شاگرديءَ ۾ آيو جتي غير معمولي طرح تمام ٿورڙي عرصي ۾ علم جي تحصيل ڪري فارغ ٿيو هو.

تعليم کان فارغ ٿيڻ کانپوءِ مخدوم صاحب ميرپور ٻٺوري جي ويجهو بهرام پور نالي ڳوٺ ۾ اچي هڪ ديني درسگاهه جو بنياد رکيو. اتان پوءِ اچي ٺٽي ۾ رهاڪو ٿيو ۽ علم جي خواستگارن لاءِ فيض جو چشمو جاري ڪيائين.

سنڌ جو حاڪم غلام شاهه ڪلهوڙو سندن تعريف ٻڌي ساڻن ملاقات جو خواهان ٿيو ۽ ملڻ کانپوءِ سندن شخصيت کان بي حد متاثر ٿيو. هن بادشاهه مخدو محمد هاشم کي سڄي سنڌ لاءِ قاضِ القضات جي عهدي تي مقرر ڪيو، جنهن سبب سندس شرعي فيصلا ۽ فتوائون ساري سنڌ لاءِ آخري سمجهڻ ۾ آيا.

مخدوم محمد هاشم سنڌ مان بدعت جي پاڙ پٽڻ لاءِ سخت جدوجهد شروع ڪئي. ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي حڪم ۽ سند موجب سڀ سرڪاري ڪامورا هن ڪم ۾ ساڻن تعاون ڪرڻ لاءِ ٻڌل هئا. ان حڪم نامي ۾ هيٺين ڳالهين بنسبت سرڪاري فرمان جاري ڪيو

(٢) مقدمه بذل القوه (بحواله تحفة الڪرام، جلد ٣) مخدوم امير احمد ص ٥
(٣) تڪمله مقالات الشعراء (شجره نسب مخدوم محمد هاشم، مقدمه)، مخدوم محمد ابراهيم خليل، ص ٢١
(۴) تحفة الڪرام، مير علي شير قانع، ص ٥٦٥

ويو هو.

١. محرم جي ڏينهن ۾ ماتم ڪرڻ ۽ تابوتن ڪڍڻ کي روڪيو ويو.
٢. هر قسم جو نشو پيدا ڪندڙ شين جي استعمال جي منع ڪئي وئي.
٣. جوا، فاحش عورتن ۽ مخنثن تي بندش وڌي وئي.
٤. مسلمان عورتن کي قبرستان ۾ وڃڻ نه ڏنو ويو.
٥. جاندار شين جي تصويرن ٺاهڻ کي روڪيو ويو.
٦. مڻ جيتري ڊگهي ڏاڙهي رکائڻ لازم ڪئي وئي ۽ ان کان زياده ڪترائي وئي. ڏاڙهي ڪوڙائڻ جي اجازت ڪنهن کي به نه ڏني وئي.
٧. ڪنهن رشتيدار جي وفات وقت مردن ۽ عورتن ڀنهي کي وڏي آواز سان روئڻ ۽ پار ڪڍڻ جي منع ڪئي وئي.
٨. مسلمانن کي نماز روزي ۽ هر قسم جي مالي ۽ جاني عبادتن جي پابنديءَ طرف متوجه ڪيو ويو.
٩. هندن کي حڪم ڏنو ويو ته دڪانن، بازارن ۽ گهٽين ۾ گوڏا اگهاڙا ڪري نه ويهن. هوليءَ، ڳائڻ وڄائڻ ۽ دهل دماڪي کان باز رهن. بتن جي اڳيان يا دريا ۽ سمنڊ کي علي الاعلان سجدا نه ڪن.

سندن علم جي شهرت ڏينهون ڏينهن وڌندي ۽ پکڙندي رهي ايتري قدر جو حاڪمن ۽ بادشاهن تائين پهتي. نادر شاهه ۽ احمد شاهه جهڙن فرمانروائن مخدوم صاحب سان خط ڪتابت ذريعي رابطه قائم ڪيا ۽ مخدوم صاحب مٿن ايترو ته اثر حاصل ڪيو جو ديني معاملن ۾ سندن منشا مطابق انهن بادشاهن وٽان حڪم جاري ٿيڻ لڳا.

١١٣٥هه/١٧٢٣ع ۾ مخدوم صاحب حج بيت الله لاءِ روانا ٿيا. چون ٿا ته اتي ڏنائون ته مڪي ۽ مديني شريفين ۾ ان وقت مردن ۽ عورتن جي گڏجي نماز پڙهڻ جو دستور هو، جيڪو مخدوم صاحب جي ڪوشش سان اتي جي عالمن بند ڪرايو. مخدوم صاحب انهي موقعي تي هيٺين وڏن عالمن کان ڪي ڪتاب پڙهيا.

١. الشيخ عبدالقادر الحنفي الصديقي المکي
٢. الشيخ عبدبن علي المصري
٣. الشيخ محمد ابي طاهر المدني

۴. الشيخ علي بن عبدالملک الدراوي.

حج تان موٽڻ بعد مخدوم محمد هاشم سورت بندر ۾ قادري طريقي جي شيخ سيد سعد الله سورتي نالي خدا رسيده بزرگ جو مريد ٿيو. جنهن کان خلافت جي پڳ ٻه ٻڌائين. سنه ۱۱۳۷هه/۱۷۲۵ع ۾ پاڻ موٽي ٺٽي پهتو.

مخدوم محمد هاشم ۱۱۷۴هه/۱۷۶۱ع ۾ وفات ڪئي. سندن تربت مڪلي ٽڪري تي موجود آهي، جتي هر مهيني ميلو لڳندو آهي.

مخدوم صاحب عربي، فارسي ۽ سنڌي ٻولي ۾ تمام گهڻا ڪتاب تصنيف ڪيا، جن جو تعداد ڪن هڪ سوچاليهه ڪن هڪ سوپنجاهه ۽ ڪن ٽي سو پنجاه ٻه ٻڌايو آهي. مخدوم امير احمد مرحوم، سندن تصنيفات مان هڪ سو ٻارهن ڪتابن جا نالا ڏسيا آهن، جن مان هيٺيان ڪتاب سنڌيءَ ۾ آهن:

۱. ذبح ۽ شڪار جي مسائل متعلق لکيل رسالو 'راحة المومنين'
۲. روزن جي مسائل متعلق لکيل رسالو 'زاد الفقير'
۳. رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جي معجزن متعلق لکيل رسالو 'قوة العاشقين'
۴. صلواة سڳوري جي افضل ڪيفيتن متعلق رسالو.
۵. قبر ۽ موت کان پوءِ جي احوال متعلق رسالو 'نصيحت نامو'
٦. دين جي عقيدن متعلق رسالو 'بناء الاسلام'
۷. الله تعالي اڳيان گناهن جي توبه ڪرڻ جي ڪيفيت متعلق رسالو 'تحفه التائبين'
۸. دعائن جي ترجمي جو مختصر سنڌي رسالو. جنهن ۾ عربي متن ڏنل نه آهي.
۹. 'اصلاح مقدمة الصواة' جو سنڌي ترجمو
۱۰. قرآن شريف جي ٽيهين پاري جو تفسير يعني 'تفسير هاشمي'

هي سڀ ڪتاب منظوم سنڌي ۾ آهن. مٿين سنڌي ڪتابن مان فقط 'زاد الفقير' ۽ 'راحة المومنين' فقهي مسائل سان تعلق رکن ٿا جن جو تعارف ايندڙ صفحن ۾ ملاحظه ڪري سگهجي ٿو.

# ڪتاب زاد الفقير

مخدوم صاحب هي ڪتاب رمضان المبارڪ ١١٢٥هه (سيپٽمبر ١٧١٣ع) ۾ لکي پورو ڪيو.

### زادالفقير جي فقهي اهميت

زادالفقير اسلام جي ٽئين رڪن روزي متعلق شرعي مسائل جو هڪ جامع ۽ مفيد ڪتاب آهي. سندس افاديت سنڌ صوبي ۾ ٻين ڪتابن کان نسبتاً زياده آهي، ڇاڪاڻ ته هڪ ته هي ڪتاب سنڌيءَ ۾ لکيل آهي ۽ ٻيو ته سنڌ جي هڪ محتاط عالم ۽ ماهر فقيه جي قابل قدر تصنيف آهي. مؤلف ڪتاب ۾ روزي متعلق نه فقط سيئي فقهي احڪام جمع ڪيا آهن پر هر ڪنهن حڪم جي مختلف شقن ۽ پهلوئن سميت هرڪا ڳالهه مڪمل وضاحت سان چٽي ڪري سمجهائي آهي. ان کان سواءِ سنڌ جي ماڻهن جي مخصوص ضرورتن جو به هن ڪتاب ۾ خاص خيال رکيو ويو آهي. مثلاً؛

(١) مخدوم محمد هاشم جن فرمائن ٿا ته عام بزرگن جي لکڻ موجب روزي جو فديو ڪٽڪ جون پنج پائيون آهن. تنهن ڪري احتياط ان ۾ آهي ته اوترو ئي ڏجي. پر سندن تحقيق موجب ننگر ٺٽي جي ان وقت جي مروج ’ماڻ‘ ۾ هڪ روزي جو فديو هڪ سو ٻتيهه ’ڏوڪڙا‘ آهن. جي ساڍيون ٽي پائيون ۽ ڪجهه ڏوڪڙا وڌيڪ ٿين ٿا.

(٢) اهي شرعي مسائل جن ۾ قاضي جي قضا جو ضرور ٿئي ٿو، تن لاءِ اڪثر مونجهارو پيدا ٿيندو آهي ته شرعي قاضيءَ جي عدم موجودگي يا تمام پري هئڻ جي صورتن ۾ انهن مسائل جو حل ڪيئن ڳولجي يا ڪهڙي ’فيصلي‘ کي ’صحيح شرعي فيصلو‘ تصور ڪري قبول ڪيو وڃي. مخدوم محمد هاشم جي دور ۾ ملڪ ۾ اسلامي حڪومت قائم هئي تنهنڪري ڪنهن شرعي قاضيءَ جي عدم وجود جو سوال پيدا نه ٿي ٿيو، پر ان هوندي به سنڌ ۾ وڏن شهرن جو تعداد ٿوري هئڻ سبب ديهاتي ماڻهن لاءِ وقت جي قاضيءَ وٽ فوري طور پهچڻ جو مشڪل به موجود هو تنهن ڪري مخدوم محمد هاشم عام مسلمانن

جي هن 'مشڪل' کي آسان ڪرڻ لاءِ چند ڏسڻ جي شهادت جي سلسلي ۾ واضح ڪيو ته جيڪڏهن شرعي قاضي موجود نه هجي يا تمام پري هجي، ته چند ڏسڻ جي شهادت مسلمانن جي عام جماعت اڳيان ڏني وڃي ۽ انهن جو فيصلو قاضيءَ جي فيصلي جي قائم مقام سمجهيو وڃي.

موجوده وقت ۾ به اهڙا ڪيترائي شرعي مشڪل پيدا ٿين ٿا، جن جي حل لاءِ شرعي قاضيءَ جي وجود جي ضرورت سختيءَ سان محسوس ڪئي وڃي ٿي. تنهنڪري مخدوم محمد هاشم جي مذڪور رهبري سبب سنڌ جي ڪيترن متاخر علماء جي راءِ آهي ته جتي اسلامي حڪومت نه آهي يا اسلامي حڪومت طرفان ڪو قاضي مقرر ٿيل نه آهي اتي مسلمانن جي عام جماعت قاضي مقرر ڪري سگهي ٿي. مزيد تفصيلات اڳتي ڏنا ويا آهن.

(٣) پاڻيءَ ۾ ٽبي هڻڻ سنڌي ماڻهن جي روزمره جي زندگيءَ سان خاص واسطو رکي ٿو. سنڌ جي وچان درياء وهي ٿو، جنهن مان واهه، واهڙ، شاخون ۽ واٽر ڪورس نڪري سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ تائين پهچن ٿا. پاڻي ۾ وهنجڻ، ٽبيون ڏيڻ ۽ رانديون روندبون ڪرڻ سنڌ جي وڏن توڙي ننڍن جو محبوب مشغلو آهي، تنهن ڪري سنڌ جي مسلمانن کي هي مسئلو ڄاڻڻ نهايت ضروري آهي، ته اهڙي طرح وهنجڻ ۽ ٽبين ڏيڻ جو اثر روزي تي ڪهڙو ٿئي ٿو، جو مخدوم صاحب وضاحت سان سمجهايو آهي.

ڪتاب زاد الفقير جوڙڻ وقت مخدوم محمد هاشم کي تمام گهڻي جفاڪشي ڪان ڪم وٺڻو پيو هو ۽ منجهس مفيد ۽ وسيع معلومات جمع ڪرڻ لاءِ گهڻن ئي ڪتابن جي ورق گرداني ڪرڻي پئي هئس، اهڙو اظهار ڪتاب جي آخر ۾ هنن لفظن ۾ ڪرڻ فرمايو اٿن؛

لکيم رسالو روزن جو ڪري محنتا
ميڙيم مسئلا تن جا ڪري وس وڏا.

## ڪتاب راحة المومنين

هي ڪتاب مخدوم صاحب سنه ١١٣٠هه(١٦٢١ع) ۾ تاليف ڪيو. هن ڪتاب ۾جانور يا پکيءَ کي ذبح ڪرڻ ۽ شڪار ڪرڻ جا شرعي مسئلا لکيا ويا آهن، جنهن ڪري هن ڪتاب جو عرف عام ۾ نالوئي 'ذبح ۽ شڪار' پئجي ويو آهي. هن ڪتاب ۾ مخدوم صاحب اهي سڀ شرعي احڪام جمع ڪيا آهن، جن جي پوري تعميل ڪرڻ کانسواءِ حلال جانور جو گوشت به هڪ مسلمان لاءِ کائڻ جائز نه ٿيندو ۽ نڪي حلال پکي ۽ جانور شڪار ڪرڻ کان پوءِ کائڻ درست ٿي سگهندو. اهي شرعي احڪام اهڙا آهن جن جي اڻ ڄاڻائيءَ سبب عام مسلمان کان اهڙين غلطين ٿيڻ جو گهڻو احتمال آهي، جن سبب جائز مذبوح خواهه شڪار مٿن حرام ٿيو پون. هر ڪنهن مسلمان لاءِ لازم آهي ته هن ڪتاب ۾ آندل مڙئي مسائل انتهائي غور سان پڙهي ياد رکي. هت ڪتاب ۾ ڏنل مسئلن منجهان ڪي ٿورا لکجن ٿا.

١. ڪوبه مسلمان جيڪڏهن پنهنجي ٿي مال مان ڪو حلال جانور ڪنهن نفعي حاصل ڪرڻ جي قصد سان ذبح ڪرڻ چاهي ته ان ۾ نه ڪا بيرحمي آهي ۽ نه ئي ان کي هن ڪم عيوض ڪو وبال رسندو. البت بنا ڪنهن حاجت جي ڪنهن جانور کي ڪهڻ نه فقط مڪروهه آهي بلڪ قيامت جي ڏينهن ان جو پڇاڻو به ٿيندو.

٢. ذبح کان سواءِ ٻئي ڪنهن سبب مري ويل حلال جانور جو گوشت کائڻ حرام آهي. اهڙي جانور جو گوشت ڪتي يا ڪنهن ٻئي جانور کي پنهنجي هٿ سان ڏيڻ جائز نه آهي ڏيندڙ گنهگار ٿيندو.

٣. ٻچي، سيني ۽ منڍيءَ جي وچواري ڀاڱي کي چٽبو آهي. جانور کي اهڙي طرح ذبح ڪرڻ جو منڍي ۽ ٻچيءَ کي ڳنڍيندڙ ڳنڊ ٻچيءَ طرف ٿئي ذبح جو صحيح طريقو نه آهي. ڪن عالمن جي راءِ موجب اهڙو جانور حرام ٿئي ٿو. مخدوم محمد هاشم هن راءِ جو آهي ته اهڙي طرح ذبح ڪرڻ جيتوڻيڪ صحيح نه آهي ته به جانور حرام نه ٿيو ۽ ان جو گوشت کائڻ جائز آهي.

۴. ساهہ جي نالي، ڪاڌي جي نالي ۽ رت جون ٻہ شهہ رڳون جي ساهہ جي ناليءَ سان لڳ هونديون آهن، تن چئني جو ذبح وقت وڍجي وڃڻ ذبح جو پهريون شرط آهي. هنن مان ڪن ٻہ ٽن رڳن وڍڻ سان شرط پورو ٿي ويندو، پر چئني جي وڍڻ ۾ ثواب وڌيڪ ملندو. پر جي فقط ٻہ رڳون وڍيون ويون تہ جانور حلال نہ ٿيندو.

۵. ذبح ڪرڻ لاءِ جيڪو اوزار ڪتب آڻجي سو نهايت تيز هئڻ گهرجي، جيئن چارئي رڳون سرعت سان وڍي سگهي ۽ رت ٻہ وهائي. ذبح ڪرڻ لاءِ ڪهڙا اوزار استعمال ڪجن، ذبح ڪرڻ لاءِ ڪهڙيون شيون مڪروه آهن ۽ ڪهڙيون حرام، تن سيني جا تفصيل ڪتاب ۾ ڄاڻايل آهن.

٦. ذبح ڪرڻ وقت 'بسم الله سڳوري' پڙهڻ کان سواءِ ذبح حلال نہ ٿيندو، پر ذبح وقت جيڪڏهن محض ويسر کان الله تعالي جو نالو نہ ورتو ويو تہ بہ ذبح جائز ٿيندو. پر ذبح وقت بسم الله شريف جي بدران ڪنهن بہ ٻي ٻوليءَ ۾ يا عربيءَ ۾ ڪن ٻين لفظن ۾ الله تعاليٰ جو نالو ورتو ويو تہ بہ ذبح جائز ٿيندو.

٧. ذبح ڪري پوءِ 'بسم الله شريف' پڙهڻ يا 'بسم الله شريف' پڙهي، پوءِ ڪو ٻيو وڏو ڪم ڪري، مثلاً وضو يا گفتگو ڪري پوءِ ذبح ڪرڻ سان ذبح حلال نہ ٿيندو، پر ڪو ٿورو ڪم ڪرڻ مثلاً ڪاتي تيز ڪرڻ ۾ هرج نہ آهي.

٨. ذبح وقت 'بسم الله شريف' گهٽ ۾ گهٽ ايتري وڏي آواز سان پڙهڻ ضروري آهي، جو پڙهندڙ جا سندس ڪن ٻڌي سگهن.

٩. ذبح ڪندڙ مؤمن ۽ مسلمان هئڻ گهرجي، پر اهل ڪتاب جو ڪنل بہ جائز آهي. بهرحال ان کان گوشو ڪرڻ چڱو آهي ڇاڪاڻ تہ مسلمان جو ذبح ڪيل کائڻ ۾ زيادهہ ثواب آهي. انبياءِ عليهم السلام مان ڪنهن هڪ کي ميڃيندڙ ۽ تورات، انجيل يا صحيفن مان ڪنهن هڪ ۾ يقين رکندڙ کي اهل ڪتاب چيو ويندو آهي، پر هو عبادت ۾ شرڪ نہ ڪندڙ هجي. مثلاً ٻتن، چنڊ تارن، باهہ وغيره جي پوڄا ڪندڙ نہ هجي ۽ ذبح وقت الله تعالي جو نالو

وٽي ۽ نه ڪنهن نبيءَ وغيره جو.

١٠. جيڪو مسلمان ايمان جي شرطن مان ڪنهن هڪ ۾ به پورو ويساهه رکندڙ نه هجي ته ان جو ڪٺل به حرام آهي. اڻ ڄاڻ شخص جيڪڏهن فقط اجمالي ايمان رکندو هوندو ته ان حالت ۾ اختلاف آهي، پر فتويٰ هن تي آهي ته ان جو ڪٺل حلال آهي.

١١. مسلمانن مان ڇريو، نابالغ، نشي وارو، جنبي، عورت، اڻ طهريل، بي نمازي، نامرد، ڪوڙهيو ۽ گونگو جيڪڏهن ذبح ڪندا ۽ بسم الله شريف چئي، چارئي رڳون وڍي ويندا ته انهن مڙني جو ڪٺل جائز آهي. گونگي کي بسم الله چوڻ معاف آهي، باقي انڌي جو کهڻ بسم الله سان به مڪروهه آهي ڇاڪاڻ ته هو چارئي رڳون وڍڻ ۾ غلطي ڪري سگهي ٿو.

١٢. جنهن مذبوح تي الله تعاليٰ جل شانه جي نالي کانسواءِ ڪنهن ٻئي جو نالو پيل هوندو، ان جو گوشت کائڻ حرام آهي، مثلاً حاڪم جي آمد جي خوشيءَ ۾ يا ان جي تعظيم خاطر ان جي اڳيان ڪٺل جانور، ڪنهن ولي الله جي قبر وٽ ان جي نالي تي ڪٺل جانور، ڪنهن بزرگ جي رهائش واري هنڌ، ڪنهن مريض جي اڳيان، ڪنهن ٻار جي ڄمڻ واري هنڌ، پٽ جي جهنڊ لاهڻ وقت، گهوٽ جي ڪپڙن پائڻ وقت، نئين ٻني پوکڻ وقت، ڪنهن جاءِ ٺهرائڻ وقت، باغ رکائڻ وقت، کوهه کوٽائڻ وقت، نئين ڳوٺ وسائڻ وقت، ڪنهن جن يا ڪيت ڀار، يا ڪنهن شاهه پريءَ جي ايذاءِ کان بچڻ جي سوڻ سبب، ڪنهن بت اڳيان يا درياهه جي ڪناري ذبح ڪيل جانور مان کائڻ جائز نه آهي. جيڪڏهن ان جي ذبح خالص الله ڪارڻ جي نيت ڪيل نه هجي.

١٣. ذبح جائز ٿيڻ لاءِ مذبوح (جنهن کي ذبح ڪجي) ۾ حياتيءَ جو ڪجهه نه ڪجهه مقدار موجود هئڻ لازمي شرط آهي. حياتيءَ جي نشانين مان رت جو وهڻ هڪ ضروري نشاني ٻڌايل آهي پر ساڳئي وقت ان کي نهايت اٽل نشاني چيو نه ويو آهي ۽ وضاحت ڪيل آهي ته ڪي اهڙيون حالتون هونديون آهن جن ۾ جانور جيئرو

هوندو آهي پر ذبح وقت رت نہ وهندو آهي، جنهن جو هڪ سبب
هي ٻڌايل آهي تہ جهنگ ۾ ڪي اهڙا ٻہ وڻ آهن جن جي پَنَ چرڻ
کانپوءِ ڪجھہ وقت لاءِ جانور ۾ رت سڪي ويندو آهي، ۽ ان وقت
ذبح سبب رت نہ وهندو آهي. تنهنڪري جانور جي زندگي جي ثبوت
لاءِ ٻين نشانين تي انحصار ڪرڻ گهرجي، جي پڻ ڪتاب ۾ لکيل آهن.

**ذبح جا مستحب،** تيز ڪاتي آڻڻ، جي ڪاتي تيز نہ هجي تہ ذبح
جي جڳھہ تي وهڻ کي وڃي اڳ ۾ ڪان اڳي تيز ڪري وٺڻ. ذبح جي
وقت وهڻ جو رخ ڪعبي طرف ڪرڻ ۽ کاٻي پاسي پر ان کي دسڻ،
جيئن منھ ان جو ڏکڻ طرف ۽ پير اتر طرف ٿين، چارئي رڳون وڍڻ،
جيڪڏهن هڪ کان وڌيڪ جانور ذبح ڪرڻا هجن تہ هڪ ٻئي کان
هٽائي ذبح ڪرڻ وغيره.

**ذبح جا مڪروه،** مڏيءَ ڪاتي سان ذبح ڪرڻ، فقط ٽي رڳون وڍڻ،
ڪياڙيءَ جي پاسي کان ذبح ڪرڻ، چٽني رڳن وڍجي وڃڻ کانپوءِ بہ
کهندو رهڻ، ساهہ وڃڻ کان اڳ ڪنڌ ڀڃڻ يا کلڻ شروع ڪرڻ،
ضرورت کان سواءِ هڪ ٿي ڏک سان سسي لاهڻ وغيره.

**ذبح ضرورت،** ڪن حالتن ۾ جڏهن جانور کي 'ذبح اختيار' موجب سير
وجهڻ جي سولائي نہ هوندي آهي ۽ ان جي جلدي مري وڃڻ جو انديشو
هوندو آهي تہ بسم الله شريف چئي، ان کي ڪنهن اهڙي تيز اوزار جو
ڏک هڻجي جنهن سبب جانور مري بہ پوي ۽ رت بہ وهي تہ ان کي 'ذبح
ضرورت' چئبو آهي. اهڙي طرح ذبح ڪيل جانور جو گوشت کائڻ
حلال آهي. مثلاً: ڪنهن اونهي کوهہ ۾ ڪو وهڻ ڪري پوي جنهن جو
جيئرو ٻاهر نڪرڻ گهڻو مشڪل هجي ۽ کوهہ ۾ ئي ان جي مري پوڻ
جو قوي انديشو هجي. ان کانسواءِ ٻيا مثال بہ ڪتاب ۾ ڏنل آهن.

ڪتاب راحة المومنين ۾ زمين ۽ پاڻيءَ ۾ رهندڙ جانورن مان جيڪي
شريعت موجب حلال يا حرام آهن تن جا نالا نشانيون ۽ ٻيا تفصيل
ڏنل آهن. ساڳيءَ طرح پکين جو بيان بہ ڏنل آهي، هيٺ انهن سيني جو
مختصر احوال لکجي ٿو.

**(١) چوپايا:** اٺ، ڏڳي، رڍ، مينهن، جهنگلي ڏڳيون، جهنگلي ٻڪريون، هرڻ، ڦاڙها، سها وغيره حلال آهن. گڏهه ۽ استر حرام آهن. مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي سهو مڪروه لکيو آهي. گهوڙو امام اعظم جي راءِ موجب مڪروه آهي ۽ ڪن عالمن جي راءِ ۾ مڪروه تحريم ۽ ڪن جي راءِ ۾ تنزيهه آهي. پر فتويٰ مڪروه تنزيهه تي آهي. جيڪي چوپايا جانورن کي تکن ڏندن سان چني ڦاڙي کائن ٿا، سي حرام آهن جهڙوڪ: بگهڙ، سيار، هيٺو، شينهن، چيتو، سياه گوش، ٻوهي، رڇ، ٻولڙو، چراخ، پرتري، لنگور، لوڪڙو، نهار، سوئر، ڪتو، پوسٽو، وانر وغيره

**(٢) پکي:** جيڪي پکي چنبي سان شڪار ڪن ٿا سي کائڻ جائز نه آهن جهڙوڪ: باز، ترمچي، شڪرو، سرڻ، ڳجهه، باشو، سچانو وغيره. جيڪي پکي پليتيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهه نٿا کائن اهي به حرام آهن، انهن ٻن قسمن کانسواءِ ٻيا سڀ پکي حلال آهن. جهڙوڪ: ابابيل، ڳيرو، مور، جهرڪي، هدهد، چوئين، ڪبر، دوهائني، ڪبوتر گهرو يا وحشي، ڪونج، مرغابي، تتر، تغدري، شترمرغ، بلبل، ڪاز، قمري، ڪڪڙ، چتون وغيره. امام اعظم جي مذهب موجب چٻ به حلال آهي.

**ڪانگ:** ڪانگ جا چار قسم آهن جن مان هڪ قسم چنبي سان شڪار ڪندڙ آهي، ٻيو فقط پليتي کائيندڙ آهي. ٽيون پليتي ۽ اَن ٻئي کائيندڙ ۽ چوٿون فقط ان کائيندڙ آهي. پهريائن ٻه قسم حرام ۽ پويان ٻه قسم حلال آهن. هن مسئلي جي روشني ۾ سنڌ جي ڪن محقق عالمن جهڙوڪ سيد علي محمد شاهه دائري واري سنڌ جي عام گهرو ڪانگ کي حلال لکيو آهي.

**(٣) زمين تي سرندڙ جانور:** زمين تي سرندڙ سڀ جانور حرام آهن جهڙوڪ: نور، ڪِرڙو، چاهو، نانگ، سوپيري، ڪئو، ڏيڏر، ڳوهه، پتون، سانڊو وغيرهه. جن جيتن ۾ رت وهندڙ نه آهي انهن مان فقط مڪڙ کائڻ جائز آهي.

(۴) پاڻيءَجا جانور: پاڻيءَ جا ڪي پکي ۽ هر قسم جي مڇي، گانگٽن سميت کائڻ جائز آهي. پاڻيءَ جا پکي، مڇي ۽ مکڙ کهڙين حالتن هيٺ کائڻ حرام ٿين ٿا تن جا تفصيلي مسئلا به ڪتاب ۾ ڏنل آهن.

ڪتاب جي هن باب ۾ شڪار متعلق تفصيلي مسائل لکيا ويا آهن. مخدوم محمد هاشم جي فقهي تحقيق موجب نفعي وٺڻ جي نيت سان ڪو به شڪار ڪرڻ، مباح ۽ جائز آهي پر راندجي نيت سان مڪروه آهي. نفعي وٺڻ جي نيت سان حرام جانورن جو شڪار به مباح آهي، ڇاڪاڻ ته ان جي شر جو دفع ٿيندو ۽ ان جي کل وغيره مان ٻيو ڪو نفعو حاصل ٿي سگهندو.

## شڪار جا چوڏهن شرط

مخدوم محمد هاشم شڪار متعلق چوڏهن وضاحتي نقطا بيان ڪيا آهن، جن کي پاڻ شڪار جا چوڏهن شرط سڏي ٿو. انهن نقطن جو اختصار هيٺ درج ڪجي ٿو.

(۱) ڪنهن چيرينددڙ جان يا شڪاري پکيءَ کي شڪار ڪرڻ لاءِ بسم الله شريف پڙهي، شڪار ڏانهن اماڻيو ويو ۽ ان شڪاري جانور يا پکيءَ، شڪار کي تيز ڏندن يا چنبن سان گهاءُ ڪيو ته ان جو گوشت کائڻ جائز آهي. جيڪڏهن تڪبير وجهڻ کان اڳ مري ويو ته ان جو هرج ڪونهي.

(۲) شڪاري جانور ۽ پکي شڪار لاءِ خاص طرح سيکاريل هئڻ گهرجي. ٻيءَ صورت ۾ شڪار مان ڪجهه کائي وجهندا. جيڪڏهن شڪاري جانور يا پکيءَ شڪار مان ڪجهه کاڌو ته اهو شڪار حرام ٿي پوندو. پر انهن جي کائڻ کانپوءِ به جيڪڏهن شڪار جيئرو هوندو ۽ ان کي بسم الله ڪري ذبح ڪبو ته ان حالت ۾ جائز ٿيندو. شڪاري پکي ۽ جانور جي سکيا جي سڃاڻپ جو معيار هي آهي ته شڪار لاءِ ڀڄڻ کانپوءِ جيڪڏهن ان کي واپس گهرائبو هجي ته گهٽي ۾ گهٽ ٽن سڏن تي واپس اچي.

(۳) جنهن هٿيار سان شڪار ڪجي اهو نهايت تيز هئڻ گهرجي.

(۴) جيڪڏهن تيز هٿيار بسم الله چئي شڪار کي هنيو ويو، جنهن جي لڳڻ سان گهاءُ ٿيو پر رت نہ نڪتو ۽ شڪار مري پيو تہ ان شڪار جو گوشت کائڻ جائز آهي. رت نڪرڻ شرط نہ آهي. پر جي ڪو هٿيار تيز نہ آهي جهڙوڪ ڏڪو، گليلو، پٿر، بندوق وغيره، تہ ان جي لڳڻ سان جيڪڏهن شڪار مري پيو تہ حلال نہ ٿيندو جيتوڻيڪ بسم الله شريف چئي ڏڪ هنيو ويو هجي. پر جيڪڏهن اجا جيئرو هوندو تہ بسم الله چئي سير وجهڻ سان حلال ٿيندو. ڏڪ لڳڻ سان جيڪڏهن شڪار جي سسي بلڪل ڪپجي بدن کان علحده ٿي وئي ۽ شڪار اجا جيئرو هوندو تہ بچيل ڳچيءَ ۾ ٻئي هنڌان بسم الله چئي سير وجهڻ سان حلال نہ ٿيندو.

۵. شڪاري جانور يا پکي از خود شڪار جي پٺيان ويو ۽ مالڪ بسم الله شريف نہ چئي تہ شڪار حرام ٿيو. پر جي مالڪ ان کي ڊوڙندو ڏسي ٻچ ڪئي ۽ بسم الله چيائين ۽ جانور ٻچ تي تيز ڊوڙيو تہ شڪار حلال ٿيندو.

٦. بسم الله شريف چوڻ جيڪڏهن ويسر سبب رهجي ويو ۽ نہ ارادتاً، تہ شڪار جائز ٿيندو.

٧. فقط اهڙي شڪاري جو ڪيل شڪار کائڻ جائز آهي جنهن جو ذبح ڪرڻ جائز آهي يعني مسلمان يا اهل ڪتاب. پر مشرڪ، مجوسي يا مرتد وغيره جو ڪيل شڪار کائڻ جائز نہ آهي. جيڪڏهن شڪاري جانور يا پکي ڪنهن مجوسي وغيره جو سيکاريل آهي ۽ ڪو مسلمان اهڙي جانور يا پکيءَ جي مدد سان شڪار ڪندو تہ اهو جائز آهي. ان کان سواءِ شڪار ڪندڙ شخص کي ايترو علم ضرور هئڻ گهرجي تہ شڪار بسم الله شريف پڙهڻ کان سواءِ ناجائزآهي، تنهن ڪري شڪار ڪندڙ بسم الله شريف پڙهڻ ڄاڻندو هجي. حرم شريف جي حدن اندر شڪار ڪرڻ ناجائز آهي ۽ جنهن جو احرام ٻڌل آهي ان جي هٿان حرم جي حدن کان ٻاهر بہ شڪار ڪرڻ جائز نہ آهي.

ڪتاب جي آخر ۾ مخدوم صاحب ڄاڻايو آهي تہ هن وڏي ڪوشش

۽ محنت سان ذبح ۽ شڪار جا مسئلا هن ڪتاب ۾ لکي جمع ڪيا:

مسئلا ذبح ۽ شڪار جا اچي تمام ٿيا
ڪتابن ڪنا عربيءَ ڪڍي سي لکيا
تہ ٿئي سهڪائي تن ڪي جي طالب دين سندا.
ڪارڻ اهل دين جي هي لکيم رسالو
راحة المومنين سنڌي رکيم تنهن نالو
جنهن ڏينهن تمام ٿيو هي ناقص جو نسخو
ورهين هجرت جي مون تنهن حساب ڪيو
تان اڪاره سائيهہ ورهي ٿيا منجهس ڦير نہ ڪو.
ميڙي مسئلا دين جا ڪيم هيڪاندا
ڪارڻ ميڙڻ تن جي ڪيم وس وڏا
تہ نفع وٺن ڪڏهن ڪي مومن تن منجهان
سٽيو سڪيو سڄ سين ماڻ پارين پيا
۽ حق ۾ هن حقير جي پڻ ڪرين ڪا دعا
ڪ. ڪو پڙهي بخشي فقير ڪي ڪڏهن فاتحا
آهي اميد ان ۾ عاصيءَ ڪي اها
تہ ڪرم ڪري ڪريم ڏٺي ماڻ ڪميني سان
ميٽي مڻايون مٺن جون ماڻ يلن برڪتا
چڱن جي چڱائيءَ ۾ چٽن ماڻ بَچا
پڻي لڳي نيڪن جي لهن واٽ ولها
هادي ڪر هاشم ڪي مومنن منجها.

## عقيقي جو رسالو

ميان ابراهيم جي سنڌيءَ سان گڏ بہ رسالا ’عقيقي جو رسالو‘ ۽ ’تنبيه الغافلين‘ ڇپيل آهن. ٻنهي رسالن جو مؤلف هڪ ئي بزرگ آهي جنهن جو نالو محمد اسماعيل آهي.

عقيقي جي رسالي ۾ حمد، صلواة ۽ سلام کان پوءِ ۽ پهرين عقيقي جي اهميت ۽ ان جي سنت هئڻ جي ثبوت پيش ڪرڻ لاءِ حضرت سمره

بن جندب کان روايت ٿيل هڪ حديث شريف ڪتاب ’سفرالسعادت‘ جي حوالي سان نقل ڪئي وئي آهي.

عقيقو ٻار جي ڄمڻ کان ست يا چوڏهن يا ايڪيهه ڏينهن پوءِ ڪجي. پر جي نہ ٿي سگهيو تہ ڪنهن بہ وقت ٿي سگهي ٿو. چاڪاڻ تہ حضور عليه الصلواة والسّلام جن سندن عقيقو خود پاڻ چاليهن ورهين جي عمر ۾ ڪرڻ فرمايو هئائون. انهيءَ سبب عقيقو ڪرڻ سنت مؤڪد آهي. ان کان پوءِ ڪتاب ۾ عقيقي جي جانور کي ذبح ڪرڻ جو ۽ ان وقت دعائون پڙهڻ جو طريقو سيکاريل آهي.

مولانا اشرف علي ٿانوي عقيقي جي مسائل جي سلسلي ۾ فقط هيترو فرمايو آهي تہ پٽ لاءِ ٻہ يا هڪ ٻڪري ۽ ڌيءَ لاءِ هڪ ٻڪر يا ٻڪري عقيقو ڪجن. ٻيا احڪام ۽ شرائط ساڳيا اضحي وارا آهن. ٻار جا وار ڪوڙائجن ۽ هموزن چاندي يا سون خيرات ڪجي ۽ جي مرضي هجي تہ ٻار جي مٿي تي زعفران رکجي. عقيقو نہ ڪبو تہ بہ ڪو حرج ناهي. ان کان سواءِ باقي سڀ رسمون لغو ۽ اجايون آهن.

’عقيقي جي سنڌي رسالي‘ ۾ عقيقي جي سلسلي ۾ جن رسمي ڳالهين جو ذڪر آيل آهي تن جي ڪابہ فقهي اهميت ناهي. مؤلف اهي رسمون شايد رواج ۾ هئڻ سبب يا ڪنهن غير معتبر فقهي ڪتاب تان نقل ڪري لکيون هيون. جي ان کان پوءِ تحقيق جي ڪسوٽيءَ تي صحيح ثابت نہ ٿيون. پر انهن ٿورين ڳالهين کي ڇڏي ڪتاب ۾ نهايت تحقيقي ۽ معتبر فقهي مسائل بہ جمع ڪيل آهن جن بابت ڪتاب ’سراج الوهاج‘ ۽ ’بياض مخدوم محمد هاشم ٺٽوي‘ مان حوالا ڏنا ويا آهن.

## علم ميراث جي ڪتاب ’سراجي‘ جو سنڌي ترجمو

هي ترجمو بزرگ علي بن حافظ بن علي بن حافظ بن عبدالله ٻجوري جو ڪيل آهي، جيڪو ڳوٺ سن تعلقو ’ڪوٽڙي‘ جي ويجهو ’ڇڇر‘ ڳوٺ جو رهندڙ هو. هن هي ترجمو سنہ ١١٦٢هہ ۾ ڪيو. هن بزرگ جو مزيد احوال دستياب ٿي نہ سگهيو پر هي اهو

ساڳيو بزرگ آهي جنهن مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي عربي ڪتاب 'فرائض الاسلام' جو ترجمو ڪيو.

## حصن الاموال

حصن الاموال، زڪواة، خراج، عشر، صدقة الفطر وغيره جي مسائل تي مشتمل هڪ ننڍو پر نهايت عمدو ۽ معلومات سان ڀرپور ڪتاب آهي. هي ڪتاب سنه ١٣٠٢هه/١٨٨٥ع ۾ مخدوم عبدالصمد مخدوم پوٽي ۽ شيخ نورالدين بن جيوا خان جي شراڪت سان بمبئي جي صفدري ڇاپخاني مان ڇپجي شايع ٿيو. ڇپيل ڪتاب جي پڇاڙي ۾ مؤلف جو نالو علي اڪبر ڄاڻايل آهي ۽ ڪتاب جي تاليف جو سنه ١١٦٣هه/١٧٤٩ع لکيل آهي.

بزرگ علي اڪبر متعلق ڪابه معلومات دستياب ٿي نه سگهي آهي، تنهن ڪري چئي نٿو سگهجي ته هي بزرگ ڪير هو، پر ڪتاب ۾ فطري ۽ زڪواة جي احڪام جو ذڪر ڪندي، حضور صلي الله عليه وسلم جن جي وقت جي مروج ماڻن ڪي، ٺٽي ۾ مؤلف جي حياتيءَ جي دور ۾ رائج ماڻن سان ڀيٽي تشريح ڪئي وئي آهي. ساڳيءَ طرح زڪواة ادا ڪرڻ لاءِ به ٺٽي جي ماڻن جو ذڪر ڪيل آهي، جنهن مان سمجهجي ٿو ته مؤلف ٺٽي يا ان جي انتظامي حدن ۾ رهندو هو. ڇاڪاڻ ته ان وقت اهو دستور هو ته شرعي ذميدارين جي ادائگي لاءِ ويجهي ۾ ويجهي شهر جا رائج الوقت ماڻ ذهن ۾ رکيا ويندا هئا. مثلاً مولانا عبدالرزاق جيڪو پڻ بزرگ علي اڪبر ۽ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو همعصر هو، تنهن 'ميت جو وقت وارڻ' واري رسالي ۾ شهدادپوري، روپاهي ۽ ساندڪن ماڻن جو ذڪر ڪيو آهي.

حصن الاموال ۾ ڪل اٺ باب آهن جن ۾ بقول مصنف سنڌي پڙهندڙن جي آسانيءَ لاءِ زڪواة متعلق مسائل جمع ڪيل آهن. مؤلف جا پنهنجا لفظ هيٺ نقل ڪجن ٿا:

مر ڪري سيڪو صاحب جي ساراهه صفت ثنا
جنهن مولي مرسل مير ڪي ڪيو شافع شفاعتا
اصحابي احمد ڄام جا شمع ۾ شرفا

الهم صل عليٰ وسلم عليه وعليٰ آله واصحابه اجمعين
ڪين ڪجي ذڪر زڪواة جو سنڌيءَ ۾ سهجا
جو آهي فرض اسلام جو پنجن پنجنئا
تہ سهڪي ٿئي سين ڪي سنڌي سمجهڻ لاءِ
پڙهي پروڙي تنهن ڪي فاتح فقير ڏجا
هاٿي سٺو مومنا هيين سين هيجا
مسئلا زڪواة جا ڪڍيا ڪتابنئا
جي ڪتاب معتبر آهن فقه جا
عالمگيري ۽ ڪَنز مُها، ۽ پڻ هِدايا
چوندي ڪڍيا مسئلا انهن ڪتابنئا
آندو ائن بابن ۾ نسخو سنڌي واءِ

انهن ائن بابن جو اختصار هيٺ ڏجي ٿو.

پهرئين باب ۾ زڪواة جي فرضيت جي شرطن، ان جي ادا ڪرڻ جي فضائل ۽ نہ ڏيڻ جي وعيد متعلق ذڪر ڪيل آهي. پهرين زڪواة ادا ڪرڻ جا فضائل ۽ نہ ڏيڻ تي پلڪار جو بيان آهي. تنهن ڪان پوءِ زڪوات فرض ٿيڻ جا ڪل نو شرط لکيل آهن جي هي آهن. زڪواة ڏيندڙ: ١. عاقل ٢. بالغ ٣. مسلمان ٤. آزاد ٥. صاحب نصاب هئڻ گهرجي. ٦. نصاب تي پورو هڪ سال گذري ويو هجي يعني هڪ سال کان اوتري ملڪيت مالڪ جي قبضي ۾ رهي هجي ٧. اهو نصاب قرض خواهہ ٨. اصلي حاجتن کان فارغ هجي ٩. مال ۾ واڌ جي صلاحيت هجي، چاهي ان کي واپار لاءِ استعمال ڪيو وڃي يا نہ. هنن شرطن جي ضروري تشريح پڻ ڪتاب ۾ مثالن سميت ڏنل آهي.

ٻئي باب ۾ چوپائي مال متعلق زڪواة ڏيڻ جا چند عام قاعدا ڏنا ويا آهن جيڪي هر قسم جي چوپائي مال سان لاڳو ٿين ٿا:

١. اوٺ، ميهون، ڳائون، ٻاڪرو ۽ رڍون مال، جنهن سال مان ڇهن مهينن کان زياده عرصي تائين جهنگ جو گاهہ چرو هوندو ان تي زڪواة ڏيڻ لازم ٿيندي. پر جنهن مال، اڌ سال کان وڌيڪ عرصي تائين گهر جو گاهہ چرو هوندو ان تي زڪواة نہ لڳندي.

٢. هر ڪنهن جنس لاءِ نصاب علحده آهي. هڪ نصاب کان زياده مال جيسين ٻئي نصاب کي نہ رسندو تيسين ان تي زڪواة معاف آهي.
٣. زڪواة واجب ٿيڻ کان پوءِ ادا ٿيڻ کان اڳ جيڪڏهن ڪنهن حادثي سبب مال فنا ٿي ويو تہ ان تي واجب ٿيل زڪواة ادا ڪرڻ لازم نہ آهي.
٤. هڪ سال کان گهٽ عمر وارا ڦر نصاب ۾ نہ ڳڻبا. پر جيڪڏهن سندن تعداد نصاب جي تعداد کي رسيل هوندو ۽ منجهن هڪ ڦر بہ هڪ سال عمر جو هوندو تہ زڪواة ادا ڪرڻي پوندي. ان طرح جيڪي جانور زڪواة ۾ لازم ٿيندا سي سڀ وڏي عمر جا ڏبا ۽ نہ ڦر.
٥. بابرداريءَ، سواريءَ، هر ڪاهڻ يا اهڙي قسم جي ٻي محنت لاءِ مخصوص ڪيل جانورن تي زڪواة نہ لڳندي.

## گهوڙن جي زڪواة

امام ابو حنيفه جي راءِ موجب گهوڙن تي بہ زڪواة واجب آهي. پر فتويٰ 'صاحبين' (امام ابو يوسف ۽ امام محمد) جي قول تي آهي. 'صاحبين' جي قول موجب گهوڙن جي فقط ان صورت ۾ زڪواة فرض ٿيندي جڏهن اهي واپار جي نيت سان رکيا ويا هجن. ٻيءَ صورت ۾ مٿن زڪواة واجب نہ ٿيندي. واپار جي نيت جي صورت ۾ گهوڙن کي بہ واپار جي ٻئي سامان وانگر شمار ڪبو ۽ انهن جي نصاب لهڻ لاءِ سندن قيمت بہ سون يا چانديءَ جي قيمت سان ڪٿي ان موجب زڪواة ادا ڪبي. گڏهن ۽ خچرن سان بہ ساڳيا احڪام لاڳو آهن.

ٽئين باب ۾ سون، چانديءَ، سڪي، زيورن ۽ ٻين شين جي زڪواة جا احڪام ۽ مسائل چاڻايل آهن، جن جو ضروري اختصار هيٺ لکجي ٿو. سون ۽ چاندي پنهنجي اصلي صورت ۾ هوندا يا ڪنهن ٻي صورت ۾ هوندا، مثلاً سڪي، زيورن يا برتن وغيره جي صورت ۾ هوندا تہ هر صورت ۾ مٿن زڪواة واجب ٿيندي، چاهي واپار جي نيت سان رکيل هجن يا نہ. سون ۽ چانديءَ ۾ جيڪڏهن مٽ گڏيل هوندو ۽ اهو سون

۽ چانديءَ جي مقدار کان گهٽ هوندو ته سموري تور کي سون يا چاندي جو حڪم آهي. پر جيڪڏهن مٽ جو مقدار زياده هوندو ته ان شيءِ کي سون يا چانديءَ ۾ شمار نه ڪبو بلڪ ان جي زڪواة ٻئي سامان وانگي قيمت ڪٿي ادا ڪبي. سون جو نصاب ويهه 'مثقال' ۽ چانديءَ جو نصاب ٻه سو 'دِرمَ' آهي. سال جي اول ۽ آخر ۾ نصاب پورو هوندو ۽ وچ ۾ گهٽجي ويو هوندو ته اهو اعتبار ۾ نه آڻبو. زڪواة جو نرخ نصاب جو چاليهون حصو آهي. پهرئين نصاب کان پوءِ ۽ نصاب جي پنجين حصي کان گهٽ جيتري واڌ معاف آهي، پر پورو پنجون حصو نصاب کان زياده ٿيو ته ان جو به چاليهون حصو زڪواة ۾ ادا ڪبو.

جواهر تي زڪواة ناهي جهڙوڪ ياقوت، هيرا ۽ موتي وغيره. چاهي انهن جا زيور ٺهيل هجن. پر واپار جي نيت سان رکيل هوندا ته پوءِ انهن تي زڪواة لازم ٿيندي، ان حالت ۾ انهن جو حڪم به عام سامان جهڙو آهي.

چوٿين باب ۾ 'عاشر' جو بيان آيل آهي. 'عاشر' اسلامي حڪومت جي انهيءَ عملدار کي چئبو آهي جو زمين جي ڍل وصول ڪري. زمين جي ڍل کي فقهي اصطلاح ۾ 'عشر' چئبو آهي جو ته ڍل پيداوار جو ڏهون حصو هوندي آهي. ڪتاب حسن الاموال ۾ 'عاشر' جي فرضن ۾ تجارتي قافلن کان زڪواة خواه محصول وصول ڪرڻ ۽ انهن لاءِ امن مهيا ڪرڻ به شامل ڪيو ويو آهي. 'عاشر' مسلمان واپاري کان بطور 'زڪواة' سندس مال جو چاليهون حصو ۽ 'ذميءَ' کان تجارت جي مال جو ويهون حصو بطور 'جزيه' ۽ 'حربيءَ' کان ڪيل معاهدي جي شرطن موجب عائد ٿيندڙ واجبات وصول ڪندو آهي. پر 'ذميءَ' کان اهڙي طرح وصول ڪيل جزيه ۾ متس واجب الادا شخصي جزيه شامل نه آهي جا هن کي علحده ڏيڻي پوندي.

پنجين باب ۾ معدنيات جي محصولن جو ذڪر آهي. 'عشري' خواه 'خراجي' زمين مان جا معدني پيدائش ٿئي ان جو پنجون حصو اسلامي حڪومت کي ڏيڻو آهي، پيدائش ڪندڙ مسلمان هجي يا ذمي، آزاد هجي يا غلام، مرد هجي يا عورت، بالغ هجي يا صغير، باقي چار حصا پيدا

ڪندڙ جا آهن. پر جيڪڏهن اهڙي معدنيات پنهنجي زمين يا جاء مان ڪيس هٿ اچي ته سموري سندس ملڪيت آهي، حڪومت ان مان ڪجهه نه وٺندي. ساڳيو حڪم قيمتي پٿرن، موتين، عنبر يا پوريل خزاني جو آهي.

سون چانديءَ جو ڪو پوريل خزانو اسلامي رياست جي ڪنهن اهڙي زمين مان جا ڪنهن جي ملڪيت نه آهي، جيڪڏهن ڪنهن کي هٿ اچي ۽ ان خزاني تي ڪا اسلامي نشاني هجي ته ان مال جي اصلي مالڪ جي تلاش ڪبي ۽ شرعي احڪام موجب ان جي تلاش لاء اشتهار جاري ڪبو. جيڪڏهن ان جو ڪو مالڪ مليو ته اهو مال ان کي موٽائي ڏبو. ٻيءَ صورت ۾ ان مال جو ليندڙ جيڪڏهن غريب هوندو ته ان کي پنهنجي ڪتب آڻڻ جي اجازت آهي. غنيءَ لاء مستحب آهي ته خيرات ڪري ڇڏي. پر جي اهڙي مال تي ڪفر جي ڪا نشاني آهي ته ان مان پنجون حصو اسلامي حڪومت ڪٽندي باقي چار حصا ليندڙ کي ملندا. جيڪڏهن اهڙو مال ڪنهن جي ذاتي ملڪيت مان ليندو ۽ اها ملڪيت ڪنهن صاحب خطي جي حدن اندر هوندي ته پنجون حصو اسلامي حڪومت ڪٽندي باقي چار حصا صاحب خطي کي ملندا. جي اهو پاڻ موجود نه هجي ته ان جي وارثن کي ڏنا ويندا. پر وارثن جي عدم موجودگيءَ ۾ جنهن شخص جي ملڪيت مان اهو مال لڌو هوندو ان کي ملندا بشرطيڪ 'صاحب خط' ۽ زمين جو مالڪ ٻئي مسلمان هوندا. ڪو مسلمان 'دارالحرب' مان ڪنهن اهڙي هنڌان ڪجهه ليي جو هنڌ ڪنهن جي به ملڪيت نه آهي ته پاڻ ان ملڪيت جو جائز طرح مالڪ آهي. پر جي ان هنڌ جو ٻيو ڪو ڌڻي هوندو ته لڌل مال ان ڌڻيءَ کي ڏيڻو پوندس. اسلامي ملڪ ۾ ڪنهن 'حربيءَ' کي معدني پيدائش ڪرڻ جو حق حڪومت جي اجازت کان سواء نه آهي. اسلامي حڪومت ڪنهن 'حربيءَ' سان معدني پيداوار لاء کڻڻ به شرطن تي معاهدو ڪري سگهي ٿي.

ڇهين باب ۾ زرعي پيداوار جي زڪواة ۽ 'خراج جا مسئلا' بيان ڪيل آهن. زرعي زمين جا ٻه قسم آهن: 'عشري' ۽ 'خراجي'. جنهن

ملڪ جا رهاڪو جنگ يا بنا جنگ اسلام جي غلبي ڪان پوءِ مسلمان ٿين يا اتي جي زمين غلبہ راهِ سان لشڪر ۾ ورهائي وڃي تہ ان زمين کي 'عشري' زمين چئبو آهي. پر اها زمين جا اسلام جي غلبي ڪان پوءِ بہ غير مسلمانن وٽ ئي رهڻ ڏني وڃي يا ان ملڪ جي زمين جنهن ملڪ سان صلح آهي، 'خراجي' زمين سڏجي ٿي. غير آباد زمين کي جيڪڏهن ڪنهن آباد ڪيو تہ ان زمين کي پرواري زمين جهڙو حڪم ملندو. امام ابو حنيفہ جي راءِ موجب 'عشري' زمين جيڪڏهن نهري يا باراني پاڻيءَ تي آباد ٿئي ٿي تہ ان جي هر قسم جي پيدائش ان خواهہ ميوي وغيره جو ڏهون حصو حڪومت کي ڏيڻو پوندو. پر نہ ڪائين يا گاهہ وغيره جو چاهي اها پيداوار ٿوري هجي يا گهڻي. نصاب برابر هجي يا گهٽ يا هڪ سال ٽي ويو هجيس يا نہ.

جبل مان حاصل ڪيل ماڪيءَ جو بہ عشري زمين جي پيداوار جهڙو حڪم آهي. پر 'صاحبين' جي راءِ آهي تہ ڏهون حصو زڪواة فقط اهڙي پيداوار تي لڳندي جا ٻارهن مهينا رهي سگهي ۽ خراب ٿي نہ وڃي ۽ گهٽ ۾ گهٽ هڪ 'اوسق' پيداوار لهي. هن راءِ سبب ترڪاريءَ ۾ ڪابہ زڪواة نہ لڳندي. جيڪڏهن زمين نهري يا باراني پاڻيءَ بدران کوهہ جي پاڻيءَ سان آباد ڪئي وئي هوندي، جنهن مان پاڻي ڏڪن يا هٿن جي محنت سان حاصل ڪيو ويو هوندو تہ پيداوار جو ويهون حصو زڪواة لڳندي.

'خراج' جو نرخ اسلامي حڪومت طرفان هر زمين جي حالت سارو جريب جي پيداوار جو ٽيون يا چوٿون حصو مقرر ڪيو ويندو آهي، ان کان زياده مقرر ڪرڻ مناسب نہ آهي. اهڙي طرح مقرر ڪيل خراج، پيداوار گهٽ لهڻ يا ڪنهن اوچتي آفت اچڻ يا ٻوڏ يا سوڪ سبب گهٽائي سگهجي ٿي. پر آبادي زياده ٿيڻ سبب وڌائي نہ ٿي سگهجي. جيڪڏهن آبادگار خود ئي بي توجهي سبب آباد نہ ڪئي هوندي تہ خراج گهٽ نہ ٿيندي. عشري زمين جيڪڏهن مسلمان کان ذمي خريد ڪندو تہ ان کي خراج ڏيڻي پوندي، پر جيڪڏهن ذميءَ کان مسلمان وٺندو تہ ان کي عشر ڏيڻي پوندي. مسلمان پنهنجي گهر ۾ باغ پوکي

ان کي عشري پاڻي ڏئي ته زکواة ۾ عشر ڏيندو. ۽ جيڪڏهن خراجي پاڻي ڏيندو ته خراج ادا ڪندو. پر ذمي جيڪڏهن پنهنجي جاءِ ۾ باغ پوکي ته ان تي خراج آهي چاهي پاڻي عشري هجي هرکو قدرتي وهندڙ ۽ باراني پاڻي عشري پاڻي آهي. پر کوهن ۽ چشمن مان محنت سان حاصل ڪيل پاڻي خراجي پاڻي آهي.

ستين باب ۾ انهن ماڻهن جو بيان آهي جن کي زکواة ڏيڻ جائز آهي يا جن کي ڏيڻ جائز نه آهي.

## هيٺين تي زکواة نه لڳندي.

١. 'فقير' يعني اهو شخص جيڪو نصاب جو مالڪ نه آهي.
٢. 'مسڪين' يعني اهو شخص جنهن وٽ هڪڙي ڏينهن جي گذر جيترو خرچ يا ستر ڍڪڻ لاءِ ڪپڙو موجود نه آهي. تنهنڪري سوال ڪرڻ جو مستحق آهي.
٣. زکواة وصول ڪرڻ لاءِ حڪومت طرفان مقرر ڪيل 'عامل'
۴. 'مڪاتب' يعني اهڙو غلام جنهن کي سندس مالڪ کنهن رقم جي عيوض آزاد ڪرڻ جو معاهدو لکي ڏنو آهي ۽ جنهن کي ان رقم پوري ڪرڻ لاءِ پيسي جي مدد جي گهرج آهي.
۵. 'مديون' يعني اهڙو قرضدار جو قرض ادا ڪرڻ ڪانپوءِ نصاب جو مالڪ نه رهي.
٦. اسلامي لشڪر جا اهي 'سپاهي' جي لشڪر کان ڌار رهجي ويا هجن ۽ پرديس ۾ هجن.
٧. 'مسافر' جي پرديس ۾ آهن ۽ وٽن ملڪيت نه آهي چاهي پنهنجي وطن ۾ نصاب جا مالڪ هجن.

مٿين ماڻهن مان سيني کي زکواة ورهائي ڏيڻ يا کنهن هڪ کي سڀ ڏيئي ڇڏڻ جائز آهي.

## جن ماڻهن ۽ ادارن کي زکواة ڏيڻ جائز نه آهي

١. 'غير مسلم' جيتوڻيڪ انهن کي نفلي خيرات ڏيئي سگهجي ٿي.
٢. مسجد جو خرچ، ميت جو ڪفن يا قرض

٣. غلام خريد ڪري آزاد ڪرڻ جي نيت سان به زڪواة خرچ نه ڪبي.
٤. ماءُ پيءُ، ڏاڏو ڏاڏي يا انهن کان مٿي يعني پڙ ڏاڏو وغيره.
٥. زال، مڙس ۽ اولاد.
٦. بني هاشم، يعني حضرت علي، حضرت عباس، حضرت جعفر، حضرت عقيل، حارث بن عبدالمطلب ۽ انهن جو اولاد. پر شرح مختصرۀ طحطاوي ڪتاب مرجب هن وقت بني هاشمين کي زڪواة وٺڻ جائز آهي.

جيڪڏهن ڪنهن شخص، ڪنهن کي زڪواة جو مستحق سمجهي، زڪواة ڏني، پوءِ خبر پئي ته دراصل اهو زڪواة جو مستحق نه هو ته به ڏنل زڪواة ادا ٿي وئي. زڪواة ۾ ايترو ڏيڻ بهتر آهي، جنهن سان محتاج سوال کان ڇٽي، پر ايترو ڏيڻ جنهن سان محتاج نصاب جو صاحب ٿي وڃي مڪروه آهي. زڪواة پنهنجي رهائش واري هنڌ تي ورهائڻ بهتر آهي، ٻئي هنڌ موڪلڻ مڪروه آهي. پر جيڪڏهن ڪوزياده ضرورتمند ڪنهن ٻئي هنڌ آهي، ته پوءِ ڪو حرج نه آهي.

## زڪواة جي حقداريءَ ۾ هيٺين شخصن کي درجي بدرجي ترجيح آهي.

١. ڀائر ڀيڻون پوءِ انهن جو اولاد ٢. چاچا، ڦڦيون ۽ انهن جو اولاد٣. ماسيون ۽ انهن جو اولاد٤. تنهن کان پوءِ ٻيا ڏورانهان رشتيدار ۽ پوءِ پاڙي وارا ٥. هنر مند جي محتاج ٿي ويا هجن ٦. تنهن کانپوءِ ڳوٺ جا ٻيا ماڻهو.

جيڪڏهن ڪو ظالم ڪنهن کان زبردستيءَ خراج، عشر، زڪواة ۽ صدقات وصول ڪري، ته ڏيڻ وقت جي ڏيندڙ اهڙي نيت ڪري ڏيندو ته انهن مان جيڪي به مٿس واجب هوندو سو ادا ٿي ويندو. زڪواة جي ڪنهن مستحق جي بجاءِ ان تي رهيل قرض ۾ جيڪڏهن زڪواة ڏبي ته زڪواة نه پڙندي، سواءِ هن جي ته ان مقروض جي اهڙي اجازت هجي، پر مقروض جو قرض ادا ٿي ويندو ۽ مٿس ڪابه تقاضا نه رهندي.

انهيءَ باب ۾ صدقه فطر جو بيان آهي. فطري واجب ٿيڻ لاءِ زڪواة

وارا ساڳيا شرط آهن، پر انهن ۾ ٻارهن مهينن جو شرط ضروري آهي، ۽ نڪي نصاب ۾ واڌ جي صلاحيت جو شرط آهي. جنهن شخص تي فطرو واجب ٿئي ٿو سو پنهنجي ۽ پنهنجي صغير ٻارن کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي به طرفان فطري ڏيڻ جو پابند نه آهي. فطري ۾ ڪڻڪ يا ڪڻڪ جو اٽو يا ڪڻڪ جا ستُو هڪ ماڻهوءَ لاءِ اڌ ڪاسو ڏيڻو پوندو . جَوَ يا جَوَن جو اٽو يا کجور يا جوَن جا ستُو هڪ ماڻهوءَ لاءِ هڪ ڪاسو ڏبو. هنن شين کان سواءِ ٻي ڪابه شيءِ فطري ۾ ڏيڻ جائز نه آهي. پر انهن جي قيمت مان خريد ڪيل ڪا ٻي شيءِ يا نقد، فطري ۾ ڏيئي سگهجن ٿا. بلڪ مذڪور شين جي اَنَ کان اٽو ۽ اٽي کان قيمت ڏيڻ بهتر آهي. فطرو عيد جي ڏينهن پره ڦٽڻ کانپوءِ واجب ٿئي ٿو. ان وقت کان اڳ وفات ڪري ويل ماڻهو يا ان کانپوءِ ڄاول ٻار يا پوءِ مسلمان ٿيل تي فطرو نه آهي. فطرو عيد نماز کان اڳ ادا ڪرڻ بهتر آهي پر سڄي عمر ۾ ڪڏهن به ڏيئي سگهجي ٿو. هڪ ماڻهوءَ جو فطرو جيڪڏهن هڪ کان وڌيڪ فقيرن کي ڏبو ته جائز نه ٿيندو. پر هڪ فقير کي گهڻن ماڻهن جو فطرو ڏيڻ جائز آهي. پر مخدوم محمد هاشم جي راءِ موجب هڪ ماڻهوءَ جو فطرو گهڻن فقيرن کي ڏيڻ به جائز آهي.

هيٺين لفظن تي حصن الاموال جي پڄاڻي ٿئي ٿي، انهن ۾ مؤلف جو نالو ۽ ڪتاب جي تاليف جو سال ڄاڻايل آهي.

جڏهين اچي پورو ٿيو هي نسخو سنڌي واه
تڏهن لوئين هئي ذوالحج جي وقت اشتراقا
ڪاره سَآ ۽ ٻاهٺ هٺا ورهيه گذريا
هجرت کي حبيب جي جو ختم الانبياء صلي الله عليه وسلم
حصن الا اموال ڪري تنهن جو نالو وڌاءِ
خدا لڳ صحيح ڪجاه جيڪا ڏسو خطا
پڙهي پروڙي تنهن کي فاتح فقير ڏجا
آهي عليءَ اڪبر کي تنهن ۾ وڏي اميدا
ويندا سي ايمان سان ڪلمون جي پڙهندا
لا اله الاالله محمد رسول الله

حَسن الاموال زکواة جي مسئلن تي هڪ مستند ڪتاب آهي. منجهس تمام گهڻا فقهي مسائل گڏ ٿيل آهن.

## رسالو ميت جي وقت وارڻ جو

’ ميت جو وقت وارڻ‘ هڪ اصطلاح آهي، جو ڪن سنڌي فقيهن فقهي اصطلاح ’اسقاط‘ جي مطلب کي سنڌيءَ ۾ ظاهر ڪرڻ لاءِ واضح ڪيو آهي. ’اسقاط‘ جو مطلب آهي ڪن شرعي ذميدارين جي ادائگيءَ ۾ رهجي ويل ڪوتاهين جو ڪنهن حيلي سان پورائو ڪرڻ. رسالي ’ميت جو وقت وارڻ‘ ۾ هن قسم جي هڪ حيلي ڪرڻ جو طريقو سيکاريو ويو آهي. رسالي ’ميت جو وقت وارڻ‘ ۾ مؤلف ميت جي نمازن ۽ روزن وغيره جو فديو ڪڍڻ وقت پنهنجو نالو ۽ ڪتاب جي مڪمل ٿيڻ جي تاريخ هنن لفظن ۾ ڄاڻايا آهن؛

عاصي عبدالرزاق کي اي٠ آئي منجهہ پروجا
ڪير تحقيق تنهن جو توري ٽڪن ساڻ
ويهئين ماه ذي‌القعد جي ستهئين سالا
اڪارهين سئن متي ٿيا ڪنا هجرت حبيبا

مصنف رسالو سنہ ١١٦٧ھ ۾ لکيو پر بزرگ عبدالرزاق ڪير هو سو معلوم ٿي نہ سگهيو. ’وقت وارڻ جي فديي‘ معين ڪرڻ لاءِ مؤلف جا تحقيق ڪئي آهي ان ۾ ’ٽڪن‘ چوٿاين، پائين ۽ خرارن جو ذڪر ڪيو اٿس ۽ ’ماڻ‘ ۾ شهدادپوري، روپاهي (روپاہ جي) ۽ ساند ڪن (ساند جي) ماڻن جا نالا ورتا اٿس ۽ انهن جو باهمي تفاوت ظاهر ڪيو اٿس. جنهن مان گمان پيدا ٿئي ٿو تہ مؤلف شهدادپور کان روپاه تائين ’وچئين لاڙ‘ جو رهندڙ هو.

پهرين ميت جي عمر مان بلوغت کان اڳ واري عمر ڪاٽي وئي. باقي بچيل عرصي لاءِ نمازن ۽ روزن جو فديو ڪڍڻ ڪ ۾ ڪٽيو. جو مؤلف جي تحيق موجب ويهن ورهين لاءِ چوهتر خرار اٺ ڪاسا ۽ ست ٽويا شهدادپوري ماڻ ۾ آهي. هن حساب سان ميت جي بلوغت واري عمر جي روزن ۽ نمازن جي فديي جو حساب لڳائبو. بلوغت کان اڳ

واري عمر مؤلف جي تحقيق موجب مرد لاءِ ٻارهن ورهيه ۽ عورت لاءِ نو ورهيه آهي. مذڪوره طريقي موجب 'فديي' جي حساب لڳائڻ ڪان پوءِ ان ۾ 'نذرمعين' جي ڪفارت لاءِ هڪ خرار ۽ 'نذرغير معين' جي 'ڪفارة' لاءِ ٻه هڪ خرار وڏائبو. انهن ڪان سواءِ باقي سيني ڪفارتن لاءِ ٻه هڪ خرار وڏائبو. ڪٽڪ جي هن جملي مقدار جي قيمت رائج الوقت اگهه سان مقرر ڪبي. ان ڪانپوءِ صدقي وصول ڪرڻ جي مستحق شخصن جي ڪنهن تعداد کي هڪ دائري جي شڪل ۾ ويهارجي. انهن مان ڪو ٻه نڪي صاحب نصاب هجي ۽ نڪي مٿس اضحي يا فطرو لازم هجي.

ميت جو وارث ٻه ان دائري ۾ ويهي. دائري ۾ اصول يا فروع هڪ ٻئي جي پرسان وهارڻ نه گهرجن. تنهن ڪانپوءِ ميت جي ترڪي مان هڪ شيءِ يا هڪ ڪان وڌيڪ شيون آڻجن ۽ انهن جي قيمت ٻه بازار جي اگهه سان ڪٿجي. تنهن ڪان پوءِ اهو سامان دائري ۾ ويٺل ميت جو وارث پرسان ويٺل ٻئي شخص کي بخش ڪري ۽ هي لفظ چوي"فلاڻو يا فلاڻي پٽ يا ڌيءِ فلاڻي جي تنهن ڪان جيڪي فرض، شرعي نمازون، روزا، نذرمعين يا غير معين، اضحيون، فطرا، سجدا تلاوت جا. ڪفارت قسم جي يا ڪي ٻيا فرض واجب وغيره ادا نه ٿيا. تن سيني جي بدران هي سامان هيتري قيمت جو توکي صدقو ڏيان ٿو". ونندڙ وٺڻ وقت چوي ته"مون اهو قبول ڪيو". اهڙي طرح اهو سامان ان حلقي ۾ ايترا دفعاگهمايو وڃي جيترن دفعن سان فديي جي سموري رقم ادا ٿي وڃي. صدقي ڪرڻ وقت جي لفظ مٿي لکيا ويا آهن، انهن کي اختصار سان ادا ڪرڻ لاءِ جيڪڏهن فقط فرض ۽ واجب چئبو ته ٻه حق ادا ٿي ويندو.

جيڪڏهن فديي جي عيوض ميت جي ملڪيت مان قرآن پاڪ جو ڪو نسخو ڏبو ته ان جو هديو ٻه بازار جي رواج موجب مقرر ڪبو ۽ اوترا دفعا بخشبو جيترن دفعن سان فديي جي ڪل رقم ادا ٿي وڃي. پر نه هڪ ئي دفعي سان سموري رقم عيوض. فديي ادا ڪرڻ جي توفيق وارن لاءِ فديو ڏيڻ ضروري آهي.

رسالي ميت جو وقت وارڻ جي مؤلف جي راءِ موجب شرعي فرضن ۽

واجبن جي فديي ادا ڪرڻ بدران متئين ’حيلي‘ سان انهيءَ ڪان بچي سگهجي ٿو ۽ اهڙو ’حيلو‘ شريعت موجب جائز آهي ۽ الله تعاليٰ جي رحم ۾ اميد آهي تہ ان ’حيلي‘ ڪرڻ سبب فرضن ۽ واجبن ۾ ڪيل ڪوتاهين جو ازالو ٿي سگهندو. سنڌ جا اڪثر فقيه هن راءِ جي تائيد ڪندڙ آهن ۽ سنڌي ڪتابن ۾ ڪيترن ئي اهڙن حيلن جو ذڪر ڪيل آهي. مخدوم محمد هاشم بہ ميت جي وقت وارث لاءِ حيلي ڪرڻ متعلق هڪ رسالو لکيو آهي، جنهن ۾ اهڙي حيلي ڪرڻ کي درست قرار ڏنو اٿس. ان رسالي جو نالو ’فتح الڪلام ڪيفية اسقاط الصلواة والصيام‘ آهي. پر ڪي سنڌي فقيه حيلي ڪرڻ جي سخت برخلاف آهن جهڙوڪ مخدوم عبدالله نليوي ۽ مولوي هدايت الله متعلوي.

## حيات العاشقين

مخدوم عبدالرحمان پنهنجي والد صاحب مخدوم محمد هاشم جي پارسي ۽ عربي ڪتابن مان مسئلا ڪڍي مناسڪ حج ۽ عمري متعلق هڪ ڪتاب سنہ ١١٦٨هہ/١٧٥٥ع ۾ ترتيب ڏنو، جنهن جو نالو ’حيات العاشقين‘ رکيائين. هن ڪتاب ۾ حج ۽ عمري متعلق اسلامي احڪام؛ حرمين شريفن جي ارض پاڪ جي مقدس ماڳن جي اهميت، سائڻ منسلڪ تاريخي روايتون ۽ حج جي راهہ جي ٻي بسموري معلومات فراهم ڪيل آهي. مؤلف مخدوم عبدالرحمان، مخدوم محمد هاشم جو وڏو فرزند هو ۽ ديني خدمتن جي سلسلي ۾ جهونا ڳڙهہ ويل هو ۽ اتي ئي انتقال ڪيو هئائين.

حيات العاشقين جي تاليف جي مقصد باب مولف لکيو آهي تہ:

هاڻي سڻو مومنا هيئنون ڏيئي هيجا
تہ آهن سڪڻ مسئلا دين جا مڙن مومنن تي فرضا
تن منجهان مسئلا حج جا سي سڻي ياد ڪجا
سي ميڙي لکيم سنڌيءَ ۾ ڪڍي فارسي عربيا
تہ مان تين سي سهڪا مومنن ڪا
لکيم تفصيل تن جو سهڪائيءَ جي سببا

عربي ۽ فارسي آهي اهڪي اڀوجهن ڪان
سنڌي ڪيم سهڪي ڪري ڪيڍي تن لاءِ.

مؤلف ڪتاب متعلق وضاحت ڪندي ڪتاب جي مواد ۽ ان جي تاليف جي سال بابت لکيو ته:

هاڻي هي رسالو مون جوڙيو ڪيڍي سنڌي واءِ
ڪنان رسالن فارسيءِ جن ۾ مسائل حج سندا
سي آهن تصنيف منهنجي والد جي محمد هاشم جنهن جو نانءِ
جو استاد مرشد منهنجو ۽ زياده منجهه علما
ڪتاب حيات العاشقين رکيم تنهين کي نانءِ
ته مانَ نفع عام ٿئي مڙن مومننئا
جهر هي رسالو تمام ٿيو اچي هن ماڳا
تهر اڪاره ساءِ ۽ اٺهنيون هو ورهيه هجرتا.

جيتوڻيڪ حيات العاشقين ٻه پنهنجي دور جي ٻين ڪتابن وانگر منظوم سنڌيءِ ۾ لکيل آهي پر هن نظم کي ٻي ترتيب ڏکهي نظم جي بجاءِ ڪتابي ترتيب موجب مقدمي، بابن ۽ فصلن ۾ تقسيم ڪيو ويو آهي. ابتدا ۾ حج جي فضائل متعلق احاديث نبوي لکيون ويون آهن جنهن ڪانپوءِ ڪتاب جو مقدمو حج جي عام فقهي احڪامن بابت آهي جنهن کي مختلف فصلن ۾ ورهايو ويو آهي. ان ڪانپوءِ ڪتاب جو اصل مواد پنجن بابن ۾ لکيو ويو آهي جي هي آهن: ١. حج جا مسئلا ٢. عمري جا مسئلا ٣. حج متعلق متفرق مسئلا ٤. حضور صلي الله عليه وسلم جي زيارت متعلق موچارا مسئلا ٥. حضور صلي الله عليه وسلم جي زماني جا متفرق مسئلا.

# باب چوٿون

## مخدوم محمد هاشم ڪانپوءِ جو فقهي دور

ٻارهين صدي هجريءَ جي آخري پنجويهن ورهين ۽ تيرهين صدي هجري جي پهرئين اڌ تائين مخدوم محمد هاشم ۽ ان جي هممصر عالمن جو اثر قائم رهيو. جن جي طريقي تي مزيد فقهي ڪتاب فقهي ڪتاب منظوم سنڌيءَ ترتيب ڏنا ويا. هنن ڪتابن جو احوال چوٿين باب ۾ ڏنو ويو آهي. جنهن جو نالو "مخدوم محمد هاشم ڪان پوءِ جو فقهي دور" رکيو ويو آهي. هن دور ۾ سنڌيءَ ۾ معاملات تي مزيد ڪتاب لکيا ويا. فقه تي جيڪي ڪتاب هن دور ۾ لکيا ويا، تن مان هيٺيان خاص آهن جي هن باب ۾ شامل ڪيا ويا آهن.

١. فرائض الاسلام: عربي تاليف مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، سنڌي ترجمو علي بن حافظ

٢. ست فرض: مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي

٣. اساس الفرائض: مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي

۴. سگ نامو: مخدوم عبدالله نليوي

۵. نورالابصار: مخدوم عبدالله نليوي

٦. سراج المؤمنين: مخدوم عبدالرسول نورنگ زادو ۽ مخدوم حامد يڄ وارو.

## ڪتاب فرائض اسلام جو سنڌي ترجمو

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي اسلامي فرضن متعلق عربي ٻوليءَ ۾ "فرائض السلام" نالي هڪ ڪتاب تصنيف ڪيو هو جيڪو مخدوم صاحب جي وفات ڪانپوءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻه دفعا ترجمو ٿيو. جيڪي ٻه سنڌي ترجما معلوم ٿي سگهيا آهن تن مان هڪ مخدوم محمد هاشم جي ننڍي فرزند مخدوم عبداللطيف جو ڪيل آهي جيڪو بمبئي مان ڇپجي چڪو آهي. هن ترجمي جو هڪ نسخو پير جهنڊي ضلعي حيدرآباد جي مشهور لئبرري ۾ موجود آهي، پر ان ڪان اڳ سنه ١١٧٧هه/١٧٦۴ع، ۾ يعني مخدوم محمد هاشم جي وفات ڪان فقط

ني سال پوءِ علي بن حافظ نالي هڪ بزرگ ان جو ترجمو ڪيو هو جيڪو فرائض الاسلام جو پهريون ترجمو هو. هن ڪتاب جو هڪ قلمي نسخو جناب مير علي احمد خان ٽالپر شهداداڻي، ٽنڊو مير محمود حيدرآباد جن جي ذاتي ڪتب خاني ۾ موجود هو، جتي مير صاحب جي عنايت ۽ شفيق دوست جناب مير خادم حسين صاحب پروفيسر سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد جي اعانت سان بندي کي ان جي زيارت نصيب ٿي. معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ ۾ هن ترجمي جو هيءُ واحد نسخو آهي.

مذڪور نسخي جي ابتدا ۾ مؤلف ڄاڻائي ٿو ته ڪن دوستن جي چوڻ تي خصوصاً مخدوم محمد هاشم جي 'مجاور' بزرگ الهڏني جي تاڪيد ڪرڻ ۽ زور ڀرڻ تي پاڻ هي ترجمو مڪمل ڪيائين. هن نسخي جو نقل هڪ ٻئي بزرگ فقير عبدالله ساڪن پاٽ، بمبئي ۾ مسجد اسماعيل حڪيم ۾ سنه ١٨٦٢/١٢٧٨ع ۾ ڪيو يعني ڪتاب جي ترجمي کان هڪ سئو سال ورهيه پوءِ هيءَ حقيقت ڪتاب جي آخري صفحي تي ڄاڻايل آهي. مذڪور وضاحت مان معلوم ٿئي ٿو ته 'فرائض الاسلام' جي هن ترجمي جا سي نسخا ضرورتمندن جي سپرد ڪيا ويا هئا. جن مان ڪي پڙهندڙن جي نقل مڪانيءَ سبب بمبئي تائين به وڃي پهتا هئا. جتان بعد ۾ قصداً نقل ڪرايا ويا. جناب مير خادم حسين صاحب کان معلوم ٿيو ته جناب مير علي احمد صاحب هي نسخو قيام پاڪستان کانپوءِ حيدرآباد دکن مان لڏي آيل ڪن مهاجرن کان حاصل ڪيو.

"فرائض الاسلام" ۾ اسلامي فرضن کي ٻن حصن ۾ تقسيم ڪيو ويو آهي: اعتقادي فرائض ۽ عملي فرائض. اعتقادي فرضن جي فهرست ۾ ڪل ٽي سؤ ٻتيهه فرض ڳڻيا ويا آهن. انهن جي تعداد جو تفصيل هن طرح آهي: ايمان جون ست صفتون. الله تعاليٰ تي ايمان آڻڻ جا چوراسي فرض، ملائڪن تي ايمان آڻڻ جا اٺتيهه فرض، ڪتابن تي ايمان آڻڻ جا ٻارهن فرض، رسولن تي ايمان آڻڻ جا ڇائيتاليهه فرض، قيامت جي ڏينهن تي ايمان آڻڻ جا ايڪونجاهه فرض ۽ تقدير تي ايمان آڻڻ جا ٽي فرض.

عملي فرضن جو تعداد ڪل ٩١٢ ڄاڻايل آهي، جن کي ٻن حصن ۾

تقسيم ڪيو ويو آهي. يعني فرض عين ۽ فرض ڪفايه. ايمان جي موجودگي ۽ صحت جي ثبوت لاءِ ڪن ضروري عملي فرضن جو بيان ٻه ڪتاب ۾ ذڪل آهي جن جو تعداد ڪل هڪ سؤ ٻارهن ٻڌايل آهي. انهن مان ڪي حقوق الله سان تعلق رکن ٿا. مثلاً مسلمانن تي شفقت، انهن جي خوشيءَ تي خوش ٿيڻ ۽ رنج تي غمگين ٿيڻ، انهن کي حتي المقدور تڪليفن کان بچائڻ ۽ هٿ يا زبان سان ڪين ڪڏهن به نه رنجائڻ وغيره

## مخدوم شيخ عبدالرحيم گرهوڙي جون تصنيفون

مخدوم شيخ عبدالرحيم گرهوڙي (١١٥٢-١١٩٢هه) سلطان الاولياء خواجه محمد زمان لنواري واري جو وڏو خليفو هو. مگرين جي قبيلي مان هو، سندس ڏاڏي جو نالو موسيٰ هو، تنهنڪري مگريا قوم جي سندن پاڙي کي 'موسيٰ جا' به چوندا آهن. سندن والد صاحب جو نالو سعدالله هو. سندن والده صاحبه سندن شهادت جي موقعي تائين حيات هئي، پر ان بابت وڌيڪ ڪوبه احوال ڪونه ٿو ملي. گرهوڙي صاحب سنه ١١٥٢هه/١٧٣٩ع ڏاري ٻگوٽ واڙ تعلقي ڪپري ۾ ڄائو. ظاهري تعليم 'چوٽيارن ' جي ٻگوٽ واري بزرگ ميين مبين کان حاصل ڪيائين. مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي هڪ عظيم عالم ٿي گذريو آهي. مباحثي ۽ مناظري ۾ ڪو به عالم مٿن غالب پئجي نه سگهندو هو. فقه جي ميدان ۾ پاڻ مجتهد جو درجو رکندا هئا تنهن ڪري ذاتي طرح هميشه پنهنجي اجتهاد تي هلندا هئا، چاڪاڻ ته پاڻ کي شخصي طرح تقليد جو پابند نه ٿي سمجهيائون. روايتن موجب مناظري وقت مخدوم محمد هاشم جهڙي عالم جي راءِ يا فتويٰ کي به دليل طور پيش ڪرڻ جا قائل نه هئا، پر عام ماڻهن لاءِ تقليد ضروري سمجهندا هئا ۽ اجتهادي مذهبن ۾ حنفي مذهب کي مقدم ٿي سمجهيائون. پاڻ فرمايو اٿن:

علم سيو ئي سفرو، عالم سڀ ڏيا،
من تبع عالماً لقي الله سالماً سچوئي سخنا
پر مذهب حنفين جو پهريون پروڙ جا

مخدوم عبدالرحيم جي شهادت سنه ١١٩٢هه ۾ چاليهن ورهين جي

چمار ۾ ٿي.

مخدوم عبدالرحيم جي تصنيفن مان هڪ 'فتح الفضل' آهي. جنهن ۾ حضرت سلطان الاوليا خواجه محمد زمان جا ملفوظات جمع ٿيل آهن. حضرت جن جي سنڌي بيتن جي عربي شرح ۽ ابيات مثنوي جيڪي پڻ سندن مرشد حضرت محمد زمان جي مدح ۾ آهن. سي اڃان موجود آهن. ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم جن لکن ٿا ته مخدوم عبدالرحيم جن ڪيترائي اجتهادي فيصلا ڪيا ۽ انهن بابت ڪجهه عربي ۽ فارسي تحريرون به موجود آهن. ڊاڪٽر صاحب موصوف ۽ پروفيسر علينواز جتوئي سندن مڪتوبات جو ذڪر به ڪيو آهي.

سنڌي ۾ فقه جي علم تي سندن فقط هڪ رسالو 'اساس الفرائض' جي نالي سان موجود آهي جنهن ۾ علم ميراث متعلق مسائل جمع ڪيل آهن. ان کان سواءِ چند ورقن ۾ 'ستن اهم ديني فرضن' بابت سندس راءِ پڻ لکيل آهي. هتي ٻنهي رسالن متعلق ضروري معلومات هيٺ ڏجي ٿي.

### ست فرض

مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي ستن فرضن ۾ اسلام جا پنج رڪن، آمربالعروف ۽ نِهيَ عَنِ المنڪَر شامل ڪري ٿو. امربالمعروف جا اٺ قسم آهن ١. مالڪ جو حڪم غلام لاءِ٢. مرد جو حڪم عورت لاءِ ٣. مائٽ جو حڪم اولاد لاءِ ۴. استاد جو حڪم شاگرد لاءِ ۵. عالمن جو حڪم عوام الناس لاءِ ٦. حاڪم جو حڪم محڪوم لاءِ ٧. انبيا جو حڪم امتين لاءِ ٨. قلب ۽ عقل جو حڪم فرد لاءِ. پر قلب ۽ عقل جو حڪم الله تعاليٰ جي رضا لاءِ هجي. نَهِي عَنِ المنڪَر جا ٻه ياڱا آهن؛ ١.ڪنهن کي به ناحق نه رنجائڻ ٢. خبيث شئي کان بچڻ. ان جي وضاحت ۾ فرمايل آهي ته هر ان شيءِ کان پاسو ڪجي جنهن کي دل پسند نه ڪري جيتوڻيڪ ان جي ناجائز هئڻ ۾ اختلاف هجي. ٻين لفظن ۾ جنهن کي شرعي اصطلاح ۾ مڪروه چيو وڃي ٿو. ان ۾ هي شرط آهي ته جيڪڏهن دل کي نه وڻي ته هرگز نه ڪجي، پر جنهن ۾ دل کي ڪو عيب ڏسڻ ۾ نه اچي ته جائز آهي. بهتر آهي ته ان ۾ دلچسپي نه ونجي ۽ اجتناب ڪجي.

مخدوم عبدالرحيم مڪروه جا جيڪي مثال ڏنا آهن سي هي آهن: سهو، ڳوهه، بناوارث نڪاح، ٻليءَ جو اوبارو ۽ ڪافر جو پسيل هٽ. پر مخدوم محمد هاشم سهو جائز ۽ ڳوهه حرام لکيا آهن.

## ڪتاب اساس الفرائض

ڪتاب اساس الفرائض: پهريون دفعو مجموعي "سڳ نامو" سان گڏ سنہ ١٣٣٦هہ/١٩١٨ع ۾ مطبع ڪريمي بمبئي مان ڇپيو. جيتوڻيڪ عنوان ۾ مخدوم عبدالرحيم جو نالو ڏنل نہ آهي پر هيٺين ٽن سٽن ۾ 'اساس الفرائض' جو نالو موجود آهي ۽ 'سنڌي ترڪي واري' ڏانهن بہ اشارو ڪيل آهي.

پنو بيان ترڪي جو ضروري قدرا
جي هي پڙهي پروڙي تہ ڀيو پڻ پڌرو آ
اساس الفرائض سنڌي نالو تهر ڪجا.

'اساس الفرائض' جو موضوع علم ميراث آهي يعني 'ورثي جو علم' ان جي ڄاڻ وڏائڻ جي ضرورت جا هيٺيان سبب ڄاڻايا ويا آهن:

١. حقوق العباد جي حفاظت تمام ضروري ديني احڪامن مان آهي. عام زندگيءَ ۾ عدل ۽ انصاف ۽ معاشري ۾ رواداري قائم ڪرڻ لاءِ ورثي جو صحيح ورهاڱو ڪرڻ ۽ وارثن کي پنهنجا حق ڏيڻ هڪ مؤثر قدم ثابت ٿي سگهي ٿو. تنهنڪري مؤلف ان تي زور ڏيئي فرمائي ٿو تہ:

هاڻي سڻ سرير سين ڏيئي ڪن قلبا تہ
آڱي عدل فرض ڪيو ناحق حراما
واماالقاسطون فڪانوالجهنم حطبا صاحب سنوت سهاءِ
ان الله يحب المقسطين ڪيو ور وچان
قسمت ڪجي قسط سين عدل انصافا
القسام في النار دوزخ راهہ رياءِ

٢. معاشري ۾ عدل قائم ڪرڻ لاءِ ذاتي بغض ۽ نفرت جي بنياد تي پراون حقن غصب ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪجي، ڇاڪاڻ تہ جن سان اسان جي دشمني آهي اهي بہ الله تعاليٰ جائي خلقيل ٻانها آهن، تنهن

ڪري پنهنجي نفس جي خواهش تي الله تعاليٰ جي رضا پيڻ نہ گهرجي.

جن سين وٺت نہ نفس جي اوپڻ آڪي جا
ولايجرمنکم، شنآ قومِ عليٰ ان لاتعداد اپوريون پٽيون ڪجا
ڪارڻ رضا پنهنجي ڇڏي تان نہ شرعا
ترڪو قسمت تيئن ڪجي جيهر چيو خدا
سڪي تنهن جون صورتون پڙهي تيو پختا

٣. ورثو پورن حصن ۾ ورهائڻ سان معاشري ۾ امن قائم ٿئي ٿو. پر ان جي برخلاف ڪرڻ سان معاشري ۾ هڪ اهڙي وحشياني فساد جي ايري پوڻ جو انديشو آهي جنهن کي مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي ڪتن جي ويڙهہ سان تعبير ڪري ٿو.

٤. سنڌي معاشري جي هڪ وڏي اوڻائي هي آهي تہ شادي ڪرائي ڏنل نياڻين جي ملڪيت جي حصي کي اڪثر انهن جي سپرد نہ ڪيو ويندو آهي. گرهوڙي صاحب هن معاشرتي عيبن ڏانهن مختصر لفظن ۾ هيٺين سٽن ۾ اشارو ڪرڻ فرمايو آهي:

جنهن جو فرض جيترو تهڙو تنهن وانتا
ترڪي ڪارڻ ترت ۾ ڪتن ڪار ڪندا
جي ماٺ ڪندا لڄ لوڪ جي تہ پر ۾ پٽيندا

فقهہ جي هن شاخ جو علم، حديث شريف جي فرمان موجب سموري علم جو اڌ آهي. مخدوم عبدالرحيم فرمائي ٿو تہ:

اڌ علم جو اِيءَ علم چيو رسول خدا صلي الله عليه وسلم
تعلموا الفرائض و علموها الناس فانها نصف العلم أتو احمدا
اجر توري جو گهٽو تہ ڪهڙو عجبا

شمس العلماء ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم جي راء آهي تہ مخدوم عبدالرحيم هڪ گهري سوچ رکندڙ فلسفي بہ هو. گرهوڙي صاحب پنهنجي هن طبعي ميلان کي خالص فقهي مسائل لکڻ وقت بہ روڪي نہ سگهيو آهي ۽ انبياء عليهم السلام جي ميراث جو مسئلو جو اسلامي تاريخ ۾ گهڻو اختلافِ راء جو سبب رهيو آهي سو پڻ بيان هيٺ آندو

اتس تہ:

نبي وارث نہ تئي نکي تنهن ورثا
سبب تنهن جو ايءُ تيو سٽي سمجهي جا
لانرث ولانورث ماترکنا صدقة لٿن لاڳاپا
قرب قرابت ان کي مور نہ ري مولا
ان اتبع الا مايوحيٰ اليَّ پنهنجي هٿ نہ هٿا
العبد ومافي يده المولاه بلکل باري جا
تن تي ناه زکواة کا انهم سبب کنا
تيله ترکو نہ تئي انين جو اصلا
مومن مولي مال ۾ سيئي شريکا
وان الکافرين لامولئ لهم کافر ناه اتان
ويقطعون ما امرالله بہٖ ان يوصل ڇجي ڌار ٿيا
انما المومنون اخوة والد نبيا
الولاء لحمة کلحمة انسب کافر ناهہ ولا
آياسون عميق ۾ ور تہ ورون پوءِ ڏانہ

مٿين بيتن ۾ مخدوم عبدالرحيم قرآن ڪريم ۽ حديث شريف جي روشنيءَ ۾ ثابت ڪيو آهي تہ حضور جن جو روحاني خواه مادي لحاظ کان ڪوبہ هڪ شخص يا مخصوص گروهہ وارث نہ هو، پر پاڻ ڪريم جن سيني مسلمانن جا مولئ آهن. مِلي اعتبار کان مومن سيئي ڀائر آهن ۽ حضور صلي الله عليه وسلم جن سندن روحاني والد آهن. تنهنڪري جميع مومن سندن روحاني خواه مادي ترڪي ۾ هڪ جهڙا وارث آهن.

ميراث جي مسئلن بيان ڪرڻ کانپوءِ هڪ دفعو وري بہ مخدوم عبدالرحيم پنهنجي طبعي جولان جي اثر هيٺ دنياداريءَ ۽ مادي لاڳاپن جي مذمت ڪئي آهي ۽ ترڪ دنيا جي چڱاين بابت ڪافي بيت چيا آهن. جن مان ثابت آهي تہ سندس خيال جو لاڙو هن طرف هو تہ جيتوڻيڪ ترڪي جي ورهاڱي وقت شرعي احڪامن تي سختيءَ سان عمل ڪرڻ ضروري آهي، پر ان کان وڌيڪ پسنديءَ جي ڳالهہ هي آهي تہ الله تعاليٰ جي واٽ ۾ سڀ ڪجهہ خرچ ڪري ڇڏجي ۽ ڪو بہ ورثو

اصل ڇڏجي ٿي نہ، جيڪو عزيزن قريبن ۾ ڪشمڪش جو باعث بنجي.

## مخدوم عبدالله نربي واري جا لکيل ڪتاب

مشهور انگريز مصنف سر رچرڊ فرانسز برٽن ميرن جي صاحبي ۽ ان کان اڳ واري دور ۾ سنڌي ادب متعلق لکندي چاٿايو آهي تہ ان دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جون ٽي علمي شخصيتون گهڻيون مشهور هيون، سندن نالا هي آهن. مخدوم محمد هاشم، سيد عبداللطيف ڀٽائي ۽ مخدوم عبدالله، مخدوم عبدالله بن محمد ڪڇ علائقي جي ڳوٺ نَربي يا نَلِٽي ۾ تقريباً ١١٥٠هہ/١٧٣٧ع ۾ تولد ٿيو هو. ننڍي ۾ تعليم جي زيور سان آراسته ٿيو ۽ قرآن شريف حفظ ڪيائين. سندن تصنيفن مان ظاهر آهي تہ هو هڪ باشرع پرهيزگار بزرگ هو ۽ پنهنجي سموري عمر تقويٰ، علم جي خدمت ۽ خلق کي تنبيه ۽ تبليغ ڪرڻ ۾ صرف ڪيائين.

ڪڇ جو راءِ مخدوم صاحب جو ڏاڍو معتقد هو ۽ ڪيس ساليانو وظيفو ٻڌي ڏنو هئائين، راجا مخدوم صاحب کي ڪيترن ڳوٺن ڏيڻ جي بہ آڇ ڪئي هئي پر مخدوم صاحب انهن جي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو. مخدوم عبدالله جي اولاد مان ڪي اڄا تائين ڪڇ جي ڳوٺ 'سَسري' ۾ رهن ٿا ۽ ڪي ڪجهہ وقت کان ڪراچيءَ جي محلي موسيٰ لائين ۾ اچي آباد ٿيا آهن.

سنڌي ڪتاب 'منتخب الفوائد' جو مصنف مولوي حافظ عبدالرحمان مخدوم صاحب جو فرزند هو ۽ بمبئيءَ جو مشهور ناشر ۽ تاجر ڪتب قاضي حاجي ابراهيم ان جي اولاد مان هو. مخدوم عبدالله سنڌي ۾ هينيان ڪتاب لکيا:

١. بدرالمنير ٢. تفسير يوسف ٣. خزانةَ الابرار ٤. خزينة الاعظم ٥. خلفاء راشدين ٦. سگ نامو ٧. شجاعت سيد الانام ٨. شهادت امام حسين ٩. صفت بهشت ١٠. غزوات ١١. قصو سيدنا امير عمر جي اسلام آڻڻ جو ١٢. قمر المنير ١٣. ڪنزالعبرت ١٤. نصيحت نامو ١٥. نورالابصار.

مذڪوره ڪتابن مان فقه جي خالص موضوع تي فقط هڪ ڪتاب

’سگ نامو‘ لکيل آهي. ڪتاب نورالابصار ۾ به فقه جو ڪافي مواد موجود آهي تنهن ڪري هتي انهي ڪتابن جو تعارف پيش ڪيو ويو آهي.

## ڪتاب سگ نامو

ڪتاب سگ نامي ۾ مسلمانن جي معاشرتي لاڳاپن مان ڪن متعلق شرعي احڪام جو تفصيل ڏنل آهي. راقم الحروف عاجز جي سامهون هن ڪتاب جو جيڪو نسخو آهي سو هڪ ڪتابي مجموعي ۾ سنه ١٣٣٦هه/١٩١٨ع ۾ مطبع ڪريمي بمبئيءَ مان ڇپجي شايع ٿيو هو. جنهن جو نالوئي ’مجموعه سگ نامو‘ آهي. هن مجموعي ۾ سگ نامي کان سواءِ ٻيا هي ڪتاب شامل آهن: ١. ايمان مجمل ۽ ايمان مفصل ٢. ترتيب نڪاح ٣. خطبو نڪاح ۴. ميت جو وقت وارث ۵. ميت جو ورثو ترڪو.

رسالو ’ميت جو وقت وارث‘ ڪنهن بزرگ عبدالرزاق جو لکيل آهي ۽ ’ورثي ترڪي جو رسالو‘ مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي جي تاليف آهي. باقي ٽن رسالن جي لکندڙن جا نالا مجموعي ۾ ڄاڻايل نه آهن. پر انهن جو مواد ساڳيو اهوئي آهي جو حاجي محمد سمي جي لکيل ڪتاب ’ترتيب الصلوٰة‘ ۾ ڏنل آهي. ياد رهي ته ترتيب الصلوٰة ۾ ايمان مفصل جي ڪلمي جو ڏنل منظوم سنڌي ترجمو عبدالله نالي ڪنهن بزرگ جو جوڙيل آهي.

هن ڪتاب ۾ مصنف ’رضاع‘ (ٿڃ شريڪي) ۽ ’محرمات‘ (اهي ڏالون جن سان پرڻو حرام آهي) جا مسئلا بيان ڪيا آهن. تمهيد طور ڄاڻايو اٿس ته:

هاڻي هن حقير ڪي چيو ڪن نيڪنئا
ته ڪي مسئلا محرماتن جا ۽ پڻ رضاع سندا
ڪي مسئلا طلاقن جا ڪي پڻ قسم سندا
ڪڍي عربي فارسيا ڪر تون سنڌي واء
ته نفع رسي تن ڪي جي عاري عربيا
نه ڪي ڄاڻن فارسي آهن ناموريا

تڏهن شروع ڪيم تنهن ڪي ساڻ ٻيليئي الله
آهيم اميد تنهن صاحب ڏانهن اهائي اصلا
تہ بخش ڪري گناهن ڪي سين پنهنجي مغفرتا
آهي عرض تن نيڪن ڏونه جي پسن هن نسخي ڪا
تہ جيڪا پسن ان مسئلن ۾ خاطيءَ جي خطا
تہ ساري سا صحيح ڪن پنهنجي عطا
ان الله لا يضيع اجرالمحسنين ڏيندن ڏاتارا

هن مختصر تمهيد کان پوءِ ڪتاب جو اصل متن شروع ٿئي ٿو. 'محترمات' جي باب ۾ انهن ايڪاسي عورتن جو بيان آهي، جن سان نڪاح ڪرڻ ڪنهن نہ ڪنهن سبب حرام آهي اهي سبب هي آهن:
١. سڳ سبب يعني پيءُ يا ماءُ طرفان ڪنهن اهڙي رشتي سبب جنهن ڪري ان عورت سان شادي ڪرڻ شريعت موجب حرام آهي.
٢. مصاحرت يعني نڪاح ڪرڻ سبب زال جي مائٽيائين سان پيدا ٿيل رشتو ٣. رضاع يعني ٿڃ پيئڻ سبب پيدا ٿيل تعلق ٤. اصول يا فروع مان ڪنهن مرد جي ڪنهن عورت سان ناجائز تعلقات سبب ٥. ارتداد يا شرڪ سبب ٦. تعداد ازدواج يعني چئن نڪاحن کان پوءِ پنجين عورت سان نڪاح. هر هڪ سبب ڪهڙيءَ طرح ۽ ڪهڙين حالتن ۾ نڪاح تي اثر انداز ٿئي ٿو ۽ ان جا ڪن خاص حالتن ۾ ڪهڙا شرعي نتيجا نڪرن ٿا، تن سڀني جو تفصيلي بيان ڪتاب ۾ ڄاڻايل آهن. رضاع جي مدت اڍائي سال آهي. يعني اڍائي سالن کان وڏيڪ عمر وارو ٻار يا وڏو ماڻهو جيڪڏهن ڪنهن عورت جي ٿڃ پيئندو تہ ان سبب کو بہ رشتو ثابت نہ ٿيندو. جهڪي عورتون سڳ سبب حرام آهن سي سڀئي رضاع سبب بہ حرام آهن.

## نورالابصار شرح خزانة الابرار

ڪتاب نورالابصار ۾ فرض نمازن ۽ روزن کان سواءِ ٻين نمازن ۽ روزن متعلق شرعي مسائل جمع ڪيل آهن. هي ڪتاب تاريخ ٽين جمادي الثاني جمعي جي ڏينهن ظهر ۽ عصر جي وچ ۾ سال ١١٩٣هہ

تي لکجي پورو ٿيو. اهو ذڪر مؤلف ڪتاب جي آخر ۾ هنن لفظن ۾ ڪيو آهي:

تحقيق جڏهن نورالابصار هي نسخو ٿيو تماما
جو خزانة الابرار مٿي آهي شرح سنڌي وا
پڻ اڪاره سوء ٿيانوي هئا ورهيم گذريا
حضرت جي هجرت پڇاڻا جو ختم الانبياء
پڻ هئي جمادي الثاني سنڌي ٽين تاريخا
ڏينهن پڻ جمعي جو هو وچ ظهر ۽ عصرا
سو نسخو جوڙيندي مون ناقص کي جهجها ڏينهن لڳا
سبب ڪن امورن جي، جي مانع ٿيا وچان
تان پي فضل سين الله جي جڏهن توفيق ٿيم تنهن لاء
تڏهين پورو نسخو ٿيو مدد سين مولا
تنهن ۾ آندم اقسام ڪِئي روايتن سندا
ڪي آهن صحابن ڪنا ڪي پڻ تن ٿون سوا
ڪي موجب قول مجتهدن ڪي اذن ولين جا
ڪي ڪنا ڪتابن فقه جي ڪي اوراد نبئا
الهي عبدالله کي تون حرمت حضرتا
ڳجها پڌرا ڏوهه تون بخش بادشاهه

## نورالابصار جي تاليف جو سبب

مؤلف مخدوم عبدالله نورالابصار جي ديباچي ۾ وڏيڪ ٻڌايو آهي تہ نماز ۽ روزي جي مسئلن متعلق عام ماڻهن طرفان جا پڇا ڪئي وڃي ٿي، تنهن مان اندازو ٿيو تہ ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان ماڻهو ڪي اهڙيون نمازون بہ پڙهن ٿا ۽ روزا رکن ٿا، جي يا تہ ممنوع آهن يا مڪروه. تنهنڪري پاڻ ضروري سمجهيائين تہ اهڙو ڪو ڪتاب لکجي جنهن ۾ فرضي نماز ۽ روزن کان سواءِ ٻين نمازن ۽ روزن بابت مسئلا جمع ڪيل هجن. تہ جيئن عام ماڻهن لاءِ دين جي هن شعبي کي سمجهڻ ۾ بہ آساني ٿئي.

تنهن لاءِ ٿئي تن امورن سندو تفصيل اظهارا
مذڪور ٿيل آهن جي اجمال طريقا
ڪي پيا فائدا ان امورنئون سوا
اڪثر منافع جن ۾ آهن اپارا
سي سڀ جمع ٿين تنهن منجهه هيڪاندا...
سو شروع ڪيوسين نالي سين الله تعاليٰ
نورالابصار سنڌي رکيوسون اسما
قادر ڪر قبول سو مهرسين مولا

ڪتاب نورالابصارسنہ ١٣٠٠ھ/١٨٨٢ع بمبئي جي حيدري پريس مان قاضي ميان فتح محمد ولد قاضي ميان نورمحمد ۽ نورالدين بن جيوا خان جي شراڪت سان، مخدوم عبدالصمد نورنگ پوٽي هٿان ڇپجي شايع ٿيو. نورالابصار منظوم سنڌيءَ ۾ لکيل آهي جنهن ۾ ٻه باب آهن، هڪ باب نمازن جو ۽ ٻيو روزن جو. هنن ٻنهي بابن مان هر هڪ جا وري ٻه حصا ڪري سگهجن ٿا. يني هڪ هڪ حصو انهن نمازن ۽ روزن جو، جي واجب، سنت يا مستحب آهن ۽ هڪ هڪ حصو انهن نمازن ۽ روزن جو جي ڪنهن خاص جائز ۽ نيڪ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ سلف صالحين کان اورادن جي ڪتابن ۾ منقول آهن.

ڪتاب نورالبصار تحقيق جي نهايت خبردار نظر سان لکيو ويو آهي ۽ ڪيترن ئي فقهي مسائل جي منجهس تصحيح ڪئي ويئي آهي جيڪي معتبر نہ هئا. اهڙي طرح هي ڪتاب عوام جي ڀلائي سان گڏ علماءِ جي رهبري بہ ڪري ٿو ڇاڪاڻ تہ ڪيترن منجهيل فقهي مسئلن جي وڏي بحث ڪانپوءِ مناسب تطبيق پڻ هن ڪتاب ۾ موجود آهي.

## ڪتاب سراج المومنين

ڪتاب سراج المومنين اجان غير مطبوع آهي. هي ڪتاب چئن قلمي جلدن ۾ لکيل آهي جي مولانا پير وهب الله شاهه صاحب ڳوٺ پير جهنڊو ضلعو حيدرآباد جي ذاتي ڪتب خاني ۾ محفوظ آهن پر پهرئين جلد جو هڪ نقل اداره سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي

لئبريري ۾ بہ موجود آهي. جو فقط نماز جي مسئلن تي مشتمل آهي.

كتاب سراج المومنين ۾ فقهي مسئلا مخدوم عبدالرسول نورنگ زادي جمع كيا ۽ مخدوم حامد ابن شيخ محمد حسن ٻچ واري انهن مسئلن جي تصحيح كري انهن كي نظم جي صورت ڏني. كتاب جو پهريون جلد ١٢٤٠هـ/ ١٨٢٥ع ۾ ۽ ٻيو جلد ١٢٨١هـ/١٨٦٤ع ۾ ۽ ٽيون ۽ چوٿون جلد ١٢٨٥هـ/١٨٦٨ع ۾ لكي مكمل كيا ويا. پهرئين جلد جو ابتدائي ٽكرو هيٺ نقل كجي ٿو.

سارهيان سبحان كي جو حكام حكيما
ازل كنا ابد سين جنهن جي آه بقا
نكو ايرازو ازل جو نہ نهايت ابدا
هوندو هميشہ مون ڏٺي ٽيندو جڳ فنا
كل شيء هالك الا وجه ايڏانهن كن كجاه
۽ پڻ مكائون محمد مير كي ڏيئي رسالتا
رسائي خبرن خلق كي سندي دين هدي
هون صلواتون تنهن سرور تي دائم مداما
۽ پڻ اتي آل اصحابن ان جي ۽ تابعئا
جي آهن باني اسلام جا ۽ ڏيئا دين سندا
هائي ذكر نماز جو كريم بيانا
تہ سٽي مومن تن كي كن عبادت مولا
هيين منجهہ حقير جي طلب نہ هئي كا
سببا ٿورائيءَ علم جي ۽ گهٽائيءَ غفلتا
پر موجب حديث حضرت جي جا چيائون مها
من كنتم علماً نافعاً الجمه الله يوم البلية
بلجام مّن النّار كامل كلاما
تہ جو لكائي علم نافع كي جائي چاڻ منجها
واڳون وجهائيندو تنهن كي باري بيپرواه
كنا جيري دوزخ جي ڏينهن قيامتا
تڏهن سعي سنڌيءَ جو منجهہ ذكر نمازا

چان مانَ ڪنهن ڪي نفعو ٿئي جي اهوجهہ عربيا
۽ اسين ڇتهم پلڪار ڪنا جا ٿي وارد منجهہ حديثا
تڏهن شروع ڪيم هي نسخو ڪيڏي ڪتابنيا
منجهہ مهيني شعبان جي چوڏهين تاريخا
تڏهن هئا هجرت کي حبيب جي ٻارهن سو گذريا
۽ پڻ چاليهہ ورهيہ ٻيا شمار پارا
ساڻ عنايت توفيق الله جي جنهن هٿ هدايت آ
سراج المومنين رڪيم سندس نان،
سو صاحب سڳورو ڪري سين عزت عظيما
منجهہ نظر نيڪن جي. جي عام ۽ علماء
جي آهن خائف تو سندا صالح سونهارا
۽ پڻ ڏي توفيق عمل اتي آڳا اساهين ڪان
۽ وجهين محبت مومنن جيئن پڙهنس پرت منجهان
جي ڪا ڪنايهون سهو ٿي سا عفو ڪج آڳا
وما توفيقي الابالله عليه توڪلت
واليه انيب ٻي ٻجهم ڳالهہ نہ ڪا
لا اله الا الله محمّد رسول الله

# باب پنجون

## ترجمن جو دور

تيرهين صدي هجريءَ جي پوئين اڌ ۾ جيتوڻيڪ سنڌي ۾ فقه جا ڪي خاص نوان ڪتاب لکيا نه ويا پر اردو ۽ پارسيءَ مان هيٺيان فقهي ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيا.

١. ضرورت المسلمين: حاجي محمد سمو
٢. سراج الاسلام سنڌي ترجمو خلاصة الفقه: حاجي محمد سمو
٣. مفيد المسلمين: سنڌي ترجمو حيرت الفقه: حاجي محمد سمو
۴. تحفة الاحباب: سنڌي ترجمو ڪشف الحجات: حاجي محمد سمون
۵. ترتيب الصلوٰة: سنڌي ترجمو هدايت الاضا: حاجي محمد سمون
٦. مفتاح الصلوٰة: سنڌي ترجمو فارسي ڪتاب مفتاح الصلوٰة: مخدوم عبدالصمد
٧. مختصر مصلح المفتاح: سيد علي محمد شاهه دائري وارو
٨. مصلح المفتاح: سيد علي محمد شاهه دائري وارو

### ضرورت المسلمين

ڪتاب ضرورت المسلمين حاجي محمد سمي ڪاتب لکيو. هي هڪ تمام ننڍڙو ڪتابڙو آهي جنهن ۾ دين متعلق ابتدائي ضروري ۽ معلوماتي ڳالهيون سمجهايون ويون آهن. ضرورت المسلمين گهڻ پڙهيل، ٻارن ۽ سفر ۾ رهندڙ سنڌي مسلمانن جي ديني گهرجن کي پوري ڪرڻ لاءِ هڪ ڪارائتو ڪتاب آهي. هي ڪتاب هڪ مجموعي ۾ ٻن ٻين ڪتابن خلاصة الفقه ۽ حيرة الفقه جي ترجمن سان گڏ بمبئي ۾ مطبع فتح الڪريميءَ مان پهريون دفعو سنه ١٢٩١هه/١٨٧۴ع ۾ الحاج قاضي عبدالڪريم طرفان ڇاپيو ويو. هن مجموعي جي ٻي اشاعت مطبع ڪريمي بمبئيءَ مان سنه ١٣٣٩هه/١٩٢١ع ۾ شايع ڪئي وئي. ضرورت المسلمين ۾ هيٺين معلومات جمع ڪيل آهي.

١. پنج بنيادي ڪلما ٢. ايمان مجمل ٣. ايمان مفصل ۴. نماز جي ترتيب ۽ طريقو ۵. جنازي نماز جو طريقو ٦. نماز کان پوءِ جيڪي دعائون پڙهجن ٿيون تن مان ڪي دعائون ٧. روزي رکڻ ۽ روزي کولڻ جون نيتون ٨. ميت کي قرآن شريف جي ختمي جو ثواب ۽ غريبن کي بطور خيرات ڪارايل طعام جو ثواب بخشڻ لاءِ دعا ٩. عقيقي جا مسائل ۽ دعا.

ضرورت المسلمين جي خاص خوبي هيءَ آهي تہ هر هڪ ڪلمي يا دعا جو سهڻي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو ويو آهي.

## سراج الاسلام سنڌي

هن ڪتاب جو مترجم پڻ حاجي محمد سمون آهي. هو ٻين، پور جي ڪرنائي سمن جي عزازت مان هو. ڪاتب هو ۽ بمبئي مان ليٿو تي چيچندڙ ڪتابن جي ڪتابت ڪيائين. سنہ ١٣٨٢هہ ۾ شاهہ جو رسالي جي ڪتابت ڪيائين جيڪو بمبئي مان ڇپيو.

خلاصة الفقه نالي هڪ ڪتاب اصل فارسي ۾ لکيو ويو هو جنهن جو ترجمو مولوي حافظ شجاع الدين "مفيد المسلمين" جي نالي سان ڪيو ۽ ان ترجمي تان 'سراج الاسلام' نالي سان حاجي محمد سمي سنہ ١٢٨٦هہ/١٨٦٩ع ۾ سنڌي ترجمو ڪيو. هي ڪتاب جي بمبئي مان ٻہ دفعا شايع ٿيو. ان کان پوءِ مسٽر هيمن داس ڏيو سنگهہ تاجر ڪتب سکر سنہ ١٣٤٦هہ - ١٩٢٧ع ۾ ابو العلائي اسٽيم پريس آگري مان ليٿو ۾ ڇپايو جنهن جي ڪاتب جو نالو " حافظ عبدالهادي ولد مرحوم حاجي محمد آدم ڳڙهي ياسين والا" لکيل آهي. ڪتاب جو سر ورق ٽائيپ ۾ سکر ۾ ئي ڇاپيو ويو هو. راقم الحروف جي نظر کان ٽيئي نسخا گذريا. اول الذڪر ٻئي نسخا شمس العلماء دائود پوٽو سنڌ صوبائي لئبرري حيدرآباد ۾ موجود آهن ۽ سکر وارو ڇاپو سنڌ يونيورسٽي جي مرڪزي لئبرري جي اورينٽل حصي ۾ رکيل آهي.

خلاصة الفقہ ۾ پهريائين ايمان مفصل جو بيان ڪيو ويو آهي، جنهن کان پوءِ عبادت متعلق فقهي احڪام جو سرسري خاڪو ڏنو ويو آهي ۽

ڪن جاين تي مترجم طرفان ڪي وضاحتي اشارا حاشيءَ ۾ لکيا ويا آهن. جن فقهي موضوعن تي ڪتاب ۾ مسائل جمع ڪيا ويا آهن سي هي آهن:

وضوءَ جو بيان، وضو ڀڄڻ جو بيان، غسل جو بيان، کوهين جو بيان، اوباري جو بيان، تيمم جو بيان، حيض ۽ نفاس جو بيان، نجاست خفيف جو بيان نجاست غليظ جو بيان، استنجا ڪرڻ جوبيان، نماز جي پنجن وقتن جا نالا، نمازن جا وقت، نماز جا فرض، نماز جون سنتون، نماز جي وصف، نماز جي ڀڄڻ جو بيان، نماز جا مڪروهات، فرضن جو تعداد، سنتن جو تعداد، مستحبن جو شمار، تراويحن جو ذڪر، سجدي سهو جو ذڪر، سجدي تلاوت جو ذڪر، مسافر جي نماز، جمعي جي نماز، عيد جي نماز، خسوف ۽ ڪسوف جون نمازون، جنازي جي نماز، زڪواة جو ذڪر، صدقي ۽ فطري جو ذڪر، روزن جو ذڪر، حج جا مسئلا ۽ قربانيءَ جو ذڪر.

خلاصة الفقه جيتوڻيڪ هڪ مفيد ڪتاب آهي. ٻوليءَ ۽ نظم جي نموني جي واقفيت لاءِ ڪتاب مان نماز جي روحاني پهلو متعلق ڪجهه اشعار هت نقل ڪجن ٿا.

جنهن ڪنهن جاتا فرض سنت واجبات
سو عمل هن تي ڪري جا وصف صلوٰة
او سڻي تڏي ٻانگ اهڙو بي قرار
ڪر ڪو حاڪم اُتس ڪو چوبدار
سو ڪري پڻ استنجا ۽ وضو بهتر تمام
ادب سين او تڏي ايو جيئن ڪو غلام
حق ڪي حاضر او ٻجهي، تڏي خوفناڪ
سڀ علائق کان ڪري سو دل ڪي پاڪ
انڪساري عاجزيءَ سين تڏي دل نرم
جمع خاطر پڻ ڪري حق کان شرم
۽ ٻجهي توفيق ڪي الله کان
دل سين نيت سو ڪري ۽ سين زبان...

ويهي جڏهن قعدي اندر تي با ادب
ائين سمجهي تا ڏسي مون کي تو رب
سر نمائي دل تي ڊر پنهنجو نظر
ران تي جوڙي ڪرايون ٻئي تون ڊر...
مونه ڦيري ڏي ٻنهي طرفن سلام
مقتدين جي پڻ ڪري نيت امام
هيڪلي نيت فرشتن جي ڪري
جي ڪلهن سي ٻئي دل ۾ ڌري
بلڪ سڀ يارن جي نيت آه خوب
تا محبت سين ٿين روشن قلوب
مومنن کي يا خدا توفيق ڏي
فضل سين تون بخش مسلم جي مڙي.

## ڪتاب مفيد المسلمين

’حيرة الفقه‘ نالي ڪتاب اصل عربيءَ ۾ لکيل هو. جنهن تان فارسيءَ ۾ ترجمو ٿيو ۽ پوءِ بمبئيءَ جي ناشر قاضي محمد ابراهيم ولد قاضي نور محمد جي ڪوشش سان ان جو اردو ترجمو شايع ٿيو. آخر سنہ ١٢٩١هه/١٨٧٤ع ۾ حاجي محمد سمي ڪاتب جي هٿان ساڳئي ناشر جي تجويز تي ’حيرة الفقه‘ جو ’مفيد المسلمين‘ جي نالي سان سنڌي ترجمو ڪيو ويو جيڪو بمبيءَ مان ٻہ دفعا شايع ٿيو. پر بمبئيءَ وارا ٻئي ڇاپا ڪجهہ وقت کان پوءِ ڪمياب ٿي ويا. جنهن ڪري مسٽر هيمنداس تاجر ڪتب سکر جي اهتمام سان ابو العلائي اسٽيم پريس آگري مان ’خلاصة الفقه‘ وانگي ليٿو ۾ ڇاپيو ويو ۽ ان جو ڪاتب بہ ساڳيو حافظ عبدالهادي ولد مرحوم حاجي محمد آدم ڳڙهي ياسين وارو هو. هن ڪتاب جو ڪور بہ ’خلاصة الفقه‘ جي ساڳئي نموني ٽائيپ ۾ سکر جو ڇپيل آهي.

هن ڪتاب ۾ فقه جا ڪجهہ متفرق مسائل هڪ مخصوص مسائل هڪ مخصوص طرز يعني ’معمي‘ جي انداز ۾ لکيل آهن، جن مان چند

’معما‘ ڪتاب جي تعارف طور هيٺ لکجن ٿا.

**غسل جنابت**

سوال: هڪ شخص جنابت جي غسل جي حاجت هوندي به مسجد ۾ داخل ٿيو. پر جڏهن مسجد کان ٻاهر آيو ته سندس اها حاجت پوري ٿي وئي ۽ ڪيس غسل جي ضرورت نه رهي. سو ڪيئن؟

جواب: هن شخص غسل جنابت ڪيو هو پر ’غرغرا‘ ڪرڻ وسري ويا هئس جي جنابت جي غسل لاهڻ لاءِ فرض آهن. هي شخص انهيءَ غلط فهميءَ ۾ ته غسل جي حاجت ڪان آجو آهي مسجد ۾ داخل ٿيو. حالانڪ سندس غسل صحيح نه ٿيو هو. جڏهن مسجد ۾ پاڻي پيتائين ته پاڻي ان جي حلق ۾ ويو ۽ ان جو غسل صحيح ٿيو ڇاڪاڻ ته ’غرغرن‘ ڪرڻ جو مقصد به حلق ۾ پاڻي پهچائڻ آهي ۽ حلق ۾ پاڻي ڪنهن به طرح پهچڻ ”مضمضه ڪي ادا ڪري ٿو. تنهنڪري هن جو اڻپورو غسل هاڻي مڪمل ٿيو ۽ هو پاڪ ٿي ويو پر وضوءَ ۾ غرغرا ڪرڻ فقط سنت آهن.

**وضو**

سوال: هڪ شخص جنهن ڪي نه وضوآهي ۽ نه تيمم، سو نماز پڙهي رهيو آهي ۽ نماز سندس صحيح آهي سو ڪيئن؟

جواب: هن شخص جو وضو نماز پڙهندي ڀڳو هو تنهن ڪري نماز مان نڪري وضو سارڻ لاءِ نڪتو. پر جيسين نئون وضو ساري واپس نماز ۾ اچي تيسين نڪي وضو ڪيل اٿس ۽ نه تيمم. پر اهو وقت ان جو نماز ۾ ئي شمار ٿيندو ڇڻ نماز پڙهي رهيو آهي.

**تيمم**

سوال: هڪ مسافر وٽ وضو ڪرڻ جي لائق پاڻي به آهي ۽ اڃ جو خوف به نه اٿس ته به ان جو تيمم ڪرڻ جائز آهي سو ڪيئن؟

جواب: هن مسافر جا ڪپڙا ناپاڪ آهن. تنهن ڪري جيڪو ٿورو پاڻي ساڻ اٿس ان سان ڪپڙا ڌوئي پاڪ ڪرڻ کي اوليت ڏيندو ۽ نماز تيمم ڪري پڙهندو.

## نماز

سوال: هڪ شخص امام پٺيان نماز ادا ڪئي آهي پر اجا ٻه جيسين هڪ رڪعت وڌيڪ نہ پڙهندو تيسين هن جي نماز نہ ٿيندي سو ڪيئن؟

جواب: هي شخص مغرب نماز منفرد حيثيت ۾ پڙهي پوء مسجد ۾ آيو ۽ جماعت ۾ نفل جي نيت سان شريڪ ٿيو. پر جيسين چار رڪعتون پوريون نہ ڪندو تيسين سندس نماز نہ ٿيندي، ڇاڪاڻ تہ ٽي رڪعتون نفل جائز نہ آهن.

## روزو

سوال: هڪ شخص روزو رکي ارادتا ڀڳو. پر مٿس نہ ڪفارت پئي نہ قضا، سو ڪيئن؟

جواب: هن شخص حرام روزو رکيو هو. مثلاً عيد جي ڏينهن جو يا عورت حيض ۽ نفاس جي حالت ۾. تنهن ڪري انهن ڪي حرام روزو ڀڃڻ لاء ڪابہ ڪفارت يا قضا نہ پوندي.

## رويت هلال عيد

سوال: هڪ ٻار متعلق اما اعظم جو قول آهي تہ رمضان شريف ۾ ڄائو آهي پر امام يوسف چوي ٿو تہ شوال ۾ ڄائو آهي سو، ڪيئن؟

جواب: هي ٻار رمضان شريف جي ٽيهين تاريخ ڄائو هو. رات جو چنڊ نہ ڏٺو هو پر زوال جي وقت شاهدن شاهدي ڏني تہ هنن چنڊ ڏٺو هو. امام اعظم جي قول سان هيء شهادت معتبر نہ آهي. تنهن ڪري اهو ماهہ رمضان ڇٻو. امام يوسف جي راء موجب هيء شاهدي معتبر آهي ۽ اهو روزو افطار ڪبو، تنهن ڪري شوال ڇٻو.

## زڪواة

سوال: هڪ شخص جو پوري ۽ ڪامل نصاب جو مالڪ آهي پر فقير آهي ۽ زڪواة وٺڻ جو حقدار آهي، سو ڪيئن؟

جواب: هي شخص چوپائي مال جو مالڪ آهي ۽ نصاب جو صاحب آهي. پر انهن جي قيمت جي لحاظ کان فقير آهي مالدار ناهي.

تنهن ڪري جيتوڻيڪ چوپائي مال تي واجب ٿيل زڪواة ادا ڪندو پر پاڻ ٻئي کان زڪواة وٺڻ جو مستحق آهي.

## احڪام مساجد ۽ نڪاح

سوال: هڪ شخص جي اچڻ سبب هڪ مسجد کي ڦيرائي گهر ڪرڻ واجب ٿيو ۽ امام ۽ مؤذن کي پنهنجي زالن کي طلاقون ڏيڻيون پيون، سو ڪيئن؟

جواب: مذڪور ٻئي عورتون ان آيل مرد جون ٻهريون نڪاح ٻڌيون زالون هيون ۽ اها مسجد سندن رهڻ جي جاءِ هئي. ڪجهه وقت کان پوءِ اهو شخص لاپتا ٿي ويو. عورتن قاضيءَ وٽ غلط شاهديون ڏياري ان شخص جو مرڻ ثابت ڪيو ۽ انهن مان هڪ امام سان ۽ ٻيءَ مؤذن سان نڪاح ڪيو. امام ۽ مؤذن هن شخص جي گهر کي ان جي اجازت ۽ اطلاع کان سواءِ مسجد بنايو. ان شخص جي اچڻ کان پوءِ جڏهن حقيقت ظاهر ٿي تہ قاضيءَ امام ۽ مؤذن جا نڪاح رد ڪيا ۽ مسجد جيڪا مالڪ جي ملڪيت ۾ ان جي اجازت بنا اڏائي وئي هئي سا واپس ان جي ملڪيت ۾ ڏني وئي.

### طلاق

سوال: هڪ شخص گهر کان ٻاهر ويو جڏهن واپس آيو تڏهن ڏٺائين تہ سندس عورت ڪنهن ٻئي مرد سان نڪاح ڪيو ويٺي آهي. پر هي ان ڳالهہ تي ڪوبہ اعتراض وٺي نہ سگهيو. سو ڪيئن؟

جواب: ان شخص ان عورت کي ٽي طلاقون ڏنيون هيون جي شرطي هيون. يعني چيو هئائين تہ جيڪڏهن هيءَ عورت گهر کان ٻاهر ويئي ۽ ڪنهن ڏاڙهيءَ مرد سان ڳالهيون ڪيائين تہ ڪيس ٽي طلاقون آهن. عورت گهر کان ٻاهر بہ وئي ۽ ڏاڙهين مرد سان ڳالهيون بہ ڪيائين تنهن ڪري عورت تي ٽي طلاقون پهچي چڪيون ۽ ٻهرئين مرد جي نڪاح کان آجي ٿي ويئي. اها عورت حاملہ بہ هئي جنهن جو وضع حمل ان مهل ٿيو تنهن عدت ڪري جي پابنديءَ کان بہ آزاد ٿي. ان سبب ٻئي نڪاح ڪرڻ ۾ باقي ڪابہ شرعي رڪاوٽ نہ رهي ۽ عورت نڪاح ڪيو.

**ميراث**

سوال: هڪ شخص جي وفات وقت ان جي وارثن ۾ هڪ مائيٽو ڀاءُ، هڪ سوٽيرو ڀاءُ ۽ هڪ سالو هئا. پر شريعت موجب سڀ ملڪيت سالي کي ڏياري وئي، سو ڇو؟

جواب: ان شخص کي پهرين زال مان جو پٽ هو، تنهن پنهنجي ٻيءَ جي ٻيءَ زال جي ماءُ سان شادي ڪئي هئي جنهن مان هڪ پٽ ڄائو هوس جو پنهنجي ڏاڏي جو سالو به ٿيو، پر سندس پوٽي جي حيثيت ۾ سموري ملڪيت جو اڪيلو ۽ جائز وارث به هو.

**حرام ۽ حلال ڪاڏو**

سوال: هڪڙي ٿي ٿانوَ ۾ پيل ڪاڏو ٽن ڄڻن ڪاڌو. هڪ کي حرام، ٻئي کي مڪروهه ۽ ٽئين کي حلال آهي. سو ڇو؟

جواب: هڪ کير پيئاريندڙ عورت جي کير جي سيڙهه اتفاق سان ڪاڏي سان ڀريل ڪنهن ٿانوَ ۾ پئي. اهو ڪاڏو ان عورت جي ٻار لاءِ جائز، مرد لاءِ حرام ۽ خود عورت لاءِ مڪروهه آهي. سيد علي محمد شاهه دائري واري به هن مسئلي جي تائيد ڪئي آهي.

## ڪتاب ترتيب الصلوٰة

هن ڪتاب جو مترجم به حاجي محمد سمون ڪاتب آهي. ڪتاب ترتيب الصلوٰة، قاضي نور محمد بن قاضي عبدالڪريم مطبع ڪريمي بمبئي مان سنه ١٣١٢هه/١٨٩٤ع ۾ شايع ڪرايو. هي ڪتاب ٻيو دفعو جناب برادران محمد ڀائي عبدالحسين تاجران ڪتب بمبئي ۽ ڪراچي جي ڪوشش سان مطبع طيبي بمبئي مان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. ڪتاب ترتيب الصلوٰة، اردو ڪتاب هدايت الاضا جو سنڌي ترجمو آهي جنهن ۾ ڪي اضافا به ڪيل آهن جهڙوڪ، ايمان جي صفتن جي ڪلمي جو مخدوم عبدالله طرقان ڪيل سنڌي ترجمو. ترتيب الصوٰة جي ابتدا منظوم سنڌيءَ ۾ هيٺين لفظن ۾ ڪئي وئي آهي.

سڀ ساراهون رب کي جو حادي حيّ حڪيم
جنهن قادر ڪيو قدرت سين سونهارو سليم
مٺو محمدؐ مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جو صاحب خلق عظيم
هون صلواتون تنهن سرور اتي ڪروڙين تسليم
تنهن احمد اڇي امت کي دين ڪيو تعليم
۽ وسن رحمتون رب جون مٿي آل ۽ اصحاب
جي اجارا اسلام ِجا نوري ۽ نجاب
هاڻي سکي ياد ڪريون هي مسئلا دين سندا
آهي لازم سڀ ڪنهن مومن مٿي ته پهرين هي ڪلما
سيکاري پنهنجي اولاد کي جا پر اسلاما.

مٿين ابتدا کان پوءِ ترتيب الصلوٰة ۾ سکڻ جهڙين کي بنيادي ڳالهيون سمجهايون ويون آهن ۽ انهن جو فقط عربي متن لکيو ويو آهي اهي ڳالهيون هي آهن: پنج ڪلما، ايمان مجمل ۽ استغفار. ان کان پوءِ ڪثيرالذڪر هڪ سوٽيهه فرض بيان ڪيل آهن. پر هن ڪتاب ۾ به هن تعداد جو ڳاڻيٽو پورو ڪيل نه آهي. جيڪي ڳالهيون هڪ سوٽيهن فرضن جي عدد ۾ شمار ڪيل آهن سي هي آهن: وضوءَ جا چار فرض، تيمم جا ٽي فرض، غسل جا ٽي فرض، ايمان جون ست صفتون، نماز جي پنجن فرضن جون نيتون، ٽيهن فرض روزن جون نيتون، رمضان جا ٽيهه روزا، فرض نمازن جون ستره رڪعتون، حضور جن جي نسب مبارڪ مان چار پشتون، چئن فقهي مذهبن جي امامن جا نالا، اسلام جا پنج رڪن، نماز جا تيرهن فرض، جي ڪل هڪ سو پنجويهه ٿيا. انهي عدد ۾ جيڪڏهن پنجن قبلن جو علم شامل ڪجي ته هڪ سو ٽيهه جو انگ پورو ٿيندو. تنهن کان پوءِ نماز ختم ٿيڻ تي هر وقت پڙهڻ جهڙيون دعائون لکي سيکاريون ويون آهن.

جمعي نماز ۽ خطبي پڙهڻ جي ترتيب پڻ ڪتاب ترتيب الصلوٰة ۾ سيکاري وئي آهي ۽ جمعي جي فرض کان پهريائين جيڪا سنت پڙهي وڃي ٿي، تنهن لاءِ اعلان ڪرڻ جو طريقو هن طرح سيکاريل آهي ته سنت کان پهريائين يعني جمعي نماز جي پهرين بانگ ڪانپوءِ مؤذن

’الصلوٰة سنت الجمع‘ جا لفظ وڏي آواز سان پڪاري، ماڻهن کي سنت پڙهڻ جي يادگيري ڏياري. ڪن ٻين هنڌن انهن لفظن بدران ’الصلوٰة سنت رسول الله‘ چوڻ جو رواج آهي. هن مسئلي متعلق هن ئي مقالي ۾ ٻين هنڌن ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي. آخر ظهر پڙهڻ ۽ جمعي نماز جي ترتيب ۾ داخل ڪيل آهي.

تراويحن جي ترتيب ۾ هر چئن رڪعتن ڪانپوءِ نبي اڪرم تي درود پڙهڻ ۽ خلفاء راشدين جي صفت ڪرڻ تي خاص زور ڏنو ويو آهي. تراويح نماز جي ترتيب ڪانپوءِ روزي رکڻ ۽ ڇوڙڻ جي نيت، عيد نمازن جون نيتون، قربانيءَ جي نيت ۽ ضروري دعائون سيکاريون ويون آهن. ميت سان تعلق رکندڙ سڀ ضروري ڳالهيون، جهڙوڪ جنازي نماز، تدفين، تلقين، ميت جي وارثن سان تعزيت ۽ انهن جو طريقو واسطو رکندڙ دعائن سميت سيکاريو ويو آهي. پاڪائي ۾ سڀ ڪنهن قسم جي غسل، مثلاً غسل جنابت، غسل نفاس، غسل حيض، غسل جمع، غسل عيد، غسل احرام وغيره جون نيتون ۽ دعائون سيکاريون ويون آهن. استنجا ڪرڻ جو طريقو ۽ ان سان متعلق دعائون پڻ لکيون ويون آهن. خاص وقتن جي دعائن ۾ جماع جي وقت جي دعا، قبرستان جي دعا، سرمي پائڻ وقت جي دعا، آرسي ڏسڻ وقت جي دعا، ڏيئي ٻارڻ جي وقت جي دعا سيکاريل آهن.

نڪاح جو طريقو هن طرح سيکاريل آهي ته پهريائين گهوٽ ۽ ڪنوار جي وارث کي تجديد ايمان ۽ رد ڪفر جا ڪلمان پڙهائجن، جن جو سنڌي بيتن ۾ ذڪر آندل آهي. هي بيت ايمان متعلق هڪ مسلمان جو صحيح نقطه نظر واضح ڪندڙ آهن. ان کان سواءِ بيتن جي ٻولي ادبي نقطي کان ۽ قابل توجه آهي ۽ خاص ڳالهه هي آهي ته انهن بيتن جو جوڙيندڙ ڪو بزرگ عبدالله نالي آهي جو غالباً مخدوم عبدالله نرئي وارو يا مخدوم عبدالله واعظ ٿي سگهي ٿو. اصلي بيت هيٺ نقل ڪجن ٿا.

بسم الله الرّحمٰن الرّحيم

الله ربي جل جلاله. الله آهي هيڪڙو واحد رب وڏو
پروردگار پاتشاھ مولو مون سندو.
۽ محمد رسول صلعم رسول سندو رحمان
سچ سين مجيو آهي مون سين هيين ۽ زبان
والقرآن امامي ۽ قرآن ڪلام الله جو آهي سندم امام
خبر جنهن ۾ سڀ ڪا سندي حلال حرام
والڪعبة قبلتي ۽ ڪعبت الله قبلو ڪري مڃيو آهي مون
آڳي بيت اڏايو جو يلو متي يون
والمومنون اخواني مومن مڙئي منهنجا يلا آهن يار
ايا جي اسلام اتي دانھ ديندار
والاسلام ديني اسلام سڀورو منهنجو درست آهي دين
مولي منهنجو تنهن متي ثابت رکين يقين
آمنت بالله آندو مون الله ڪري ايمان صدق منجهان
جو آهي موجود مون ڏٺي جوڳو عبادتا
هو هميشاھ جو پڻ هوندو هميشاھ
پاند نہ پرو تنهن جي ڪو هميشگي جو آھ
ڪونهي شريڪ تنهن سين نہ ڪو وزيرا
وحده لا شريڪ لہ لا اله سو آھ
اتي هيڪڙائي ان جي مخلوق سڀ گواھ
آهي منزھ مڙني پرئين باري بي عيبا
ڪوفو قبيلو ناھ ڪو تنهن مولي جو مورا
نسل نسبا پاڪ سو منزه بي مثلا
نہ ڪو شبيه صاحب جو نہ ڪو نظيرا
"لم يلد ولم يولد ولم يكن لہ ڪفواً احد" سندس اي صفتا
و ملائڪته ۽ پڻ ملائڪ مڃيا سچي سچ منجهان
خلقت جنهن جي خالق ڪئي ڪنا نسوري نورا
نہ اڄ بک اوڏي ان ڪي نہ طلب طعاما

سهند نہ رکن سمهڻ سين نہ شهوت تن کي کا
نہ کا نشاني مردن جي نکا سندي نساء
نہ ٿئي احتلام ان کي ۽ مڇ نہ ڏاڙهي ڪا
ايا آهن امر ۾ صدق ساڻ سدا
ڪنڌ نہ ڪين ڪڏهين آڳي جي آمرا
لا يعصون الله ما امرهم ويفعلون مايو؛ مرون سندي تن صفتا
وڪتبه ۽ پڻ مڃيان ڪتاب مڙئي مولي جي مڪا
مولي مڪا ماٺهن ڏونهہ مرسلن هٿان
سي آهن ڪتاب الله جا مڙئي موچارا
آهي تن ۾ صاحب جي ساراه ۽ ثنا
وعدا واحد جا سي امر ۽ نهيا
نازل نبين مٿي سي قادر ڪتاب ڪيا
جي مڃيا مڙني مرسلين سي اسان پڻ مڃيا
سله ۽ پڻ مڃيا مرسل مڙئي ۽ پڻ انبيا
جي خاصا بانها خالق جا محبوب مقبولا
خبر ڏين خلق کي آڳي جي پارا
رسائين رحمان جا وعيد ۽ وعدا
امر نهي آڳي سندا ڪرين اظهارا
سکئي جنين درست ٿئي دين ۽ دنيا
اول تن انبيائن جو حضرت آدم آهہ
آخر ان سيني جو مير محمد شاهہ صلي الله عليہ وسلم
اسان نبي ڏٺيء جا مڃيا صدق منجهان
واليوم الآخر ۽ پڻ ڏينهن قيامت مڃيان
جو تحقيق آهي اچڻو ريهين شڪ شبها
۽ پڻ جيڪي امور آخرت جا ڪتاب لکيا
ڏنيون خبرون جن جون حضرت پيغمبر خدا
سي اسان امور سيئي ويساهہ سين مڃيا
والقدر خيره و شره من الله تعالي

۽ پڻ مڃيو سين سچ سين گهڻي ويساها
تہ تقدير چڱي ۽ مٺي جي آهي ڪنا الله
پر خير ۾ راضي مون ڏٺي شر ۾ ناهہ رضا
مولا کي مٿاين ڏونهہ ڪانهي محبت ڪا
والله لايحب الفساد ڪيو قرانا
والبعث بعدالموت ۽ پڻ مڃيو سچ سين امر تا اهو
تہ مرڻ پڇاڻان مون ڏٺي موٽي جياريندو
سيڪو اٿاريو آخرت ڏينهن جيڪو مري ويو
جو نہ وسوڙو ان ڳالهہ کي گمراه سو ٿيو
وان الله يبعث من في القبور آڳي پاڻ چيو
۽ جيئڻ پڇاڻان ناهہ ڪو موٽي موت ٿيو
هوندو حيات هميشه صحي بندو سيڪو
کي ويندا جنت ۾ ڪن دوزخ ماڳ ڏيو
فريق في الجنة و فريق في السعير ورهاڱو ڪيو
قادر جي قدرت جو ڪونهي پاند پرو
آهي همدالله کي پڻ وڏو آسرو
تہ ڪلمي ساڻ لڏين جي مان ڪري تنيون
وڃڻ ساڻ ايمان سين ڪلمو جن چيو

ترتيب الصلوٰة ۾ عقيقي جا مسائل پڻ ڄاڻايا ويا آهن ۽ مطلع ڪيو ويو آهي تہ عقيقي جا مسائل هندي ڪتاب 'هداية الاضا' مان ترجمو ڪري لکيا ويا آهن.

## ڪتاب تحفة الاحباب

ڪتاب تحفة الاحباب بہ حاجي محمد سمي ڪاتب جو ترجمو ڪيل آهي. هي ترجمو قاضي ابراهيم ابن قاضي نور محمد ساڪن پل بندر مطبع هردرياربمبئي مان ڇپايو. 'تحفة الاحباب' ڪتاب 'ڪشف الحجاب' تان ترجمو ڪيو ويو هو پر اهو ڄاڻايل نہ آهي تہ ڪتاب 'ڪشف الحجاب' ڪهڙي ٻوليءَ ۾ ۽ ڪنهن جو لکيل آهي.

نکي ترجمي جو کو سنہ ڄاڻايل آهي. تحفة الاحباب جو هڪ نسخو شمس العلماء صوبائي لئبرري حيدرآباد ۾ رکيل آهي.

تحفة الاحباب ٻن حصن ۾ ورهايل آهي، جنهن مان هڪ حصي ۾ پاڪائي يعني وضو، غسل، حيض وغيره جا مسائل ڄاڻايل آهن ۽ ٻئي حصي ۾ پردي جا احکام جمع ڪيا ويا آهن. پهرئين حصي سان تعلق رکندڙ مسائل ٻين گهڻن سنڌي ڪتابن ۾ موجود آهن. تحفة الاحباب نہ فقط ترجمو آهي پر منجهس مترجم جي ذاتي فقهي راء پڻ موقعي بہ موقعي ڏني وئي آهي. جن فقهي ڪتابن جا حوالا تحفة الاحباب ۾ ڏنا ويا آهن تن مان ڪن جا نالا هن سان گڏ ڏجن ٿا تہ جيئن ڪتاب جي فقهي حيثيت ظاهر ٿئي:.

## مصلح المفتاح عرف دائري وارن جي سنڌي

مولانا الشيخ فتح محمد سنڌي برهانپوري سنہ ١٠٦١هہ ۾ نماز جي فقهي مسئلن بابت 'مفتاح الصلوٰة' جي نالي سان فارسي زبان ۾ هڪ ڪتاب تصنيف ڪيو جيڪو هن موضوع تي سڄي هندوستان ۾ مستند ۽ قابل اعتماد ڪري ميجبو ويو. گهڻي وقت تائين هيءَ ڪتاب مدرسن جي ابتدائي نصاب ۾ شامل رهيو ۽ پڙهايو ويو. سنڌ جي عالمن جيئن تہ ابتدائي تعليم سنڌي ۾ ڏيڻ شروع ڪئي هئي، انهي ڪري انهيءَ ضرورت کي پوري ڪرڻ لاء سنڌي ۾ ڪتاب ترجمو ۽ تصنيف ڪيا ويا. قاري حاجي سيد علي محمد شاھ جهيجن (موجوده اڏيري) جي درس دائري واري استاد سنہ ١٢٧٠ء کان ١٢٧٧هہ واري عرصي ۾ سنڌي ۾ ڪتاب مصلح المفتاح تصنيف ڪيو جيڪو نہ فقط مفتاح الصلوٰة فارسي جو ترجمو آهي پر منجهس 'مفتاح الصلوٰة' جي متن کان ڪافي گهڻا مسئلا فقهي دليلن سان آندا ويا آهن. مصلح المفتاح جو مصنف ڪتاب جي ابتدا ۾ ڄاڻائي ٿو تہ:

هاڻي ساڻ ٻيليئي الله جي ڪريان ٿو بيان مسئلا جي
مسئلا عبادتي آهن منجهہ ڪتاب مفتاحا جو
لغت فارسي آهي تصنيف سنڌي مخدوم فتح محمدا

سو سنڌي وائي سهڪو ڪيون باب بيانا
۽ پيا مسئلا زيادھ پڻ هن سنڌيءَ ۾ اٿئون آندا.

ڪتاب جي تصنيف جي سبب بابت چوي ٿو تہ:

۽ سبب تاليف هن نسخي جو سٿهو سڀوجها
تہ هيڪو درس خدا ترس هو پليءَ پوٽو نالي عبدالملڪا
سو نيڪ بخت گهڻو ڪنان ابرارنئا
تنهن کي شوق هو ڏاڍو ڏونهہ پڙهڻ علما
تا پي پڙهندو هو مفتاح کي منجهان محبتا
جو سنڌي وائي ۾ تصنيف ڪيو هو مخدوم انورا
شال رحمتون رب رحيم جون هون تنهين سڳوري کا
جنهن ڪيو تصنيف سنڌيءَ کي ڪنا فارسيا
تنهن ۾ تڪرار مسئلن جو هو ۽ پڻ اطالو اختلافا ......
پوءِ درس سڳوري کي ٿيو اهڪو سمجهڻ مغز سندو مفتاحا ......
تاپي قري مون مسڪين اڳيان ڪيائين عرض احوالا
تہ چي منجهہ واڻ الله جي ڪرهو هن نسخي کي اختصارا
۽ هٿ ڪنيائين دعا گهريائين منجهہ حقير جي حقا
تڏهن ضرور ٿيم ان ڳالهہ جو گهڻو اپر اندازا ......
اسم مون عاصيءَ جو آهي علي محمدا
ولد آهيان سيد نيڪ محمد جو شال مرهيس خدا
ساڪن آهيان دائري شريف جو. جو آهي ملڪن ۾ مشهورا
ڪيم شروع هن نسخي کي واسطي رجا ثوابا
ڪنان نسخي فارسيءَ جوڙيم ڪري سنڌي عبارتا
سا سنڌي وائي سهڪي اڃي ابوجهن کا
ڪٿهين ڪٿهين عبارت آنديم ڪنان سنڌيءَ مخدوم انورا
منجهہ مهيني جمادي الثاني جي تاريخ ٻاويها
پوءِ گذريا هئا هجرت کي ٻارهن سو اٺهتر ورها
پوءِ سترين ورهيہ ۾ شروع ٿيو هي نسخو نامزدا
نالو رکيم تنهن جو مصلح مفتاحا.

سيد علي محمد شاهہ متياري سادات جي خاندان مان هو. سندس والد صاحب جو نالو سيد نيڪ محمد شاهہ هو. سيد علي محمد شاهہ سنہ ١٢٢٦هہ/١٨١١ع ۾ دائري شريف ۾ ڄائو هو. سندس تعليم ابتدائي منزل تي دائري جي درسگاهہ ۾ ٿي شروع ٿي. پوءِ ثانوي ۽ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ شاهہ صاحب متيارين ۾ علامہ مخدوم عبدالڪريم جي درسگاهہ ۾ داخل ٿيو. هن درسگاهہ ۾ ٻن قابل استادن علامہ مخدوم عبدالڪريم ۽ مخدوم ميين محمد جي رهنمائيءَ هيٺ پنهنجي تعليم جي تڪميل ڪيائين.

دائري جي درسگاهہ جي انتظام لاءِ سندس رسمي دستاربندي نئين پڻ ۾ ٿي ڪرائي ويئي هئي. علم جي تحصيل کان فارغ ٿيڻ ڪانپوءِ اندازاً ١٢٤٥هہ/١٨٢٩ع ۾ عملي طرح هن درسگاهہ جو انتظام سنڀاليائين ۽ درس تدريس جي ڪم ۾ مشغول ٿيو. سندس وفات سنہ ١٢٨٧هہ/١٨٧٠ع ۾ ٿي.

سيد علي محمد شاهہ جي تصنيفات جي هن وقت تائين معلومات ملي چڪي آهي تن جا نالا هي آهن. ١. مصلح المفتاح (سنڌي)٢. مختصر مصلح المفتاح (سنڌي) ٣. ڪڪڙ جي ٻانگ جي فضيلت (سنڌي) ٤. بياض سيدي (عربي ۽ پارسي) ٥. حضور صلي الله عليه وسلم جن جي ولادت ۽ سيرت بابت رسالو 'زبدة المواليد' (عربي).

مصلح المفتاح سنہ ١٣٢٤هہ/١٩٠٦ع ۾ مخدوم حاجي عبيدالله مطبع فيض سبحاني جامع مسجد ڪوٽڙي مان ليٿو ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. هن ڇاپي جي اختتام تي ڄاڻايل آهي تہ "ڪتاب لاجواب مسميٰ بمصلح المفتاح جنهن جو مصنف علمائن جو سينگار عالم رباني جناب شاهہ صاحب والا مراتب حاجي حافظ قاري سيد علي محمد شاهہ صاحب رحمة الله عليه (آهي) صفائي ۽ صحت سان جناب حاجي مخدوم عبيدالله صاحب جي ڪوشش ۽ همت سان مهيني ربيع الثاني جي تاريخ ڏهين سال ١٣٢٤هہ/١٩٠٦ع ۾ ڪوٽڙي بندر جي مطبع فيض سبحاني مان ڇپجي تيار ٿيو.........پورو ٿيو هي ڪتاب مصلح المفتاح هٿان عاصي عبدالڪريم ساڪن ڪوٽڙي". هن طباعت جو ڪاتب سيد احمد علي

شاهہ بخاري پريس مين، سڪنہ پسرور پنجاب ضلع سيالڪوٽ آهي.

مصلح المفتاح کي ٻيو دفعو جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ تصحيح، مقدمي ۽ فهرستن سان سينگاري پڌرو ڪيو، جنهن کي سنڌ يونيورسٽيءَ جي اداري سنڌالاجي طرفان ١٣٩٠هہ/١٩٧٠ع ۾ سنڌ يونيورسٽي پريس مان ڇپائي شايع ڪيو. مصلح المفتاح جي اهميت ۽ افاديت ۽ فقهي حيثيت سنڌي ٻوليءَ ۾ مسلم آهن، پر سندس مواد جو اختصار ۽ انتخاب هتي پيش ڪرڻ ضروري نہ ٿو لڳي، جنهن جا ٻہ سبب آهن.

١. مصلح المفتاح، مفتاح الصلوٰة جوترجمو آهي، مفتاح الصلوٰة جي هڪ ٻئي سنڌي ترجمي جو تعارف هن کان اڳي هن مقالي ۾ پيش ٿي چڪو آهي.

٢. مصلح المفتاح ۾ مفتاح الصلوٰة جي متن کان گهڻو اضافو ڪيو ويو آهي، پر مصلح المفتاح جي مواد ۾ مزيد اضافو مختصر مصلح المفتاح ۾ڪيو ويو آهي، جنهن جي مسائل جو انتخاب هن مقالي جي ايندڙ صفحن ۾ موجود آهي.

جناب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب جن طرفان مصلح المفتاح جو تصحيح ٿيل نسخو مقدمي، فهرستن ۽ حاشين سان مزين ٿي ٿورا سال اڳ منظر عام تي اچي چڪو آهي، جنهن جي اشاعت مان اڃان کي قدر نسخا دستياب بہ آهن تنهنڪري بہ مصلح المفتاح مزيد تعارف جو محتاج ناهي.

## مختصر مصلح المفتاح

تاليف : سيد حاجي حافظ قاري علي محمد شاهہ دائري وارو.

تاريخ تاليف: ذوالحج ١٢٧٧هہ/جون ١٨٦١ع

مخدوم فتح محمد سنڌي برهان پوري جي لکيل فارسي ڪتاب مفتاح الصلوٰة جا سنڌيءَ ۾ ٽي ترجما ٿيا جن مان جناب سيد علي محمد شاهہ دائري واري جو سڏاريل ترجمو 'مصلح المفتاح' جيڪو هن ١٢٧٧هہ ۾ ڪيو سو سنڌ ۾ دائري واري وڏي سنڌيءَ جي نالي سان مشهور ٿيو. زير بحث ڪتاب، هن ڪتاب 'مصلح المفتاح' جو اختصار

آهي. جو سنڌ ۾ "دائري واري ننڍي سنڌيءَ" جي نالي سان پڻ سڃاتو وڃي ٿو. هي ڪتاب سنہ ١٩٠۴/١٣٢٢ع ۾ مطبع فيض سبحاني جامع مسجد ڪوٽڙي ضلع دادوءَ مان ليٿو ۾ مخدوم ميان حاجي عبيدالله ابن حاجي ميان ابوبڪر ساڪن متياريءَ جي اهتمام سان ڇپجي پڌرو ٿيو.

مختصر مصلح المفتاح جي ديباچي ۾ مؤلف ڄاڻائي ٿو تہ هن ڪتاب ۾ فقط فقهي مسئلا لکيا ويا آهن ۽ مصلح المفتاح ۾ جيڪي 'ترجيحون' ۽ 'تحقيقاتون' بيان ڪيل آهن سي هن ڪتاب ۾ ورجايون نہ ويون آهن. ساڳي طرح 'مصلح المفتاح' ۾ جن ڪتابن جا حوالا ۽ نالا لکيا ويا آهن سي بہ هن ڪتاب ۾ لکيل نہ آهن. پر هن ڪتاب ۾ ڪي مسئلا اهڙا بہ آهن جيڪي مصلح المفتاح ۾ موجود نہ آهن يعني ان کان زياده آهن. تنهنڪري هنن زائد مسئلن جون 'ترجيحات ۽ 'تحقيقات' لکڻ ضروري ٿيون ۽ جن ڪتابن مان هي نوان مسئلا جمع ڪيا ويا آهن تن جا نالا بہ ڄاڻايا ويا آهن. مصلح المفتاح جي مسئلن کي هن ڪتاب ۾ آسانيءَ سان بيان ڪرڻ جو مقصد انهن ماڻهن کي مسئلن سمجهڻ جي سهوليت مهيا ڪرڻ آهي جيڪي فقه جي تحقيقاتي پهلوءَ سان گهٽي دلچسپي نہ ٿا رکن. پر جن کي مستند مسئلن جي ڄاڻ جي سخت ضرورت آهي.

## فارسي ڪتاب مفتاح الصلوٰة جو سنڌي ترجمو 'مفتاح الصلوٰة'

هيءُ ترجمو مخدوم عبدالصمد ولد مخدوم حاجي محمد مقيم نورنگ ڪيو. هن هيءُ ترجمو سنڌي نظم ۾ ڪيو ۽ ان جي تصحيح قاضي عبدالرحيم ساڪن 'عالمي جو ڪوٽ' ڪئي. هي ڪتاب قاضي نورمحمد ابن قاضي عبدالڪريم تاجر ڪتب بمبئي مطبع ڪريمي بمبئي مان سال ١٣۴٦ھ/١٩٢٧ع ۾ ڇپائي شايع ڪيو. مترجم مخدوم عبدالصمد جو پنهنجي ترجمي بابت لکيل ابتدائي فقرو ۽ قاضي عبدالرحيم طرفان ڪتاب جي تصحيح بابت سندس ئي لکيل تصديق، هيٺ نقل ڪجن ٿا.

پڇاڻان حمد ۽ صلوٰة جي ۽ لکين درودا
عبدالصمد پٽ حاجي محمد مقيم جوڻو ڪري هي عرضا
تہ هيين ۾ هن حقير جي پيو اچي اهڙو خيالا
تہ ڪجي هوند ترجمو سندومفتاح الصلوٰتا
جو نسخو موچارو فقہ ۾ منجھ ماڻهن مشهورا
تصنيف شيخ فتح محمد جي رحمت ڪريس خدا
تہ مان مسئلا سمجھہ ۾ اچن سنڌيءَ وارن ڪان
تہ نفع ٿئي ماڻهن کي ۽ ٿئي مون کي ثوابا ......
هاڻ جڏهن هي ڪتاب تمام ٿيو تڏهن هٿي پندرهين تاريخا
ڪنا مهيني محرم جي سن ٻارهن سو اناسي ورها.
هاڻ اطلاع هوءِ مومن اُتي جي طالب هن نسخي جا
تہ جڏهن هي نسخو تمام ٿيو اچي مولي جي مهرا
تڏهن ڪٽي ويس جناب قاضي صاحب جي حضور منجها
جو عالم، عامل، زاهد، ڪامل گھڻو بي ريا
ديندار، پرهيزگار گھڻو آهي ڏيو سندو ڏيها
جناب ميان قاضي عبدالرحيم صاحب ساڪن عالم جي ڪوٽا
تنهن سڳوري گھڻي محنت ۽ مشقت ڪري ڪيو صحيحا
ڪارڻ تصحيح تنهن سڳوري کي لڳاڪي ڏينهن ڪيترا
ڏٺي درجو ڏٺي گھڻو تمام تنهن کي پنهنجن خزانيا
پڇاڻان حمد حڪيم کي جو مالڪ ملڪ خدا جل شانہ
۽ صلوٰة حضرت رسول اطهر تي جو ختم الانبيا عليه الصلوٰة وسلم
روشن هوءِ طالبن کي جي پڙهندڙ سنڌي فقها
تہ هي ترجمو مفتاح الصلوٰة جو سنڌي زبانا
مخدوم ميان حاجي عبدالصمدؒ تنهن کي ڪيو تصنيفا
جو ڪنا اولاد حضرت مخدوم نورنگ جي رحمہ الله تعاليٰ.
پوءِ موڪليائين تنهن ڪتاب کي ڪارڻ تصحيحا
ڏانهن مون فقير عبدالرحيم ساڪن عالمي جي ڪوٽا
تڏهن تصحيح ڪيم تنہ کي سين ڀليڀي خدا جل جلالہ

مقابل ڪيم نسخي اصليءَ سين پارسيءَ مفتاحا
ساڻ ملاحظي ڪتاب فرائض الاسلام ۽ رشف الزلالا
جي ٻنهي تصنيف مخدوم حاجي محمد هاشم جي جوسيد العلماء
۽ ساڻ مطابعت ڪتاب شرح منية جي ۽ درمختارا
۽ پڻ ڪتاب شاميءَ ۾ حاشيءَ درمختار جي ڪيم تحقيقا
تان پي لکيم بعضي بابن ۾ ڪي زيادهہ مسئلا
جي نقل ڪيم ڪتابن مٿين ڪنا سواء مفتاحا
پر ڪيل اشارو ان محلن ۾ ڏونهہ ان ڪتابنيا.
تہ ٿئي معلوم پڙهندڙن ڪي اي پڻ حقيقتا
الهم وفتهم وآياناالماتحب و ترضيٰ آمين ڪتبه الفقير عبدالرحيما
ساڪن ڪوٽ عالم اجر عظيم عطا ڪري قادر ڪريما جل جلاله
مترجم ۽ مصحح ڪي جن ڪئي وڏي تصديعا
ڪارڻ نفع مومنن جي، جي طالب دين جا
ترجمو ڪيائون صحيح موافق اصل جي جو مفتاح الصواتا

مٿين لکيل پهرئين فقري مان واضح ٿئي ٿو تہ مفتاح الصلوٰة جو سنڌي ترجمو مخدوم حاجي عبدالصمد سنہ ١٢٨٨هہ/١٨٧١ع ۾ مڪمل ڪري ڇڏيو هو. پر جناب قاضي عبدالرحيم صاحب طرفان ان جي تصحيح ۾ مزيد وقت ورتو ويو. اصل ڪتاب کان زائد اضافا جيڪي ترجمي ۾ موجود آهن سي بہ قاضي عبدالرحيم جا شامل ڪيل آهن. مفتاح الصلوٰة ۾ فقه جي عالمن جو هڪ خاص طريقو مسائل ياد ڪرڻ خاص لفظ جوڙي، ڪنهن مخصوص مقصد ڪي واضح ڪيو ويندو آهي. جنهن سبب مذڪوره مطلب آساني سان ياد رهي سگهندو آهي. مثلاً؛ عالمن طرفان فقهي مسئلي ۾ 'امام اعظم' ۽ 'صاحبين' جي راء ظاهر ڪرڻ لاءِ حروف تهجي مان ڪي لفظ ٺاهيا ويا آهن جن سان خاص مطلب جو اظهار ٿئي ٿو. ان جو هڪ مثال 'تڙ واري شخص جو ڪوهہ ۾ گهڙڻ' وارو مسئلو آهي. هن مسئلي ۾ امام اعظم جي راء آهي تہ اهو شخص ۽ پاڻي ٻئي پلت آهن. امام ابويوسف فرمائي ٿو تہ ٻئي پنهنجي حال تي رهندا يعني شخص پليت ۽ پاڻي پاڪ. پر امام محمد جو قول

آهي تہ اهو شخص ۽ پاڻي ٻئي پاڪ آهن. هن راءِ کي ظاهر ڪرڻ لاءِ حروف تهجي مان لفظ 'جحط' ٺاهيو ويو. جنهن جي 'جيم' مان مراد نجاست، آهي جا امام اعظم جي راءِ طرف اشارو ڪري ٿي. 'ح' مقصد حال آهي جو امام ابو يوسف جو قول واضح ڪري ٿو ۽ 'ط' مان مراد آهي طهارت، جا امام محمد جو مقصد واضح ڪري ٿي. اهڙي طرح ٽنهي امامن جي راءِ هڪ ئي لفظ لکڻ سان ظاهر ڪري سگهجي ٿي. هن طريقي موجب مفتاح الصلوٰة جو سمورو مضمون جن سنڌي بيتن ذريعي آسانيءَ سان ياد رکي ۽ سمجهي سگهي ٿو سي هي آهن:

فرائض نہ ڄاڻين تہ ٿئي منجهہ قَلَقَ

جي واجب نہ ڄاڻين تہ ٿين منجهہ خَطَرَ

جي سنت تون ڄاڻين تہ ٿيين پيشوا

مٿين بيتن جي ٻي، چوٿين ۽ ڇهين سٽ ۾ نماز جي فرضن، واجبن ۽ سنتن جو تعداد اچي وڃي ٿو. جن مان وضاحت هيٺ لکجي ٿي.

**فرض**

أ،ٛس جي الف مان مقصد انگڙا يعني بدن جا عضوا يا سمورو جسم پاڪ ڪرڻ، ٻهرين 'ج' مان مراد جامہ يعني ڪپڙا پاڪ ڪرڻ، ٻئي 'ج' جي معنيٰ جاءِ پاڪ ڪرڻ ۽ 'س' جو مقصد آهي ستر ڍڪڻ. ٿُوَقِ جو 'ن' نيت ڪرڻ لاءِ، 'و' وقت سڃاڻڻ لاءِ ۽ 'ق' قبلي سڃاڻڻ لاءِ آيل آهن. ٿُقَ ۾ 'ت' تڪبير اوليٰ ڏانهن، ٻهريون 'ق' قيام ڪرڻ ڏانهن ۽ ٻويون 'ق' قراة پڙهڻ ڏانهن اشارو ڪن ٿا. رَسَقَ جي 'ر' رڪوع ڏيکاري ٿي، 'س' سجدو ڪرڻ ۽ 'ق' قعده آخري ويهڻ.

**واجب**

ٺُضَتَ ۾ 'ف' فاتحہ پڙهڻ جي، 'ض' ضم ڪرڻ يعني سورة ڳنڍڻ لاءِ ۽ 'ت' تعين قراة جو آيل آهي. ٿُقَتَ جي ٻهرين 'ت' تشهد لاءِ، 'ق' ٻهرين قعده لاءِ ۽ ٻوئين 'ت' نماز جي رڪن ۾ تعديل لاءِ آيل آهي. لَقَتَ جي 'ل' جي معنيٰ آهي لفظ سلام چوڻ، 'ق' جو مقصد آهي

قنوت وتر ۾ پڙهڻ ۽ 'ت' مان مراد آهي تڪبيرون ٻن عيدن جون. جَسَرَ ۾ 'ج' جهري قراة، 'س' سر يعني ڳجهو پڙهڻ ۽ 'ر' رعايت ترتيب جي ڏيکارين ٿا.

**سنتون**

رَوَثَ ۾ 'ر' معنيٰ رفع يعني تڪبير وقت هٿ مٿي کڻڻ، 'و' معنيٰ وضع يعني ساڄو هٿ کابي هٿ مٿان ٻڌڻ، 'ث' معنيٰ ثناء پڙهڻ. ثُبَتَ ۾ 'ت' تعوذ پڙهڻ لاء، 'ب' بسم الله چوڻ لاء پوئين ۽ 'ت' تسميع يعني سمع الله چوڻ لاء. تُسَتَ ۾ پهرئين 'ت' جو مقصد تڪبير چوڻ، 'س' جي معنيٰ سه بار يعني ٽي دفعا تسبيح چوڻ ۽ پوئين 'ت' جو مطلب آهي توقف ڪرڻ قومہ ۾ ۽ جلسي ۾. دَرَا جو 'د' درود پڙهڻ ڏيکاري ٿو. 'ر' ۽ 'الف' جي معنيٰ آهي اخذ الرّکبة يعني رکوع ۾ گوڏا جهلڻ.

ان کان پوء 'مفتاح الصلوة' ۾ بيان هيٺ آيل مسائل مان چند هت لکجن ٿا.

**وضوء جا مڪروه**

مفتاح الصلوة ۾ وضوء جا چوڏهن مڪروه لکيل آهن، جن مان ڪي هي آهن. وضو ۾ ٻن رطل پاڻيء کان زياده پاڻيء سان ڪرڻ مڪروه آهي ۽ ٽن رطل کان زياده استعمال ڪرڻ اسراف آهي.

**رطل جي وضاحت**

هڪ رطل جي تور چاليهہ تولا آهي، هر هڪ تولو ٻارهن ماسن جو ٿيندو آهي يعني اڌ سير پاڻي. ٻين لفظن ۾ وضوء ۾ هڪ سير کان زيادهہ پاڻي استعمال ڪرڻ مڪروه آهي. وضوء جا ٻيا مڪروه هي آهن؛

اس ۾ گرم ٿيل پاڻيء سان وضو ڪرڻ، وضو ڪرڻ وقت اکيون ۽ چپ زور سان بند ڪرڻ، غليظ جاء يا ان جاء ۾ جتي استنجا يا پيشاب ڪجي ته وضوع سارڻ، ساڄي هٿ سان نڪ صفا ڪرڻ، کابي هٿ سان نڪ ڪي پاڻي ڏيڻ يا گرڙيون ڪرڻ، پنهنجي لاء وضوء جو ٿانءُ علحده يا خاص ڪري رکڻ، جنهن مان ڪنهن ٻئي کي وضو ڪرڻ جي

اجازت نہ ڏين.

**غسل**

غسل ۾فقط هڪ ٽويو پاڻي استعمال ڪرڻ کپي. جي اٺ رطل ٽين ٽا. جيئن تہ ٻن رطلن جو هڪ سير ٿئي ٿو. تنهنڪري اٺ رطل يا ٽوئي ۾ چار سير پاڻي ٿئي ٿو.

**پاڪ ۽ پليت پاڻي**

وضوء لاءِ پاڪ پاڻي جو حوض شرعي فتويٰ موجب 'ده در ده' هئڻ گهرجي. 'ده در ده' جي وضاحت هي آهي تہ ان حوض جي ڊگهہ ڏهہ گز ۽ ويڪر بہ ڏهہ گز هئڻ گهرجي يعني ان جي ڪل ايراضي هڪ سو چورس وال هجي. پر ڊگهائي ۽ ويڪرائي ۾ گهٽ وڌ ٽيڻ سان ڪوبہ فرق نہ پوندو. گز جي ماپ جو انداز گهڻن عالمن لکيو آهي. پر آسانيءَ خاطر ڪن عالمن هيئن بہ چيو آهي تہ جيڪو گز جنهن هنڌ رائج هجي اهو انهيءَ هنڌ معتبر آهي.

**شين جو پاڪ ڪرڻ**

هن باب ۾ مختلف شين کي پاڪ ڪرڻ جا شرعي طريقا لکيل آهن. پر ڇاڪاڻ آهي تہ ڪي مسئلا اصل ڪتاب کان زياده لکيا ويا آهن. جي مخدوم محمد هاشم جي تصنيف 'فرائض الاسلام' مان ورتا ويا آهن. هن سلسلي ۾ تفصيلي مسائل خود ڪتاب مان پڙهي سگهجن ٿا. پر 'فرائض الاسلام' مان ڪي مثال هن مقالي ۾ بہ لکيا ويا آهن جي اتان ڏسي سگهجن ٿا. بهر حال ڪجهہ خاص مسئلا هت بہ درج ڪجن ٿا.

سوئر جا وار پاڪ نہ آهن ۽ ڪم نہ آڻڻ گهرجن. پر جن کي ڪو اهڙو احتياج پيش آهي جو انهن جي استعمال کان سواءِ سري نہ سگهندي تہ انهن کي پنهنجي ڪسب ۽ ڪم لاءِ شرعي اجازت آهي، جهڙوڪ موچي، سونارا، ڪتي وغيره.

فرائض السلام ۾ اٺ جي پولڙن ۽ رڍ ۽ ٻڪريءَ جي پولڙين مان آن ڪڍي ان کي پاڪ ڪرڻ جو شرعي طريقو ٻڌايل آهي ۽ ڇاڪاڻل آهي

تہ اهڙي طرح حاصل ڪيل ان ڪاڻ جائز آهي. مفتاح الصلوٰة ۾ مزيد وضاحت ڪيل آهي تہ جيڪي ۽ لڌ مان لڌل ان ڏوڻ سان پاڪ نہ ٿيندو، تنهنڪري ڪاڻ جائز نہ آهي.

**نماز جي نيت ڪرڻ.**

نماز جي نيت ۾ 'نويت' چوڻ درست ناهي، ڇاڪاڻ تہ ان جي معنيٰ آهي 'نيت ڪيم' ۽ نہ 'نيت ڪريان ٿو'. نيت ڪيم گذريل زمانو ڏيکاري ٿو تنهنڪري صحيح نہ آهي. لفظ 'نويت' عوام ۾ گهڻو مشهور آهي. پر ان لاءِ نڪي حديث جو ڪو دليل آهي ۽ نڪي فقه جو.

**نماز جو وقت سڃاڻڻ.**

'مفتاح الصلوٰة' فارسيءَ ۾ جيڪو اصل پاڇي جو ذڪر آيل آهي، تنهن بابت هن سنڌي ترجمي ۾ چيل آهي تہ اهو سنڌ ملڪ سان موافق نہ آهي ڇاڪاڻ تہ اهو برهان پور جي موسمي حالتن مطابق تحقيق ڪري لکيو ويو آهي. تنهنڪري هن ترجمي ۾ سنڌ جي حالتن مطابق مخدوم محمد هاشم جي ڪيل تحقيق لکي وئي آهي، جنهن جو تفصيلي احوال هن مقالي ۾ اڳئي اچي چڪو آهي.

**زلة القاري**

قراة جا اهي مسئلا جي ٻين علمن جي مدد سان سمجهجن ٿا، جهڙوڪ علم قراة، صرف نحو وغيره، سي هن سنڌيءَ ۾ نہ آندا ويا آهن. ڇاڪاڻ تہ سنڌ وارن کي جيڪي فقط سنڌي ڄاڻن ٿا، هنن مسئلن سمجهڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي. هن سلسلي ۾ هڪ خاص مسئلو هي لکيو ويو آهي تہ قراة ڪندي اعراب جي هير ڦير سبب نماز نہ ٽٽندي. جيتوڻيڪ معنيٰ ۾ ڪا ڦير گهير بہ ٿي وڃي، پر جي معنيٰ ۾ ايتري قدر تغير پيدا ٿيندو جو ڪفر جو انديشو ٿي پوي تہ ان حالت ۾ نماز ٽٽندي.

**سلام**

نماز ختم ٿيڻ وقت سلام جو لفظ چوڻ واجب آهي ۽ حنفي مذهب موجب ٻنهي طرفن منهن ڦيرائڻ وقت 'السّلام عليڪم ورحمة الله' چوڻ

سنت آهي. عليڪم السلام چوڻ مڪروه ۽ 'وبرڪاته' بدعت آهي پر ان کي مباح لکن ٿا. سلام جي نيت سنت آهي ۽ ڪن مستحب لکي آهي.

### عيدن جون تڪبيرون

عيدن ۾ تڪبير تحريم کان پوءِ هٿ ٻڌي ثنا پڙهجي. ٽن تڪبيرن هڻڻ وقت هٿ کليا رکبا ۽ هر دفعي ٽن تسبيحن پڙهڻ جيترو وقت توقف ڪبو. پر ڪن جي راءِ آهي ته جي گهڻا ماڻهو هوندا ته ايترو توقف ڪرڻ مستحب آهي. پر جي ماڻهو گهٽ آهن ته ايترو توقف ضروري نه آهي.

### قراة ۾ آواز جي حد

جهري نمازن ۾ جيڪڏهن امام ضرورت کان زياده پنهنجو آواز بلند ڪيو ته چڻ فضيلت جو ترڪ ڪيائين. هتي ضمناً طلاق جو مسئلو به آندو ويو آهي ته جيڪڏهن عورت کي طلاق اهڙن لفظن ۾ ڏني وئي جن کي شريعت موجب جهري چئي نه ٿو سگهجي ته اها طلاق نه پوندي. جهر جي حد هي آهي ته جيئن ڪو ٻيو به اهي لفظ ٻڌي سگهي.

مترجم چاڻائي ٿو ته اصل فارسي ڪتاب مفتاح اصلواة ۾ جيڪي مسائل ڏنل هئا ۽ جن بابت ذڪر ڪيل ٿي بيت آيل آهن سي ختم ٿيا. پر ڪي ضروري مسائل رهجي ويا آهن جيڪي مترجم هن ڪانپوءِ ڪتاب ۾ پاڻان داخل ڪيا آهن. مترجم جا سندس لفظ هيٺ نقل ڪجن ٿا:

ته جيڪي ٽن ٻتين ۾ فرض واجب سنتون هيون مذڪورا
جن تي جوڙيندڙ ضرورين مسئلن جي هئي ڪئي ڪفايتا
سي مڙئي مون هنيان مهند آهن لکي ڪيا پڌرا
ٻيا پڻ سنتون ۽ مستحب گهڻا آهن ڪتابن لکيا
توڻي 'ڪفاية المومنين' ڪ 'عيون المسائل' کي ٻيا
سي هاڻي هن ماڳ ۾ لکي ڪريان مڙني لاءِ پڌرا
۽ پڻ ملاخطو نه ڪيم هن ماڳ ۾ سندو تڪرار مسئلا
ته تورائي متي مهندئين کو ٿئي فائدو حاصلا.

**تجزيو**

ڪتاب ’مصلح المفتاح‘ پارسي ڪتاب ’مفتاح الصلواة‘ جو سنڌي ترجمو آهي پر هن ڪتاب جي فقهي اهميت اصل ڪتاب کان هن ڪري زياده آهي جو مترجم مخدوم عبدالصمد اصل کان ڪيترن نون مسئلن جو منجهس اضافو ڪيو آهي. ان کان سواءِ جناب قاضي عبدالرحيم طرفان ڪيل نظر ثاني سندس اهميت ۾ مزيد واڌارو ڪيو آهي. ڪتاب منظوم سنڌيءَ ۾ لکيل آهي پر ٻولي گهڻو قديم نہ آهي جنهن سبب موجوده دور جي سنڌي خوانداه حضرات کي بہ هن ڪتاب جي مطالعي ڪرڻ ۽ مطلب سمجهڻ ۾ زيادهہ دشواريءَ جو انديشو ڪونهي. جنهن ڪري هن ترجمي جي اصل فارسي ڪتاب کان افاديت بہ زيادهہ آهي.

# باب ڇهون

## فقهي ڪتابن جو جديد دور

چوڏهين صدي هجري جي جديد دور ۾ فقهي ڪتاب نظم بدران نثر ۾ لکجڻ لڳا. هن دور جي ڪتابن ۾ 'مناظرن' ۽ 'مباحثن' جي ڪتابن کان سواءِ فقه جي ڪن اهم ڪتابن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو به ڪيو ويو جهڙوڪ "ڪَنزالدقائق" ڪي اهڙا ڪتاب به لکيا ويا جيڪي فقه جي سموري موضوع تي حاوي آهن جهڙوڪ "تحفة الاسلام". هن دور ۾ هيٺيان ڪتاب لکيا ويا جن جو ذڪر هن باب هيٺ ايندو.

١. شرائط الجمعه؛ مخدوم عبدالصمد

٢. حڪايت عجيب؛ مخدوم عبدالصمد

٣. التنقيد المعقول في ردتسويد المجهول؛
مولوي حافظ محمد اسماعيل

۴. مخزن الحقائق، سنڌي ترجمو ڪنزالدقائق؛ مولوي هدايت الله مشتاق

۵. مالابد منه جو سنڌي ترجمو؛
قاضي فتح محمد نظامائي

٦. تحفه مدد پناه الزائرين الحج؛ حاجي سيد مير پناه علي شاه معصومي.

٧. مسائل اربعين في بيان سنة سيد المرسلين؛
مولانا محمد بن اسماعيل هالائي

٨. تحفة الاسلام؛ مولوي محمد عثمان ڪورواهي

٩. هدايت المسلمين عرف ننڍون تحفة الاسلام؛
ماستر محمد صديق مسافر

١٠. معلم الفرائض؛
مولوي محمد قاسم صاحب مشوري

١١. تحفة الصائمين؛
مولوي عبدالرحيم مڪسي

١٢. اسلامي احڪام؛
مولوي عبدالرحيم مڪسي

١٣. ڪتاب الحج والزيارت؛
مولوي عبدالرحيم مڪسي
مترجم : غلام محمدصاحب

١۴. ڪتاب الزڪواة؛
مولوي عبدالرحيم مڪسي

١۵. تحفة الفقيه؛
مولوي عبدالحميد صاحب

١٦. احسن الوسائل في تحقيق المسائل؛
شاه آغا عبدالله جان سرهندي

١٧. مخزن العلوم؛
شاه آغا عبدالله جان سرهندي

## حڪايت عجيب

مخدوم عبدالصمد ولد حاجي محمد مقيم مخدوم نورنگپوٽو وينل ميرپور بٺورو. تنهن هيءُ ڪتاب سنہ ١٣٠٣ھ/١٨٨٦ع ۾ ترجمو ڪيو. ڪتاب حڪايت عجيب جمعي جي فرضيت ۽ شرطن بابت هڪ واقعي عجيب ننڍڙو رسالو آهي جيڪو بلڪل انوکي پيرايہ ۾ لکيو ويو آهي. شروع ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ هن ننڍڙي رسالي لکڻ جو مقصد سنين ۽ وهابين جي وچ ۾ جمعي جي شرطن ۽ آخر ظهر پڙهڻ متعلق جي اختلاف آهن-تن ۾ حق کي ظاهر ڪرڻ آهي. هن مقصد لاءِ لکندڙ پنهنجي طرفان فقهي تحقيق ڪندي پهرئين ڪتاب 'نبراس البرره' مان هڪ حڪايت سني ۽ وهابيءَ جي مناظري جي(شايد فرضي)ترجمو ڪري لکي آهي، جنهن مان نہ فقط جمعي جي فرضيت ۽ شرطن جا فقهي مسئلا معلوم ٿين ٿا بلڪ اجتهاد جي ضرورت ۽ تقليد جي لزوم تي بہ ڪجھہ روشني پوي ٿي. هي ڪتاب مطبع صفدري بمبئي مان سنہ ١٣٠٣ھ/١٨٨٦ع ۾ ڇپجي شايع ٿيو.

مخدوم نورنگ پوٽي جا منظوم سنڌي ۾ ڪيترائي ڪتاب تصنيف ۽ ترجمو ڪيل آهن. ڪي ناياب ڪتاب سندس معرفت بمبئي جي ڇاپخانن مان ڇپائي شايع ڪيا ويا جهڙوڪ مخدوم عبدالله نليوي جو ڪتاب 'نورالابصار'. مخدوم عبدالصمد جي ترجمو ڪيل ڪتابن مان 'مفتاح الصلوٰة' ۽ سنڌي نثر ۾ 'ڪتاب بيان العارفين جو اختصار' آهن. سندس لکيل ڪتابن مان 'شرائط الجمع' ۽ 'بخل الاموال' آهن. انهن ڪتابن کان سواءِ بيا بہ گهڻا ڪتاب مخدوم صاحب جي هٿان لکيا ۽ ترجمو ڪيا ويا ۽ ڇپائي شايع ڪيا ويا.

## شرائط الجمع

ڪتاب" شرائط الجمع" مخدوم عبدالصمد تاريخ ٢١ ربيع الاول ١٣٠٢ھ تي لکي پورو ڪيو ۽ مطبع صفدري بمبئي مان سنہ ١٣٠٢ھ/ ١٨٨٥ع ۾ ڇپايو ويو.جمعي نماز جي فرضيت قرآن شريف مان ثابت

آهي پر چئني فقهي مذهبن جي موقف موجب جمعي نماز جي فرضيت لاءِ ڪي شرط به مقرر ڪيل آهن، جن منجهان جيڪڏهن ڪو هڪ به موجود نه هوندو ته جمعو پڙهڻ جائز نه ٿيندو. پر اهل حديث حضرات هنن شرطن جا قائل نه آهن. سندن مڪتبه فڪر هي آهي ته جمعي جي فرضيت ڪنهن به شرط تي موقوف ناهي. تنهنڪري هي مسئلو سنڌي عالمن ۾ گهڻي وقت کان اختلاف راءِ جو سبب ۽ بحث ۽ مناظري جو موضوع پئي رهيو آهي.. ڪتاب شرائط الجمع به هن سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي. جو مؤلف مخدوم عبدالصمد طرفان مولوي محمد عثمان ڪورواهيءَ جي ڪنهن تحرير جي رد ۾ جوڙيو ويو هو. مؤلف جو چوڻ آهي ته مولوي محمد عثمان ڪورواهيءَ ڪي تحريرون مخدوم فضل الله پاٽائيءَ جي ڪتاب" ترغيب الصلوٰة" جي رد ۾ لکيون هيون جيڪي اشاعت هيٺ نه آيون هيون. پر ان ۾ جمعي نماز جي فرضيت جي شرطن جو انڪار ڪيل هو. تنهڪري مؤلف هي ڪتاب انهن تحريرن جي جواب طور شايع ڪرايو.

ڪتاب شرائط الجمع ۾ جنهن مسئلي تي بحث ڪيو ويو آهي ان متعلق آخري راءِ قائم ڪري نه ٿي سگهجي. ڇاڪاڻ ته اهو مسئو وڏي اختلاف جو سبب رهيو آهي ۽ مباحثي ۾ هر هڪ طرف تحقيقي دليلن ڏيڻ ۾ وسان نه گهٽايو آهي. غير مقلد حضرات کان سواءِ ڪيترا حنفي به انهيءَ راءِ جا آهن ته جمعي کان پوءِ آخر ظهر پڙهڻ جي ضرورت ڪانهي. خود مولانا محمد عثمان ڪورواهي حنفي مذهب جو مقلد ۽ سنڌ مدرسة الاسلام ۾ فقه حنفيءَ جو معلم ٿي رهيو آهي. تنهنڪري هن مسئلي جي حل لاءِ علماء جي اجماع جو ڪنهن راءِ تي متفق ٿيڻ ضروري آهي.

بهرحال شرائط الجمع ۾ باريڪ بيني ۽ مڪمل تحقيق کان ڪم ورتو ويو آهي. مؤلف پنهنجي راءِ جي تائيد ۾ ۽ مفصل ۽ مدلل بحث ڪيو آهي ۽ پنهنجي هميشه جي عادت موجب ڪتاب شرائط الجمع جي به تصحيح، تصديق ۽ تائيد هڪ ٻئي وڏي عالم ميان حامد سجاوليءَ کان ڪرائي آهي.

# التنقيد المعقول في رد تسويد المجهول

## يعني هدر آخر ظهر

هي ڪتاب مولوي حافظ محمد اسماعيل مدرس مدرسة دارالرشاد پير جهنڊو ضلعو حيدرآباد لکيو. ڪتاب تنقيد المعقول جمعي جي فرضيت، ’مشروط‘ يا ’غير مشروط‘ هئڻ ۽ آخر ظهر پڙهڻ جي ’جواز يا عدم جواز‘ متعلق مسلسل مباحثي جي هڪ ڪڙي آهي. هن سلسلي جا مخدوم عبدالصمد جا لکيل ٻه ڪتاب ’حڪايت عجيب‘ ۽ ’شرائط الجمع‘ اڳيئي هن مقالي ۾ شامل ڪيل آهن. جن مان شرائط الجمع مخدوم محمد عثمان ڪورواهي جي ڪنهن تحرير جي رد ۾ لکيل آهي.

’التنقيد المعقول‘ مخدوم محمد عثمان جي مذڪور تحرير جي حمايت ۾ ۽ ان جي رد ۾ لکيل ڪنهن تحرير جي جواب ۾ مرتب ڪيل آهي. التنقيد المعقول ۾ صاف لفظن ۾ ڄاڻايل نه آهي ته هي ڪتاب ڪهڙي ڪتاب جي رد ۾ لکيو ويو هو. جيتوڻيڪ ڪتاب التنقيد المعقول جو موضوع بحث فقط جمعي جي فرضيت آهي پر هن ڪتاب جو مؤلف اهل حديث بزرگ ٿو ڀانئجي ان ڪري پاڻ ڀرپائين اجتهاد جي ضرورت تي بحث ڪيو اٿس ۽ راءِ ڏني اٿس ته هرڪنهن عالم خواه عاميءَ لاءِ فقط مجتهد جي قول جو پابند رهڻ ضروري ناهي، بلڪ سندس راءِ آهي ته هرڪو شخص حديث شريف تي فقهي راءِ جي برخلاف عمل ڪرڻ لاءِآزاد آهي ۽ تقليد ڪنهن لاءِ ٻه ضروري ناهي. ڪتاب ۾ مستند ڪتابن جا نه فقط حوالا ڏنل آهن پر ڪيترين ئي مفصل عبارتون انهن ڪتابن مان نقل ڪيل آهن. مؤلف جي راءِ آهي ته هن وقت ۾ ٻه اجتهاد جو دروازو بند نه آهي. بلڪ چئني مجتهد امامن ڪانپوءِ ٻه سندن درجي جهڙا مجتهد دنيا ۾ پيدا پئي ٿيا آهن ۽ اڄا ٻه ٿيندا رهندا. مؤلف پاڻ جيتوڻيڪ اهل حديث بزرگ آهي پر مخدوم محمد عثمان جي حمايت ۾ بحث ڪندي خالص حنفي مذهب تي دليلن کي سامهون رکيو اٿس. ڪتاب جي ٻولي عام فهم نه آهي، ڇاڪاڻ ته منجهس فقهي اصطلاح

گهڻا استعمال ڪيل آهن.

## ڪتاب مخزن الحقائق

ڪتاب مخزن الحقائق سنڌي ترجمو آهي ڪنزالدقائق جو ۽ ڪتاب جو مترجم مولوي هدايت الله مشتاق بن محمود مٽياروي آهي. جنهن اهو ترجمو سنه ١٣١٣هه/١٨٩٥ع ۾ پورو ڪيو. ڪتاب ڪنزالدقائق علم فقه تي عربيءَ ۾ لکيل هڪ مستند ۽ مشهور ڪتاب آهي جنهن جا عربي ۽ ٻين ٻولين ۾ شرح لکيا ويا آهن ۽ عربيءَ مان ٻين ٻولين ۾ ان جا ترجما به ڪيا ويا آهن. ڪنزالدقائق عربيءَ جو مصنف ابوالبرڪات حافظ الدين عبدالله‌بن احمد بن محمود نسفي آهي. مولوي هدايت الله مشتاق هن ڪتاب جو ترجمو ڪرڻ شروع ڪيو پر شايد سڄي ڪتاب جو ترجمو ڪرڻ جو موقعو نه ملي سگهيس. ڇاڪاڻ ته مخزن الحقائق جو جيڪو نسخو هن وقت موجود آهي ان ۾ ڪنزالدقائق جي فقط پهرئين حصي جو ترجمو موجود آهي جيڪو مطبع فيض سبحاني جامع مسجد ڪوٽڙي ضلع دادوءَ مان مخدوم عبيدالله جي ڪوشش سان سال ١٣١٣هه (١٨٩٥ع) ۾ ڇپائي شايع ڪرايو ويو.

مخزن الحقائق جيتوڻيڪ عربي ڪتاب ڪنزالدقائق جو ترجمو آهي، پر حقيقت ۾ ان ڪتاب جو شرح آهي. ڪتاب ۾ بيان جي صفائي ۽ مضمون جي ڇنڊڇاڻ خواه عبارت جي معنيٰ خالص سنڌي محاوري سان موافق آهي. جو مسئلو مثال ڪان سواءِ سمجهڻ آسان نه ٿئي ٿو تنهن جو مثال به درج ڪيل آهي ۽ ضرورت جي هنڌن اصل ڪان زيادهه مضمون ڏنگين ۾ ڏنل آهي. هنن ٻنهي ڳالهين ڪتاب کي بيحد مفيد ۽ ڪارائتو بنايو آهي، پر مقصد جي وضاحت لاءِ هڪ مثال هت به لکجي ٿو. 'مفقود' جي سلسلي ۾ اصل ڪتاب ۾ مسئلو آيل آهي ته قاضي نوي ورهين ڪان پوءِ مفقود کي مري ويل شمار ڪندو. مترجم ڏنگين ۾ ان جي وضاحت ڪئي آهي ته اهي نوي ورهيه مفقود جي پيدائش ڪان ليکبا. اهڙيون توضيحات ۽ تصريحات ڪتاب جي تقريباً هر صفحي تي موجود آهن.

’مخزن الحقائق‘ ۾ ’ڪنزالد قائق‘ جي ڪتاب الوقف تائين ترجمو ڪيل آهي. جنهن ڪان پوءِ ڪنزالدقائق جو جلد ٻيو شروع ٿئي ٿو. پر هي ٻيو جلد ترجمي هيٺ آيل نہ آهي. ٻئي جلد جو ترجمو شايع ٿي وڃي ها تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ هي ڪتاب فقہ جي موضوع تي هڪ مڪمل ڪتاب چئي سگهجي ها.

مخزن الحقائق جي هڪ خاص خوبي هي آهي تہ ان جي مترجم فقہ جي علم ۾ پنهنجا اسناد بہ پيش ڪيا آهن. جا ڳالهہ اسلامي علمي تحقيق جي خاصيتن مان هڪ بيمثل خوبي آهي. اسلامي روايتن موجب حديث جو ڪوبہ چاڻو جيڪڏهن ڪا حديث بيان ڪري ٿو تہ ان جو سند پيش ڪرڻ لاءِ بہ پڙل آهي. يعني ان کي ظاهر ڪرڻو آهي تہ حديث شريف جا پاڻ بيان ڪري ٿوسا ڪنهن کان ٻڌي هئائين ۽ جنهن کي اها حديث ٻڌائي هئي، تنهن ڪيس ان حديث بيان ڪرڻ جي اجازت بہ ڏني هئي ۽ هي بہ تہ ان اجازت ڏيندڙ کي بہ اهڙي اجازت ٻئي کان مليل هئي، حتيٰ ڪ روايت جو هي سلسلو زنجير جي ڪڙين وانگي آخر حضور اڪرم صلي لله عليه وسلم تائين پهچي. سند بيان ڪرڻ جي هيءَ روايت فقہ ۽ سلوڪ جي ميدانن ۾ بہ رائج آهي. پر ڪجهہ زماني ڪان حديث شريف وانگي فقہ ۽ سلوڪ جي حلقن ۾ بہ ان جو سلسلو منقطع بلڪ مفقود ٿي چڪو آهي. مولوي هدايت الله مشتاق مرحوم فقہ ۾ پنهنجي اسناد جو سلسلو پيش ڪري، هڪ طرف قديم روايت کي زنده ڪيو آهي تہ ٻئي طرف ٻين کي بہ وسريل سبق ياد ڏياريو آهي ۽ فقہ جي علم تي قلم کڻڻ جي پنهنجي اهليت ۽ حق ثابت ڪيو آهي.

## ڪتاب "مالابُدَّمِنه" جو سنڌي ترجمو

ڪتاب "مَالا بُدَّ مِنهٗ" اصل فارسي ٻوليءَ ۾ مولانا ثناء الله پاڻيپت (هندستان) واري جو لکيل آهي جنهن جو مولانا قاضي فتح محمد صاحب نظاماڻي (وفات ١٣٣٩هہ) سليس سنڌيءَ ۾ سنڌ جي عام ماڻهن جي فائدي لاءِ ترجمو ڪيو آهي. ڪتاب اجان غير مطبوع آهي ۽ قلمي صورت ۾ ٽنڊي قيصر ۾ حاجي شير محمد خان نظاماڻيءَ جي ذاتي لئبرريءَ ۾

موجود آهي.

قاضي حاجي فتح محمد نظامائي چوڏهين صدي هجريءَ جي پهرئين اڌ جو ممتاز سنڌي عالم هئو جنهن سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي ديني ڪتاب لکي دين ۽ عوام جي ڀلائيءَ لاءِ ڪوشش ورتي. هي بزرگ حيدرآباد شهر کان ڏهاڪو ميل پري ڏکڻ اوير ۾ واقع ٽنڊي قيصر نالي هڪ ننڍي قصبي جو رهاڪو هو.

قاضي صاحب ابتدائي تعليم ۽ قرآن شريف خليفي ميان خان محمد کان حاصل ڪئي (١) پوءِ ميان پير محمد ٽيپي کان عربي ۽ پارسي جي ابتدائي تعليم حاصل ڪيائون. آخر قاضي عبدالغني ڪڏهر (تعلقي سکرنڊ) واري وٽ فقه، اصول فقه ۽ حديث جي علم جي تڪميل ڪيائون ۽ اتي ئي هدايه، توضيح تلويح ۽ صِحَاح سِتّه جهڙن وڏن ڪتابن تي عبور حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيا.

قاضي فتح محمد جن جي قبيلي جا ماڻهو پير رشيد الله 'بيعت ڌڻي' جا مريد هئا. ان نسبت سبب حضرت پير صاحب جن جناب قاضي صاحب کي پنهنجي صاحبزادن جي تعليم لاءِ ٽنڊي قيصر مان پاڻ سان پير جهنڊي ۾ وٺي ويا، ان وقت قاضي صاحب جي عمر ٢٨ورهيه هئي. پير جهنڊي جي مدرسي 'مدرسه دارالرشاد' ۾ پاڻ لاڳيتو چاليهه ورهيه درس ڏيندا رهيا. هتي راشدي خاندان جي ڪيترن فرزندن مثلاً پير 'بيعت ڌڻي' جي پٽن پير رشدالله شاهه، پير حاجي امام الدين شاهه، سندن ڀائٽي پير مظهر الدين شاهه، پير محمد وفا عرف منل شاهه ۽ ٻين ڪيترن وڏائٽن تعليم حاصل ڪئي. راشدي خاندان وارن کان سواءِ ميان محمد حسين جمالي ۽ ميان عبدالله مشاخ پوٽوجن پڻ وٽن تعليم پرائي.

قاضي فتح محمد، 'مفتاح رشدالله' نالي سنڌيءَ ۾ قرآن شريف جو

(١) خليفي ميان خان محمد کي پير صاحب صبغة الله شاهه اول روضي ڌڻيءَ کان خلافت عطا ٿي. پاڻ اصل ڳوٺ 'چراڻو' لڳ اڏيرو لعل تعلقو 'هالا' جا رهندڙ هئا. مڪراني بلوچ وڏي تعداد ۾ سندن مريد هئا. سندن تربت بہ مڪران ۾ آهي. سندن اولاد اڄان تائين 'چراڻو' ۾ رهندڙ آهي. خليفي صاحب جناب قاضي فتح محمد کي علم، فضل ۽ نيڪ ناميءَ جي دعا ڪئي هئي جا بارگاهہ خداونديءَ ۾ لفظ بہ لفظ قبول پئي.

تفسير چوڏهن سو صفحن تي مشتمل لکيو هو جو ٻه دفعا شايع ٿي چڪو آهي. پاڻ ان وقت رائج ڪيترن درسي ڪتابن، ’ميزان صرف‘ کان ’قافيهشافيه‘ تائين ترجمو ڪيائون. هي ڪتاب ’پير جهنڊي‘جي ڪتب خاني ۾ گهڻو وقت موجود ٻه هئا پر هينئر ناپيد آهن. ’صحيح بخاري‘ جي ٽيهن پارن مان سورهن سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪياهئائون پر هن وقت انهن مان فقط ٽي سندن فرزند جناب قاضي فتح الرسول صاحب نظامائي جن جي ڪتب خاني ’ٽنڊي قيصر‘ ۾ موجود آهن. علم فقه ۾ پارسي ڪتاب ’مالابد منه‘ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيائون.

ڪتاب ’مَالابُدَمِنهٗ‘ جا مکيه موضوع ايمان، طهارت (پاڪائي)، صلواة (نماز)، زڪواة، تقويٰ، صوم (روزا) ۽ انهن سان لاڳو مسئلا آهن. هر موضوع کي ’ڪتاب‘ جي عنوان سان لکيو ويو آهي. جيئن ته ڪتاب الايمان، ڪتاب الطهارة، ڪتاب الصلوٰة وغيره.

ڪتاب الايمان ۾ الله تبارڪ و تعاليٰ جي وجود ۽ صفات بابت يقين رکڻ ۽ انهن جي نوعيت کي ڪنهن حد تائين ’علم ڪلام‘ جي روشنيءَ ۾ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ۽ الله تعاليٰ جي ذات بابت استعاري وارين ترڪيبون جهڙوڪ "يدالله"، "وجه الله" وغيره جي ڪجهه قدر سمجهاڻي ڏني وئي آهي. ان کان سواءِ جبر ۽ قدر جي مسئلي تي ٻه ڪجهه روشني وڌي وئي آهي. تنهن کان پوءِ انبياءَ عليه السلام، ملائڪ سڳورن ۽ آسماني ڪتابن بابت ايمان رکڻ جي تشريح ڏني وئي آهي ۽ فرمايل آهي ته "نبي ۽ ملڪ" توڙي سيني مخلوقن ۾ اشرف آهن ۽ بارگاه الهي جا مقرب آهن پر بين مخلوقن وانگر ڪوئي علم ۽ قدرت نه ٿا رکن سواءِ ان علم ۽ قدرت جي، جيڪي الله تعاليٰ جي طرفان کين عنايت ڪيا ويا آهن. جيڪي نبي نه آهن تن کي نبين جي صفت ۾ شريڪ نه ڪجي. ’عصمت‘ يعني گناهن کان بچيل رهڻ جي صفت نبين ۽ ملڪن کان سواءِ بين الله جي ٻانهن مثلاً: اصحابن ۽ اهل بيت ۽ اوليائن جي واسطي ثابت ڪرڻ نه گهرجي. ’اطاعت‘ ۽ ’متابعت‘ فقط پيغمبرن تائين محدود رکجي. جنهن ٻه شخص جو قول ۽ فعل حضرت جن جي قول ۽ فعل کان وار جيترو ٻه مخالف هجي ان کي

رد ڪجي.

مالابد منه فقهي مسئلن جو پارسي ٻوليءَ ۾ مختصر پر نهايت مفيد مجموعو آهي، جنهن ۾ اهي فقهي مسائل جمع ڪيا ويا آهن. جن جي سکڻ جي هر مسلمان کي روز مره زندگيءَ ۾ ناگزير ضرورت آهي. اهي مخصوص مسائل، جن جي سکڻ جي ماڻهن مان فقط ڪن ٿورن کي وقتي يا عارضي ضرورت پوي ٿي سي هن ڪتاب ۾ شامل نہ ڪيا ويا آهن. مثلاً حج جا مسائل.

ڪتاب جيتوڻيڪ بنيادي طرح حنفي فقه متعلق لکيل آهي ۽ حنفي مسلک تي ئي منجهس فتوائون ڏنل آهن، پر ڪنهن اهم اختلافي مسئلي ۾ باقي ٽن مذهبن جي راءِ پڻ درج ڪيل آهي ۽ ضروري موقعن تي احتياطاً انهن مان ڪن تي عمل ڪرڻ جو مشورو پڻ ڏنو ويو آهي. انهن سببن ڪري ڪتاب مبتديءَ لاءِ فقهي مسائل ۾ هڪ 'حاضر حل ڪتاب' (Ready Reference Book) جي حيثيت رکي ٿو، جنهن مان روز مره جي زندگيءَ ۾ پيدا ٿيندڙ عام نوعيت جا فقهي مسائل فوري سکي سگهجن ٿا، جن ۾ عبادات سان گڏ معاملات کي بہ ذهن ۾ رکيو ويو آهي.

قاضي فتح محمد نظاماڻي مرحوم جن هن ڪتاب جو سليس سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري سنڌ جي مسلمانن سان هڪ وڏو وڙ ڪيو آهي. ترجمي جي ٻولي سليس ۽ عام فهم آهي، جنهن ۾ نہ پراڻي سنڌي ٻوليءَ جا متروڪ لفظ آهن ۽ نڪي نئي دور وانگي نون نون لفظن ۽ محاورن جي غير ضروري ڀرمار.

فقهي اصطلاحات بہ تمام ٿورين جاين تي استعمال ڪيا ويا آهن. ڪن فقهي اصطلاحن لاءِ اهي ئي سنڌي لفظ ڪتب آندا ويا آهن جي يارهين يا ٻارهين صدي هجري جي سنڌي فقيهن جوڙيا هئا. مثلا "مسح" لاءِ "مک" ۽ "خلال" لاءِ "سوءَ" وغيره، جنهن ڪري مطلب سمجهڻ لاءِ ڪنهن ٻئي جي مدد جو تمام ٿورو احتياج رهي ٿو. خصوصاً جڏهن سنڌ جي قديم دستور جي برعڪس ڪتاب نثر ۾ لکيو ويو آهي. جملا صاف ۽ آسان آهن ۽ ڪتاب ايتري قدر تہ ڪارائتو آهي، جو ڪو سنڌي

پڙهيل پار ٻه منجهانئس سکيا حاصل ڪري سگهي ٿو. حاشيء ۾ ڪن جاين تي ضرورت آهر تعليقات ۽ ڪي ڪار آمد اضافا پڻ فراهم ڪيا ويا آهن. جن هيڪاري ڪتاب جي افاديت ۾ واڌارو ڪيو آهي. مثلاً: "معتزله" "جبريه" ۽ "قدريه" فرقن بابت سمجهاڻيون." اصلي پاڇي متعلق مخدوم محمد هاشم جي تحقيق، چوپائي مال جي زڪواة متعلق مسائل وغيره. پر افسوس ته هي ڪتاب اڃان قلمي صورت ۾ آهي ۽ ڇپجي نه سگهيو آهي.

## تحفه مدد پناه زائرين الحج

ڪتاب 'تحفه مدد پناه زائرين الحج' مسٽر پوڪرداس تاجر ڪتب شڪارپور جي طرفان لاهور جي حميديه پريس ۾ پريس جي مئنيجر مولوي محمد ثناءُ الله جي اهتمام سان ڇپايو ويو هو. هن ڪتاب جو هڪ نسخو سنڌ يونيورسٽي جي مرڪزي لائبريريءَ ۾ اورنٽيل حصي ۾ موجود آهي. ڪتاب 'تحفه مدد پناه زائرين الحج' جو مؤلف حاجي مير سيد پناهه علي شاهه ولد سيد مير همت علي شاهه پوليس کاتي ۾ ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ جي عهدي تي فائز هو ۽ رٽائر ٿيڻ کانپوءِ حج شريف جي زيارت لاءِ ويو هو. هي صاحب سکر جي مشهور مورخ مير سيد معصوم شاهه جي اولاد مان هو. مير پناهه علي شاهه موصوف شوال ١٣٢٤هه/ نومبر ١٩٠٦ع ۾ حج جي سفر تي روانو ٿيو هو ۽ ساڳئي هجري سال ۾ هي شرعي فرض ادا ڪرڻ کان پوءِ وطن واپس وريو. سندس پاٽ مير سيد مدد علي شاهه جو ان وقت خانپور ۾ اسڪول جو هيڊ ماستر هو، تنهن کيس هن ڪتاب لکڻ جو مشورو ڏنو. تنهن ڪري پاڻ عازمين حج جي رهبريءَ لاءِ هي ڪتاب سنه ١٣٢٩هه ۾ لکيائين.

مؤلف ڪتاب جي نالي ۾ پنهنجو ۽ پنهنجي پاٽ مير مدد علي شاهه جو نالو شامل ڪرڻ تي گهريو. ڇاڪاڻ ته سندس پاٽ ئي هن ڪتاب لکڻ جي کيس صلاح ڏني هئي، تنهنڪري ڪتاب جو مذڪور نالو تجويز ڪيو ويو. ٻيو سبب هي هو ته مؤلف کي اميد هئي ته هي ڪتاب زائرين الحج لاءِ الله تعاليٰ جي مدد ۽ پناهه فراهم ڪندو.

هن ڪتاب ۾ حج جي شرعي احڪام ۽ عرب جي سفر جو حال بسط ۽ تفصيل سان درج ڪيو ويو آهي، تنهنڪري هن ڪتاب کي مطالعي جي آسانيءَ لاءِ ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. پهرئين حصي ۾ حج سان واسطو رکندڙ فقهي احڪام آندل آهن ۽ ٻئي حصي ۾ حج جي سفر متعلق عام معلومات آهي. جنهن جي هن وقت خاص تاريخي ۽ معلوماتي اهميت آهي.

هن ڪتاب ۾ حج جا سڀ مسئلا نثر ۾ بيان ڪيا ويا آهن جيڪي حج تي لکيل ٻين ڪتابن ۾ خصوصاً 'حيات العاشقين' ۾ منظوم سنڌيءَ ۾ ڏنل آهن. جيتوڻيڪ هن ڪتاب کي لکئي قريباً مني صدي گذري چڪي آهي ته به بحيثيت "حج رهبر" حج جي سفر ڪندڙ خواهه حج جي مسائل سکندڙ لاءِ ان جي افاديت ۾ اڄ به ڪو شڪ نه آهي. ان وقت حج جي سفر سان واسطو رکندڙ ڏنل عام معلومات به هن وقت ۾ تاريخي مواد جي صورت اختيار ڪري ورتي آهي، پر ڪتاب ۾ ڇاپايل فقهي مسائل جي سلسلي ۾ ڪي غلطيون رهجي ويون آهن جي شايد محض بي توجهي جو نتيجو آهن. مثلاً احرام جي 'مستحبن' ۾ ڪي اهڙيون ڳالهيون لکيون ويون آهن جيڪي شرعي طرح فقط 'مباح' آهن ۽ نه مستحب. جهڙوڪ ڪانيون وڍڻ، طهر ڪرڻ، طباق يا ديگ مٿي تي رکڻ وغيره. ساڳي طرح ڪنهن نظر چوڪ سبب احرام جي مستحبن ۾ جهيڙو ڪرڻ به لکجي ويو آهي جو احرام جي حالت ۾ حرام آهي.

## مسائل اربعين في بيان سنة سيد المرسلين

رسالو "مَسَائِل اَرْبَعِين فِي بَيَانِ سُنَّة سَيِّدالمُرسَلِين" اڃان غير مطبوع آهي. جنهن جو هڪ قلمي مخطوطو ناياب ڪتاب جي حيثيت سان سنڌ يونيورسٽي جي جنرل لئبرريءَ جي اورنٽيل حصي ۾ محفوظ آهي. هن مخطوطي جو نقل مولانا محمد القرنائي جي هٿان سنه ۱۳۳۰هه/ ۱۹۱۲ع ۾ تيار ڪيو ويو هو.

هي ڪتاب پاڪ و هند جي مسلمانن جي چند معاشرتي رسمن بابت، جن جو تعلق ولادت، شادين ۽ مماتيءَ جهڙن اهم موقعن سان

آهي، هڪ قابل قدر دستاويز آهي،جنهن ۾ مختصر پر نهايت مفيد شرعي معلومات جمع ڪيل آهي، جنهن کان هر طبقي جي مسلمانن کي واقفيت حاصل ڪرڻ نهايت ضروري آهي.

مؤلف مولانا حاجي محمد هالائي جي چوڻ موجب ان وقت هڪ رسالو 'مسائل اربعين في بيان سنة سيد المرسلين' جي نالي سان مولانا محمد اسحاق محدث دهلوي جي تصنيف ڪيل پڙرو ٿيو هو جنهن جو رد مولانا سعيد احمد مجددي ۾ 'تحقيق الحق المبين' جي نالي سان لکيو. ٻنهي ڪتابن ۾ بحث هيٺ آيل مسائل جي اهميت جي پيش نظر مولف جي دل ۾ خواهش پيدا ٿي ته انهن مسائل تي مذڪور ٻنهي علماء ڪرامن جي راين ۾ جو اختلاف هو، تنهن تي پنهنجي تحقيقي راء، جا حق ۽ انصاف تي ٻڌل هجي سا پيش ڪري ۽ سنڌ جي مسلمان جي استفادي لاء ٻنهي ڪتابن جو خلاصو پڻ ان ڪتاب ۾ سنڌي ۾ لکي، تنهنڪري زير بحث رسالو سنڌي ۾ جوڙيائين.

مولانا مولوي حاجي محمد صاحب مرحوم هالائي ابن آخوند محمد اسماعيل ابن آخوند دين محمد ساڪن هالا پراڻا ضلعو حيدرآباد تاريخ ٢٧ رمضان المبارڪ ١٢٧٦ هجري ۾ تولد ٿيو. شروعات کان ئي کين تحصيل علم جو گهڻو شوق هو. چنانچه صرف ونحو جا ڪتاب مرحوم مولانا مولوي خليفي حاجي عبداللطيف صاحب ساڪن هالا نوان کان پڙهي، پاٽ ضلعي دادو ۾ مرحوم مولانا مولوي حسن الله صاحب پاٽائي وٽ وڃي ڪجهه وقت پڙهيو ان کان پوء حيدرآباد سنڌ ۾ اچي مرحوم مولانا مولوي محمد حسن صاحب ڪنڌيء وارن وٽ جملي درسي ڪتاب نصاب مطابق پڙهي فارغ ٿيو ۽ اتي ئي پنهنجي مشفق استاد جي ارشاد موجب ٻه ٽي سال درس ڏيندو رهيو. ان کان پوء پنهنجي وطن اچي درس و تدريس جو سلسلو جاري ڪيائين.

مولانا حاجي محمد صاحب مرحوم ربيع الاول ١٣٠٩هه/١٨٩٢ع ۾ حج بيت الله جو سفر اختيار ڪيو ۽ اتي مسلسل ٻارهن مهينا قيام ڪيو. انهيء عرصي ۾ مولانا عبدالحق صاحب الهآبادي مهاجر کان اوليات

احاديث پڙهي، حديث، فقه ۽ اصول فقه جي باقاعدي سند ۽ اجازت ورتائين ۽ پوءِ پنهنجي وطن واپس اچي، ديني خدمات ۽ تدريس علم ۽ مصروف رهيو. مولانا مرحوم جو 'مدرسه محمديه' اڄ تائين موجود آهي جنهن مان هزارين طالب فيضياب ٿي ويا آهن ۽ ٿيندا پيا وڃن.

مولانا مرحوم جي طبع جلالي ۽ بي پرواهه هوندي هئي. پاڻ وقت جو مسلم عالم ۽ مفتي هئو. علاوه ازين حديث، فقه ۽ علم تصوف جو به نڪته دان ۽ نڪته سنج هئو.

مثنوي مولانا روم ۽ مڪتوبات امام رباني تي ڪيس گهڻو عبور حاصل هو. وقت بوقت تصوف جي باريڪ نڪتن ۽ رموز تي حضرت مولانا و هادينا مرحوم خواجه حافظ محمد حسن صاحب سرهندي مجددي جن سان سندن بحث مباحثه ۽خط و ڪتاب ٿيندي رهندي هئي. اهڙيءَ طرح سان مسائل فقه ۾ به حضرت العلامه مولانا عبدالغفور صاحب همايوني جن سان سندس نوشت و خواند بطور مباحثه رهندي هئي. پاڻ پهرين حضرت مولانا شيخ ولي محمد بن شيخ محمد اسحاق ساڪن ملاڪاتيار جا مريد ٿيا هئا. مگر انهن جي وفات بعد وري حضرت خواجه آقا مولانا حاجي عبدالرحمان صاحب سرهندي مجددي ٽڪڙائي جن جي بيعت ڪيائون.مولانا مرحوم نقشبندي طريقي جا هئا. پاڻ پرهيزگار، تهجد گذار، شب خيز ۽ بي ريا ۽ عالم هئا. ڪنهن به صاحب ثروت ۽ مالدار جي پاسخاطري نه ڪندا هئا ۽ هميشه توڪل علي الله رهي پنهنجو وقت گذاري ويا. مولانا مرحوم جي وفات ١٤ ربيع الثاني ١٣٣٦هجري ۾ فالج جي عارضي ۾ ٿي. انا الله و انا اليه راجعون. سندن مزار شهر هالا پراڻا ۾ مرجع خلائق آهي. برد الله مضجعه و طالب الله ثراه وجعل الجنة مثواه.

مولانا حاجي محمد صاحب مرحوم پنهنجون ڪجھ تصنيفون ڇڏي ويو آهي جن مان هيٺ ڄاڻايل ڪافي مشهور آهن: ١. الفتاويٰ المحمديه في احڪام الاحمديه (عربي ٢ جلد) ٢. فتاويٰ احمديه (سنڌي) ٣.خلاصة الآثار المحمديه والاخبارالاحمديه (عربي) ۴. حقوق الزوجين

(سنڌي) ٥. شرح مائة احاديث (سنڌي) ٦. مسائل اربعين في سنة سيد المرسلين (سنڌي) ٧. رموزالفرقان (سنڌي) ٨. المسائل الخمسه في دفع توهمات الشيعه (سنڌي) ٩. تمام العنايہ ترجمہ بداية الهدايه (سنڌي) ١٠. رسالو درامور طبعيه ١١. حل التركيب منطق (عربي) ١٢. روداية (عربي و سنڌي) ١٣. قصه بيبي بلقيس (سنڌي) ١٤. كشف الجان (سنڌي) ١٥. خلاصة الاصول ١٦. عشرين مسائل (فارسي) ١٧. فيض الصمد ترجمہ ايهاالولد (سنڌي) ١٨. رسالہ درمعرفت نبض و قاروره."

## تحفة الاسلام

ڪتاب تحفة الاسلام درسي ڪتاب طور سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ جي فقه جي نصاب جي مقصدن کي پوري ڪرڻ لاءِ لکيو ويو هو، جنهن کي مدرسي جي ستن ڪلاسن جي پيش نظر ستن حصن ۾ ورهايو ويو هو، پر ان مان فقط پهريان پنج حصا شايع ٿي سگهيا، جن کي مسٽر پوڪرداس ٽانورداس تاجر ڪتب شڪار پور، ست دفعا ڇپائي پڌرو ڪيو هو. ڪتاب جي ڇهين اشاعت سال ١٩٢٦ع ۾ ڇاپي وئي ۽ ستين اشاعت سال ١٩٢٧ع ۾ شايع ڪرائي وئي. هن ڪتاب جا هي پنجئي حصا سنڌ يونيورسٽيءَ جي مرڪزي لئبرري جي اورنيٽيل حصي ۾ موجود آهن. باقي پوين ٻن حصن جي اشاعت جو ڪو نسخو هن عاجز کي هٿ اچي نہ سگهيو آهي.

مؤلف محمد عثمان بن حافظ محمد نورنگ زاده ڳوٺ ڪورواهہ تعلقو ميرپور بٺورو جو رهندڙ هو ۽ جڏهن کان سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي قائم ٿيو تڏهن کان ئي ان عظيم تعليمي اداري ۾ فقه جي علم سيکارڻ لاءِ معلم الفقه جي حيثيت ۾ شامل ٿيو. پاڻ کي ٻيا ڪتاب بہ لکيا هئائين جهڙوڪ 'عجب العجائب'، 'سنڌي خطبا' ۽ ڪي تحريرون وغيره.

مؤلف 'تحفة الاسلام' جي تاليف جو مقصد بيان ڪندي ظاهر ڪيو آهي تہ سنڌ مدرسة الاسلام جي شاگردن کي فقه جو علم پڙهائڻ لاءِ ابتدا ۾ ڪوبہ درسي ڪتاب موجود نہ هو، تنهن ڪري پهرين پاڻ فقه

جي وڏن ڪتابن مان مدرسي جي نصاب مطابق مسائل جو انتخاب ڪري شاگردن کي لکائيندو هو. جنهن ڪري طرفين کي گهڻي دقت ۽ مشقت پهچندي هئي. پر جناب خان صاحب ميان ولي محمد صاحب جي پرنسپل مقرر ٿيڻ کان پوءِ مدرسي جي ستن ئي درجن لاءِ فقه جي تعليم لازمي ڪئي وئي ۽ مدرسي جي بورڊ جي اجازت ۽ پرنسپل جي حڪم سان فقه جي هن درسي ڪتاب جي لکڻ جي ڪم تي ڪيس مامور ڪيو ويو.

حڪم ۽ اجازت کان پوءِ مؤلف ڪتاب لکڻ جي ڪم ۾ جان فشانيءَ سان مشغول ٿي ويو ۽ هيٺين ترتيب موجب ڪتاب جوڙي تيار ڪيائين.

١. پهريون ڪتاب عقائد جو. پهرئين درجي جي طالب العلمن لاءِ. جنهن ۾ اسلام، ايمان ۽ عقائد جا مسئلا آهن.

٢. ٻيو ڪتاب طهارت جو. ٻئي درجي جي طالب العلمن لاءِ. جنهن ۾ فقه جي علم جي تعريف، ان جي فضيلت جا دليل، طالب العلمن جي تهذيب ۽ اخلاق جا بحث، وضوءِ، غسل، تيمم، هر قسم جي شين جي پاڪ ڪرڻ ۽ ٻين مسئلن جي بيان ۾ آهي.

٣. ٽيون ڪتاب صلوٰة جو. ٽئين درجي جي طالب العلمن لاءِ جنهن جي اول ۾ نماز جي فضيلت ۽ ان جي حقيقتن ۽ عجيب فائدن جو بيان آهي. تنهن کان پوءِ نماز جا مسئلا آهن.

۴. چوٿون ڪتاب زڪواة، صوم ۽ حج جو. چوٿين درجي جي طالب العلمن لاءِ. جنهن جي اول ۾ انهن ٽن رڪنن جي فضيلت ۽ عجيب حقائق ۽ دقائق جو بيان آهي ۽ آخر ۾ تفصيلوار مسئلا ڏنل آهن.

٥. پنجون ڪتاب پنجين درجي جي شاگردن لاءِ. جنهن ۾ نڪاح، طلاق، نسب وغيره جي مسئلن جو تفصيلي بيان ڏنل آهي.

٦. ڇهون ڪتاب ڇهين درجي جي شاگردن لاءِ. جنهن ۾ بيع، ربوا، صيد، ذبح ۽ ٻين مسئلن بابت بيان آهي.

٧. ستون ڪتاب ستين درجي جي شاگردن لاءِ. ميراث ۽ ترڪي جي بيان ۾ آهي.

**علم فقه بابت**

تحفة الاسلام جي ٻئي حصي ۾ علم فقه جي اهميت بابت راه زني کندي مؤلف جن خيالن جو اظهار ڪيو آهي اهي دلچسپي ۽ معلومات ۾ اضافي جو باعث ثابت ٿي سگهن ٿا. تنهن ڪري بعينه هيٺ نقل ڪجن ٿا. "علم فقه جو سيني علمن کان بهتر ۽ پلو آهي ڇاڪاڻ جو ان ۾ سيني شريعت جي حڪمن ۽ احڪامن جي خبر پوي ٿي ۽ ان جي پروڙ کان، اک مسلمانيءَ جي هدايت جي سرمي سان روشن ٿئي ٿي ۽ جهل جي اونداهي علم جي سج ايرڻ سان نڪريو وڃي ٿي ۽ ايمان يقين جي نور سان دل ڀرپور ٿي پوي ٿي.

الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ فرمايو آهي ته 'يرفع الله الذين امنوامنكم والذين اولوالالعلم درجات' يعني خدا تعاليٰ مسلمانن جا درجا بهشت ۾ وڌائي ٿو ۽ خاص ڪري مسلمانن دين جي علم وارن جا درجا ٻي علم مسلمانن کان گهڻو زياده بهشت ۾ وڌائي ٿو. 'تفسير حسيني' ۾ انهي آيت شريف جي هيٺ لکيو اٿس ته ابن مذعور امام اوزاعي کي خواب ۾ ڏٺو، ان کان پڇيائين ته مونکي خبر ڏيو ته خدا تعاليٰ وٽ سيني مائهن کان ڪهڙن جا درجا زيادهہ آهن. تڏهن امام فرمايو ته عالمن کان وڏيڪ ڪنهن جو درجو نه آهي پر ان کان ٻه زياده خدا جي خوف ۾ رئندڙن جو درجو ڏٺم ۽ فرمايو رسول الله صلي الله عليه وسلم ته طلب علم جي ڪريو جيتوڻيڪ چين ۾ هجي ۽ پڻ فرمايائين ته طلب ڪرڻ علم جي سڀ ڪنهن زال ۽ مرد مسلمان تي فرض آهي. جو شخص علم جي پڙهڻ لاءِ واٽ وٺي هلي ٿو خدا تعاليٰ ان جي لاءِ بهشت جي واٽ سهکي ڪري ٿو. خدا تعاليٰ جا ملائڪ پنهنجون پکڙانديون زمين تي طالب العلم جي لاءِ وڇائين ٿا ۽ خوش ٿا ٿين ته پلي هنن جي مٿان هلي ۽ عالم جي لاءِ جيڪي شيون آسمانن ۽ زمين جي وچ ۾ آهن سي سڀ دعائون ڪن ٿيون ۽ عالم نبين جا وارث آهن ۽ حديث ۾ آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن مسجد شريف ۾ آيا پوءِ مسجد شريف ۾ ٻه مجلسون ڏٺائون. هڪڙي مجلس وارن خدا تعاليٰ جو ذکر ڪيو ٿي ۽ خدا تعاليٰ کان دعائون گهريون ٿي ۽ ٻي مجلس وارن علم فقه جو ٿي

پڙهيو. پوءِ پاڻ فرمايائون تہ ’هي ٻئي مجلسون چڱيون آهن پر هڪڙي ٻئي کان ڀلي آهي. ذڪر ۽ دعا وارا خدا تعاليٰ کان دعائون گهرن ٿا، خدا تعاليٰ کي وڻي تہ انهن جو دعائون قبول ڪري ۽ جي وڻي تہ نہ قبول ڪري. ۽ فقه وارا سکن ۽ سيکارين ٿا ۽ مون کي بہ خدا تعاليٰ نبي ڪري موڪليو آهي خلق کي سيکارڻ لاءِ ۽ تحقيق هيءَ مجلس فقه واري هن کان ڀلي آهي‘. پوءِ پاڻ ان مجلس ۾ ويٺا ۽ فرمايو رسول الله صلي الله عليہ وسلم ’تہ هڪڙو مسئلو دين جو سکڻ سؤ رڪعت نفل پڙهڻ کان ڀلو آهي‘ ۽ فرمايائون تہ ’قيامت جي ڏينهن نبي، عالم ۽ شهيد شفا ڪندا‘ ۽ فرمايائون تہ ’عالم ٿيڻ گهرجي يا علم جي طلب ڪرڻ گهرجي يا علم ٻڌڻ گهرجي. جنهن انهن ٽن ڳالهين کي ڇڏيو، سو هلاڪ ۽ خراب ٿيو‘ ۽ اهو بہ فرمايائون تہ ’ڪا عبادت خدا تعاليٰ جي فقه جي علم پڙهڻ کان وڌيڪ ڪانهي ۽ فقه جو علم دين جو ٿنڀ آهي‘ ۽ حضرت علي رضہ فرمايو آهي تہ ’مال کان علم بهتر ۽ گهڻو چڱو آهي‘. تنهن تي گهڻا سهڻا دليل ڏنا اٿن. پر آءٌ انهن مان هتي فقط هي ٽي لکان ٿو: پهريون هي تہ مال تي چوڪي ۽ نگهباني جو ضرور آهي ۽ جي نگهباني نہ ڪجي تہ چور کڻي وڃن ۽ علم پاڻ پڙهيل جي چوڪي ۽ نگهباني ڪري ٿو. ٻيو هي تہ مال خرچ ڪرڻ سان گهٽيو وڃي ۽ علم خرچڻ سان پاڻ وڌي ٿو. ٽيون هي تہ قيامت جي ڏينهن مالدار کان هر هڪ پيسي جو حساب ٿيندو تہ ڪٿان ڳڏ ڪيئي، ڪٿان ڪمائيئي ۽ ڪٿي خرچ ڪيئي ۽ علم جي هر هڪ مسئلي کان بهشت جو درجو وڌندس ۽ سمجهڻ گهرجي تہ علم پڙهي پوءِ ان تي عمل ڪرڻ گهرجي. يعني چڱا ڪم ڪرڻ گهرجن نہ تہ علم مان فائدو تہ ڪونہ ٿيس، پر اٽلندو نقصان ٿيس گويا ڏيڄي تي ڪائين جي ڀري رکي آهي. رسول الله صلي الله عليہ وسلم فرمايو آهي تہ افسوس انهيءَ کي هڪ ڀيرو جنهن علم نہ پڙهيو ۽ ست ڀيرا ان کي جنهن علم پڙهيو ۽ ان تي عمل نہ ڪيو، ۽ اهو بہ فرمايائون تہ ”علم عمل کان سواءِ وڻ بي ڦر جي مثل آهي“. هي سڀ حديثون ڪتاب احياء العلوم تان ترجمو ڪيم“.

مؤلف محمد عثمان جي راهہ آهي تہ علم پرائڻ لاءِ ضروري آهي تہ

طالب علم پنهنجي شخصيت ۾ ڪي خاص صلاحيتون ۽ لياقتون پيدا ڪن. جي مختصر لفظن ۾ هيٺ لکجن ٿيون.

١. نيت درست ڪرڻ. يعني علم پڙهڻ مان حلال ۽ حرام جي تميز رکڻ ۽ جهل کان آزاد ٿيڻ ۽ علم ٻين کي پڙهائڻ ۽ عمل ڪرڻ جي نيت رکڻ ۽ فخر ۽ ريا جي نيت کان پاڻ کي پاڪ رکڻ.
٢. ٻئي کي علم سيکارڻ ۾ هر طرح مدد ڏيڻ ۽ بخل نہ ڪرڻ، توڙي ڪتاب ڏيڻو پوي.
٣. علم ۽ ڪتاب جو احترام ڪرڻ.
٤. علم وڌائڻ لاءِ بحث وغيره ۾ حصو وٺڻ ۽ ڪوشش ڪرڻ.
٥. استاد جو ادب ۽ احترام رکڻ، پنهنجي سياءِ ۾ نياز نئڙت ۽ علم سکڻ جو شوق ۽ حرص پيدا ڪرڻ.

ڪتاب تحفة الاسلام سنڌي نثر ۾ لکيل پهريون ڪتاب آهي جو فقه جي موضوع تي عبادات کان سواءِ معاملات تي بہ روشني وجهي ٿو. هن ڪتاب ۾ فقه کان سواءِ تاريخ، اخلاق ۽ نصيحت جي موضوعن تي بہ مواد جمع ڪيل آهي پر جيتوڻيڪ فقه جي پهلوءَ تي چڱي تحقيق کان ڪم ورتو ويو آهي. تاريخ ۽ ٻين موضوعن تي تحقيق طرف خاص توجہ ڏنل ٿو ڀانئجي ۽ ڪي ڳالهيون اهڙيون آهن جي تحقيق ۽ وضاحت طلب آهن.

## هداية المسلمين عرف نئون تحفة الاسلام

ڪتاب "هداية المسلمين عرف نئون تحفة الاسلام" سکر جي تاجر ڪتب هريسنگهہ، لاهور جي اسلاميہ پريس مان ڇپائي، سنہ ١٣٢١هہ/١٩٠٣ع ۾ شايع ڪيو. ڪتاب جي ديباچي ۾ مؤلف ڄاڻايو آهي تہ هداية المسلمين نوجوان سنڌي دانن جي ديني علم جي معلومات وڌائڻ جي مقصد سان لکيو ويو آهي. ڇاڪاڻ تہ سنڌ جو نوجوان طبقو، جو ان وقت عربي پارسي ۽ اردو ٻولين سان گهٽي دلچسپي نہ رکندو هو ۽ پراڻن منظوم سنڌيءَ ۾ لکيل ڪتابن کي آسانيءَ سان پڙهي ۽ سمجهي نہ سگهندو هو تنهن جي ديني ڄاڻ لاءِ سليس سنڌي نثر ۾ لکيل ديني ڪتابن جي ضرورت هئي. هن گهرج کي پوري ڪرڻ لاءِ

مؤلف معتبر پارسي ۽ اردو ڪتابن تان مسائل جمع ڪري هداية المسلمين تاليف ڪيو جو پوءِ مذڪور ناشر طرفان لنڊن ۾ ڇپائي شايع ڪيو ويو.

ڪتاب هداية المسلمين ۾ ڄاڻايل آهي ته هي ڪتاب ڪل ١٤ ڀاڱن ۾ لکيو ويو هو جنهن جو حق تاليف 'ناشر' مسٽر هريسنگهه، 'مؤلف' محمد صديق مرحوم کان خريد ڪري ورتو هو. انهن چوڏهن ئي ڀاڱن ۾ جو مواد جمع ڪيو ويو هو، ان جي ترتيب هن طرح آهي.

پهرئين ڀاڱي ۾ عقائد جو تفصيل آهي، ٻئي ڀاڱي ۾ وضو، غسل، پاڪائي، تيمم، حيض، نفاس، استنجا وغيره مسائل جمع ڪيل آهن. ٽيون ڀاڱو نماز جي مسائل تي مشتمل آهي. چوٿين ڀاڱي ۾ نڪاح، طلاق، عدت، ورثي ۽ ترڪي بابت مسئلا موجود آهن. ڇهين ڀاڱي ۾ خريد و فروخت، ڀائيواري، ڪسب، ڪاڏي پيتي، پوشاڪ، شڪار وغيره بابت مسئلا ۽ هدايتون ڏنل آهن. ستين ڀاڱي ۾ حضرت آدم کان وٺي حضرت محمد ڪريم عليه الصلواة وسلم تائين سيني نبين جا ذڪر ۽ مذهبي واقفيت آهي. اٺين ڀاڱي ۾ حضور جن جي غزوات ۽ فتوحات ۽ دين اسلام جي تاريخ ۽ ترقيءَ جا بيان آهن. نائين ڀاڱي ۾ حضرت محمد ڪريم عليه الصلوٰة وسلام کان وٺي سيني خليفن ۽ امامن ۽ دين جي وڏائيندڙن جي تاريخ ڏنل آهي. ڏهين ڀاڱي ۾ قرآن شريف جون دعائون ۽ حضرت جن جا روزمره جا ورد وظيفا ۽ دعائون آهن. يارهين ڀاڱي ۾ پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جون فضيلتون ۽ ٻيا اخلاقي مضمون آهن. ٻارهين ڀاڱي ۾ پهرئين ڀاڱي جي تشريح ڪيل آهي. تيرهين ۽ چوڏهين ڀاڱي ۾ ٻئي ڀاڱي کان ڇهين ڀاڱي تائين ڏنل فقهي مسائل جي تشريح، چئن امامن سڳورن جي روايتن جي روشنيءَ ۾ ڪئي وئي آهي.

راقم الحروف کي مذڪوره ١٤ بابن مان فقط پهريان ٢ باب هڪ دوست کان دستياب ٿيا. باقي ١٢ بابن متعلق ڇئي نٿو سگهجي ته شايع ٿيا يا نه.

ڪتاب هداية المسلمين جي مواد جي مذڪور خاڪي تي هڪ نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته هي ڪتاب ڪيتري نه محنت ۽ جفا ڪشيءَ سان تيار ٿي سگهيو هوندو. تنهنڪري هي ڪتاب ڪافي ديني افاديت جو حامل آهي. پر ساڳئي وقت ڄاڻڻ ته مؤلف خود ڪو وڏو

فقيه نہ هو، تنهن ڪري فقهي مسائل جي تحقيقي پرک طرف هن ڪتاب ۾ توجه ڏنو نہ ويو آهي. مثلاً، فقهي ڪتابن ۾ جيڪي حيلا ديني ذميوارين ۾ ڪيل ڪوتاهين جي پورائي لاءِ تجويز ڪيا ويا آهن سي بنان تنقيد بعينه هدايت المسلمين ۾ نقل ڪيا ويا آهن. جهڙوڪ: ’نماز قضا عمري‘ جو مسئلو، جنهن کي قديم سنڌي عالمن غلط قرار ڏنو آهي.

مصنف مرحوم ماستر محمد صديق مسافر جو والد مرحوم گلاب خان آفريڪا کنڊ جي مشرقي علائقي ’زنجبار‘ کان غلام ٿي اچي سنڌ ۾ ننگر ٺٽي ۾ غلام علي نالي ڪنهن سنگتراش وٽ فروخت ٿيو. ان وقت جي غلاميءَ جي رسمن رواجن مطابق هڪ هنذان ٻئي هنڌ وڪامندو، اچي ’ٽنڊي باگي‘ پهتو، جتي غلاميءَ مان آزادي حاصل ڪيائين. ماستر محمد صديق ٽنڊي باگي ۾ غلاميءَ کان آزاد ٿيل هن مسافر جي گهر ۾ ١ جمادي اول سنہ ١٢٩٧هہ (١٨٧٩ع) ڄائو ۽ ٣٠ ربيع الثاني سنہ ١٣٧٨هہ(١٩٦٠ع) ۾ وفات ڪيائين.

مرحوم مسافر هڪ مڪمل استاد، با ڪمال شاعر ۽ اديب هو. هن خطي ۾ پاڻ بي مثال علمي ۽ ادبي خدمتون سر انجام ڏنائين. جيتوڻيڪ پاڻ فقط ابتدائي تعليم تائين اسڪول ۾ پڙهيو پر ڪنهن بہ امتحان پاس ڪرڻ يا ڊگري حاصل ڪرڻ کان سواءِ هن کي سنڌي، فارسي، عربي ۽ انگريزي ٻولين تي عبور حاصل هو. مسافر صاحب جا لکيل درسي ڪتاب، اسلامي عقائد ۽ ارڪانن جون سمجهاڻيون، ناول وغيره سندس قابليت جا شاهد آهن. "پونا ٽيڪسٽ ڪميٽي" مسافر صاحب کي ناميارو اديب ليکيندي هئي. پاڻ ’تعليم‘ جو ايڊيٽر بہ ٿي رهيو. ماستر محمد صديق هڪ سٺو شاعر هو ۽ ’مسافر‘ سندس تخلص هو. ٽنڊي باگي جي مير غلام محمد هاءِ اسڪول جي قيام ۽ ترقيءَ ۾ سندس وڏو حصو هو. جهل ۽ بي علمي خلاف سندس ڪيل جهاد ۾ مرحوم خانبهادر مير غلام محمد صاحب سندس ڪافي مدد فرمائي.

## معلم الفرائض

ڪتاب 'معلم الفرائض' جي مؤلف مولوي محمد قاسم مشوري صاحب ديني علمن جي مُدَرِّسَ جي حيثيت ۾ جيڪو تجربو حاصل ڪيو، ان جي بنياد تي ھيءَ ڪتاب "سراجي" ۽ "علم ميراث" تي لکيل ٻين ڪتابن کي ديني مدرسن ۾ پڙھڻ پڙھائڻ ۾ سھنجائي خاطر طالبن ۽ معلمن لاءِ بطور امدادي ڪتاب جي لکيو.

ڪتاب معلم الفرائض جي تاليف جو مقصد بيان ڪندي مؤلف فرمائي ٿو "ھن عاجز آثم محمد قاسم کي خيال پيدا ٿيو ته پنھنجي قليل بضاعت آھر ھن علم مقدس جي خدمت لاءِ قدم اڳتي رکان ۽ سنڌي ۾ ھڪ مختصر رسالو تيار ڪريان جو اھل علم لاءِ عموماً ۽ 'سراجي' وغيره ورثي جي ڪتابن پڙھندڙن طالب علمن ۽ پڙھائيندڙن لاءِ خصوصاً سھولت ۽ سھنجائي جو سبب ٿئي ۽ عربي ۽ فارسيءَ کان نا واقف سنڌي داڻن کي پڻ ورثي جو علم سکڻ جو موقعو ملي سگھي".

"جيتوڻيڪ ھن کان اڳ ٻه ڪي رسالا ان بابت ڪن علمائن سڳورن لکيا آھن. پر ھڪ ته اھي عام فھم نه آھن جو عربي ۽ فارسي لفظن جي استعمال ۽ عبارت جي دقت سندن فائدو عربي ۽ فارسيءَ جي ڄاڻندڙن لاءِ مخصوص ڪري ڇڏيو آھي، ٻيو ته ڪيترن ضروري مسئلن تي پوري طرح روشني نه وجھڻ سببان انھن جي آڌار تي ڪوبه سنڌي دان تحرير جي ڪم ۾ دخل ڏيئي نه ٿو سگھي. ٽيون ته اڪثر رسالن جي غير ضروري طوالت پڙھندڙن کي ملالت ۾ وجھي ڇڏي ٿي. مگر ھن مسڪين پنھنجي ناقص ھمت آھر ھن رسالي جي عام فھم ٿيڻ ۽ اختصار سان ضروري مسئلن جي چٽي ڪرڻ ۾ گھڻي ڪوشش صرف ڪئي آھي. البت جيڪي مسئلا عام طرح استعمال ۽ ضرورت ۾ نه ٿا اچن، سي نظر انداز ڪيا اٿم."

معلم الفرائض جي مؤلف علم ميراث جي اھميت بابت پنھنجي راءِ جو اظھار ھنن لفظن ۾ ڪيو آھي "حضرت پيغمبر صلي الله عليه وسلم جن فرمايو آھي ته: ورثي جو علم پاڻ به سکو ۽ اھو ماڻھن کي به سيکاريو.

چو ته ورثي جو علم سموري علم جو اڌ آهي. يعني ته انسان جي حياتي ۽ مماتيءَ جي ٻن حالتن مان خاص مماتيءَ جي معاملات سان متعلق آهي ۽ سندس ضروري ۽ وڏو ڀاڱو پاڻ الله سبحانه و تعالیٰ پنهنجي ڪلام پاڪ ۾ تفصيل سان بيان فرمايوآهي. تنهن ڪري اهڙي عظيم الشان علم جو سکڻ هرهڪ مسلمان تي لازم آهي. ٻئي هنڌ فرمايو اٿن ته؛ ورثي جو علم سکو ۽ سيکاريو. چو ته اهو اڌ علم جو آهي ۽ سکهو ئي هن کان پوءِ جهل ۽ فتنا پيدا ٿيندا. جنهن ۾ علم دنيا مان کڄي ويندو ۽ ٻهريون ئي ٻهريون علم، جو دنيا جي تختي تان ماڻهن کان کسيو ۽ کڻايو ويندو. يعني دل تان وساريو ويندو سو ورثي جو علم آهي"معلم الفرائض ۾ جنهن طريقي سان هرهڪ وارث جو پورو شرعي حصو ڳولي لهڻ جي واٽ سيکاري وئي آهي تنهن جو مختصر بيان هيٺ لکجي ٿو.

ميت جو ترڪو هيٺين ترتيب سان خرچ ڪيو ويندو يعني ٻهرين حقدارين جي پوري ڪرڻ کان پوءِ جيڪڏهن مال بچيو ته پوين حقدارين ۾ ڏبو، نه ته ٻهرين حقدارين هوندي پوين حقن جو ترڪي ۾ ڪوبه واسطو نه رهندو. ميت جي ترڪي مان سڀ کان ٻهرين ڏارين ماڻهن جا رهيل حق ادا ڪرڻ گهرجن. جهڙوڪ ميت وٽ گروي رکيل مال ۾ گروي رکندڙ جو حق يا اهڙو خريد ڪيل مال جنهن جي پوري قيمت اڃان وڪڻندڙ کي نه ملي هجي وغيره. انهن حقن جي ادائيگيءَ کان پوءِ به ميت جي ترڪي مان ڪجهه بچيو ته ان مان ميت جي ڪفن دفن جو خرچ ادا ڪيو ويندو. پر جيڪڏهن ترڪي مان ڪجهه به نه بچيو ته پوءِ ڪفن دفن جو خرچ وارثن تي آهي. ڪفن دفن جي خرچ کان پوءِ بچيل ترڪي مان ميت جا قرض ادا ڪبا. جن ۾ بيماريءَ جي وقت ۾ کنيل قرضن تي تندرستي جي وقت ۾ کنيل قرضن کي سبقت ڏني ويندي. قرضن جي ادائيگيءَ کان پوءِ جيڪڏهن وارثن کي ڪو اعتراض ناهي ته ميت جي سموري وصيت جي پابندي ڪجي ۽ باقي بچيل ترڪو ان موجب ورهائجي. پر جيڪڏهن وارثن کي ڪو اعتراض آهي ته وصيت ڪيل مال جو فقط ٽيون حصو وصيت موجب ڏجي.

مٿين ادائيگين کان پوءِ ميت جو ترڪو انهن وارثن ۾ ورهائبو جن

جا حصا شريعت موجب ثابت ۽ مقرر آهن. انهن وارثن کي ’اصحاب الفرائض‘ چئبو آهي. ’اصحاب الفرائض‘ جا مقرر حصا ۽ هن سلسلي جا ٻيا سڀ تفصيل ڪتاب ۾ ڏنل آهن.

## فرضي پتين جي مخرج

هن باب ۾ ڏيکاريل آهي تہ جن وارثن جا حصا مقرر آهن. انهن کي ملڪيت مان ورهاڱي ڏيڻ وقت ڪهڙيون ڪهڙيون صورتون ۽ مشڪلاتون پيدا ٿين ٿيون ۽ هر هڪ کي ڪيئن حل ڪجي.

ڪن حالتن ۾ جڏهن وارثن جا مقرر حصا پاڻ ۾ جوڙ ڪبا آهن تہ جوڙ هڪ سڄي کان مٿي ٿي ويندو آهي. اهڙي صورت ۾ حصيدارن جا حصا هڪ ٻئي جي حصي جي تناسب سان گهٽائڻا پوندا آهن. جئين ڪنهن کي بہ ڪو نقصان نہ ٿئي. ان کي فقهي اصطلاح ۾ ’عول ڪرڻ‘ چوندا آهن. ’عول ڪرڻ‘ جو طريقو هن باب ۾ سمجهايو ويو آهي، جو هڪ اسڪولي شاگرد کي هوند هنن لفظن ۾ سمجهائي سگهجي.

مثلاً: ڪنهن ميت پنيان هينيان وارث ڇڏيا:

١. مڙس جنهن جو حصو اولاد نہ هئڻ جي حالت ۾ $\frac{1}{2}$ آهي.
٢. ماءُ . جنهن جو حصو $\frac{1}{6}$ آهي.
٣. سڳيون ڀيڻون جن جو گڏيل حصو $\frac{2}{3}$ آهي.
٤. ماٽيون ڀيڻون جن جو گڏيل حصو $\frac{1}{3}$ آهي.

هنن حصن کي جوڙ ڪبو تہ جواب هڪ سڄي کان زيادہ ايندو.

هن طرح: $\frac{1}{2}+\frac{1}{6}+\frac{2}{3}+\frac{1}{3}=\frac{3+1+4+2}{6}=\frac{10}{6}$

حساب جي مٿين صورت موجب ميت جي سڄي ملڪيت جڏهن ڏهن حصن ۾ ورهائجي تڏهن ئي سيني کي حصو ملي سگهندو. ڇاڪاڻ تہ حصن جي ’انسن‘ جو جوڙ ڏهہ آهي. مٿين حساب ۾ تناسب جي صورت هاڻي هن طرح بيهندي.

١. مڙس. جنهن کي $\frac{1}{2}$ حصو مليو هو تنهن کي هاڻي گهٽجي $\frac{3}{10}$ ملندو.
٢. ماءُ. جنهن کي $\frac{1}{6}$ حصو مليو هو تنهن کي هاڻي گهٽجي $\frac{1}{10}$ ملندو.
٣. سڳيون ڀيڻون جن کي $\frac{2}{3}$ حصو مليو هو تن کي هاڻي گهٽجي $\frac{4}{10}$ ملندو.

۴. مائٽيون پيٽون جن کي $\frac{١}{٣}$ حصو ملٿو هو تن کي هاڻي گهٽجي $\frac{٢}{١٠}$ ملندو.

تفصيلي سمجهاڻي لاءِ مؤلف ڪن جدولن جا چارٽ پڻ ڏنا آهن.

'تصحيح' ورهاڱي جي اهڙي واٽ آهي جنهن سان ملڪيت کي ورهائڻ کان پوءِ ڪنهن به وارث کي اٽپور ۾ حصو نه ملندو. هن سلسلي ۾ ڪتاب ۾ ڪل ست قاعدا لکيل آهن.

"رد" ضد آهي "عول" جو؛ يعني رد ۾ ٿورن وارثن هئڻ سبب سندن حقدارين جي پورائي کان پوءِ باقي بچيل مال وري به ساڳين وارثن کي صحيح تناسب موجب ورهائي ڏبو. پر زال مڙس کي به مال واپس ڏبو يا نه، تنهن ۾ اختلاف آهي. فتويٰ ان تي آهي ته نه ڏبو. تفصيلات ڪتاب ۾ ڄاڻايل آهن.

'فرائض' جي اصطلاح ۾ 'مناسخ' ان کي سڏبو آهي ته ڪن وارثن جو حصو ملڪيت جي ورهاست کان اڳ ئي سندن ٻين وارثن لاءِ ورثو بنجي وڃي. يعني هڪ وارث ملڪيت جي ورهاڱي کان اڳ ئي گذاري وڃي ته ان جي حصي جي سندس وارثن ۾ ورهاڱي کي 'مناسخ' چئبو آهي. 'مناسخ' جو سهل ترين طريقو هي آهي ته پهرين ميت جي ملڪيت ورهائڻ کان پوءِ سندس وارث جي حصي جي ورهاست ڪرڻ وقت ان جي حصي کي به سچي ملڪيت تصور ڪجي.

جيڪڏهن ميت جو ڪو وارث اڃا ماءُ جي پيٽ ۾ آهي ته ورهاڱي وقت ان جو حصو ڪيڏي امانت رکبو. هن جي حصي ڪيڏڻ وقت هن ڳالهه جو خيال رکبو ته ڪيس پٽ جي حيثيت ۾ فائدو ٿئي ٿو يا ڌيءُ جي حيثيت ۾، جنهن ۾ فائدو هوندو اهو حصو رکيو ويندو. پر جي ڄمڻ کان پوءِ سندس حصو گهٽ ثابت ٿيو ته سندس حصو ڏيئي باقي ٻين حقدارن ۾ ورهايون ويندو.

گم ٿيل شخص جو مال نون ورهين تائين نه ٻئي کي ڏبو، نه هن جي زال ٻئي سان پرڻبي. نون ورهين کان پوءِ ان کي مئل شمار ڪري مال ورهائبو. باقي ٻيءَ صورت ۾ گم ٿيل کي حصو نه ملندو.

جيڪڏهن قيديءَ جي زنده هئڻ جي خبر آهي ته ٻين مسلمانن

وانگر وارث ٿيندو رهندو. مرڻ جي خبر ملڻ تي پيا ان جا وارث ٿيندا.

خنثيٰ ان شخص کي چئبو آهي جنهن جي جنس جي تعين ڪرڻ ۾ مشڪل پيدا ٿئي. هن جي احڪامن ۾ اها خاص ڳالهه لکيل آهي ته جنهن به حيثيت ۾ سندس فائدو هوندو ان حيثيت ۾ ورثو ونندو.

ڪتاب جي آخر ۾ اسلامي تاريخ ۾ فيصلو ٿيل ورثي جا خاص معاملا جي ڪن خاص نالن سان مشهور آهن تن جو پڻ ذڪر آيل آهي. جهڙوڪ 'حمزيه مسئلو' 'ماموني مسئلو'، 'امتحاني مسئلو'، 'مرواني مسئلو'، 'ممبري مسئلو' وغيره.

معلم الفرائض سنڌي ٻوليءَ ۾ فقه جي اهم شاخ علم ميراث تي هڪ بي نظير تاليف آهي ۽ سنڌيءَ ۾ لکيل ان قسم جي سڀني رسالن کان زياده مفيد آهي. مخدوم عبدالرحيم صاحب گرهوڙي جو 'اساس الفرائض' منظوم ۽ آڳاٽي ٻوليءَ ۾ هئڻ سبب هن وقت مفيد عام نه رهيو آهي ۽ سراجيءَ جو سنڌيءَ ۾ ڪيل قديم ترجمو هن وقت نا پيد آهي. ان حالت ۾ 'معلم الفرائض' ئي هڪ اهڙو ڪتاب آهي جو علم ميراث تي سنڌي ٻوليءَ ۾ نه فقط دستياب آهي پر گهڻو ڪارائتو پڻ آهي.

ڪتاب ۾ ڪيترائي نقشا، مثال ۽ تاريخي فيصلا جمع ڪيا ويا آهن جن سندس افاديت ۾ خاص اضافو آندو آهي. ڪتاب جو هڪ حصو يعني 'ذوي الارحام' جي ورثي جا مسائل اڃا جمع نه ڪيا ويا آهن ۽ نڪي شايع ٿيا آهن. ڪتاب جي هن حصي جي شايع ٿيڻ کان پوءِ سنڌي عوام، طالب العلمن، عالمن بلڪ وڪيلن ۽ ججن لاءِ به هي ڪتاب چڱي مدد ۽ رهبريءَ جو سبب ٿيندو.

## تحفة الصائمين

مولانا عبدالرحيم صاحب مڪسي، جو سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ ۾ فقه جو استاد هو، تنهن فقه جي سلسلي جا ڪجهه ڪتاب لکڻ شروع ڪيا هئا. 'تحفة الصائمين' ان سلسلي جو پهريو ڪتاب آهي، جنهن کي قاري عبدالرزاق سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي جي ان وقت جي عربيءَ جي معلم پارٽ اليڪٽرڪ پرنٽنگ ورڪس ڪراچيءَ مان رجب

١٣٤٢هہ/فبروري ١٩٢٤ع ۾ پنهنجي خرچ سان ڇپائي پڌرو ڪيو.
ڪتاب جو موضوع؛تحفة الصائمين جو موضوع سندس نالي مان ئي ظاهر آهي تہ هي ڪتاب روزن جي فقهي مسائل بابت لکيو ويو آهي. ڪتاب مختصر پر جامع ۽ آسان آهي. مبتدين لاءِ نهايت ڪارائتو آهي.

## اسلامي احڪام

ڪتاب اسلامي احڪام مولوي عبدالرحيم مگسي جو لکيل ڇوٽون ڪتاب آهي. هي ڪتاب عزت خان مدد خان اليڪٽرڪ ليٿو پرنٽنگ پريس اولڊ جيل روڊ ڪراچي ۾ ڇپيو ۽ حسن علي حاجي مير محمد بلوچ قومي ڪتب خانہ جهونا مارڪيٽ ڪراچي مان شايع ڪرايو. هي ڪتاب بنيادي طرح فقه تي لکيل ڪونهي. هن ۾ حديث شريف جي مختلف ڪتابن مان احڪامي حديثون منتخب ڪري انهن جو ترجمو درج ڪيو ويو آهي. فقط ڪن ٿورين جاين تي ڪن فقهي ڪتابن ڏانهن اشارو ڪيل آهي، پر جيئن تہ ڪتاب اسلامي احڪام ۾ جيڪي ارشادات لکيا ويا آهن فقه جي ڪتابن ۾ بہ اهي مسئلا انهيءَ صورت ۾ ئي لکيل آهن، تنهنڪري هي ڪتاب فقه جي ڪتابن سان گڏ هن مقالي ۾ شامل ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب جو هڪ نسخو شمس العلماء ڊاڪٽر دائود پوٽو سنڌ صوبائي لئبرري ۾ موجود آهي. ڪتاب جو تعارف خود ڪتاب جي ديباچي ۾ ڪرايل آهي جو بعينه هن طرح آهي.

" ڪيترن ڏينهن کان هي ضرورت پئي معلوم ٿي تہ سنڌي زبان ۾ ڪو اهڙو ڪتاب لکڻ گهرجي جنهن سان نماز روزي ۽ اعتقادي احڪامن سان گڏ ٻيا دنياوي احڪام جهڙوڪ خوراڪ پوشاڪ، مجلس ملاقات، سلام ڪلام، سفر حضر، قسم نذر، نڪاح پرده وغيره جا طريقا بہ موجود هجن، جن جي پڙهڻ سبب عام مسلمان پنهنجي ديني سڌاري سان گڏ دنيوي ڪمن ڪي بہ سڌريل قومن وانگيان چڱي نموني تي ٻهاري سگهن ۽ انهن اسلامي قاعدن تي هلي، پنهنجو ۽ پنهنجي اولاد جو سچو سڌارو ڪري سگهن ۽ اخلاقي ڳالهين ۾ بہ مذهب اسلام جي تابعداري اختيار ڪن، جيئن هو عبادتي ڪمن ۾

اختيار ڪري رهيا آهن. نيٺ ڪتاب 'تعليم الدين' مون کي انهيءَ مطلب جي پوري تيڻ لاءِ پورو موزون ڏسڻ ۾ آيو. جنهن جي نموني تي هي ڪتاب لکي پڙهندڙن جي پيش ڪريان ٿو ۽ هن ڪتاب جو نالو اسلامي احڪام رکيو ويو. جن آيتن يا حديثن يا معتبر ڪتابن يا امامن جي قولن تان اهي مسئلا ورتا ويا آهن انهن ڪتابن جا جنسي نالا سند طور سيکنهن حڪم جي پڇاڙيءَ ۾ لکيا ويا آهن ته پڙهندڙن کي تسلي ٿئي ۽ هو عمل ۾ پس و پيش نه ڪن. هن ڪتاب جي پڙهڻ مان نوجوان شاگردن کي ٻه وڏو فائدو ٿيندو، جي ائين سمجهيو ويٺا آهن ته اسلام ۾ فقط نماز روزي وغيره جا احڪام آهن ۽ بس. انهيءَ ڪري هو دنيوي ڪمن ۾ غير مسلمانن جي پيروي ڪري رهيا آهن."

## ڪتاب الحج والزيارة

مولانا عبدالرحيم صاحب مڪسي زيارة حرمين شريفين کان مستفيض ٿيڻ کان پوءِ سنه ١٣٤٨هه/١٩٢٩ع ۾ ڪتاب الحج والزيارة پهرين اردوءِ ۾ لکيو. هن ڪتاب ۾ مولانا صاحب جي حج جي سفر جو تجربو ۽ حج جا مسائل يڪجا ڪيل آهن. هن ڪتاب کي ساڳئي نالي سان پوءِ جناب ميان غلام محمد صاحب سابق هيڊ ماستر سنڌي برانچ سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي، سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو ۽ عزت خان مدد خان اليڪٽرڪ لٿو اينڊ ٽائيپ پرنٽنگ پريس اولڊ جيل روڊ ڪراچيءَ مان ڇپايوءِ حسن علي حاجي مير محمّد بلوچ دفتر قومي ڪتاب خانه جهونا مارڪيٽ ڪراچيءَ مان پڌرو ڪيو. هن ڪتاب جو هڪ نسخو سنڌ يونيورسٽيءَ جي مرڪزي لئبرري جي اورنٽيل حصي ۾رکيل آهي. ڪتاب الحج والزيارة سوالن جوابن جي طريقي ۾ لکيل آهي ۽ منجهس گهڻائي نقشا ۽ چارٽ ڏنل آهن، جن ڪتاب کي وڌيڪ مفيد بنايو آهي. مخدوم عبدالرحمن ڪتاب 'حيات العاشقين' لکيو ۽ سيد پناهه علي شاهه 'تحفه مدد پناهه الزائرين الحج' لکيو. انهن ٻنهي ڪتابن کان 'ڪتاب الحج والزيارة' هن وقت زياده ڪارائتو آهي، جنهن جي هڪ خصوصيت مذڪور ٻنهي ڪتابن کان ممتاز آهي، سا هيءَ ته جن فقهي

ڪتابن کي سامهون رکي 'ڪتاب الحج والزيارة' ترتيب ڏنو ويو آهي تن جا حوالا به منجهس ڏنل آهن، جنهن مان ثابت آهي ته ڪتاب محض نقل ڪيل نامي پر مسائل جي فقهي تحقيق ڪري پوءِ لکيو ويو آهي.

## ڪتاب الزڪواة

مولانا حاجي عبدالرحيم صاحب جو لکيل ' "ڪتاب الزڪواة عرف اسلامي زڪواة ۾ زڪوات" ۾ خيرات ۽ صدقات يعني مالي قرباني جي اهميت بابت اسلامي اصول ۽ احڪام جو مختصر بيان ڏنل آهي ۽ اسلام جي رڪن زڪواة بابت فقهي مسائل ڪافي وضاحت سان جمع ڪيل آهن.هي ڪتاب قومي ڪتب خانه جهونا مارڪيٽ ڪراچيءَ مان حسن علي حاجي مير محمد بلوچ شايع ڪرايو ۽ عزت خان مدد خان اليڪٽرڪ ليٿو پرنٽنگ پريس اولڊ جيل روڊ ڪراچيءَ ۾ ڇپيو.

ڪتاب الزڪواة جي شروعات ۾ چند سٽون بطور ديباچي جي لکيل آهن جن ۾ مؤلف ڪتاب لکڻ جو سبب واضح ڪندي ڄاڻايو آهي ته هن ڪتاب لکڻ جو خاص مقصد فقط ان وقت جي مُتمَول سنڌي مسلمانن جو توجه سنڌ جي عام مسلمانن جي معاشي بدحالي سبب بيچارگي ۽ رحم جوڳي حالت طرف ڇڪائڻ هو ۽ انهن تي اهو پڌرو ڪرڻ هو ته شريعت سڳوريءَ جي حڪمن موجب سندن ملڪيتن ۾ مستحق مسلمانن جو ڪهڙو حق آهي.

مؤلف ان وقت جي غريب سنڌي مسلمانن جي ڏکن ۽ مصيبتن جو ٿورن لفظن ۾ احوال ڏنو آهي ۽ ساڳئي وقت هي پڻ ذڪر ڪيو آهي ته ان وقت سنڌي مسلمانن ۾ جو آگرين تي ڳڻڻ جيتروتعداد دولتمندن جو هو، تنهن پاڻ کي پنهنجي مفلس ڀائرن کان بي تعلق رکيو ۽ پنهنجي مال جو غلط استعمال ڪري، بيجا اسراف جي شرعي ڏوهه جا مرتڪب ٿيندا رهيا. تنهنڪري مؤلف هنن ٻنهي طبقن جي اصلاح ۽ استفادي لاءِ هي ڪتاب ترتيب ڏنو. 'ڪتاب الزڪواة' جي مطالعي مان هر ڪو سنڌي دان زڪواة بابت مڪمل معلومات آسانيءَ سان حاصل ڪري سگهي ٿو. هن ڪتاب جي پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته زڪواة، عشر ۽خراج بابت

مسائل ڪتاب ’حسن الاموال‘ تان ورتل آهن. پنهي ڪتابن جي عنوانن جي ترتيب ۽ منجهس بيان ڪيل مسائل گهڻو ڪري هڪجهڙا آهن. پر ’ڪتاب الزڪواة‘ نثر ۽ سوالن جوابن ۾ هئڻ سبب وڌيڪ آسان ۽ ڪارائتو آهي. ڪتاب ۾ فقه جي اصل ڪتابن جا حوالا ڏنل ناهن، پر عوام جي فائدي لاءِ هئڻ سبب انهن حوالن جي نہ ضرورت هئي ۽ ان سبب ڪتاب جي افاديت ۾ ڪا ڪمي آيل آهي.

هن ڪتاب ۾ فقط فقهي مسائل جمع ڪيا نہ ويا آهن پر خيرات ۽ صدقات جي اسلامي تعليم بابت قرآن شريف مان ڪن خاص آيتن کي ڪتاب ۾ نقل ڪري انهن جو ترجمو پڻ لکيو ويو آهي. هنن آيتن سڀورين ۾ خيرات جي ڦلاين، خيرات ڪندڙ جي درجي ۽ ثواب ۽ نہ ڪندڙ متعلق جو وعيد آيل آهي، تنهن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جنهن ڪتاب کي گهڻو بااثر بنايو آهي. قران شريف جي آيتن سان گڏ، هن مقصد جون حديثون بہ ڪتاب ۾ ڄاڻايون ويون آهن. ڪتاب جو ٻيو اهم پهلو هي آهي تہ خيرات ۽ صدقات بابت اسلامي اخلاقي ضوابط بہ تفصيل سان سمجهايا ويا آهن. مثلاً: ڪهڙين حالتن ۾ ڪنهن شخص کي خيرات قبول ڪرڻ کپي ۽ڪهڙين ۾ نہ. خيرات ڏيندڙخيرات فقط حلال ڪمائيءَ مان ڏئي ۽ خيرات ۾ چڱي شيءِ ڏئي. خيرات وٺندڙ جي دل ڪڏهن بہ نہ ڏکوئي ۽ نڪي ان تي ڪو احسان رکي. خيرات وٺندڙ کي بہ سمجهايو ويو آهي تہ ڪهڙين مجبورين سبب هن کي خيرات قبول ڪرڻ جائز ٿيندو. پر خيرات قبول ڪرڻ ڪان محنت ڪري رزق حاصل ڪرڻ بهتر آهي. هنن سڀني اصولن جي ثبوت لاءِ قرآن شريف ۽ حديث سڀوري جا حوالا ڏنا ويا آهن.

انهن مڙني ڳالهين ڪتاب کي بيشڪ بي انتها اثرائتو ۽ ڪارائتو بنايو آهي ۽ پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ هي ڪتاب هڪ ڪامياب ڪوشش آهي. ڏٺو وڃي تہ هن وقت بہ سنڌي مسلمانن جو مذڪور پنهي طبقن جو ڪم وبيش اهوئي حال آهي جو مؤلف بيان ڪيو آهي. عام ڏتڙيل سنڌي مسلمانن جي مالي مسئلن جو حل ۽ امراء طبقي جي اخلاقي اصلاح انهيءَ ۾ ئي آهي تہ ديني احڪام موجب پنهنجا فرض ۽

پنهنجي پائرن جا حق ياد رکن ۽ انهن جي شريعت موجب ادائيگيءَ ۾ هر وقت مستعد رهن. ان لاءِ اڄ به سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ فقهي احڪام جي اشاعت ۽ مطالعو عام ڪرڻ سان خاطر خواهه نتيجا حاصل ڪرڻ جي وڏي اميد آهي.

## تحفة الفقيه

"ڪتاب تحفة الفقيه" سنڌي ٻوليءَ ۾ فقه جي موضوع تي هڪ مفصل ڪتاب آهي. هي ڪتاب سٺ حصن ۾ ورهايل آهي ۽ سنه ١٣٨٢هه/١٩٦٢ع ۾ اسٽينڊرڊ پريس فريئر روڊ سکر مان لٿو ۾ ڇپايو ويو. ڪاتب جو نالو عبدالله سومرو ڇپ نويس تعلقو گهوٽڪي لکيل آهي. ڪتاب جو مؤلف مولوي حافظ عبدالحميد صاحب مدرسه دارالهديٰ ٺيڙهي خيرپور ميرس جو سنڌ پاڻو عالم آهي. هن صاحب هي ڪتاب پنهنجي استاد مولانا حبيب الله صاحب مرحوم مهتمم مدرسه دارالهديٰ ٺيڙهي جي زير نگراني تيار ڪيو. ڪتاب حافظ شمس الدين اينڊ برادرس مالڪان مڪتبه شمسيه براج روڊ سکر جي طرفان شايع ڪيو ويو. هن ڪتاب جو هڪ مڪمل نسخو سنڌ يونيورسٽي جي شعبه اسلامي ثقافت ۽ تقابل اديان جي سيمينار لئبرريءَ ۾ رکيل آهي.

تحفة الفقيه جو ديباچو مولانا حبيب الله مهتمم مدرسه دارالهديٰ طرفان لکيو ويو آهي. ديباچي ۾ نه فقط ڪتاب جي تاليف ۽ اشاعت جي ضرورت جو ذڪر ڪيو ويو آهي پر ان جو مختصر تجزيو به ڏنو ويو آهي. تنهنڪري ديباچو بعينه هت نقل ڪجي ٿو.

"ڄاڻڻ گهرجي ته انسان جي زندگي ان لاءِ فائديمند تڏهن ٿيندي، جڏهن سموري ڪاروبار، نشت و برخواست، ماند بود کي پنهنجي مالڪ جي مرضي موافق رکي. مالڪ جي مرضيءَ موافق هجڻ جي معنيٰ هيءَ نه آهي ته هميشه عبادات يعني نماز روزي ۾ گذاري، بلڪه هر ڪم کي خواه عبادات مان هجي يا معاملات مان يا معاشرت مان، خداتعاليٰ جي حڪم موافق رکي يعني حق جل شانه انسان جي هر هڪ حالت لاءِ پوءِ پنهنجي معاش لاءِ ڪو ڌنڌو ڪري، يا برادري رشتو قائم

ڪري يا شادي غمي ڪيس پيش اچي، يا عبادت ڪري، يا جيڪي جسماني ضرورتون پوريون ڪري، سيني لاءِ احڪام ثابت فرمايا آهن، حتيٰ ڪ آدمي بول و براز جي حاجت پوري ڪري ٿو پنهنجي گهر وارن سان، پاڙن سان، دوستن سان حتيٰ ڪ دشمن سان معاملات رکي ٿو تنهن سڀ لاءِ جائز ناجائز مفيد ۽ مضر بيان فرمائي ڇڏيوآهي. انهن سيني حالتن کي جيڪڏهن جائز نموني ۾ طئي ڪري ٿو ت اهو ماڻهو پنهنجي سموري زندگي حق جل شانه جي مرضي موافق گذاري رهيو آهي ۽ ان جي عمر جي هر گهڙي موجب ثواب جي آهي ۽ جو ماڻهو پنهنجي زندگيءَ جي حالات کي ناجائز نموني ۾ هلائي ٿو ت ان جي لاءِ ان جي زندگي و بال جان آهي. انهيءَ جائز ناجائز معلوم ڪرڻ لاءِ جيڪو علم تفصيلي طور ذميوار آهي تنهن کي فقه سڏيندا آهن.

امام ابوحنيفه فرمايو آهي ت "الفقه معرفت النفس مالها وماعليها" يعني فقه جي معنيٰ آهي نفعي ۽ نقصان جي ڳالهين کي سڃاڻڻ. الغرض ت فقه جي علم حاصل ڪرڻ جي هر ڪنهن مسلمان کي سخت ضرورت آهي. ازان بعد عربيءَ، پارسي ۽ اردو زبان ۾فقه جا ڪتاب ت گهڻي انداز ۾ تصنيف ٿيل آهن. سنڌيءَ ۾ ڪنهن جامع ڪتاب فقه جي تصنيف جي گهڻي ضرورت هئي. ڇو ت هن کان اڳ جيڪي فقه جا ڪتاب سنڌيءَ ۾ ٺهيل آهن، سي فقه جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ ڪافي ن آهن، ڇو ت انهن مان هڪڙا ت عام فهم نموني ۾ لکيل ن آهن ۽ انهن کي سڀجي سنڌ جا مسلمان سمجهي ن ٿا سگهن، جو ان ۾ عام محاورات کي ن ورتو ويو آهي ۽ کي وري جامع ن آهن جو انهن ۾فقط عبادات يعني روزي نماز جا احڪام بيان ڪيل آهن ۽ معاملات وغيره کي انهن ڇڏي ڏنو آهي ۽ ڪي ڪجهه قدر جامع آهن مگر تحقيق مسائل جو منجهن خيال رکيل ن آهي.انهيءَ ڪري مون پنهنجي محترم ڀاءُ مولوي حافظ عبدالحميد کي مامور ڪيو ت فقه حنفي جو جامع ڪتاب عام فهم طرز ۾ تمام معتبر ۽ وڏن فقهه جي ڪتابن مان مسائل چونڊي تيار ڪري. جنهن تي صاحب موصوف هڪڙو ڪتاب ٻ همه • صفت موصوف لکي تيار ڪيو آهي جنهن جو نالو تحفة الفقيه رکيو ويو آهي. ڪتاب ۾ انهن

سيني ڳالهين جو لحاظ رکيو ويو آهي جن جي ضرورت هئي...... دعا تو ڪريان تہ الله تعاليٰ حافظ صاحب کي آئينده لاءِ بہ اهڙن ڪمن جي توفيق فرمائيندو رهي شال. آمين."

'تحفة الفقيه' سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ علم فقه تي هڪ نهايت ڪارائتو ڪتاب آهي جو منجهس عبادات سان گڏ معاملات جا بہ فقهي احڪام جمع ڪيا ويا آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ هي پنهنجي نوعيت جو هڪڙو ئي ڪتاب آهي. ڇاڪاڻ تہ ترجمن ۽ فتاويٰ جي ڪتابن کي ڇڏي ٻئي ڪنهن بہ سنڌي ڪتاب ۾ معاملات تي ايترو تفصيلي مواد جمع ڪيل نہ آهي، جيڪڏهن آهي تہ فقط ڪنهن هڪ شاخ تي. جيتوڻيڪ 'تحفة الفقيه' عبادات ۽ معاملات تي سنڌي ٻوليءَ ۾ فقه جو ڪو مڪمل ڪتاب ناهي جيئن ان جي ديباچي ۾ دعويٰ ڪئي وئي آهي، ڇاڪاڻ تہ ورثي ۽ ترڪي جي اهم فقهي مسائل جو منجهس ڪو بہ ذڪر آيل نہ آهي ان هوندي بہ ڪتاب جي تفصيلي، تشريحي ۽ تحقيقي پهلوءَ کان انڪار نٿو ڪري سگهجي.

## مخزن العلوم يعني علم فقه جو حصو

ڪتاب مخزن العلوم فقه جي ضروي مسائل جو هڪ مفيد رسالو آهي، جيڪو سنڌ جي عوام جي مفاد لاءِ مرحوم شاهہ آغا پير عبدالله جان سرهندي، سجاده نشين درگاهہ شريف ٽنڊو سائينداد ضلعو حيدرآباد سنڌ، تحرير ڪري شايع ڪرايو. ڪتاب جي مواد مان انتخاب بطور تعارف جي هت پيش ڪجي ٿو.

**رڪوع ۾ شامل ٿيڻ:** ڪي ماڻهو جماعت کي رڪوع ۾ ڏسي، ڊوڙي اچي رڪوع ۾ شامل ٿيندا آهن ۽ سمجهندا آهن تہ سندس اها رڪعت درست ٿي. پر قيام ڪرڻ، جو نماز جو فرض آهي تنهن ۾ هڪ دفعو تسبيح پڙهڻ جيترو بيهڻ ضروري آهي. جيڪڏهن ائين نہ ٿيو تہ مقتدي جڻ رڪوع ۾ نہ رسيو. تنهنڪري ان جي اها رڪعت سلام ڪانپوءِ پوري پڙهڻ گهرجي. ان ڪانسواءِ نماز ۾ ڊوڙي پهچڻ ادب جي خلاف آهي!

متي جو مسح: مسح ڪرڻ وقت هٿ پسائي پوءِ پٽڪو لاهڻ نه گهرجي، بلڪ پهرين پٽڪو لاهي رکجي پوءِ مسح لاءِ هٿ پسائي مسح ڪرڻ گهرجي. هٿ پسائڻ ڪانپوءِ پٽڪو لاهڻ سبب مسح متي جي بدران چڄڻ پٽڪي تي ٿي ويو.

**وضوءِ ڪان پوءِ حجامت:** وضوءِ ڪانپوءِ حجامت ڪرڻ يعني متي جا وارڪوڙائڻ يا ننهن لهرائڻ سان نڪي مسح پڇي تو نڪي وضو.

**تڪبير تحريميه ڪانپوءِ هٿ ٻڌڻ:** تڪبير تحريميه ڪانپوءِ يڪدم هٿ ڌُن تي ٻڌڻ گهرجن. ڪن ماڻهن جي عادت آهي ته تڪبير تحريميه ڪانپوءِ هٿ يا سڌا لٽڪائي ڇڏيندا آهن ۽ پوءِ ٻڌندا آهن يا پهرين هٿ اکين جي سامهون جهلي پوءِ ٻڌندا آهن. اهڙي طرح ڪرڻ نه گهرجي.

**نماز پڙهڻ وقت لباس تي توجه:** ڪي ماڻهونماز پڙهڻ وقت ٻه ننڍين ٻانهن وارو پهراڻ يا قميص پائيندا آهن جن جون ٻانهون نوڻين ڪان متي هونديون آهن. يعني ڏڪهيون ٻانهون ٻه نوڻين ڪان متي ويڙهي ڇڏيندا آهن. اهي ٻئي ڪم مڪروه آهن.

**نماز ۾ ڪنگهڻ:** نمازم لاچاري حالت ڪانسواءِ ڪنگهڻ سان نماز فاسد ٿئي ٿي. لاچاري حالت ۾ڪنگهڻ معاف آهي.پر تي سگهي ته پاڻ کي ائين ڪرڻ ڪان روڪجي.

**استنجا:** استنجا جي معنيٰ آهي حاجت ضروريءَ ڪان فارغ ٿيڻ ڪانپوءِ پاڻ کي پٿرن سان يا پاڻي سان ڌوئي پاڪ ڪرڻ. پاڪائي ايتري قدر ڪرڻ گهرجي جيئن غليظ رطوبت زائل ٿي وڃي ۽ هٿن مان بدبوءِ ٻه لهي وڃي.

**استبراء:** استبرا جي معنيٰ آهي پيشاب ڪانپوءِ وٽ چيڻڻ. يعني پٿرن سان پيشاب جا قڙا سڪائي پوءِ وٽ ڌوئڻ واجب آهي. سڪائڻ ڪانسواءِ وٽ ڌوئڻ نه گهرجي.

**استمناء:** استمنا جي معني آهي 'جلق يا 'مشت زني'. هي فعل شريعت موجب ناروا ۽ ناجائز آهي.

جنس، وقت، جاء وغيره جي مڪمل صفائي ۽ وضاحت موجود هجڻ. ان ڪانسواءِ ٻيو وڏو شرط هي آهي ته وڪڻندڙ کي شئي جي قيمت يڪدم ادا ڪئي وڃي. جيڪڏهن هنن شرطن جي پابندي ڪئي وئي ۽ وڪري وقت نه جنس موجود آهي ۽ نه وڪري جا پيسا ادا ڪيا ويا آهن ته اهڙي قسم جو وڪرو ناجائز آهي.

**خوراڪ جي پاڪائي جو مسئلو:** ڪي ماڻهو ولايت مان ڊٻن ۾ بند ٿيل خوراڪ جهڙوڪ ڪير، بسڪوٽ، ٻين شين کي شڪ جي نظر سان ڏسندا آهن ته متان ڪا حرام شيءِ ساڻن ملائي وئي هجي. پر مؤلف جي ذاتي تحقيق آهي ته اهڙيون شيون ناپاڪ ملاوٽ کان آزاد هونديون آهن. تنهنڪري انهن جي استعمال ۾ ڪابه خرابي ڪانهي. ساڳيءَ طرح هندن جي هٽ جي مٺائي يا اسٽيشن جي ماني کائڻ به درست آهي. طعام ۾ مک پئجي وڃي ته اها مک ڪڍي اڇلائي ڇڏجي ۽ طعام واپرائي ڇڏجي، چاهي اهو ٻوڙ هجي، ڪير هجي يا چانهه هجي. اسان کي خدا تعاليٰ ۽ سندس رسول جي حڪم ۽ هدايت جي پيروي ڪرڻ گهرجي نه ڪنهن ڊاڪٽر يا فلاسفر جي قول جي.

مذڪور سيني ڳالهين ۾ فتويٰ اها ئي آهي، باقي تقويٰ سبب ڪو شخص انهن شين مان ڪجهه نه واپرائي ته اهو سندس ذاتي رجحان آهي.

**سوٽيءَ جو مسئلو:** عام رواج آهي ته ڪنهن سودي طئي ٿيڻ وقت سودي جي پڪائيءَ لاءِ خريدار وڪڻندڙ کي ڪجهه رقم اڳواٽ ڏيندو آهي جنهن کي سوٽي چيو ويندو آهي. رواج موجب جيڪڏهن سودو مڪمل نه ٿيو ته سوٽي وڪڻندڙ کي ڦٻي ويندي آهي ۽ خريدار کي ان تان دستبردار ٿيڻو پوندو آهي. پر شريعت ۾ اهو غلط آهي. شريعت موجب جيڪڏهن سودو قائم نه ٿيو ته اها رقم موٽي خريدار کي ملندي.

**قرآن شريف جو احترام:** قرآن شريف جون آيتون ۽ ٻيا پاڪ نالا، جي اخبارن وغيره ۾ ڇاپيا وڃن ٿا. سي عام طرح گهٽين ۾ ناپاڪ جاين تي لتاڙيا ڏسبا آهن. اها ڳالهه قرآن مقدس جي بيحرمتيءَ جو باعث

آهي ۽ اهڙي فعل جو مرتڪب نہ فقط سخت گنهگار آهي. پر ان جي ڪفر جو بہ خوف آهي. انهيءَ ڪري بهتر آهي تہ اخبارن وغيره پر قرآن شريف جي آيتن جو فقط ترجمو يا آية جو نمبر ۽ سورة ۽ سپاري جو نالو لکيو وڃي.

الله تعاليٰ جو نالو ڪنهن مصلي تي لکيل هجي، رومال يا دسترخوان تي لکيل هجي يا هنڌ جي چادر تي لکيل هجي تہ انهن سيني شين جو استعمال ڪرڻ منع آهي. جنهن پڙ تي قرآن شريف لکيل هجي تہ اهو پڙ قبرن تي وجهڻ منع آهي. اڄ ڪلهہ هي بہ رواج ٿيو آهي تہ بسم الله يا ڪلمو شريف وغيره ٺلهن اکرن سان چٽيل ڪاغذ تي ابتا سبتا اکر لکي زينت جي واسطي ٽنگيا ويندا آهن. اها بہ بي ادبي آهي.

**تصوير ٽنگڻ جي منع،** جاندار شين جون تصويرون ٽنگڻ منع آهي. باقي بيجان تصويرون ۽ نقشا مثلاً باغن جا، دريائن جا، شهرن جا ٽنگڻ جائز آهن.

# باب ستون

# فتوائون (فتاويٰ)

چوڏهين صديءَ جي هڪ خصوصيت هيءَ بہ آهي تہ هن دور ۾ سنڌيءَ ۾ فتاويٰ نويسيءَ جو ڪم جاري ٿيو. جا فقهي ارتقا جي آخري ڪڙي آهي. تنهن ڪري فتاويٰ جو باب علحده رکيو ويو آهي. هن باب ۾ سنڌي عالمن طرفان سنڌيءَ ۾ جاري ڪيل فتوائن جو بيان آهي. هن دور ۾ فتاويٰ جا جيڪي ڪتاب لکيا ويا تن مان هيٺيان خاص آهن.

١. هدايت الانشا ۾ استفتا ۽ فتويٰ جو مثال: مولوي هدايت الله مشتاق متياروي
٢. فتاويٰ همايوني جو سنڌي ترجمو: مولانا عبدالغفور همايوني
٣. فتاويٰ احمدي: مولانا الحاج محمد هالائي.
۴. تميز الحلال عن الحرام: مولانا حافظ محمد ابراهيم ڳڙهي ياسيني
۵. فتاويٰ فقه: شاهہ آغا عبدالله جان سرهندي
٦. فتاويٰ قاضي لعل محمد : قاضي حاجي لعل محمد متياروي
٧. الآيات البينات سنڌي ترجمو: البينات الواضحات — مفتي محمد ابراهيم ڳڙهي ياسيني، مترجم سيد علي اصغر شاهہ
٨. تحفة الاخوان في اباحة التنباڪ و شرب الدخان: مولانا در محمد صاحب خاڪ

## هدايت الانشا ۾ استفتاء ۽ فتويٰ

هي ڪتاب مولوي هداديت الله مشتاق متياروي ذوالحج ١٣١٢هہ/ مئي ١٨٩٥ع ۾ پورو ڪيو. مولانا هدايت الله نہ فقط هڪ مستند فقيه هو پر ادبي ميدان جو شهسوار ۽ انشا جي بحر جو پڻ غواص هو. سنڌيءَ ۾ سندس لکيل ڪتاب" هدايت الانشا" عالم آشڪار ۽ انشا جي فن ۾ يگانہ روزگار آهي. 'هدايت الانشا' ڪتاب جو پهريون ڇاپو مطبع فيض سبحاني جامع مسجد ڪوٽڙي ضلعي دادو مان ليٿوءَ ۾ ١٣١٢هہ ١٨٩٥ع ۾ مخدوم عبيدالله جي فرمائش تي ڇاپيو ويو.

كتاب "هدايت الانشا" فقه تي لکيل ڪتاب ڪونهي پر فن انشا جي مظاهري ۽ هدايت لاءِ منجهس هر نموني جا لکيل خط موجود آهن، جن مان هڪ اهڙو آهي جو ڪنهن مفتيءَ کان ڪن مخصوص مسئلن ۾ فتويٰ طلب ڪرڻ جي ارادي سان لکيو ويو آهي ۽ ان جو جواب فقهي تحقيق سان ڏنو ويو آهي. ظاهر آهي ته انهن ۾نهي خطن جي نمونن پيش ڪرڻ سان ڳڏ مصنف جو اصل مقصد انهن مخصوص فقهي مسئلن ۾ پنهنجي راءِ ۽ فتويٰ جو اظهار ڪرڻ هو. تنهن ڪري ان فتويٰ ۾ جن مسئلن جو ذڪر ڪيل آهي تن جو اختصار هيٺ لکجي ٿو. استفتائي خط ۾ ڪل پنجويهن فقهي نڪتن جي وضاحت طلب ڪئي وئي آهي. تنهن ڪري اهي پنجويهه ئي نڪتا سوالن ۽ جوابن جي صورت ۾ هيٺ لکيا وڃن ٿا.

**سوال-١.** زکواة جي ادائگيءَ کان بچڻ لاءِ سمورو مال سال ختم ٿيڻ کان اڳ نا بالغ اولاد کي بخشي ڇڏڻ جو شريعت موجب ڪهڙو حڪم آهي.

**جواب:** اصول جو قاعدو آهي ته حيلو فقط اهو جائز آهي جنهن سان حرام کان ڇوٽڪارو حاصل ٿئي ۽ حلال نصيب ٿئي. پر سو به مستحب آهي فرض يا واجب نه آهي. پر جنهن حيلي ڪرڻ سان ٻئي جو حق باطل ٿئي سو مڪروه تحريمي آهي. هن صورت ۾ مسڪين جو حق باطل ڪجي ٿو. تنهن ڪري اهو حيلو ڪرڻ ڪراهت تحريمي آهي ۽ فتويٰ به انهيءَ تي آهي ته زکواة کان بچڻ لاءِ حيلو ڪرڻ ناجائز آهي.

**سوال-٢.** قبضي ۽ قبوليت کانسواءِ اڻ بالغ اولاد کي ڏنل بخشش صحيح ٿيندي يا نه؟

**جواب:** جيڪا ملڪيت پيءُ پنهنجي نابالغ اولاد کي بخشي، ان بخشش جي قبوليت اولاد طرفان ملي يا نه. يا اولاد کي ان جو قبضو ڏجي يا نه، ته به بخشش صحيح ٿيندي.

**سوال-٣.** اڻ بالغ اولاد کي بخشش ڪيل مال مان پنهنجي ذاتي يا نجي گهرجن تي خرچ ڪرڻ شريعت موجب جائز آهي يا نه؟

**جواب:** اڻ بالغ اولاد کي بخشش ڪيل مال مان ماءُ پيءُ کي ڪجهه

پنهنجي مصرف ۾ آڻ، بلڪ ڪائڻ پيئڻ بہ حلال ناهي. سواءِ ڪنهن سخت لاچار جي.

**سوال-۴.** اڻ بالغ اولاد جي مال مان پيءُ ۽ ماءُ ٻين کي ڪجهہ بخشي سگهن ٿا يا نہ؟

**جواب:** جڏهن ماءُ پيءُ نابالغ اولد جي مال مان ڪجهہ خود پاڻ لاءِ بہ خرچي نہ ٿا سگهن چاڪاڻ تہ شريعت موجب اهو حرام آهي، تڏهن ٻين کي ان مال مان ڏيڻ بطريق اوليٰ حرام آهي. جي ننڍي ڇوڪر يا شاگرد لاءِ ڪپڙا ورتاويا تہ سي بہ وري ٻئي کي ڏيئي نہ سگهبا.

**سوال-۵.** اڻ بالغ اولاد کي ڪجهہ بخشي پوءِ بنا عذر ۽ ضرورت ان کان رجوع ڪرڻ شريعت موجب ڪيئن آهي؟

**جواب:** نسب جي مائٽ کي ڪجهہ بخشڻ کانپوءِ ڪنهن بہ صورت ۾ بخش کان رجوع ڪرڻ حرام آهي. چاهي اهو مائٽ ذمي هجي.

**سوال-٦.** زڪواة جي مال ڏيڻ وقت فقير کي آگاهہ ڪرڻ جي ضرورت آهي يا نہ؟

**جواب:** سيئي فرضي ڪم ظاهر بجا آڻڻ ۾ ڀلائي آهي چاڪاڻ تہ ان طرح تهمت کان بچي سگهبو. تنهنڪري زڪواة بہ ڄاڻائي ادا ڪرڻ بهتر آهي.

**سوال-۷:** ڪنهن شخص زڪواة جو مال ڪنهن فقير کي ڏيئي ان کي چيو تہ اهو مال مسجد يا سيد کي وڃي ڏي تہ ان تان زڪواة جو حق لٿو يا نہ؟

**جواب:** زڪوات ادا ڪرڻ لاءِ فقير کي ان جو مالڪ بنائڻ شرط آهي مٿين مثال ۾ چاڪاڻ تہ فقير کي نڪي اطلاع ڏنو ويو آهي ۽ نڪي زڪواة جي مال جو مالڪ بنايو ويو آهي، تنهنڪري چئبو تہ ان کي مال مسجد ۾ ۽ سيد کي ڏيڻ لاءِ فقط 'وڪيل' بنايو ويو آهي. مسجد ۾ يا سيد کي زڪواة ڏيڻ جائز نہ آهي. تنهنڪري هيءَ زڪواة ادا نہ ٿيندي.

**سوال-۸.** مٿين صورت ۾ جيڪڏهن فقير زڪواة جو سڀ مال سيد يا فقير کي پهچائي ڏئي تہ ڇٽي سگهبو يا نہ تہ زڪواة جي نيت سان معين ڪيل مال مسجد يا سيد کي پهچايو ويو؟

**جواب:** جيئن تہ مسجد يا سيد زکواة خرچڻ جا جائز مقام نہ آهن تنهنڪري انهن کي پهتل مال جنهن جو ذڪر مٿئين مثال ۾ ڪيو ويو آهي، زکواة جو مال نہ سمجهبو ۽ زکواة ادا ڪندڙ جي ذمي رهي.

**سوال-٩.** مسجد جي مرمت ۾ زکوات جو پيسو خرچڻ شريعت موجب ڪيئن آهي. جيڪا مسجد زکوات جي پيسي مان ٺهي ان جو ڪهڙو حڪم آهي؟

**جواب:** مسجد جي مرمت يا تعمير ۾ زکوات جو مال خرچ ڪرڻ ناجائز آهي. ان جو سبب هي آهي تہ زکوات جي ادائيگيءَ لاءِ زکوات وٺندڙ کي زکوات جي مال جو مالڪ بڻائڻ شرط آهي جا ڳالهہ مسجد جي حالت ۾ حاصل ٿي نہ سگهندي. پر جي زکوات جي مال مان مسجد جي اڏاوت يا مرمت ڪرائي ويئي تہ ان صورت ۾ ائين نہ چئبو تہ زکوات جي مال مان مسجد ٺهرائي ويئي. بلڪہ زکوات ادا نہ ٿي، باقي مسجد جي تعمير يا مرمت صحيح ٿي ۽ انهيءَ کي ٻين مسجدن جهڙو حڪم آهي.

**سوال- ١٠.** فقط زکوات جي مال مان يا حيلو ڪري زکوات ادا ڪيل مال مان جا مسجد ٺهرائي ويئي يا مرمت ٿيس ان ۾ نماز پڙهڻ جائز آهي يا نہ؟

**جواب:** زکواة لاهڻ جي حيلي جو مثال جيڪو مٿي لکيو ويو آهي هن مال مان ٺهيل مسجد جو حڪم بنا شڪ ۽ تردد شرعي مسجد جهڙوئي آهي. جنهن ۾ زکوات ڏيندڙ ۽ فقير ٻنهي کي ثواب ٿيندو. زکوات ڏيندڙ خير جي آچ ڪرڻ ۽ خيرات ڏيڻ سبب ۽ فقير خير جي ڪم ۾ مدد ڏيڻ سبب.

**سوال-١١.** هڪ مالدار شخص پاڙي جي مسجد ۾ حيلو ڪري فقط زکوات جو مال ڏيئي توڙي ٻي خيرات نہ ٿو ڏئي. ان کي ثواب ٿيندو يا گناه؟

**جواب:** اهڙي شخص تان زکواة ادا نہ ٿي ٿئي تنهنڪري زکوات ادا نہ ڪرڻ جو گناهہ لازماً مٿس رهبو.

**سوال-١٢.** سيدن کي حيلو ڪري زکوات جو مال ڏيڻ شريعت

موجب ڪيئن آهي؟ سيدن کي زڪوات ڏيڻ جي منع 'اوساخ الناس' سبب آهي يا 'خُمس' ملڻ سبب؟ خمس بند ٿي وڃڻ سبب هاڻي زڪوات وٺڻ تي منع سيدن لاءِ ويندي رهي يا نه؟

**جواب:** سيدن يعني بني هاشمين کي زڪوات جو پڌرو مال ڏيڻ ناجائز آهي. باقي 'جائز شرعي حيلي' سان جائز، ۽ 'ناجائز حيلي' سان ڏيڻ 'ناجائز' آهي. بني هاشمين کي زڪوات وٺڻ جي منع 'اوساخ الناس' سبب آهي ۽ نه 'خُمس' ملڻ سبب. تنهنڪري جيتوڻيڪ هاڻي خمس ملڻ بند ٿي ويو آهن ته به زڪوات وٺڻ جي منع ختم نه ٿي آهي.

**سوال-١٣.** سيدن کي ٻين نفلي خيرن ۽ هدين ڏيڻ جو ڪو تاڪيد آهي يا رڳو زڪوات حيلا ڪري ڏيڻ؟

**جواب:** جنهن کي الله تعالىٰ نصاب وارو ڪيو تنهن کي حياء گهرجي ته 'اهلبيت' کي جائز حيلي سان به خدا ۽ رسول جو حرام ڪيل مال ڪيئن تو ڏئي. 'اهل بيت' جي مدد ڪرڻ جو تاڪيد گهڻن ئي حديثن ۾ آيو آهي ۽ ان جي وڏي فضيلت ۽ ثواب آهي. پر اهلبيت کي نفلي خير ۽ صدقن مان به ڪجهه آڇڻ نه گهرجي. پر ٻئي خالص مال مان هديي طور ڏجي.

**سوال-١٤.** مٿي ذڪر ڪيل حيلي جي مثال ۾ جيڪڏهن فقير کي اطلاع ڪجي ته مٿس بار رکجي ته فلاڻي مسجد جي مرمت ۾ يا فلاڻي سيد کي ڏج. تنهن صورت ۾ فقير کي ان جو چيو مڃڻ لازم آهي يا نه؟

**جواب:** جنهن صورت ۾ فقير کي زڪوات جو اطلاع ڏنو اٿس ۽ مسجد يا سيد کي ڏيڻ جو شرط به رکيو اٿس ته اهو شرط فاسد آهي ۽ زڪوات يا صدقات فاسد شرط سبب فاسد نه ٿا ٿين ۽ فقير تي فاسد شرط جي پابندي ڪرڻ لازم نه آهي.

**سوال-١٥.** فقير جي چوڻ نه ڪرڻ سبب زڪوات ڏيندڙ رنج ٿئي ٿو ان صورت ۾ چئي سگهبو ڇا ته زڪوات ڏيندڙ فقير کي زڪوات جي مال جو مالڪ نه بنايو هو؟

**جواب:** شرعي حڪم ظاهر تي آهي تنهنڪري ظاهري طرح جڏهن فقير کي زڪوات جي ادائيگي ڪئي ويئي، ته چڻ ان کي زڪوات جي

مال جو مالڪ بنايو ويو.

**سوال-١٦.** مسجد يا سيد کي خيرات ڏيڻ جي ذميداري مٿئين مثال ۾ فقير تي عائد ٿئي ٿي يا نه؟

**جواب:** فقير جيڪڏهن احتياج مند آهي ته ان تي حق آهي ته پهريائين پنهنجون ضرورتون پوريون ڪري. اهوئي سندس صدقو آهي.

**سوال-١٧.** دنيادار تي ڪيتري قدر خيرات جو حق آهي ۽ فقير تي ڪيترو؟

**جواب:** دنيادار تي زڪوات، فديو، اضحي، ذرو الارحام جو نفقو، نذرمعين واجب آهن ۽ سيدن ۽ عالمن جي خدمت، مسجدون ٺهرائڻ، کوهه کوٽائڻ ۽ ٻيا اهڙا ڪم مستحب. بشرطيڪ انهن جو توفيق هوندس. فقير لاءِ عيال جوخرچ ڪرڻ ٻه وڏو خير آهي.

**سوال-١٨.** زڪوات جو مال ان ۾ لڪائي ڏيڻ سان زڪوات ادا ٿيندي يا نه؟

**جواب:** سوال جي ظاهري صورت موجب زڪوات ادا ٿي ويندي.

**سوال-١٩.** ڪا شي خيرات ڏيئي وري ساڳئي قيمت تي واپس وٺڻ شريعت موجب ڪيئن آهي؟

**جواب:** ڪنهن کي ڪاشيءِ خيرات ڏيئي وري ساڳي قيمت تي واپس وٺڻ مڪروهه تحريمي آهي.

**سوال-٢٠.** وِڪيل سامان ۾ جيڪڏهن ڪا شيءِ گڏجي اچي ته ان جو ڪهڙو حڪم آهي؟

جواب: اهڙو سامان وڪڻندڙ کي واپس ڪبو. پر جي اهو به ان جي مالڪ هئڻ کان انڪار ڪري ته ان کي 'لقطي' جو حڪم آهي. غرض ته وٺندڙ جي ملڪيت نه ٿيندي.

**سوال-٢١.** اهڙي طرح حاصل ڪيل شي واپس نه ڪرڻ غصب چئبو يا نه؟

**جواب:** مذڪور مثال ۾ سامان واپس نه ڪرڻ سبب غصب جو ارتڪاب ٿيندو.

**سوال-٢٢۽ ٢٣.** جو امر ظاهر شرع ۾ ناجائز آهي تنهن ۾ حيلو

ڪري، پوءِ سمجهڻ تہ جيئن ڪيم الله تعاليٰ وٽ حق بہ تيئن آهي، سا ڳالهہ بجاءِ آهي يا نہ؟

**جواب:** ظاهر شرع سان مخالف پنهنجي ناهيل حيلي کي الاهي حڪم جهڙو سمجهڻ ۽ ان جي ڪرڻ ۾ بي خوف ٿيڻ ۽ ثواب جو اعتقاد رکڻ، ڪفر جي ويجهو آهي ۽ حرام کي حلال ڪرڻ جي مترادف آهي. حرام ۽ حلال الله تعاليٰ جي حڪم سان ثابت ٿيندو ۽ نہ زباني ڳالهين ۽ ورن سرن سان.

**سوال-٢۴.** ڪي ماڻهو حضرت ايوب عليه السلام جي قصي مان حيلي ڪرڻ جو جواز ڪڍندا آهن. حضرت ايوب جي بيبيءَ کي شيطان لعين انساني صورت وٺي برغلايو ۽ ڪيس چيو تہ جي حضرت ايوب ڪانئس مدد گهري تہ هو ان کي بيماريءَ مان نجات ڏياريندو. جڏهن بيبي صاحبہ هيءَ حقيقت حضرت ايوب سان ڪئي تہ هو سخورو ناراض ٿيو ۽ قسم کنيائين تہ تندرست ٿيڻ تي بيبي سڳوريءَ کي سو لڪڻ هڻندو. جڏهن تندرست ٿيو تڏهن وحي آيس تہ سؤ سنگن جي موڙي پنهنجي جي هٿ ۾ جهلي بيبيءَ کي هڻ تہ قسم پورو ٿئي. انهيءَ متعلق ڪهڙو حڪم آهي.

**جواب:** اهو حيلو بيبي صاحبہ لاءِ الله جي خاص رحمت ۽ خاص ان لاءِ رخصت هئي جا الله جي حڪم سان عنايت ٿي. ان مان شرعي حڪمن جي مخالفت ڪرڻ لاءِ انساني عقل سان حيلو هلائڻ جو جواز نہ ٿو ملي.

**سوال-٢۵.** حيلي جو جواز 'اصحاب السبت' جي قصي سان مطابقت تہ نٿو رکي؟

**جواب:** حضرت دائود عليہ السلام کان اڳ يهودين الله جي حڪم جي برخلاف 'لسبت' جي ڏينهن يعني ڇنڇر جي ڏينهن بہ هڪ حوض کوٽي مڇي مارڻ لاءِ حيلو ڪيو هو. حضرت دائود عليه السلام جي هوشيار ڪرڻ تي بہ جڏهن ان ڪم کان باز نہ آيا تہ مٿن الله جو غضب نازل ٿيو ۽ انهن جون شڪليون مٽجي باندرن جهڙيون ٿي پيون. دور حاضر ۾ حيلي جو مسلمان بہ در حقيقت يهودين جي هن عمل جي پيروي ڪندڙ آهن.

**تجزيو:** هن فتوئي ۾ فقط هڪ ئي مسئلي تي فقهي بحث ڪيو ويو آهي. ۽ مسئلي کي آسان ڪري پيش ڪرڻ لاءِ ان جي مختلف شقن ۽ پهلوئن کي جدا جدا سوالن ذريعي بيان ڪري انهن جا نهايت مدلل جواب ڏنا ويا آهن جن جي پڙهڻ سان پڙهندڙ جي گهڻي تشفي ٿئي ٿي. مسئلو زير بحث وڏي اهميت وارو آهي. جاڪاڻ ته سنڌ ۾ هي مسئلو ڪافي اختلاف جو باعث بڻيو رهيو آهي. جناب مولوي هن مسئلي جو حل فقهي دليلن سان ڪماحقه واضح ڪيو آهي. هن مسئلي سان گڏ ضمناً حيلي ڪرڻ جي فقهي حيثيت تي به ڪافي روشني وڌي ويئي آهي. جنهن جي پڻ سنڌ وارن کي شديد ضرورت هئي.

## فتاويٰ همايوني (فارسي) جو سنڌي ترجمو

هيءُ مولانا عبدالغفور همايوني جي فتوائن جو مجموعو آهي جنهن کي مولانا محمد ابراهيم خلف مولوي محمد هاشم ٻُڙهي ياسين واري ترجمو ڪيو جيڪو ٽيون دفعو سنه ١٣٤٦هه(١٩٦٨ع) ۾ شايع ٿيو.

مصنف مولانا عبدالغفور صاحب جن جي ولادت ١٢٦١هه/ ١٨٤٥ع ۾ ڳوٺ همايون تعلقي شڪارپور سنڌ ۾ ٿي. مولانا عبدالغفور جا وڏا بلوچستان علائقي جي 'ڇتَ' ڳوٺ جا رهاڪو هئا. هي ابڙن جي لڇ مان هئڻ سبب ذات جا 'پيچوها' سڏائيندا هئا. سنڌن گذران باراني فصلن تي هوندو هو ۽ برسات جي موسم ۾ اڪثر ڪري اتر سنڌ جي بيگاري واهه جي پروارن ڳوٺن ۾ زراعت لاءِ لڏي ايندا هئا. مولانا عبدالغفور جي ڏاڏي جو نالو محمد مبارڪ هو. مولانا جو والد بزرگوار مولانا محمد يعقوب صاحب همايون جي ٻن زميندارن وڏيري غازي خان سومري ۽ مسو خان جي استدعا موجب همايون جي ڳوٺ ۾ اچي ديني مدرسو کوليو جنهن مان ڀري ڀري جا طالب العلم پڙهي فيضياب ٿيا.

مولانا عبدالغفور صاحب گهڻو علم پنهنجي والد صاحب وٽ پڙهيو. سال١٢٧٣هه/١٨٥٧ع ۾ سندس والد مولانا محمد يعقوب صاحب وفات ڪئي جنهن ڪري باقي علم مولانا صاحب مولوي سلطان محمد صاحب سيتپوري پنجابيءَ کان حاصل ڪيو. مولوي سيتپوري، مولانا

محمد يعقوب صاحب جي شاگردن مان هو. تعليم مان فارغ ٿيڻ کانپوءِ مولانا عبدالغفور همايون ۾ پنهنجي پيءُ جي مسند تي ويٺو ۽ مدرسو پڙهائڻ شروع ڪيائين.

مولانا عبدالغفور همايوني علم جي هر فن ۾ يڪتاءِ روزگار هو، خصوصاً علم فقه ۾ سندس نظير سنڌ، هند، بلوچستان ۽ خراسان ۾ به نه هو. پنهنجي وقت ۾ بلوچستان ۽ شمالي سنڌ جو مرجع فتويٰ ۽ مرجع علماء هو. ڪابه فتويٰ يا تحرير ايستائين قبوليت جي نظر سان ڏٺي نه ويندي هئي، جيستائين هن بزرگ جا مٿس دستخط نه هوندا هئا. بلوچستان جا حاڪم شرعي فيصلن لاءِ شاهي جرگن جي موقعن تي ڪيس گهرائي ڪانئس وڏا وڏا معاملا فيصل ڪرائيندا هئا.

مولانا جو مستجاب الدعوات هجڻ ايتري قدر مشهور هو جو هر طبقي ۽ هر فرقي جا ماڻهو عالم، پير، مشائخ، زميندار، ڪامورا، امير، وزير، هندو، مسلمان، پارسي، جوڳي، عوام ۽ خواص دعا طلبيءَ لاءِ وٽس ايندا هئا. تنهن ڪانسواءِ علم جي طلب ۽ فتوائن لاءِ پنجاب، هندستا جي ٻين پرڳڻن، ايران ۽ افغانستان مان به گهڻا ماڻهو ڪشالا ڪڍي وٽن ايندا هئا. مولانا عبدالغفور همايوني جي دروازي تي مخلوق خدا جو ميڙ هر وقت لڳو پيو هوندو هو. در تي دربان بيٺل هوندو هو. واري سان اجازت موجب ماڻهو زيارت يا ملاقات لاءِ ويندا هئا. پاڻ ڪڏهن به ڪنهن کي هٿ نه ڏيندا هئا. تمام گهٽ ڳالهائيندا هئا ۽ سواءِ پڇڻ جي ڪنهن به شي جو جواب نه ڏيندا هئا.

صبح جو نماز کانپوءِ درس تدريس جنهن ۾ ديني تعليم سان گڏ طبي تعليم به شامل هوندي هئي، جاري رهندي هئي. منجهند جو عام خاص ماڻهن سان ملاقاتون، جن مان ڪي پيري مريديءَ جي سلسلي ۾ وٽن ايندا هئا. ته ڪي شرعي فتوائن لاءِ ڏانهن رجوع ڪندا هئا ۽ ڪي وري دعا ڏاڍي ۽ دوادرمل واسطي سندن خدمت ۾ اچي حاضر ٿيندا هئا. هنن مان فتويٰ طلب ماڻهن کان سواءِ باقي سمورن ماڻهن کي ٽنهي وقتن جي ماني ننگر مان ملندي هئي. فتويٰ طلب ماڻهو پنهنجي کاڌي پيتي جو پاڻ بندوبست ڪندا هئا ڇاڪاڻ ته عام رواداريءَ موجب انهن جي کاڌ

خوراڪ جي ذميداريءَ کان ننگر کي الڳ رکيو ويندو هو. شام جو وقت گهڻو ڪري مولانا جي نجي مصروفيتن جي بلي هوندو هو يا وري اهو وقت حويليءَ ۾ آيل پردي پوش عورتن جي دعا ۽ دستگيريءَ لاءِ وقف رهندو هو. سمهڻ جي نماز کان پوءِ ڪجھ وقت تائين مولانا ورد وظيفي ۾ مشغول رهندا هئا ۽ اڌ رات جو تهجد جي ادائگي کان فارغ ٿي شعرو شاعريءَ جو شغل جاري رکندا هئا.

مولانا عبدالغفور کي شعر ۾ وڏي دسترس هئي. سندس تخلص 'مفتون' هو. غزلن ۽ ڪافين جو سنڌيءَ ۾ هڪ مجموعو ديوان مفتون ڇپجي چڪو آهي، پاڻ پارسي ۾ به شعر چيو اٿن.

مولانا عبدالغفور همايوني ڪنهن به سياسي تحريڪ ۾ ڪوبه حصو نه ورتو بلڪه سياست کان پري رهڻ سبب ڪيترن ناعاقبت انديش ملن ۽ پيرن هن جي سادگيءَ مان ناجائز فائدو وٺي ڪانئس ڪن فتوائن تي ڪيئي ڀيرا صحيحون ڪرايون. مثلاً ان وقت انگريزن طرفان حجاز جي نام نهاد حڪمران ابن شريف جي تقرر ۽ تائيد واري تحريڪ هلائي وئي، جنهن ۾ سنڌ جي گهڻن عالمن ۽ مرشدن بهرو ورتو هو. بهرحال مولانا انگريز حڪومت جو حاشيه بردار يا وظيفه خوار نه هو. ننگر جي آمدني سندس مريدن ۽ معتقدن جي نذر نياز مان ٿيندي هئي.

مولانا عبدالغفور صاحب همايوني قد جو درميانو ڪڻڪ رنگو ۽ سفيد ريش بزرگ هو. ڪاڌو هميشه پرهيز جو هڪ نموني تي چوويهن ڪلاڪن ۾ فقط هڪ دفعو کائيند هو. يعني ته ٻن ٻهرن جو حلواڻ جو گوشت ۽ خشڪ ماني ۽ رات جو ڳائو کير ۽ جوار جي ماني. باقي ميون ۽ مٺاين کي ڪڏهن چکي به نه ڏٺو هئائين. سندس رهڻي ڪهڻي يڪسوئي ۽ خلوت نشيني جي رنگ ۾ هئي. مولانا همايوني 'سماع موتيٰ' ۽ قبرن وارن کان امداد وٺڻ جو قائل هو ۽ ان سلسلي ۾ عربي زبان جو هڪ رسالو 'الدرالمنثور في استمداد من اهل القبور' به لکيائين جنهن ۾ ڏاڍي محنت سان پنهنجي طرف ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس.

'فتاويٰ همايوني'، 'ديوان مفتون' ۽ 'الدرالمنثور' کان سواءِ طبي لغت

۾ مولانا مرحوم 'فرهنگ همايوني' نالي هڪ ڪتاب لکيو جي سڀ ڇپجي چڪا آهن. سندس قلمي نسخن ۾ 'خراج بابت رسالو' ۽ ٻين رسالن جو ذڪر ڪيو ويو آهي جي هن وقت ضايع ٿي ويا آهن يا ڪٿي ويل آهن.

مولانا عبدالغفور همايوني ١١ رمضان ١٣٣٦هه/١٢جون ١٩١٨ع تي وفات ڪئي.

## فتاويٰ همايوني جي اهميت

مفتي مولانا عبدالغفور همايوني پنهنجي وقت ۾ بلوچستان ۽ شمالي سنڌ جو مرجع علماء ۽ مرجع فتاويٰ هو. ڪابه فتويٰ يا تحرير تيستائين قبوليت جي نظرن سان نہ ڏٺي ويندي هئي جيستائين هن بزرگ جا صحيح دستخط نہ هوندا هئا. مفتي مولانا عبدالغفور همايوني جيڪي بہ فتوائون پنهنجي زندگيءَ ۾ ڏنيون هيون تن جو مجموعو 'فتاويٰ همايوني' جي نالي سان سنڌ ۾ مشهور آهي. هيءُ مجموعو اصل پارسي زبان ۾ هو ۽ ان ٻوليءَ ۾ ئي مطبع رفاهِ عام لاهور مان سنہ ١٣٣١هه ١٩١٣ع ۾ شايع ٿيو.

معلوم ٿئي ٿو تہ ان وقت مسئلن جي شرعي حل لاءِ مولانا عبدالغفور وٽ جيڪي تحريري عريضيون ارسال ٿينديون هيون، سي سڀ فارسيءَ ۾ هونديون هيون. مسائل جي وضاحت جي طلب اڪثر علماء حضرات طرفان ئي ٿيندي آهي. جيڪي يا تہ ڪن ٻن ديني عالمن جي وچ ۾ اختلاف راءِ سبب ڪنهن هڪ راءِ جي حق ۾ فيصلي جا آرزومند هوندا آهن يا خود پنهنجي شبه کي رفع ڪرڻ لاءِ ڪنهن مسلم مفتيءَ جي راءِ حاصل ڪرڻ چاهيندا آهن يا پنهنجي ڪيل فيصلي کي وزندار بنائڻ لاءِ بہ ڪين ڪنهن ٻئي جيد عالم جي فتويٰ يا تصديق جي ضرورت محسوس ٿيندي آهي.

سنڌ ۾ عام طرح ماڻهو شرعي مسئلن کي مقامي علماء جي صلاح سان نبيريندا هئا ۽ ڪنهن ٻئي مفتيءَ وٽ ماڻهن جي مقصدن ۽ خيالن جي ترجماني بہ مقامي علماء جي معرفت ئي ٿيندي هئي. تنهنڪري يقيناً اهي سوالات جي مفتي صاحب کان خط و ڪتاب جي ذريعي پڇيا ويا هوندا، سي پارسيءَ ۾ هوندا. تنهنڪري فتوائون بہ پارسيءَ ٻولي ۾ تحرير

ڪيون ويون. جلدئي پوءِ سنڌي ٻوليءَ جي نئين صورتخطيءَ ۾ به ڪتاب عام طرح ڇپجڻ لڳا. تنهنڪري هن ڪتاب کي به سنڌي ويس پهرائي عوام جي فائدي لاءِ سنڌيءَ ۾ ڇپايو ويو. راقم الحروف جي سامهون ڪتاب جو ٻهريون ڀاڱو ليٿو ۾ شايع ٿيل موجود آهي ۽ ٻيو ڀاڱو جو ٺهل رام چيتن رام روهڙا گرونانڪ پريس شڪارپور مان ١٣٤٦هه/١٩٢٨ع ۾ ڇپايو هو تنهن مان استفادو ڪيو ويو آهي.

ڪتاب ۾ جمع ڪيل فتوائن کي فقه جي علم تي لکيل ڪتابن جي عام بابن موجب تقسيم ڪري مرتب ڪيو ويو آهي. پر منجهس فتوائون فقط اهي آهن جن بابت ڪونه ڪو سوال پڇيو ويو آهي.

## فتاويٰ احمدي

فتوائن جو لکندڙ مولانا الحاج محمد هالائي آهي. سندس تصنيفن جي فهرست ۾ ٻن فتوائن جا ٻڻ نالا ملن ٿا: هڪ فتاويٰ عربي ۾ ٻن جلدن ۾ آهي جيڪا 'فتاويٰ محمدي' جي نالي سان جمع ڪيل آهي ۽ ٻي فتاويٰ سنڌيءَ ۾ آهي. جنهن جو نالو "فتاويٰ احمدي" آهي.

مولانا صاحب جي لکيل سنڌي ڪتاب "مسائل اربعين في بيان سنة سيد المرسلين" جي پوئين حصي ۾ مصنف جون ڪي فارسي ۽ سنڌي فتوائون سندس شاگرد مولانا محمد قرنائيءَ هتان نقل ڪيل آهن. ڪي ٿوريون فتوائون ٻين عالمن جون به نقل ڪيل آهن ۽ ڪن پارسي تحريرن تي مولانا محمد هالائي جون مهرون به لڳل آهن. هي فتوائون عقائد، عام معلومات، تاريخ وغيره متعلق آهن ۽ چند فقهي مسائل بابت به آهن.

مسائل اربعين سان گڏ سنڌي فتوائن کي نقل ڪندڙ "فتاويٰ احمدي" جو نالو نه ڄاڻايو آهي. جيئن ته مسائل اربعين ١٣٣٠هه/ ١٩١٢ع ۾ نقل ڪيو ويو هو. تنهنڪري سمجهجي ٿو ته ان وقت هنن فتوائن کي اڃا ڪتابي صورت ۾ نالو نه ڏنو ويو هو. جنهنڪري چئبو ته "فتاويٰ احمدي" ڪتابي صورت ۾ ١٣٣٠هه/١٩١٢ع کانپوءِ وجود ۾ آئي. مذڪور سنڌي فتاويٰ جو جيڪو تعداد مسائل اربعين سان گڏ نقل ٿيل آهي، سو ئي پوءِ 'فتاويٰ احمدي' جي نالي سان جمع ٿيو

## تميز الحلال عن الحرام لدفع اوهام الجهال والعوام

هي فتويٰ جناب مولانا مفتي حافظ محمد ابراهيم صاحب ڳڙهي ياسيني جي تحرير ڪيل آهي. مولانا محمد ابراهيم صاحب سنہ ١٣٠٧هہ/١٨٩٠ع ۾ تولد ٿيو. ابتدائي ڪتاب پنهنجي والد بزرگوار مولانا محمد هاشم وٽ پڙهيو. پيو سمورو علم پنهنجي وڏي ڀاءُ مولانا محمد قاسم صاحب وٽ پڙهي فارغ التحصيل ٿيو. علامہ مولانا عبدالغفور صاحب همايوني پنهنجي ڏوهٽي، سجاده نشين مولانا عبدالباقي صاحب جي تعليم لاءِ ڪيس گهرايو جنهن کي سمورو علم پڙهائي فارغ التحصيل ڪيائين. سندس مدرسي مان ڀيا ۽ ڪيترا طالب العلم ڪامياب ٿيا.

مولانا پنهنجي وڏي ڀاءُ مولانا محمد قاسم صاحب جي رحلت ڪانپوءِ شهر ڳڙهي ياسين ۾ اچي، پنهنجي مدرسي ۾ پڙهائڻ ۽ فتويٰ نويسيءَ ۾ مشغول ٿيو. سندس تصنيفات مان متعدد تحريرن جي علاوه قرآن شريف جي ڪن سيپارن جو ترجمو مع تفسير، ديوان ناظم فارسي، مجموعہ تاريخ ۽ پنجاه سٺ ڪن ڀيا ڪتاب آهن جن مان هيٺيان ڇاپي هيٺ آيل آهن: ١. ترجمو مشڪواة شريف ربع اول ٢ . رسالہ ازالة الارتياب (فارسي) ٣. رسالة حڪم فوٽو گراف (عربي) ۴. قوت ايمان (سنڌي)۵. العقول الصواب (سنڌي) ٦. مناسڪ حج (سنڌي) ٧. رسالہ جماعت ثانيہ (فارسي) ٨. لباس النبي (سنڌي) ٩. تعليم المسلمين (سنڌي) ١٠ آداب رسول الله (منظوم فارسي) ١١. مامريدان (منظوم فارسي) ١٢. هداية العباد في مايتعلق بالضاد (ضاد متعلق فتويٰ بتصديق قاري مدني).

فتويٰ تميز الحلال عن الحرام جيڪا مولانا ١٧ شعبان ١٣٣٩هہ تي جاري ڪئي تنهن ۾ فتويٰ ڏنل آهي تہ 'ذبح فوق العقده' يعني ڳچي ۽ ڄاڙي واري ڳنڍ جنهن کي عام طرح 'مٺڪو' چئبو آهي، تنهن ڪان مٿي ذبح ڪرڻ سبب جانور حرام نہ ٿو ٿئي بلڪ ان جانور جو گوشت کائڻ حلال ۽ جائز آهي. هي فتويٰ مناظري جي هڪ مجلس ڪانپوءِ جاري ڪئي وئي هئي جيڪا تاريخ ١٧ شعبان سنہ ١٣٣٩هہ/ اپريل ١٩٢١ع تي ڳوٺ همايون ۾ مولانا موصوف ۽ مولوي محسن شاهہ رهنڊ ڳوٺ

’ميان جي‘ جي وچ ۾ مناظري لاءِ منعقد ٿي هئي، جنهن ۾ مولوي محسن شاهہ جو موقف مذڪور فتويٰ جي برعڪس هي هو تہ ان طرح جانور حلال نہ ٿو ٿئي ۽ ان جو گوشت کائڻ جائز نہ آهي.

مذڪور فتويٰ پوءِ مولوي حافظ محمد موسيٰ صاحب ڳڙهي ياسين واري پنهنجي اهتمام سان مطبع رفاه عام الستيم پريس لاهور مان سنہ ١٣٤٠هہ/١٩٢٢ع ۾ ڇپائي شايع ڪرائي. هن اشاعت جو هڪ نسخو سنڌ يونيورسٽي جي جنرل لائبري ۾ محفوظ آهي، جنهن تان فتويٰ جو مواد حاصل ڪيو ويو آهي. ڪتاب جي اشاعت جو مقصد ظاهر آهي تہ اهوئي هو تہ عام ماڻهن جي ذهن مان ان وهم کي دفع ڪجي جنهن سبب هو خواه مخواه جائز مذبوح کي ناجائز سمجهي پاڻ تي حرام ڪن ٿا.

فتويٰ جو هي ننڍو ڪتاب ٻن حصن ۾ ورهايل ڇٽي سگهجي ٿو. پهرئين ڀاڱي ۾ فقه جي ڪتابن جون عبارتون نقل ڪيون ويون آهن. جي مفتي محمد ابراهيم جي راءِ جي حق ۾ آهن. جن ڪتابن تان هي عبارتون نقل ڪيون ويون آهن تن مان اڪثر عربيءَ ۾ آهن ۽ ڪي ٿورا پارسي ۾ بہ آهن. پر هڪ ڪتاب سرائڪي ۾ آهي. هنن سيني ڪتابن جي نالن جي فهرست علحده ڏني وئي آهي.هت فقط سرائڪي ڪتاب واري عبارت نقل ڪجي ٿي ڇاڪاڻ تہ ان مان ثابت ٿئي ٿو تہ ان وقت سرائڪي ۾ بہ فقه جا ڪتاب لکبا هئا.

ذبح ايهي اختياري سن جيـاڙي سيني
جو ذڪر وچ حديث هي فرمايا پـاڪ نبي نـي
ذبح روا وچ ساري گل دي اوپر تـلـي وچ ڪـارون
هـي وچ ’صغير محمد‘ لـڪيا ويڪ منجهـارون
يي وچ ’مبسوط‘ جو سن جاڙي سيني ذبح ايهائي
ايوين وچ ’قدوري‘ ايـويـن وچ ’هدايه‘ پائي
گهندي هيٺ يا اوپر هـووي فتـويٰ جائـز آيا
ايوين وچ ’درالمختار‘ يي’معدن ‘ ’قاضي خان‘ وچ پايا
يي’عيني‘’مغ‘ ’بزازيه‘ ’حـموي‘ آکيا ’قـهستاني‘

ايوين وچ 'عنايه' ڪهيا 'علي رستغني'
ايوين درغررَ وچ ايوين وچ اندر'عالمگيري'
ايوين پي دهلي اندر سمجهه علماوان مهرڪتي تحريري

فتوي جي ٻئي حصي ۾ مخالفتن جي اعتراضن جا جواب ڏنا ويا آهن، جن ۾ فقه جي پنجن اصولن کي سامهون رکيو ويو آهي جي هي آهن:

١. اثبات نفيءَ کان مقدم آهي، يعني جيڪڏهن ڪنهن امر جي اثبات ۽ نفيءَ لاءِ برابر وزن وارا شواهد موجود هوندا ته اثبات وارا قبول ڪيا.
٢. اختلافي مسئلي ۾ صحيح ۽ مفتي به قول تي فتوي ڏيڻ گهرجي.
٣. جڏهن صحيح روايت هڪ ٻئي جي مقابلي تي اچن ته امام اعظم جي قول کي اڳرائي ڏجي.
۴. جڏهن حلال ۽ حرام جون روايتون گڏ ٿين ته غلبو حرام واري روايت کي آهي پر اهو مجتهد جو ڪم آهي ۽ نه مقلد يا مفتي جو. مقلد يا مفتي جيڪڏهن حلال ۽ حرام جون روايتون برابر ڏسن ته انهن مان فتوي واري قول کي ترجيح ڏين.
۵. عربيءَ ۾ فقهي اصطلاح 'الفتوي عليه' کان 'به يفتي' وڌيڪ وزن وارو آهي.

**تجزيو:** جنهن مسئلي متعلق هن ڪتاب ۾، تنهن جي اهميت جو اندازو هن مان ئي لڳائي سگهجي ٿو ته مسئلي ۾ موجود اختلاف کي حل ڪرڻ لاءِ دهليءَ ۾ سڄي متحد هندوستان جي علماء جو هڪ وڏو اجتماع ڪئو ٿيو هو جن جي متفقه فتوي هيءَ هئي ته ڳنڊ کان مٿي ذبح ڪيل جانور به حلال ٿيو ۽ ان جو گوشت کائڻ جائز آهي. اهڙي حقيقت جو اظهار ڪتاب 'تميز حلال عن الحرام' جي آخري ورقن ۾ ڪيل آهي. هڪ ئي مسئلي جي حل لاءِ جيترن ڪتابن جا حوالا جناب مولوي محمد ابراهيم ڏنا آهن سا ڳالهه ڏيکاري ٿي ته جناب مولوي صاحب جي فقهي بصيرت ڪيتري نه وسيع هئي.

## فتاويٰ فقه

هن فتوائن جو جمع ڪندڙ مرحوم جناب شاهه آغا عبدالله خان فاروقي سجاده نشين درگاه ٽنڊو سائينداد آهي. ڪتاب فتاويٰ فقه، فقهي مسائل تي سنڌي جي جديد دور جي عالمن جي فتوائن جو هڪ مجموعو آهي، جن مان ڪجهه علماء قديم جي ڪتابن مان حاصل ڪري هن مجموعي سان شامل ڪيون ويون آهن. پر انهن جو تعداد بلڪل ٿورو آهي. مجموعي جي فتوائن مان انفرادي طرح تمام گهڻو تعداد مولانا محمد موسيٰ صاحب رهندڙ راڏڻ تعلقو سيوهڻ جو آهي.

هي ڪتاب جناب حضرت شاهه آغا صاحب جي سعي ۽ ڪوشش سان ۽ قاضي نورالله صاحب مرحوم و مغفور جي خرچ سان مطبع عباسي فريئررو ڊ ڪراچيءَ مان ڇپايو ويو. ڪتاب جي نسخي جي تڪميل جي تاريخ١٣٧٥هه/١٩٥٦ع آهي ۽ ان جي ڇپائي جو سال ١٣٧٦هه/ ١٩٥٧ع آهي، يعني هي ڪتاب پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کانپوءِ جي دور جو آهي.

"ڪتاب فتاويٰ فقه" جون خوبيون جيڪي انفرادي حيثيت رکن ٿيون سي هي آهن ته هن ڪتاب ۾ سنڌ جي سيني وڏن عالمن جون فتوائون موجود آهن جنهن ۾ گذشته زماني کان هن وقت تائين جيڪي به وڏا عالم ٿي گذريا آهن تن مان گهڻن جون فتوائون هن ڪتاب ۾ موجود آهن. ڪتاب جي ماخذن تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿيندو ته ان ۾ جيڪي فتوائون جمع ٿيل آهن تن ۾ سنڌيءَ ۾ لکيل فقه جي ڪتابن جا به حوالا ڏنا ويا آهن. ڪتاب ۾ ڪيترن ئي تشريح طلب ۽ اختلافي مسائل جو حل ڏنو ويو آهي. ڪن جاين تي هڪ مسئلي متعلق جدا جدا عالمن جون اختلاف راءِ واريون فتوائون به درج ڪيون ويون آهن. فتوائون جيتوڻيڪ سنڌيءَ ۾ لکيون ويون آهن پرجن فقهي ڪتابن مان عبارتون نقل ڪيون ويون آهن اهي عبارتون اصل ٻوليءَ ۾ لکيون ويون آهن.ڪي ڪي فتوائون قديم سنڌي ڪتابن جي طرز تحرير کي قائم رکڻ لاءِ منظوم سنڌيءَ ۾ لکيل آهن. ڪتاب ۾ بعضي اڳين ڪتابن ۾

ڄاڻايل مسئلن جي تصحيح بہ ڪئي ويئي آهي. جهڙوڪ مخدوم عبدالله جي ڪتاب 'سنگ نامي' جي. هن وقت هن فتاويٰ جي تمام وڏي افادي اهميت آهي ڇاڪاڻ تہ هن قسم جو فتوائن جو ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ وري لکيو نہ ويو آهي.

ڪتاب 'فتاويٰ فقه' ۾ جمع ڪيل فتوائن ۾ هيٺين ٢٣٥ ڪتابن جا حوالا ڏنا ويا آهن.

١. احڪام التراويح ص٦٢
٢. احياء العلوم ص ٦٣
٣. ازالت الڪبيرة في تحقيق نڪاح صغيرة ص ١٧١
٤. اسرار تنزيل ص ي
٥. اشباح والنظائر ص ٢٤
٦. اشعت اللمعات ص٣٢
٧. اصول الشاشي ص ١١٩
٨. اصلاح المصلح و مفتاح ص٢٥٥
٩. اقتصاد ص٢٧١
١٠. الياس شرح و قايه ص٩٨
١١. امداد الفتاح ص٩٢
١٢. بحر ص٢
١٣. بحرالرائق ص٤
١٤. بدائع ص٥٢
١٥. برجندي ص ٢٠
١٦. برهان شرح مواهب الرحمان ص١٠٢
١٧. بلوغ المرام ص ١٠
١٨. بنايه ص٢٥١
١٩. بهشتي زيور ص٨٨
٢٠. بياض ٽپٽائي ص ١٣١
٢١. بياض سيالائي ص ١٥٣
٢٢. بياض سيوستاني ص٢٣٦
٢٣. بياض مفتي محمد عارف شڪارپوري ص١٠٤
٢٤. بياض ملڪاني ص٢٥٧
٢٥. بياض واحدي ص١١
٢٦. بياض هاشمي ص ٨
٢٧. بياض يونسي ص ١٥٢
٢٨. بيهقي ص ح
٢٩. پڪي روٽي ڪلان ص٩٥
٣٠. تاريخ الخلفاء مولانا جلال الدين سيوطي ص٢٣٨
٣١. تاليف الصلواة ص٣٧
٣٢. تبيين ص ٢٦
٣٣. تجنيس الملتقط ص ٣٠٤
٣٤. تجويد البرهاني ص٢٢٥
٣٥. تحرير سيد دائري وارو ص١٥٥
٣٦. تحرير ميان عبدالله جتوئي ص ١٥٥
٣٧. تحفة السلام سنڌي ص ١١٤
٣٨. تحفة الفقهاء ص ٢٥٢
٣٩. تحفة الڪرام ص ٣٠٧
٤٠. ترجمه مشڪواة ص ٤٩

٤١. تفسير اتقان ص٦٣
٤٢. تفسيرات الاحمديہ ص ٤٢
٤٣. تفسير احمدي سنڌي ص ١٣٢
٤٤. تفسير جلالين ص ٢٩٩
٤٥. تفسير جمل ص ١٢٢
٤٦. تفسير حسيني ص٢٥١
٤٧. تفسير روح البيان ص ١٤
٤٨. تفسير مافي الكافي ص ٢٦
٤٩. تكملة البحرالرائق ص ٨٩
٥٠. تنبيه الغافل ص٢٨٤
٥١. تنقيح الفتاوىٰ الحامديہ ص ١٠٩
٥٢. تنوير الابصارون ص ١١٤
٥٣. تهذيب القلان سي ص ٢٣٧
٥٤. تمير القاري شرح صحيح بخاري صد٤٩
٥٥. جامع الاصول ص ٢٥٢
٥٦. جامع الفتاوىٰ ص ٧٩
٥٧. جامع الفصولين ص ١٣٧
٥٨. جامع الفقه ص ٨٦
٥٩. جوامع التعوذ ص ٩٢
٦٠. جواهر الفتوىٰ ص ٥١
٦١. جواهر نفيسيہ ص ٢١٠
٦٢. جوهرة شرح مختصر القدوري ص ٣
٦٣. جواهرة النيره ص ٦٣
٦٤. چلپي ص ٤١
٦٥. حاشيه انواع ص ٢٤٨
٦٦. حاشيه بدريہ ص ٧٣
٦٧. حاشيه الشاميه ص ٢
٦٨. حاشيه صحيح بخاري ص ١٦
٦٩. حاشية القدوري ص ٣٣
٧٠. حاشية الكنز ص ٣
٧١. حاشية للحموي ص ١٢٤
٧٢. حاشية الهدايه ص ٣٠
٧٣. حاصل و تحصيل ص ج
٧٤. حصن الحصين ص ٣٦
٧٥. حقائق المنظوم ص ١٠٤
٧٦. حيات القلوب في زيارة المحبوب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ص ٨٦
٧٧. خزانة الروايت ص ٢١
٧٨. خزانة العلماء ص ١٢٩
٧٩. خزانة الفتاوىٰ ص ٢٤
٨٠. خزانة المفتيان ص ٢٥٢
٨١. خلاصة الفتاوىٰ ص ٢٧١
٨٢. دار قطني ص ٥٠
٨٣. دررالحكام شرح غررالاحكام ص ٢٦
٨٤. دارالمختار ص ٢
٨٥. درالمنتقي شرح الملتقي ص ٣٣
٨٦. ذبح شكار سنڌي مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ص ٢٠٥
٨٧. ذخير العقبيٰ ص ٣١٦
٨٨. ردالمختار ص٤
٨٩. رساله فتوىٰ تعمير مساجد ص ١٨٢
٩٠. رمزالحقائق ص ٩٧

٩١. روضه ص ٥٥
٩٢. زادالفقير ص ١١
٩٣. سراج الوهاج ص ٣٢
٩٤. سراجيه ص ١٩٨
٩٥. سعايه شرح الوقايه ص ٥
٩٦. سفر السعادت ص ٥٤
٩٧. سگ نامو سنڌي مخدوم عبدالله ص ١٣٩
٩٨. سنن ابو دائود ص ١٠
٩٩. شامي ص ١٣
١٠٠. شرح اصول شاشي ص ١١٩
١٠١. شرح الياس ص ٨٨
١٠٢. شرح اوراد ص ٨٥
١٠٣. شرح البديع ص ١٥
١٠٤. شرح تحفة الملوک ص ٣٧
١٠٥. شرح تحفه نسائيه ص ١٤
١٠٦. شرح التنوير ص ٩٦
١٠٧. شرح جامع صغير ص ٦٨
١٠٨. شرح الجنه ص ١٢٠
١٠٩. شرح حزب البحر ص ٢٩
١١٠. شرح دررالبحار ص ٥٠
١١١. شرح سفر السعادت ص٢٩٢
١١٢. شرح شافيه ص ٢٧٦
١١٣. شرح صغير منية المصلي ص ٤١
١١٤. شرح الغزنبويه ص ٣٤
١١٥. شرح فحائک ص ٩٨
١١٦. شرح فقه اکبر ص ٢٦٨
١١٧. شرح قدوري ص ١٢٠
١١٨. شرح کبيري منية المصلي ص ٥
١١٩. شرح کفايه ص ٢٧٦
١٢٠. شرح کيمياي سعادتص ١٥٤
١٢١. شرح مختصر ص ج
١٢٢. شرح مسلم الثبوت ص ٢٩١
١٢٣. شرح نظامي ص ٢٧٦
١٢٤. شرح نقابه ص ٦٢
١٢٥. شرح وقايه ص ٢٣
١٢٦. شرح وهبانيه ص ١٣٠
١٢٧. شرح بلالي ص ٢٣٣
١٢٨. صحيح ترمذي ص ٣٢
١٢٩. صحيح مسلم ص ١٠
١٣٠. صحيح نسائي ص ٥٥
١٣١. صفت الصلواة ص ٥١
١٣٢. صلواة مسعودي ص ٦
١٣٣. ضياء السراج ص ١٩٦
١٣٤. طحطاوي ص ٤
١٣٥. طوالع الانوار ص ٢٧٧
١٣٦. عزيز الفتاوي ص ١٧٧
١٣٧. عقود الدريه ص ٩٦
١٣٨. عمدة البضاعه ص١١٧
١٣٩. عمدالرعاريه حاشيه شريح وقايه ص ٣٠
١٤٠. عمدة الفتاوي ص ٦٥
١٤١. عمدة القاري شرح صحيح بخاري ص ٦٢
١٤٢. عنايه ص ٢٦
١٤٣. عيني شرح بخاريص ١٤٣

١٤٤. عين الهدايه ص ٥
١٤٥. غاية البيان ص ٥٧
١٤٦. غنية الطالبين ص ٦٢
١٤٧. غياث اللغات ص ٩٩
١٤٨. فاكهة البستان ص ٦٩
١٤٩. فتاوىٰ احمد افندي المهمنداري مفتي دمشق ص ١٩٣
١٥٠. فتاوىٰ احمد سنذي ص ١٥٩
١٥١. فتاوىٰ اشرفيه ص ١٦
١٥٢. فتاوىٰ امداديه ص ١١
١٥٣. فتاوىٰ برهنه ص ٨٨
١٥٤. فتاوىٰ بزازيه ص ٥
١٥٥. فتاوىٰ تاتار خاني ص ٢
١٥٦. فتاوىٰ حجه ص ١١
١٥٧. فتاوي خيريه ص ١١١
١٥٨. فتاوىٰ دائم الدين ص ١٤١
١٥٩. فتاوىٰ رحيميه ص ٢٠٤
١٦٠. فتاوىٰ رشيديه ص ١٧٧
١٦١. فتاوىٰ زاهدي ص ٥٦
١٦٢. فتاوىٰ سراجيه ص ١١٧
١٦٣. فتاوىٰ سعديه ص ١٢
١٦٤. فتاوىٰ سمرقندي ص ٢٤١
١٦٥. فتاوىٰ صوفيه ص ٢٧٨
١٦٦. فتاوىٰ ظهيريه ص ٥١
١٦٧. فتاوىٰ عالمگيري ص ١٣
١٦٨. فتاوىٰ عتابي ص ٩٤
١٦٩. فتاوىٰ عزيزي مولانا شاه عبدالعزيز دهلوي ص ١٧٧
١٧٠. فتاوىٰ قاسمي ص ١٢٨
١٧١. فتاوىٰ قاضي خان ص ٨
١٧٢. فتاوىٰ لكنوي ص ٦٢
١٧٣. فتاوىٰ نذيريه ص ٢٦٢
١٧٤. فتاوىٰ نعيميه ص ١٠٧
١٧٥. فتاوىٰ نوالهدىٰ ص ١٨٩
١٧٦. فتاوىٰ همايوني ص ١٤
١٧٧. فتاوىٰ هنديه ص ١٠٩
١٧٨. فتح الباري شرح صحيح بخاري ص ٥٤
١٧٩. فتح القدير ص ١١
١٨٠. فتح القوي في نسب اباء النبي مخدوم محمد هاشم ٹٹوي ص ح
١٨١. فتح المعين ص ١٨
١٨٢. فصول الحواشي ص ١١٩
١٨٣. قدوري ص ٣
١٨٤. قمر الاقمار ص ١٢٤
١٨٥. قنيه ص ١٨٤
١٨٦. كافي ص ١٠٠
١٨٧. كشف الاستار حاشيه دارالمختار ص ٨
١٨٨. كشف الاسرار ص ١٤
١٨٩. كشف الغطاء ص ١٨١
١٩٠. كفايه ص ٢٧
١٩١. كفاية الشعبي ص ١٨١
١٩٢. كنزالدقائق ص ٧٦
١٩٣. كنزالعباد ص ٣٠٤
١٩٤. كيمياي سعادت ص ٦٣

١٩٥. مبتغي ص ٥٦
١٩٦. مبسوط سرخسي ص ٢٣
١٩٧. متانة ص ٢٨
١٩٨. مجتبي ص ٥
١٩٩. مجمع الانهر في شرح ملتقي البحر ص ٦٢
٢٠٠. مجمع الروايت شرح القدوري ص ٧٣
٢٠١. مجموعہ خاني ص ١١
٢٠٢. مجموعة الفتاوي مولانا عبدالحي ص ٩
٢٠٣. محيط ص ٥
٢٠٤. مختار الفتاوي ص ٣٠٤
٢٠٥. محة الخالق ص ٩
٢٠٦. مختصر الكرخي ص ٣٧
١٠٧. مختصر الفتاح سنذي ص ٢٠
١٠٨. مدارج النبوة ص ٥٤
٢٠٩. مراقي الفلاح ص٢٢
٢١٠. مرقاة المضمضہ ص ١١
٢١١. مستخلص ص ١٠٧
٢١٢. مشكواة المصابيح ص ٣١
٢١٣. مصلح المفتاح سنذي ص ٧
٢١٤. مضمرات ص٢١
٢١٥. معارج النبوة ص ٣٠٨
٢١٦. معتدرات ص ٦٤
٢١٧. معراج الدراية ص ٢٩
٢١٨. معيار الحقائق ص ٢٤١
٢١٩. معين الحكام ص ١٣١
٢٢٠. مكروهات الصلوٰة ص ٣٧
٢٢١. ملتقط ص ٢٨
٢٢٢. منافع المسلمين ص ٢٤٨
٢٢٣. منهاج بيضادي ص ج
٢٢٤. منية المصلي ص ٦
٢٢٥. مؤطا ص ١٢٢
٢٢٦. مونس المخلصين ص ٢٧٢
٢٢٧. نحر ص ١٥
٢٢٨. نصيحت نامومخدوم عبدالله ص ٢٩٥
٢٢٩. نقاية العده ص ١٥١
٢٣٠. نورا لا نوار ص ١٢٤
٢٣١. نورالايضاح ص ٢٣٠
٢٣٢. نهايہ ص ٦٦
٢٣٣. ولواجي ص ٥٦
٢٣٤. هدايہ ص ٢٠
٢٣٥. هدايت الحج ص ٢١٢

# فتاويٰ قاضي لعل محمدؒ

## تيرهين صدي هجري جو اوائلي دور.

جناب مولوي قاضي حاجي لعل محمد پنهنجي دور ۾ مٽيارين جو قاضي شهر هو. هن بزرگ کان فقهي مسائل جي حل بابت سنڌ جي ڪيترن ئي هنڌن تان سنڌيءَ ۾ استفساري خط ايندا رهندا هئا. جن جا جواب پاڻ سنڌي ۾ ئي لکي روانا ڪندو هو. ڇاڪاڻ ته ان وقت تائين سنڌيءَ ۾ لکڻ جو عام دستور قائم ٿي چڪو هو. جيتوڻيڪ پارسيءَ جو ڪجهه نه ڪجهه ذوق موجود هو. سندس هنن فتوائن جو هڪ غير مڪمل قلمي نسخو، جنهن ۾ ٣١ کان ١١٠ تائين صفحا موجود آهن، راقم الحروف کي جناب حافظ غلام محمد صاحب ميمڻ پروفيسر اسلاميات گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد کان مليا. جن مان صفحي ٩٨ تي حاشيءَ ۾ 'جز هفتم' لکيل آهي. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته هي ڪتاب اصل ۾ ڪافي ضخيم هو ۽ مختلف اجزاء ۾ تقسيم ٿيل هو. هن مخطوطي ۾ فقه جي چند اهم ۽ ضروري مسئلن تي فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ لکيل فتوائون موجود آهن. مذڪور مخطوطي ڪانسواءِ قاضي لعل محمد جون منتشرورقن تي لکيل سنڌيءَ ۾ ٻيون ڪيتريون ئي فتوائون حافظ صاحب موصوف جن وٽ نظر آيون. حافظ صاحب کان معلوم ٿيو ته پاڻ انهن سيني فتوائن کي جمع ڪري، ڪتابي صورت ڏيڻ ۽ قاضي صاحب مرحوم متعلق ٻي معلومات گڏ ڪرڻ جو ارادو رکن ٿا. بهرحال جناب قاضي لعل محمد صاحب جي غير مڪمل بياض مان سنڌيءَ ۾ لکيل ڪي خاص فتوائون تعارف لاءِ هت پيش ڪجن ٿيون.

**شرطي وڪرو،** ڪنهن به ملڪيت جو شرطي وڪرو شريعت موجب جائز نه آهي. جيڪڏهن ڪنهن غير متحرڪ ملڪيت جو وڪرو صحيح قيمت کان گهٽ پئسن ۾ هن شرط سان ڪيو ويو ته ڪجهه مقرر مدت ڪانپوءِ اصل مالڪ وڪري جي قميت ادا ڪري، ملڪيت واپس حاصل ڪري سگهندو ۽ ان مدت ۾ عارضي مالڪ ان ملڪيت جي آمدني به پنهنجي تصرف ۾ آڻي سگهندو ته اهو وياج آهي.

بهرحال جيڪڏهن سڀ شرط فقط زباني طئي ڪجن ته دستاويز بنا شرط قطعي وڪري جو لکجي ته ان حيلي موجب ذريون جائز طرح پنهنجو مقصد حاصل ڪري سگهنديون.

**ملڪيت جي شراڪت؛** جيڪڏهن ڪنهن شخص پنهنجي محنت سان مال ڪمايو آهي ۽ ان ڪسب ۾ ٻيءَ يا ڪنهن ٻئي رشتيدار جو ڪو به حصو ڪونهي. يعني انهن جو نڪي پيسو سيڙيو آهي ۽ نه محنت، اسباب يا اوزارن مان فائدو ورتو ويو آهي ته اهڙي طرح حاصل ڪيل مال ۾ ڪنهن به ٻئي رشتيدار جو ڪو به حصو يا ورثو شامل ناهي.

**ڏڙ؛** 'ڏڙ' سنڌي لفظ آهي جنهن جي معنيٰ وزن ڪرڻ آهي. سنڌ جي ننڍن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ دستور آهي ته اجتماعي راءِ سان فيصلو ڪري، بازار ۾ آبادگارن طرفان آندل جنسن کي تورڻ جو حق فقط ڪنهن هڪ شخص کي ڏنو ويندو آهي جو شين جي تور جو معاوضو آبادگارن ۽ واپارين کان وصول ڪندو آهي. ان معاوضي جي وصوليءَ جي عوض هر سال هڪ مخصوص رقم خيرات لاءِ ڏيندو آهي جا اجتماعي راءِ سان خيراتي مقصدن لاءِ خرچ ڪئي ويندي آهي. هي حق نيلام ذريعي ڏڙوائيءَ جي سپرد ڪيو ويندو آهي. هن دستور جي جاري ٿيڻ جو سبب آبادگارن ۽ واپارين کي تور جي ناانصافين ۽ ٺڳين کان بچائڻ آهي ڇاڪاڻ ته جڏهن هي فرض فقط هڪ ماڻهوءَ جي ذمي ڪيو وڃي ٿو جنهن کي مناسب معاوضو به ملي ٿو ته ان حالت ۾ ٺڳي ۽ دوکي جو ڊپ نه ٿو رهي.

هن سلسلي ۾ جناب مفتي لعل محمد صاحب جي لکيل هڪ فارسي فتويٰ سندس فتوائن ۾ موجود آهي. هن مقالي جي موضوع ۾ فقه تي فقط سنڌي ۾ لکيل مواد شامل آهي پر جيئن ته هيءَ فتويٰ سنڌ جي خاص حالتن سان واسطو رکي ٿي، تنهن ڪري ان جو هت ذڪر ڪرڻ مناسب ڄاتو ويو.

فتويٰ ڏيڻ وقت شهر مٽيارين جو مثال سامهون رکيو ويو آهي، جتي مفتي موصوف جي چوڻ موجب 'ڏڙ' جو ڪم ڪن وڏن ماڻهن جي جبر ۽ دٻاءُ سبب فقط هڪ ماڻهوءَ جي سپرد ڪيو ويندو هو. هي ماڻهو پنهنجو معاوضو ان آبادگار کان به زبردستيءَ وصول ڪندو هو جيڪو

پنهنجو مال پاڻ ئي توري وڪڻندو هو ۽ ڏڙوائي ان ۾ ذرو محنت نہ ڪندو هو. ڏڙوائي جي معاوضي ۾ بہ سال بسال اضافو ڪيو ويندو هو ۽ ان جي جواز پيدا ڪرڻ جي ارادي سان ڏڙوائيءَ تي خيرات جي رقم بہ وڌائي رکي ويندي هئي جا ان وقت پنج سو رپيا سال کان وڌي ٻارهن سو رپيا سال تائين وڃي پهتي هئي. ازانسواء فقط هڪ ماڻهوءَ کي هيءَ حق ڏيئي ٻين کي ان ڌنڌي کان محروم رکيو ويندو هو. تنهنڪري ان دستور ۾ قاضي لعل محمد جي راءِ موجب ظلم ۽ جبر جو پهلو بہ موجود آهي ان سبب ڏڙوائيءَ کان مليل رقم مال طيب نہ آهي ۽ ڪم از ڪم مسجد ۾ استعمال ڪرڻ جائز نہ آهي.

ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ قاضي لعل محمد صاحب طرفان پيش ڪيل مثيارين جو مثال سنڌ جي ٻين ڳوٺن ۽ شهرن جي دستور ۽ طريقي کان ڪجهہ مختلف آهي. تنهنڪري انهن جي ترجماني مٽيارين جي مثال مان ٿي نہ ٿي سگهي. ان دستور جي صحيح طريقي جو خاڪو شروع ۾ پيش ٿي چڪو آهي جنهن مان فرق جو اندازو ڪري سگهجي ٿو.

**طلاق ڏيڻ لاءِ سنڌ جو محاورو،** سنڌ ۾ عام طرح طلاق ڏيڻ وقت مرد عورت کي چوندو آهي تہ" توکي جواب ڏنم". اهي لفظ طلاق لاءِ ڪنايہ جي حيثيت رکن ٿا ۽ ان وقت طلاق جي نيت هوندي تہ طلاق پوندي. مخدوم عبدالواحد سيوستاني جي راءِ آهي تہ طلاق بائن پوندي پر مخدوم محمد عثمان مٽيارين واري جي راءِ آهي تہ ان صورت ۾ طلاق رجعي پوندي. مخدوم محمد مٽياروي مخدوم عبدالواحد سيوستانيءَ سان هن مسئلي ۾ همراءِ آهي ۽ صحيح بہ اهو آهي.

**ٻور جي وقت يا ان کان اڳ انبن جو وڪرو،** ٻُور جي وقت يا ان کان اڳ انبن جي فصل جو وڪرو ڪرڻ جائز نہ آهي تنهنڪري اهڙي طرح وڪرو ڪيل فصل مان ڪجهہ وٺي کائڻ بہ جائز نہ آهي. پر ان کي حرام چوڻ ۾ حرج عظيم ۽ ابتلاءِ عام آهي. تنهنڪري هن حال ۾ حيلو ڪرڻ گهرجي ۽ وڪرو انبن جو نہ پر وڻن جي پنن جو ڪجي جو جائز آهي ۽ پنن ۾ ٻور يا انب بہ اچي ويا.

**فناءِ مسجد ۾ مسواڙ لاءِ جايون تعمير ڪرائڻ،** قاضي لعل

محمد صاحب جو چوڻ آهي تہ مولوي قاضي حافظ شفيع محمد صاحب فتويٰ لکي آهي تہ مسجد جي فناء مان دڪان تيار ڪري ان جي مسواڙ مرمت جي ڪم ۾ آڻڻ درست آهي. پر صحيح فتويٰ هي آهي تہ مسجد ۽ فناء مسجد جي تعمير هڪ دفعو مڪمل ٿي وڃڻ کانپوءِ فناء مسجد۾ مسجد جي فائدي لاءِ ڪابہ نئين تعمير ڪرائي مسواڙ تي ڏيڻ جائز نہ آهي. ڇاڪاڻ تہ ان طرح مسجد جي تعظيم نہ رهندي. فناء مسجد بہ مسجد جي تابع آهي. باقي مسجد ۾ امام جي رهائش لاءِ اصل کان ٺهيل حجري کي مسجد جو حڪم نہ آهي. تنهنڪري ان کي ڊاهي دڪان ٺهرائڻ جائز آهي.

**ڪفو ۽ ديانت:** مولوي علي محمد مهيري پنهنجي هڪ تحرير ۾ هن راءِ جو اظهار ڪيو آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن صغير يا صغيره جو نڪاح ان جو ولي،باوجودڪ پيءُ يا ڏاڏو هجي، ڪنهن فاسق يا فاسق سان ڪرائي ڏئي تہ اهو نڪاح اصل کان ناجائز آهي. مولوي فتح علي جتوئي جي راءِ موجب هن فتويٰ جاري ڪرڻ سبب وڏي فساد جو انديشو آهي ڇاڪاڻ تہ اڪثر ماڻهو دينداريءَ کان قرابت کي ترجيح ڏيندا آهن تنهنڪري هن فتويٰ سبب بيشمار نڪاح باطل ٿيندا. ان سبب وقت ۽ حالات جي تقاضا موجب اهڙي فتويٰ ڏيڻ چڱي نہ آهي. مولوي قاضي لعل محمد صاحب بہ هن سلسلي ۾ هيءَ راءِ ڏني آهي تہ مولوي علي محمد مهيري زوج يا زوجہ جي فسق جي بنياد تي نڪاح جي باطل هجڻ جي جيڪا فتويٰ ڏني آهي ان ۾ دليل هي ڏنل آهي تہ فسق سبب ڪفوءَ جي برابري نہ ٿي ٿئي تنهنڪري نڪاح ناجائز آهي. پر اصل ۾ ڪفوءَ جي برابريءَ جي ثبوت لاءِ دينداري شرط نہ آهي. پر ڪفوءَ ۾ برابري ان ڳالهہ سان ثابت ٿيندي تہ ڪنهن ڪفوءَ جا مرد ڪهڙي ڳالهہ ۾ فخر سمجهن ٿا. نسب ۾ يا اسلام ۾؟ عرب ۾ نسب تي فخر ڪيو ويندو آهي ۽ نہ اسلام تي. تنهنڪري اتي ڪفوءَ جي برابريءَ لاءِ نسب جي برابري شرط چئبو ۽ نہ اسلام. جنهن سبب جتي بيدينيءَ کي عار نہ ٿو سمجهيو وڃي، اتي دينداريءَ کي ڪفوءَ جي برابريءَ جي ثبوت لاءِ معتبر سمجهڻ نہ گهرجي.

قرانيءَ کي منسوخ ڪرڻ جي برابر آهي. هاشمين کي زڪوات ڏيڻ جي منع جن حديث شريفن ۾ آئي آهي اهي سڀ 'آحاد' حديثون آهن، جن سان نص قراني منسوخ ٿي نه ٿي سگهي.

٣. صحيح بخاري جي حديث مان ثابت آهي ته پاڻ سڳورن صحابن کان زڪواة ورتي آهي. باقي زڪواة ۽ صدقات مان هاشمين کي کائڻ جي جيڪا منع آهي، ان تحت هاشمين لاءِ بهتر آهي ته بنا ضرورت زڪواة ۽ صدقات جي استعمال کان احتراز ڪن، پر ضرورت جي وقت کائڻ جو جواز به اٿن.

٤. قرآن شريف جي آيت خذمن اموالهم صدقه جي ارشاد موجب حضور جن کي زڪوات وٺڻ بالقرآن جائز ۽ ثابت آهي.

٥. حنفي مذهب جي ڪتابن جا متن هاشمين لاءِ زڪوات وٺڻ جي منع طرف ويا آهن. پر اصحاب ترجيح کان ان جي جائز هجڻ جو ثبوت به موجود آهي.

تجزيو: جناب مولانا محمد ابراهيم صاحب ڳڙهي ياسيني هن فتويٰ ۾ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته موجوده وقت جي حالتن سبب بني هاشمين کي زڪوات ڏيڻ جائز آهي. پر مولوي هدايت الله مشتاق متياروي جو اهل بيت جو وڏو مداح ۽ طرفدار آهي تنهن ان راءِ جي مخالفت ڪئي آهي ان جو ذڪر هن کان هن مقالي ۾ ٿي چڪو آهي تنهنڪري راقم نا چيز جي راءِ موجب هن مسئلي تي ڪنهن اجماعي فيصلي جي ضرورت آهي.

## تحفة الاخوان في اباحة التنباک و شرب الدخان

هي فتويٰ مولانا ابوالاقبال در محمد صاحب 'خاڪ' صديقي سبحاني ڪانڌلوي سنه ١٣٩٧هه(١٩٧٧ع) ۾ لکي. مولانا درمحمد صاحب صديقي ١٢ ربيع الاول سومر جي ڏينهن ڳوٺ ڪانڌلا نزديڪ نصيرآباد ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم آخوند محمود لاکير ۽ ميان جمال الدين وٽ حاصل ڪيائين. ميان جمال الدين سنڌن ويجهو عزيز هو جو هڪ لاثاني حڪيم ۽ وڏو عالم هو. مولانا در محمد صاحب فارسي جي

تعليم مولوي مسعود صاحب کان ورتي جيڪو علامہ عطاء الله فيروز شاهي جوشاگرد هو. فارسي جي تعليم کان فارغ ٿي عربي پڙهڻ لاء حافظ مولوي فدا احمد مهيسر وٽ آيو. هي بزرگ حافظ مولوي نبي بخش جو شاگرد هو. مولانا درمحمد صاحب عربيءَ جي وڌيڪ تعليم علامہ عبدالرحمان ڏامراهن واري جي خدمت ۾ رهي حاصل ڪئي. ڏامراهن کان سڌو نورنگ واهہ پهچي، علامہ مير محمد نورنگي جي درس ۾ داخل ٿيا جتي درس نظامي جا گهڻا ڪتاب پڙهيائين. آخر پنهنجي ڳوٺ جي پر ۾ مولانا محمد صالح گاجي کهاوڙ ڳوٺ واري جي مدرسي ۾ داخل ٿي رهيل ڪتاب پورا ڪري، اتي ئي دستار بندي ڪيائين.

علم پرائڻ کانپوءِ مولانا درمحمد خاڪ صاحب ٨ ورهيہ سانده پنهنجي ڳوٺ ۾ تعليم ڏيندو رهيو. تيرهن سال لعلو رانوڪ ۾ پڙهايائين، اهڙي طرح فريد آباد، شڪارپور وغيره ۾ بہ پڙهائيندو رهيو. وٽس ٻارهن عالمن فضيلت جي پڳ ٻڌي.

مولانا درمحمد صاحب ارڙهن ورهين جي ڄمار ۾ سنڌ جي مشهور مفتي ۽ اهل الله بزرگ علامہ عبدالغفور همايوني جي هٿ تي قادري سلطاني، سهرودي طريقي ۾ بيعت ڪئي هئي. اڳتي هلي دادو ضلعي جي مشهور نقشبندي بزرگ مولانا حافظ غلام احمد ملڪاڻي جي هٿ تي نقشبندي طريقي ۾ بيعت ڪيائين. اهڙي طرح کيس نقشبندي طريقي سان گڏ چشتي ۽قادري طريقن ۾ بہ خلافت جو خرقو عطا ٿيو.

مولانا در محمد خاڪ صاحب پنهنجي وقت جو وڏو فقيهہ ۽ اسلامي علوم جو ڄاڻو هو.اٽڪل روءِ ننڍا وڏا هڪ سو ايڪيهہ ڪتاب عربي، فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ لکيائين. فقهي مسئلن ۾'فتاوي صديقي' نالي هڪ ضخيم ڪتاب جوڙيائين جيڪو سنڌي عالمن جي تحرير نويسي ۽ فقهي تحقيق جو هڪ اعليٰ ۽ عمدو نمونو آهي. ينائي صاحب جي ڪلام جو مطالعو ۽ تصنيف تاليف سندس محبوب مشغلو هو. کيس شاعري سان بہ گهڻي دلچسپي هئي ۽ ' خاڪ' تخلص ڪيائين. پاڻ پنهنجي اشعار تي مشتمل هڪ ڪليات بہ مرتب ڪيائين.

مولانا درمحمد هي فتويٰ "تحفة الاخوان" مولانا محمد قاسم صاحب مشوري جي ڪنهن فتويٰ جي رد ۾ تاليف ڪئي ۽ اداره سبحاني ڪانئڻ طرفان شايع ٿي. تحفة الاخوان ۾ ڄاڻايل آهي ته مولانا محمد قاسم مشوري جي راءِ موجب ناس تماڪ جو استعمال شريعت موجب مڪروھ آهي پر تماڪ نوشيءَ ۾ ڪابه شرعي ڪراهت ڪانهي. جنهن بابت پاڻ هيٺيان دليل ڏنا اٿس.

١. قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ فرمائي ٿو: ' هوالذي خلق لڪم مافي الارض جميعا' يعني' هو اها ذات آهي جنهن زمين ۾ جميع شيون اوهان جي(فائدي ۽ نفعي وٺڻ) لاءِ پيدا ڪيون آهن'. فائدي ۽ نفعي وٺڻ جو مقصد حرف 'ل' مان نڪري ٿو.تنهنڪري هن آيت سڳوريءَ مان ظاهر ٿيو ته اصل سڀ ڪنهن شيءِ ۾ 'اباحت' آهي جيستائين ان لاءِ شارع ڪان حرمت يا ڪراهت جو دليل ظهور پذير نه ٿئي. تنهنڪري جڏهن تماڪ يا تماڪ جي ناس وغيره هر وجه سان جميع شين مباحن مان آهن ۽ سندن استعمال ڪرڻ تي ڪوبه قوي دليل مانع نه آهي تڏهن سواءِ ڪنهن به شڪ ڪرڻ جي ان جو استعمال مطق ۽ مباح آهي.

٢. تماڪ نوشي تي هڪ اعتراض هي آهي ته اهو ڪم 'بدعت ضلالت' آهي، ڇاڪاڻ ته سنت جي خلاف آهي. پر حقيقت ۾ 'بدعت ضلالت' فقط ان ڳالھ کي چئبو آهي جا 'سنت هديٰ' جو ضد هجي يعني جنهن ڪم جو حضور صلي الله عليه وسلم جن تاڪيد فرمايو هجي يا منع ڪئي هجي ان جي ابتڙ ڪيو وڃي. پر سنت عاديه جي ضد کي بدعت ضلالت نه چئبو آهي يعني جو ڪم حضور جن شخصي عادت طور ڪندڙ هجن يا نه ڪندڙ هجن ان جي ابتڙ عمل ڪرڻ بدعت ضلالت ۾ شامل نه آهي.

٣. تماڪ نوشيءَ تي ٻيو اعتراض هي آهي ته ترڪ ادب ۽ ترڪ مستحب جو آهي پر ان سبب مٿس ڪراهت جي حڪم جو اطلاق ٿي نه سگهندو.

٤. تماڪ نوشيءَ لاءِ ٽيون اعتراض هي آهي ته اهو مضر صحت آهي پر

ان جي برعڪس تماڪ نوشي جا عادي سندس نفعي ۽ منجهائنس حاصل ٿيندڙ تفريح جا قائل آهن.

٥. چوٿون اعتراض تماڪ جي بوءِ جي باري ۾ آهي جنهن لاءِ دليل ڏنو وڃي ٿو تہ خوشبوءِ جو استعمال سنت آهي تنهڪري بدبوءِ جو استعمال خلاف سنت سمجهڻ گهرجي.

مولانا درمحمد صاحب هن راءِ جي رد ۾ هيٺيان دليل ڏئي ٿو:

(الف) تماڪ جي بوءِ ٻين بدبوءِ وارين شين مان سڀ کان هلڪي درجي واري آهي.

(ب) جن حديثن مان خوشبوءِ جي استعمال کي سنت هئڻ جو دليل ورتو وڃي ٿو انهن مان دراصل خوشبوءِ جي استعمال جو فقط استحباب ثابت ٿئي ٿو ڇاڪاڻ تہ سنت مطلق فقط سنن هديٰ يعني سنت عبادت کي چئبو آهي ۽ نہ سنت عاديءَ کي. ازانسواءِ جنهن حديث ۾ خوشبوءِ جي استعمال جي سنت هجڻ جو ذڪر آهي ان جي صحت ۾ شبہ آهي.

**تجزيو:** جناب مولانا در محمد صاحب 'خاڪ' هن فتويٰ ۾ جديد دور جو هڪ اهڙو تہ ضروري مسئلو حل ڪيو آهي جنهن بنسبت هن کان اڳي تمام ٿوري فقهي راءِ موجود هئي. مولانا صاحب پنهنجوطرف بيان ڪرڻ لاءِ نهايت قوي ۽ وزني فقهي دليل پيش ڪيا آهن.

هئين عالمن تحفة الاخوان تي بطور تصديق صحيح ڪئي:

١. مخدوم مولانا محمد روشن درٻيلوي
٢. سيد ساجد علي حسني
٣. مولوي محمد صالح ڪولاچي
٤. مولوي محمد عالم عباسي فريد آبادي
٥. مولانا عبدالحي قمبرائي
٦. مولوي عبدالغفور آريجو (ضلعو لاڙڪاڻو)
٧. مولانا عبدالقيوم جوهر بروهي، مدرسہ محمديہ فريد آباد
٨. مولوي محمد عظيم شيدا نصيرآبادي
٩. مولوي محمد عيسيٰ ساڪن سومر چنڙ

١٠. مولانا غلام حسين تونيہ
١١. مولوي غلام عمر صديقي سيوهاڻي
١٢. مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
١٣. مولانا ڪريم بخش ميهڙائي
١٤. مولانا سيد ڪاظم علي شاه صوبائي خطيب اوقاف
١٥. ميان حاجي محمد عباسي فريد آبادي
١٦. مولوي محمد منظور احمد صديقي
١٧. مولوي نورمحمد شاهہ تعلقو ميهڙ